مهک

(ادبي مخزن)

Adbi Makhzan

۲۰۱۴

سرپرست

شري رميش ورلياڻي

نائب صدر - پريشد

سمپادک منڈل

هيرو نکر

لچمڻ پاڻيا

چينو لالواڻي

ڈائريڪٽر

نرمل گوپلاڻي

راشٽريہ سنڌي بولي وکاس پريشد

نئين دهلي.

MAHAK II

Literary Magazine

2014

Vice Chairman
SHRI RAMESH VARLIYANI

Editorial Board
HIRO THAKUR
LAXMAN BHATIA
JETHO LALWANI

Director
NIRMAL GOPLANI

Published by
NIRMAL GOPLANI (DIRECTOR)
NATIONAL COUNCIL FOR PROMOTION
OF SINDHI LANGUAGE
West Block No. VIII, Wing-7, Ist Floor,
R. K. Puram, New Delhi - 110066
Tele. : 011-26180104-07
e-mail : ncpsl.delhi@gmail.com

Type Setting :
Scan Computers
3, Radheyshyam Complex,
Opp. S. T. Workshop, Patiya, Naroda Road,
Ahmedabad. Ph. : (O) 079-30246776 (M) 9327007002

(The views of writers in their articles are not necessarily those of the NCPSL, New Delhi)

Chairman NCPSL
Shri M. M. Palam Raju
Union Minister HRM (Govt. of India)
Vice-Chairman NCPSL
Shri Ramesh Warlyani

Director NCPSL:

Shri Nirmal. Goplani

List of Executive Committee Members

1. Shri Inder kumar Gunani
2. Shri. Hiro Thakur
3. Shri. Shyam Jumani
4. Shri. Pankaj Jeswani
5. Shri. Amar Doulatani

List of Council Members

1. Dr. Baldev Matlani
2. Dr. C.J.Daswani
3. Dr.Ravi Tekchandani
4. Dr. Vimmi Sadarngani
5. Shri. Laxman Bhatia' Komal'
6. Retd. Justice Indersen Issrani
7. Shri. Ashok Kamdar
8. Shri. Pawan Premwani
9. Smt. Renu Idnani
10. Shri. Sudesh Sachdev
11. Shri. Rajender Manwani
12. Shri. Bharat Watwani
13. Shri. Raju Bharat
14. Shri.Ashok Anshwani
15. Shri. Suresh Shadani

25. نقصان جو ذکر منوج چاولا 29
26. ڦيرو وڪرم شهاڻي 30
27. ڊپُ نازي لچواڻي 31
28. ڏڙڪن مڪيش تلوکاڻي 32
29. اَڊائي گهرن جو خير ومي سدارنگاڻي 33
30. هائوُ آر يو فيلنگ پارتي سدارنگاڻي 34
31. آزاد نظم بلرام شهاڻي 37
32. آزاد نظم لال هوتچنداڻي 'لاچار' 39
33. هائڪو هينا ڊي. اگناڻي 40

سنڌ جي سوغات

34. غزل آصف منياڻوي 41
35. نہ ٹکجندڑ لیکک بدراجڑ رکیل مورائي 43
36. پيري ۽ سُسندڙ پاڇو شيام ڪمار 47
37. درياهه پنڌي شاعر- سردار شاهه 59
علي دوست عاجز
38. شاهه لطيف جي شاعريءَ جا ڊاڪٽر شمس الديس عرساڻي 72
محرڪ ۽ جينمل پرسرام جو مطالعو

ناڪ

39. امان مان موٽي ايندس ڊا. جينو لالواڻي 78

مقالا - مضمون

40. ڪرتري پريوگ (Active Voice)، ڪرمڻي ڊا. مرليڌر جيٹلي 99
پريوگ (Passive Voice) ۽ پاوي پريوگ (Impersonal Voice)
41. سراج ميمڻ صاحب : هيرو نڪر 129
هڪ پهوٺڻي شخصيت
42. گذريل پن ڏهاڪن جي ڊا. ڪملا گوڪلاڻي 136
سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ مڪاني عناصر
43. هڪ اُستاد شاعر ۽ ڊا. جگديش لچاڻي 149
اعليٰ زبان دان

44. وشال پارت	تيج ''قابل''	168
45. سنڌي کيل تماشو-سنڌي لوڪ ويا	پريتم وياڻي	171
46. سنڌي ڪاويه ۾ سامي‌ءَ جو يوگدان	مرلي گووندائي	184
47. سڀاجهي سنڌي جاتي	سي. ٽي. گيانچنداڻي	196
48. ورهاڱي ڪانپوءِ ۱۹۴۷ع کان ۱۹۸۰ تائين سنڌي ناٽڪن ۾ مٽ ۽ علامتون	پرو. سنديا ڪندناڻي	204
49. عورت جا الڳ الڳ روپ	پرو. راماپرڪاش جئسنگاڻي	215
50. سنڌي بوليءَ جي بچاءَ لاءِ نئون ڊريمو : رومن لپي	پرو. رميش لوهاڻا رگهواڻي	220
51. وياڪل بڊجي، ٽي سنڌ پڪاري	چرٽنداس	228
52. رنگمنچ جو ڏرو تارو-مينگهاڻي حساسپڻو	وينا شرنگي	237

کهاڻيون

53. رشتن جو بوجهه	سريچند ڪيسواڻي	243
54. ڪرم ڦل	ڊا. نرملا آسناڻي	252
55. پريم جا پانڊيئڙا	منوهر نهالاڻي	262
56. شال	رُتو پاڻيا	271
57. بابا نيم ڪرولي	نشا واڊواڻي ''سنڌو''	279

مهڪ جو سفر

مهڪ جو ساهتيڪ سفر جاري آهي. پهريون قدم ڪاميابيءَ سان طيءَ ڪري، تيزيءَ سان وِڪ وڌائيندي، هن ٻئين پرچي تائين پهچي، پنهنجن پڙهندڙن اڳيان وڌيڪ سڄڻ ۽ سُرهاڻ ڦهلائڻ جو جتن ڪري رهي آهي.

اسان جو سنڌي ساهتيہ ٻہ جدا جدا دؤرن، اَڻ سمائيندڙ حالتن، مخالف هوائن ۽ طوفانن جو مقابلو ڪندي، اڄ پنهنجن پيرن تي پختو ٿي بيٺو آهي.

هڪ دؤر اُهو ٻہ هو، جڏهن اسين مفلسيءَ واري وقت ۾ مالي مشڪلاتن کي سهندي، محض جذبي جي جنون هيٺ ساهتيہ جي ڪنڊائين مئدان ۾ اڳتي وڌندا رهياسين. اُن وقت اسان جون تخليقون رڳو ذهني پيداوار نہ هيون، پر دِل جي گهرائين مان نڪتل سُڪون پرئي سرجڻ جو علمي ۽ ادبي عمل هيون. اُن وقت نہ اڪادميون هيون، نہ اِنعام هئا ۽ نہ سيمينارن، مشاعرن، ريڊين ۽ ٽيليويزن تان ملندڙ ڳڻا هئا. نہ هوائي جهاز جا آرام پريا سفر هئا، نہ پنج ستارا هوٽلن وارا سُک هئا ۽ نہ ئي ڪا سياست بازي هئي. اُن وقت رڳو ادب ۽ ادبي رُخ، لاڙا، روئيا ۽ نظريا هئا. اڳرڪي اختلاف هئا ٻہ تہ اُهي خالص هئا. شخصي رنجشون، رقابتون، دشمنيون يا ادب جي اوٽ ۾ ڪي ٻہ سازشون نہ هيون. ڪي ٻہ منصوبا ۽ منافقتون نہ هيون. رڳو ادبي ڪاوشون ۽ ساهتيہ جو سرجڻ هو.

اِتهاس ۾ سٺ-پنجهٺ سال ڪا معنيٰ نہ رکندا آهن، پر اسان جي سنڌي ساهتيہ، صدين جهڙو اڻانگو سفر سالن ۾ طئہ ڪيو آهي. سنڌ جي سرمور ساهتڪار امر جليل هڪ هنڌ لکيو آهي تہ، ''ورهاڱي وقت سنڌ جا هندو سنڌ ۾ ايترا تہ ڪتاب ڇڏي ويا هئا، جو اُنهن کي اگر سنڌو ندي‌ءَ ۾ لوڙهيو وڃي ها تہ سنڌوءَ جو وهڪرو ئي رُڪجي وڃي ها.''

اِن جي برعڪس، گذريل پنجهٺ سالن ۾ سنڌي ساهتڪارن هنڌ ۾

ايترو ساهتيہ رچيو آهي، جنهنجي معيار خواهہ مقدار جي لحاظ کان هرهنڌ هاڪ ڦهلي آهي. اُن کي نہ فقط سنڌ ۾ بہ ساراهيو ويو آهي، پر ڪيترين ڇونڊ رچنائون، پارت جي اهم علائقائي ٻولين ۾ ۽ پڙ وديشي ٻولين ۾ ترجمو ٿي ڪري ساراهہ ماڻي چُڪيو آهن.

اُهو بہ وقت هو. جڏهن سنڌي ساهتيڪار مفلسيءَ واري حالت ۾ پيٽ کي پٽيون ٻڌي، ادبي رسالا ۽ ڪتاب شايع ڪرائيندا هئا. اڄ اسان وٽ مالي خواهہ ذهني آسودگي آهي. سرڪاري ۽ نيم سرڪاري اِدارا آهن، جيڪي دل کولي ساهتيڪارن جي مدد ڪن ٿا، ڪتابن ۽ رسالن جي اِشاعتن کي همٿائين ٿا ۽ پڙ وڏي تعداد ۾ ڪتاب خريد ڪري، لئبررين ۽ سماجي سنستائن ڏي موڪلي، اُنهن جي ڦهلاءَ ۾ بہ واهر ڪن ٿا، راشٽريہ سنڌي ياشا وڪاس پريشد اُن جو چٽو مثال آهي، جنهن طرفان، سنڌي ليکڪن ۽ شاعرن کي نہ فقط مدد ميسر ڪئي وڃي ٿي، بلڪ اُنهن کي شاندار اِنعام اِڪرام، اعزاز ۽ عهدا ڏيئي پڙ اُنهن کي همٿائڻ جي هر ڪوشش ڪئي وڃي ٿي. نتيجي طور اُڄ اسان وٽ پانڪن کان وڌيڪ ليکڪ ۽ شاعر پئدا ٿي رهيا آهن. اِها بہ سني ئي ڳالهہ آهي. اسان جا ليکڪ لکندا ئي رهن، خواهہ هوُ پنهنجا پانڪ پاڻ ۾ ئي هجن.

تاريخ ۾ اهڙا اونداها دور بہ ايندا رهندا آهن. هيبريو ٻوليءَ ۾ اٽ سؤ سالن جي اونداهي دور بعد، اڄ هيبريو ٻوليءَ ۾ جديد کان جديد ۽ بهتر کان بهترين ادب پئدا ٿي رهيو آهي. اسان جو ساهتيہ تہ فقط اڌ صديءَ جي بحران جو شڪار رهيو آهي ۽ اڄ اُن بحران مان پار اُڪري چڪو آهي.

اڄُ اباڻي وطن سنڌ ۾ ڄاول ساهتيڪارن سان گڏوگڏ هتي پارت ۾ پئدا ٿيل ساهتيڪارن بہ ساڻن هٿ ۾ هٿ ڏيئي سنڌي ساهتيہ جي ڪاروان کي اڳتي وڌايو آهي. سنڌ ڄاوَن مان ڪي سدا حيات سينئر ساهتيڪار عدم لوڪ ڏانهن روانا ٿي چڪا آهن، تہ اُنهن جي جاءِ وري پارت ۾ ڄاول ساهتيڪارن اچي پري آهي. اسان وٽ پارت جي ٻين

بولين جي ڀيٽ ۾ پُراُميد ادبي فضا انڪري به مڃي سگھجي ٿي، جو جو اسان وٽ پنھنجي ڏرتي نہ ھوندي تہ اسان جا ساھتيڪار ڪيترو ئي اعليٰ ادب خلقي سگھيا آھن.

اسان واري پيڙھي ھينئر عمر جي پوئين پھر ۾، پُرندڙ ڪرندڙ ڀت وانگر آھي. ھاڻي اسان جي وارثن ۽ امانتدارن کي ئي سنڊي ساھتيہ جي واڳ سنياڻڻي آھي. اسان جو نئون نسل اسان کان وڌيڪ ذھين ۽ آھي ۽ سازگار حالتن ۾ ساھتيڪ سفر واري وِک وڌائي رھيو آھي.

مھڪ جي اشاعت رڳو ساھتيڪ رسالن ۾ اِضافو نہ آھي، پر اُن جو اصل مقصد اِھو پڻ آھي تہ اسان جي ايندڙ نسل وارا نوان ساھتيڪار پنھنجي ادبي ورثي جي نہ رڳو شناس رکن، پر اُن جي لڇ پِت ۽ ساڪ برقرار ۽ رکن ۽ اِھو ۽ ڇاڻڻ جي ڪوشش ڪن تہ اُھي پنھنجن اڳين جاءِ نشين وٽان کيترو ڪجھ پرائي سگھن ٿا.

اِئين برابر آھي تہ ھيءَ 'مھڪ' مخزن مرڪزي سرڪار طرفان قائم ڪيل اِداري 'راشٽريہ سنڊي ڀاشا وڪاس پريشد' جي رڃائن ھيٺ شايع ٿي رھي آھي، پر اسان جي اِھا ئي ايماندارانہ ڪوشش رھندي تہ ھيءُ رسالو خالص ادبي رسالي جي صورت ۾ پنھنجن پڙھندڙن اڳيان پيش ڪيو وڃي. 'مھڪ' ڪنھن ۽ نظرئي يا 'اِزم' جي نمائندگي نہ ڪندي ۽ نہ ئي ڪنھن ويچارڌارا مقصد، مُراد ۽ متي جي ماتحت يا معرفت ڪنھن پرچار جي وسيلي طور اِستعمال ٿيندي.

پريشد سرڪاري وزارت جو حصو ھوندي ۽ ھڪ خودمختيار اِدارو آھي، جنھن ھيٺ سنڊي ڀولي، ساھتيہ ۽ ثقافت جي واڌاري لاءِ جاکوڙ ڪئي وڃي ٿي ۽ اِن ڏس ۾ جدا جدا رڃائون ۽ پروگرام عمل ۾ آندا پيا وڃن. اُھي رڃائون ساھتيڪ ۽ آھن، تعليمي ۽ آھن تہ سنڊي سماج سان واسطو رکندڙ علمي ۽ علمي قدم ۽ آھن.

پريشد جو ھڪ اھم قدم ۽ وڏي ۾ وڏو يوگدان سِول سروَسز يعني IAS وغيرھہ لاءِ سنڊي شاگردن کي تيار ڪرڻ ۽ اُنھن ۾ اِن لاءِ وڏ ۾ وڏ جاڳرتا آڻڻ جو رھيو آھي. IGNOU يعني اِندرا گانڌي نئشنل اوپن يونيورسٽيءَ

ذريعي، گهر ويني سنڌيءَ ۾ يونيورسٽيءَ سطح واري ۽ ڊاڪٽوريٽ وغيرهه جي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ به پريشد، IGNOU سان مڪمل سهڪار ۾ ڪم ڪري رهيو آهي. IGNOU ۾ پريشد جي سهڪار سان 'سنڌي چيئر' به قائم ٿي زهي آهي.

بهرحال، اِهي اڃا شروعاتي قدم آهن، جيڪي اڳتي هلي تيزي اختيار ڪندا ۽ اُنهن کي وڌيڪ پختگي به بخشي ويندي.

آخر ۾ اسان کي اِهو وشواس ڏيارڻو آهي ته جيئن ته اِظهار جي آزادي هر ساهتيڪار جو بنيادي حق آهي، اِن ڪري موجب اسين ساهتيڪارن جي رچناتمڪ حقن جو احترام ڪندي، ئي هيءَ 'مهڪ' ڦهلائيندا رهنداسين.

-هيرو ڪر، لڇمڻ ڪومل،
چيئو لالواڻي

غزل

- ارجن حاسد

ڪجھ چئي ٿا وڃن
ڏَڪ هڻي ٿا وڃن

لفظ مانائتا
سچ لکي ٿا وڃن

قرب سان، فهم سان
ڳل ڇهي ٿا وڃن

مُرڪ ڏيئي مِٺي
سپ پچي ٿا وڃن

در جي پويان بهي
ڇا ٻُڌي ٿا وڃن

وات ويندي ڪٿي
ڪي ملي ٿا وڃن

ڪهڙا احساس ها
ڪئن ڀُري ٿا وڃن

توکي حاسد ننگو
هوُ ڏسي ٿا وڃن

غزل

-واسديو موهي

خالي متڪي رکي وئي آهي
ڏور هرڪا چني وئي آهي

پنهنجو اَندر ته ڪُن سان اوريندي
هوءَ نديءَ وٽ هلي وئي آهي

پريم منهنجي پرارٿنا جيڪا
مان ۾ ئي ڪئي وئي آهي

هَن ڇيو درد هر غزل لءِ ڪپي
لاتَ هٽ تي رکي وئي آهي

هر خوشي آسپاس ئي گُهر ٽي
نقشو تازو ڏئي وئي آهي

ماڪ وسندي آ مرڪندڙ ڳل تي
آلِي اک سان چئي وئي آهي

تون به موهي اجائي ڳالهه ڪرين
ڪا ڏَنل دل نهي وئي آهي

غزل

-لڪشمڻ دُبي

اُلجهن يار وڌائين ڇو ٿو
هرڪا ڳالهه ٻُڌائين ڇو ٿو

اڳر نباهڻ ممڪن ناهي
رِشتو ڪوئي ڏائين ڇو ٿو

گهوري ڏينديءِ جان، خبر ٿئَه
سڪ جو ساز وڄائين ڇو ٿو

وري ڏنگيندءِ، اڙي ايا ڳا
خواهش کي هٿ لائين ڇو ٿو

پهريون پيرو رِشوت کائي
تون ايڏو گهبرائين ڇو ٿو

ڊپ ءِ شڪ جا ڏنگ ڏکائن
ايڏي دير لڳائين ڇو ٿو

سڙندو ءِ ناسور بڻجندءِ
پاڳل، گهاوَ لِکائين ڇو ٿو

غزل

- پڳوان نردوش

ايندي مُحبّ جي، سارَ منِي آ،
تَنَ مَن جي هر تارَ وڄي آ.

آهِ ڀُلائڻ ڏاڍو ئي ڏکيو،
جا، پيارَ جي جهٽڪارَ ملي آ.

آ، وفا-ساعت هرڪا سڪميِ،
هر خوابَ ۾ منڌار ڏني آ.

ياد اچي ويو ازخود محبوبُ،
سُڃڻ جا، سنسارَ ڏني آ.

پوترتا ۽ سيرت پياري،
يادِ آ، جئہ جئڪار ڪئي آ.

'نِردوش' جئي ٿو سارُنِ تي،
ٽي اِها ئي، ڏارَ جي ڪَڙي آ.

غزل

- ارجن چاولا

شوخ نظرن مان صاف ظاهر هو،
کيڏو ناراضپو ڪنو هوندو!
مون تہ نهنائي کان هو ڪم ورتو
پوءِ بہ چا چا نہ مون سَنو هوندو!
ڪنهن بہ پينوُ فقير وٽ چاهي؟
خالي ڪَشڪول يا وَڻو هوندو!
اڄ صبح ريت ۾ ڏني ڪُنيي،
مينهن ٽورو سمجهين، وَڻو هوندو!
گُل جي خوشبوءِ گم ويئي کيڏانهن!
پر هوا کي تہ ڪجهہ پتو هوندو!
هيٺ ڏرتيءَ تي گهرج هئي شايد
کو فرشتو مٽان لٽو هوندو!
آئينو پڙ اُداس ڇو ٿي پيو!
نيٺ هُن سامهون ڪجهہ ڏٺو هوندو!
موت کان پل تہ پيو ڏڃي سيڪو
پر مرڻ ۾ بہ کو مزو هوندو!
ڪيس خود جي خبر ئي ڪانہ رهي
ڪنهن نہ ڪنهن رنگ ۾ رتو هوندو!

غزل

- ڪيمن يوُ مؤلاڻي

ڪڏهن ڪونہ تڙڪو غفا وٽ ڪو آيو،
تڏهن وقت اوندهہ سان گڏ هن نپايو.

1. ورهين بعد منهنجي ڏسي مرڪ منهن تي،
سين عقل کيڏو ٿي پنهنجو هلايو.

2. جڏهن ڳالهہ اِنصاف جي ٿي پُڌي ڪَنَ،
چپن ٿي تڙِي سچہ سمورو سڏايو.

3. ٻڌائين هتان ڪونہ ملندو اجورو،
ڀڳت کيرتن بند آڏ ۾ ڪرايو.

4. ڏيئي کي خوشي ٿي فقط ايتري هئي،
انڌاري کي هن ڪجهہ تہ جڳ مان هٽايو.

5. دعا جو رکڻ هٿ متي تي ٿي چاهيم،
ڏسي شانُ هن جو نہ هٿ مون وڌايو.

6. ڪٽي قرب تون پاڻ سان نِٽ اَچين ٿو.
نظر ٿو اَچي غرض جو اُن ۾ سايو.

7. اَلائي جي ماڻهو ڏسن خواب ڪئن ٿا،
اَسان جو تہ سڪ هو اِنهن ئي ڏٺايو.

8. مڙي ڪونہ چڙواڳہ خوشبوُ رلڻ کان،
گهٽو ئي هو گل کيس ور وز چِٽايو.

9. ڪري پير وشواس جنهن وٽ وَيا هئا،
اُنهيءَ هو دِلاسن سان دل کي ڏکايو.

غزل

-بلوُ چوئٹاڻي

- جڳُ سارو مطلب جو يارو،
  لکل سوجهري ۾ انڈيارو
- ولِ چڙهي ويئي وڃ چونڊيءَ تي
  پر ڀُلجي ويئي آهي سهارو.
  جڳُ سارو.....
- ڏوهُ بہ ڏِجي ڏيهہ کي کهڙو
  پنهنجن جو ئي چڙهيل آ پارو
- سهڻي صورت کين بکي ٿي
  معشوق آهي اندر جو کارو
- لکہ پيو جِن لاءِ لُٽائين
  ڏيندءِ کين کي ٽکو اُڌارو
- کُرسيءَ کي ئي بچائڻ خاطر
  هرکو نئون ڏئي پيو نعرو
- سمنڊ ڏسي تون ڪئن سمجهندين
  پئندين تڏهن تہ لڳندُءِ کارو
- ماکيءَ مِناس لاءِ ٿا ماڻهو
  متائين مکين مانارو
- لکن کروڙن ۾ کو ملندءِ
  دلبرُ سچيءَ محبت وارو
- مِت مائٽ ساڻي ڏنُ جُواني
  آخر آهي نامُ سهارو
- جڳُ سارو مطلب جو يارو،
  لکلُ سوجهري ۾ انڈيارو

غزل

'رچنائون'

- آسن واسواڻي 'مجبور'

اونداهي آ رات
آهر مڻان برسات.

1. ماڻهو مُرکن خوب،
مون وٽ ڇو فڪرات.
2. هڪ پل نا آرام،
هيءَ ڪهڙي جذبات؟
3. بي سمجهيءَ جو دؤر،
آ وڇنر حالات.
4. ڪڇ حاصل ٿيو ڪين،
ڪيئن ڇئبي سوغات ؟
5. پاڇوڪڙ جيان آس،
آهي ڪٽ ڪمذات ؟
6. عالَم بي پرواهر،
مون وٽ غئبي تات.
7. ظلم-سِتم جي ڇيڙ
موڙهلَ سمجهن لات.
8. سوچَ ڪديِ ٿي ساڻهر،
غائب سڀ مرجات.
9. دانِش بن انسان،
بيهودو، واهيات.
10. مونجهر وچان 'مجبور'
ڳولي پيو پرڀات.

غزل

-سپاش شرما

اَچانڪ اکيون پاڻ ۾ جڙ مليون،
صدين کان اِهي هڪبئي لءِ رُليون.

ڏسي چيٽ جون هي، چٽيون چاندنيون،
نہ گذرن ٽيون ورھ جون راتڙيون !

اَچن ياد ڏنھڙا جوانيءَ سندا،
اهي پيار سنديون منيون ڀالھڙيون !

ڪٽي ٽا پسون شيام اڄ سانورو،
نہ سڪ ۾ ڪي ميران مثل بانوريون !

ڏسون گل بغيچن ۾ ٽڙندا جڏهن،
اَچن ياد ازخود جوانيءَ گھڙيون!

ڏنيون دوستن جيڪي پي دشمنيون،
'سچاڀ'! تہ انهن کي دعائون ڏنيون!

غزل

- جڳديش شهدادپوري

ملندي آ سهڻن جي، صُحبت ڪڏهن ڪڏهن،
ٿيندي آ دلبرن جي عنايت به ڪڏهن ڪڏهن.

سونهڻن جي، يڪ-ٽڪ مون ڏي نهاريندي آ،
ٿي محبت ۾ ويندي، شرارت ڪڏهن-ڪڏهن.

ويجهو اڃا به ويجهو سڄڻ اچي ٿو پَرَ ۾،
ظاهر عشق جي ٿئي، شرارت ڪڏهن ڪڏهن.

نينهڻُ نگاهن ۾، پري مون ڏي نهاريندو،
پوري دل جي ٿيندي، حسرت ڪڏهن-ڪڏهن.

محبُوبُ ملي پوءِ، نه جيءَ کان جدا ٿئي،
پَلُ پَلُ به پري ٿئي، رغبت ڪڏهن ڪڏهن.

سيني سڄڻ کي، جيڪر آنءُ سمايان ڪٽي،
پونم جي چند مثل، ڇِري چاهت ڪڏهن-ڪڏهن.

غزل

- روشن گولاڻي

1. ڪنهن کي پنهنجو چوڻ ڏکيو آ.
حال پائي پي، ڪرڻ ڏکيو آ !

2. ڏينهن تہ ڏُک جا ڪٽجي وڃن ٿا،
پهرُ رات جو ڪٽڻ ڏکيو آ !

3. پوليس آ ڇو پڪڙي ويئي،
سبب انهيءَ جو پڇڻ ڏکيو آ !

4. گهر اندر ٿو جڏهن، گهڙان مان،
نہ هجي پرين تہ، وهڻ ڏکيو آ !

5. هوُ تہ لڳي ٿو حد ڪان سياڻو
چريو انهيءَ کي چوڻ ڏکيو آ !

6. يارُ ڪري جو جان بہ صدقي
اهڙو ''روشن'' ملڻ ڏکيو آ !

غزل

-شريچند دُبي ''جگري''

(1)

چِت ۾ تنهنجي چاهت آهي،
تڏهن ته دل کي راحَت آهي.
سوگهي رکجان نازڪ سمجهي،
دل جي توکي پارَت آهي.
ڪئي عمر پر جا تو لءِ،
منهنجي رڳو عبادت آهي.
سؤلو ته نه هو پائڻ توکي،
منهنجي توتي ساعت آهي.
اِئين عشق جي بازيءَ ۾ مون،
حاصل ڪئي مهارَت آهي.

(2)

رشتا هڪ ٿي ٽُٽڻ لڳا،
سنا هُئا ڏينهن سي ڇُٽڻ لڳا.
چور لُٽيرن وانگر پنهنجا،
پار ڪمائي سا لُٽڻ لڳا.
وينو ٿو جو ڪائي تنهنجا،
ڪوهه به ڪاڏي جا ڪُٽڻ لڳا.
دُکه جو ڪارڻ حسرت آهي،
دُکه پيڙائون جو جُٽڻ لڳا.
اکه بند ڪرڻ سان اندر ۾،
شعر خود بہ خود ئي ڦُٽڻ لڳا.

غزل

-پگھوان ہاہاڻي 'بندو'

ڏينهن سارو ڏُک ڏُکان
آ حياتي ڀَڄ ڀڄان!

شَلَ نہ ٿي کو حادثو
دُنيا ساري پُڄ پڄان!

جِئَن کَمايو ناڻو مُون
بس لڳي وئي گھُر گھُران!

کو متان ڏي کجھ ڇئي
پاپ پَنھنجَن کان ڏُکان!

کَرمَ نہ سوچي کري
کُندَ ۾ وينو رُڻان!

واڳہ ہارن کي ڏئي
هاڻِ پيو رُڻندو وتان!

آ کيل سارو سَندم
ڏوھُ ٻيو کنھنکي ڏيان؟

سڀ ڏنو آ مونکي 'تو'
ڇا ٻلا ٻيو کجھ گھُران؟

وڻندو کنھنکي‌کين ٿي
سَچُ ڇئين ''بندا'' مَتان!

غزل

- ڪنعيالعل موٽواڻي 'ماندو'

احساس اندر ۾ ٻالهايو پئي.
نيڻن ٻاهر واجهايو پئي.

1. هن ته سهي سپ ٻالهه چئي ٿي،
توهان آجايو اُلجهايو پئي.

2. ڪڇ ته گهٽيءَ ۾ ڏنو هٽائين،
ڪُتي رات جو اوُنايو پئي.

3. قتل ڪيو ڪنهن آهه شهر ۾،
تو ڇو گهر ۾ گهبرايو پئي.

4. ماضيءَ جي ساروڻين دل کي،
جڏ پينگهي ۾ لوڏايو پئي.

5. راند روند ڪرڻ ويا پُلجي،
سَڀ کي ٿي ويءَ وندرايو پئي.

6. ننڍڙو ٻار ته ناهين ''ماندا''
ڪلندي ڪنهن آڇ سمجهايو پئي.

غزل

-نند ڪمار سنمُکاڻي

نفرتن ۾ پيار کي سانڍي رکڻ،
اَجنبيُن ۾ دوست جڻ ڳولهي لهڻ.

ڇا ضروُري آهِ هَر ڀيري اِهو،
بِنِ سِڏُن جي وِچ جي مطلب کي لَهڻ.

آ جُدا پَل راهَ تنهنجي ۽ منهنجي،
تہ بہ ضروُري آهِ منزل ڈي هلڻ.

جَڳ جو ڇاهي، پَل تماشائي رهي،
اَهم آهي ڳالهہ جو دَل کي جَچڻ.

ڇاپلوُسي ۽ فَضيلت آ جُدا،
نئڙڻُن سان ڳالهہ بي آهي جهُڪڻ.

اَڄُ بہ اُستادن جي اُستادي ڏِسوُن،
مَطلبن جي ساهمي هَٿ ۾ رَکن.

غزل

-ڪنعيو شيواڻي

ميلي مثل جهان ڏنو
تنها تہ بہ اِنسان ڏنو

- درد ڏيئي پو سار لَڏن
پنهنجن جو اَحسان ڏنو

- رَهي نہ سگهبو پاڙي ۾
مُکيُن جو فرمان ڏنو

- سُک سان نکري ساهہ رڳو
سپني جو اَرمان ڏنو

- ڪائي ڪُکُرُ، ڪُکَرَ ڪن گهر
اهڙو مون مهمان ڏنو

- مُئل-مُئل هر شخص لڳو
شهر نہ، جڙ شمشان ڏنو

- پنهنجي دُنيا پاڻ ڏسي
گم-سُم اڄ ڳچوان ڏنو

غزل

-جئرام چمناڻي 'ديپ'

ڪڏهن ڪڏهن آسان جي گهر ۾ آڇو،
پري ته ڪونهي، بس هليا آڇجو.

1. آجايو آهڙي آرزو ڏي رکان،
ڏکيو ته آهي پنڌ چاهت جو.

2. جيئڻ جي ماپ تور ڪير ڪري،
رڳو اکين سان ڪجهه ڏبو وڻبو.

3. ڪٽي ڪو داغ زهنڊ هوندي ڪا،
ڪڏهن اوهان به آرسي ته ڏِسو.

4. وڏا ته پار پڻ ٿيا آهن،
ڪري وڻن ٿا ماڻُ سان چرچو.

5. ندي وهي ڏي گهات هوندائي،
اِئين ته خوامخواهه، چڙي نه وڃو.

6. سراپ ''ديپ'' کي ملهل آهي،
اِها به ڳالهه ڇو نه ٿا سمجهو.

غزل

- مينا شهدادپوري

رِم جهم رِم جهم رِم جهم رِم جهم،
مينهن سُڻائي سُک جي سرگرم.

دم دم دم دم ڏُهل وڄائن،
ڪڪر چون نا دائم آ غم.

پنک پکيري مور نچي ٿو،
ماڻ-غزل جي، پاسي ترنم.

ٿون نهارين ٿو نفرت مان ڇو؟
حق تي پيو ٿو جڏ گهٽجي دم!

ٽوٽن، ڦوٽن ۾ ڦاسي ڇو-
دِل ۾ رکون ٿا سنسو ۽ پرم.

پاڻ پوڄائن سنت، ٿا جيڪي،
اُهي رسائن مُلڪ کي دهرم.

باروت تي آ دنيا وِيٺي،
هر ماڻهوءَ ۾ جڏ باطن بَمُ.

ساز آس جو ''مينا'' وڄائي.
ڇا ٿي پيو جي-اَک آ پُرنم.

غزل

-پيتامبر جوڏاڻي

خوب ڪئي سيني سان صحبت
ڪنهن ۾ پي پر ڪونهي محبت

بن محبت جي اڇ وچ ڇا جي
وقت وڃائڻ جي ٿي حرڪت

حرڪت خوب ٿڪائي ماريو
سوچڻ جي پر ناهي فرصت

اُن نيٽا کي ووٽ ڏنو مون
جنهن جي ڪرمن کي آ لعنت

ڇانوَ ڪري جيڪو بينو هو
کيري ڇڏيو نيٽ سو درخت

جنهن مونکي برباد ڪيو ٿي
پيارو ٿي پيو ڏيندي آڇت

نندیون کویتائون

-پریم پرکاش

(1) چا جو گھر، چا جا رشتا
کنھنجو شھر، کنھنجو مُلک
کوپڑي جنون، ھَٹ بم، ڏماکن جي راند بڻھيا

(2) راجيہ سيا ۾ راجيہ لاپتا
لوڪ سيا ۾ لوڪ غائب
ھنگاما ھلائين، پرجا راڄ بڻھيا

(3) جن پٽ تي ڀالھ تہ ھئي عام ماڻھوءَ جي
جئن جو تئن وٽائي ڪائڻ بعد منتري
ھر ووٽ جون ڏجيون اُڏائي بڻھيا

(4) وقت ناھي ھائوس ٻُڌي عوام جو آواز
روز پردا فاش ٿين، سالن تائين ويھن ڪاميٽيون
ھر قسم جا گرماگرم ڪوپائڊ بڻھيا.

(5) چنتا، پيڙا، نہ سوچ
رشتن جي اوڀراڻي، نہ ڏي وٺ جي ھِڏِ کي
سنويدن-ھيڻ ماڻھوءَ جو وھنوار بڻھيا

(6) پوري وقت تي پئسا وسوُلين يا وڻن جان
سيني کان سندن نيٽ ورڪ پکو
ٻدر ورلڊ جي ڪاري زبان بڻھيا

(7) من کي سمجھايان گھٽو، چمات ھڻي
پنھنجي چئہ، ٻين جي بہ تہ ٻُڌ ڪمينا
اِئين تہ منھنجو بہ ھلي گليءَ ۾ گونڊاراڄ بڻھيا

(8) جن لاءِ سپ وڃائي مان شريف ٿيس
اُنهن مونکي سلامتيءَ سان قبر ۾ لاڏو
جسم سڄي تي متيءَ جي ٽڏاڻ بڙهيا

(9) اکين وارن جي اکر
زبان وارن جي ڪٿي زبان رهي آهي
سنويدنا جي ڪوُس سان پيٽ ناريان بڙهيا

(10) جنهن کي تو مون لاءِ سوپاري ڏني هئي
اُن کي مون بہ تو لاءِ ڏني
اسين ڪنهنجو گهرڙي ڏنل پوندو بڙهيا.

(11) بکہ ۾ مرڻ کان بدتر ڪو موت ڪونهي
گودامن ۾ سڙي رهيو آهي اناج
منترين جا ٻُڌجن بيان بڙهيا

(12) سيڪيٽ، ڪلچر، ماءُ جي ٻولي - اَئسي تئسي
تون ڪوڙا بل هلاءِ، مان سٽيا سنمان لُٽيان
هر سال پرجي سرڪاري پنڌارو بڙهيا

(13) هِن ڌُن دشمن سان گلي ملان
پنهنجن اِرادن ۾ سالا ڪامياب وڃن
سندن ئي حق ۾ گهران دعائون بڙهيا

(14) ڪهڙن ڪهڙن دوڪانن تان
ڀڳوان خريد ڪندو رهندين
مال ساڀيو، رنگين ورق، ۽ پيڪنگ بڙهيا

(15) ڳاڙهو ڪپڙو ڏيکارين مان پڙڪان
ڪران منهن پر، وري اُٽان رتورت
چوڏاري تاڙيون چون بڙهيا بڙهيا

(16) ڪاوڙيل هوا باهر جي ڪن ۾ ڪجهہ چيو
باهر پگهي پاڻيءَ جي ڪن ۾ چئي آئي
سڄي برهماند ۾ ڦهليو هراس بڙهيا.

(17) هنن جو مون سان ڪجهہ رشتو ئي انوکو
اچن، گلي ملن، ويندي پُڙيڪي ڏيئي وڃن
هر زهر سان منهنجو هاضمو بڙهيا

(18) هوا جي رُخ ۽ پڻ پاڻيءَ جي وهڪ سان هلان
لڳي آگر ڪٽي تہ ڪڪر پن وڃهان
ڏي تاڙي، مان ماڻهو سيني کان بڙهيا.

(19) تنهنجين ترڻن جي ريڪائن تي صبح
ڪجهہ چميون چڏيون پيار وشواس جون
تو جهت پنهنجا هٿ ڏوئي چڏيا بڙهيا.

(20) خبر نہ ڪٽان ڪٽان گهرائيندا آهن
پکن شاعرن کان، ڪجهو مال ونڊي اچان
پنهنجي فئڪٽريءَ ۾ ناهيان ڪوتا بڙهيا

(21) پننجي ئي ملڪ ۾ زمين ٽڪر لاءِ آواز ڏيل
اڇاتل ڊپ سان ڏارين ملڪن ۾ بہ رهون
اسان جا يڪمشت قومي جذبا بڙهيا.

(22) سچ جي زبان ٽيڙ سولو ناهي پائي
ڏکيو تهائين اُنجا لفظ بڪڙ
مان زبان ۽ لفظ جي بچاوَ لاءِ لڙان بڙهيا.

ڪوتا

- گھنشيام ساگر

مونکي جنھن جي ڪالھ سچاڻپ نہ ھئي
اڄ بہ ناواقف آھيان
اِن ڪِريل سيپتا جي ھوا جي رُخ کي
بس مان ڪِري رھي آھيان
بس مان جھري رھي آھيان
رفتار سان، مان روڪي رھي آھيان
ڇ مونکي لڳي ٿو
ھيٺ زمين تي ڪِرندي ئي
منھنجو جسم ويندو ڳَري ملي
اَڄ جي گندي ۽ ناپاڪ سيپتا جي
گَپ ۽ گاري ۾
جيڪي مون اڳيِ ڏٺا ھئا
تماشبين ۽ موقعپرست لٽيرا
سي بہ ٽيا آھن
ٻين سان گڏ حاضر
گونگا ۽ نانڪي بڻجي
ھٿن تي اَگربتيون ڪڻي
ترين تي ميڙ بتيون ڪڻي
سياڻي منھنجي زندگيءَ کي
منھنجي آتما کي واھ!
شانتي ڏيڻ جي پروردگار کي

ڪندا حمايت پري اِلتجا
تڏهن اُتي ڪوبہ هوندو
منهنجو احساس

ڪ
ڪانہ هونديس مان!
پر ضرور هوندي آتما
ها. مان لغڙي آهيان
اُتي هوندا روئندڙ منهنجا
پاڪ پوتر پار



ترشنکو

-بنسي خوبچنداڻي

ترشنکوءَ کي سراپ ملیل هئو
ڌرتي ۽ آڪاش جي وچ۾ لٽڪڻ جو
اسانجي پارتيہ سپيتا پڻ
ترشنکوءَ وانگر
مغرب ۽ مشرق جي وچ۾ لٽڪي رهي آهي
پراچين سپيتا جي ساراہ جا نعرا
مشينن جي گوڙ شور ۾ گم ٿي ويا آهن
شاستريہ سنگيت جون تانون
نون سازن جي پڙاڏن ۾ سسڪي رهيون آهن
رامائڻ ۽ مهاپارت جي سلکون جي گونج
پنڌتن جي گلن ۾ اٽڪي پئي آهي
پراچين نرتيہ جا سُر ۽ ٽال ۽
راڪ ائنڊ رول جي ڌمال
بيل گاڏيءَ جي سُر سان سُر ملائيندڙ
جيٽ جهازن جي اُڏام
اُپ کي ڇهندڙ عمارتن جي پاڇي ۾
گندين جهوپڙين ۾ غربت جو ناچ
بکايل پيٽن جي چيخن سان گڏ
ائٽم بم جا ڏکاو !
نيتا پيا چون
اِهو تہ سنگم آهي پورب ۽ پشچم جو !
۽ مان پيو سوچان
هاءِ ڙي ترشنکو پارتيہ سپيتا
تنهنجو سراپ - ڪڏهن پورو ٿيندو؟

کوتا انيؤ ۽ اُس

-هوندراڄ بلواڻي

پنهنجن انيوَن جا گڻ ڳائيندي
هوُ جڏهن به ملندو هو
مون کي کو نه کو پربوڌ
ڏيئي کسکي ويندو هو.
هن پنهنجا وار اُس ۾ اڇا
قطعي نه کيا هئا
ائين هن جو چوڻ هوندو هو همیشه.
مون وٽ هن جيان
کوبه انيؤ نه هوندو هو
ان کري چُپ کري
ويهي رهڻو پوندو هو.
هن جو لحاظ رکڻ به
منهنجو مقصد هوندو هو.
تنهن کان سواءِ -
بدليل حالتن انوسار
هن جي هر کنهن ڳالهه تي
عمل کرڻ
مون لاءِ هوندو هو گهڻو مشکل.
اُهي سڀ ڳالهيون
جيکي هو چوندو هو
هن جي زماني ۾
ٿي سگهي ٿو ممکن هجن

پر هينئر
هن جا ٻڌايل سپ رستا
مون کي لڳندا هئا مُڏا
جهونا-پراڻا
ائين هڪ ڏينهن
هن وري پنهنجن پرايل آزمودن جي
پاڻ ئي واکاڻ ڪندي
اُس ۾ نہ ٽيل اڇن وارن
جي ٻالهہ دهرائي
تڏهن مون نمرتا سان وراڻيو :
مهاشيہ! توهان جي انيوَن واري
رستي تي
مون لاءِ هلڻ محال آهي
خاص ڪري اڄ جي وقت ۾
ان ڪري هينئر مان
پنهنجا وار اُس ۾ ئي اڇا ڪندس!

رشتا

-شالني ساگر

مون پنهنجو مضبوط گھرُ
رشتن سان جوڙيو آهي
ڪڏهن پتنيءَ جي روپ ۾
ته ڪڏهن ممتا مئي ماءُ جي
روپ ۾
مونکي خبر ئي نه پئي
ته ڪڏهن مان انهن رشتن ۾
ائين وکوڙجي ويس
جيئن ڪوريئڙو
پنهنجي ئي جار ۾
انهن رشتن ۾ هڪ احساس آهي
ٻندڻ جو، جيڪو ٻندڻ
هڪُ معنيٰ پريو آهي
جنهن مونکي
منهنجن پنهنجن
نزديڪ رشتن جو هر گھڙي
هر پل احساسُ ڏياريو آ
آ ن رشتن جي جار ۾
وکوڙجڻ جي باوجود به
هڪ سک جو احساس
مون محسوس ڪيو آهي.

نقصان جو ذکر

-منوج چاولا

پنهنجي ڪمزوري لڪائڻ لاءِ
سڄ سان مقابلو ڪرڻ بدران
اُنهن هڪ ڦوُڪ سان ئي
ننڍڙي ڏيئي کي وسائڻ
سؤلو سمجهيو...

اَڄ بہ
روز ايندڙ هيءَ اونداهي رات
هنن کي مجبور ڪندي آهي
پنهنجي ئي روشنيءَ جي ٽيل نقصان پُڄيان
ناچيز ڏيئي جو
ذکر ڪرڻ تي...

ڦيرو

-وڪرم ڇاڻي

ننڊپڙ ۾
اڪثر ٻيڙن جي واتان ٻڌندو هئس،
''رات پر ننڊ ئي نٿي اچي!''
مان سوچيندو هئس-
رات پر ننڊ ڇو نٿي اچي هنن ٻيڙن کي!
مونکي ته بستري تي ليٽندي ئي ننڊ ڪنيو وڃي!!
اُن وقت ٻيڙن جي هن ڳالهه تي تعجب ٿيندو هو!!!
پر اڄ -
جڏهن مان ننڊاکڙن نيٽن سان،
ليٽان ٿو بستري تي رات جو
من جي تهن مان نڪري نروار ٽين ٽا-
ڪيئي اڌورا ارمان ۽ سپنا،
ڪيئي اڌوريون آشائون ۽ اڇائون،
ڪيئي اڌورا افسانا ۽ اڻسليل زندگيءَ جون پرولیون،
ڪيئي اڌورا شعر ۽ شاعريون،
پنهنجي پورٽتا جي آس ۾
وڌندا ويڇهندا ٽا رهن
جاڳندا ٽا رهن منهنجي ذهن ۾
۽ جڳائيندا رهن ٽا مونکي به رات پر !
هاڻي مونکي به،
''رات پر ننڊ ئي نٿي اچي!''
شايد مان به ٻيڙو ٿي رهيو آهيان.

ڊَپُ

-ناري لڇواڻي

وطن ۾ ڇڏيَلَ آکيري ڏانهن
واپس ورڻ تي
سخت روڪ!
اُڏامڻ بند!!
مان
پَرَ-ڪٽيل پکي آهيان
مس-مس وڃي زخم مِڙيا اٿم
ايذاوَ جو احساس
اڃان به آهي
من-معافق ميوا کائڻ ڇڏڻا پيا
هاڻي-هلي سگهندو آهيان
هِت هُت پکڙيل داڻا چُڳي
پيٽ پاليندو آهيان
'هوُ'
پاڻ سُسنن جيان سُتا پيا آهن
منهنجو پنڌ ڪرڻ ۽ چُگڻ
ڪين ڇڏو نڙو لڳي
پيا ٽا پڇرن-پوسرن
ڪڏهن ڪا هَڪَلَ ڪندا آهن
تہ
ساهہ اچي مُٺ ۾ ٿيندو اٿم
'ڪو' شيطان شڪاري جاڳيو
تہ
حسد وچان هڏي ماري وِجهندم
مان ڇا ڪندس؟
مان پَرَ ڪٽيل پکي آهيان!

دڑکن

- مکیش تلوکاڻي

هلکو ڇهاءُ
سوکيم ترنگون
تيز دڑکن

آزمؤدو... ها.
دپ...،
جي... ها... جي... نہ.
ها چا!؟

سُوالَ
غصو
مُحبت اَلاءِ.

زندگي، پَلَ، لهر، اَحساس،
آنند،
پيار،
پنهنجائپ، مزو.

هلکو ٿهڪڙو
تُڇ ڀَالهہ پولهہ
اِنتظار، اونهو، ديدار، آڌت.

خمار،
ڇُهاءُ،
آنند

ڇ بس.

اَڊائي گهرن جو خير

-ومي سدارنگاڻي

اَمان کي گوڏنِ ۾ سور آهي
ساڃي گوڏي تي هٿ رکي سنڊليءَ تان اُٿي ٽي.
ڪٽ تي پيل پٽيءَ کي ڏسي،
سندس اکين ۾ درد ترڻ ٿو لڳي.
ٽنگ تي ٽنگ چاڙهي ويٺل پٽ کي ڏسي،
سندس اکين ۾ ڪر ڪٽن ٽيون ۽ چار گاريون.
هٿ مشين تي ڪپڙا سبندڙ نونهن کي ڏسي،
سندس اکين ۾ نظر اچي ٽي شڪرگذاري.
اڳڻ ۾ ويهي باسڻ ملينڊڙ ڪنواري ڏيءَ کي ڏسي،
سندس اکين مان ليئا پائڻ ٿو لڳي قياس.
منجهيل پشم سان راند ڪندڙ پوڻيءَ کي ڏسي،
سندس اکيون ڪلڻ جي لاچار ڪوشش ڪن ٽيون.
سيڏي واري جو بل ڏسي،
مٽي تي هٿ ڏئي ويٺي آهي امان.
گرو بابي جي سامهون مٿو ٽيڪي ٽي،
اڊائي گهرن جو خير گهري ٽي.

هائوُ آر يو فيلنگ

-پارتي سدارنگاڻي

اسين آهيون پنهنجي مورچي تي مستيد،
هٿن ۾ مائيڪ ۽ ڪئميرا جهلي.
توهان کي دنيا جي پل پل جي خبر ڏيندا سين،
دنيا کي توهانجي پل پل جي خبر ڏيندا سين.
توهان گهر جي مٽين ٽانڪيءَ تي چڙهي ايوريسٽ فتح ڪندا
توهان سپ کان وڌيڪ رسگولا کائڻ جو رڪارڊ ٽوڙيندا
توهان نڪ جي بجاءِ ڪن سان ڀائيندا
توهان امتحان ۾ نقل ڪري پڪڙيا ويندا
سپ کان پهرين اسين اُتي پهچنداسين
۽ توهان کان پڇنداسين
''هائو آر يو فيلنگ؟''
ڪئسا محسوس ڪر رهي هئن آپ اِس وقت ؟
توهان جي رستي تي کوٽيل کڏي ۾ ڪري پوندا
توهان جي ٽنگ کڏي ۾ اٽڪي پئي هوندي
اسين اُتي بہ حاضر ٿي ويندا سين
توهان جو درد دنيا کي ڏيکاريندا سين
توهان جي ان قاتل ٽنگ جو ڪلوز اَپ ڏيکاريندا سين
۽ پڇنداسين
''هائو آر يو فيلنگ؟''
توهين هن وقت ڪيئن محسوس ڪري رهيا آهيو
اسانجي ڪرڪيٽ ٽيم ڪٽي آئي هجي يا هارائي آئي هجي
اسان جا هاڪي پليئر مدد لاءِ چئي چئي ٿڪا هجن

بوليوُڊ ۾ ڪنهن جا اڳهه ڪرندر هجن يا چڙهندا هجن
سينسيڪس جو تير ڪٽيل هجي يا زهر ۾ڏل
اسين تُرت پرگهٽ ٽي ويندا سين
توهان جا رايا جاڻڻ لاءِ
۽ پڇڻ لاءِ
تہ
''هائو آر يو فيلنگ؟''
ڪئسا محسوس ڪر رهي هئن آپ اِس وقت ؟
سائيڪلون اچي يا ارٿ ڪِئوڪ
آتنڪي حملو ٿئي يا دنگا فساد
توهان جو گهر پاڻيءَ ۾ ٻڏل هجي
توهان جو ڪوئي پنهنجو ڪِريل گهر ۾ قاتل هجي
توهان گهر کي دنگائين باهه لڳائي ڇڏي هجي
توهان جو ڪوئي پنهنجو بي ساهه سامهون ڪائيءَ تي ليٽيل هجي
توهين چاتي پٽي پٽي روئندا هجو
ان وقت اسين ٻه توهان جي دک ۾ شامل ٿيندا سين
توهان جي اکين تي فوڪس ڪندا سين
۽ پڇندا سين
''هائو آر يو فيلنگ؟''
تمين همٽا ڪيوُن محسوس ڪري رهيا ڇو؟
اسانکي پنهنجو فرض ياد آهي
۽ پنهنجي ڊيوٽي پوري ڪرڻ کان اسانکي کي ڪير ٻه روڪي
نٿو سگهي
هر نيوز چئنل تي پلي ساڳي نيوز اچي رهي هجي
هر نيوز چئنل تي پلي ساڳيون شڪليون هجن
تڏهن ٻه ياد رکجو

تہ اسانجو چئنل آهي خاص توهان لاءِ
ائڪسڪلوزِو !
اسين توهان جي ڪِل، ڳوڙها، ڪاوڙ،
سڀ ڪجهہ خاص ائنگل سان ڪوَر ڪندا سين
توهان بس ڪئميرا جي سامهون ڪانفيڊنس سان ڏسجو
۽ اسانجا صرف هڪ ئي سوال جو جواب ڏجو
ڊونٽ وري.
اسان اهو ساڳيو ئي سوال توهان کان توهانجي پنهنجي ٻولي؛
مان پڇندا سين
تہ
تمين همٹا ڪيوُن محسوس ڪري رهيا ڇو؟
توهين هن وقت ڪيئن محسوس ڪري رهيا آهيو؟
ڪٹسا محسوس ڪِر رهي هئن آپ اِس وقت ؟
هائو آر يو فيلنگ؟

آزاد نظم

-بلرام شهاڻي

(1)

مون تہ توکي اڃيئي چيو هو -
شادي موڙ نہ ڪجاڻ
ڦاسي ويندين ڪوريڙي جي ڇار جيان،
جوڙ کان رَٽُ چوسائڻو هجيئي،
تہ مَرُ شادي ڪجاڻ شد مد سان.
پر تو ڪَنُ اوڙو ڪن ٻوڙو ڪري،
ڏيان ئي ڪونہ ڏنو منهنجي صلاح تي.
پائي جَرڪندڙ متڪ ۾ شاهي شيرواني،
ٻئنڊ باجن سان وڃي آئين پنهنجي وني.
ترت ئي دهليءَ جي لڏونءَ،
پنهنجو اصلي رنگ پَسايو.
پر هاڻ پڇتائڻ مان ڪهڙو فيض،
جڏهن جهرڪيون ڇڪي ويئون ڪيت؟
پروفيسر هاسانند جادوگر ڪين چوندو هو -
گهوٽ چڙهيو گهوڙيءَ تي،
ناس پتو ٻوڙي،
سوا گهڙيءَ جي سڪ ڪاڻ،
ساري عمر پيو لوڙي.

شاديءَ کانپوءِ مون توکي چيو هو -
گهٽا ٻار بنهه نه جڙجانءِ،
چيو اٿن ٻاليتو نه مالينتو.
پر هڪڙا اَڏ ٻر ٻيا پنڊ ٻر،
وٽين لالوءَ وارو لشکر پيدا ڪندو.
هاڻي ڪرم وينو ڪُٽين،
قسمت کي وينو کوسين،
سياڻن چيو آهي -
اولاد اٽيئي کوٽلي جي ڪاراڻ،
هٿ لاءِ ته هٿ ڪارو،
پير لاءِ ته پير ڪارو.
گهٽي اولاد تنهنجي حالت،
قياس جوڳي بڻائي ڇڏي آهي.
گهاڻي جي ڏڳي وانگر،
پيو سدائين وَهين ۽ گهمين.
ندا فاضليءَ کين چيو آهي -
اِنسان جي حالت،
لاهيءَ تي ڇڏيل هڪ بال جيان آهي.
بالُ ٽيستائين نٿو رُکجي،
جيستائين کيس سنوت نٿي ملي.
تئن اِنسان بہ سڄي جمار،
ڊوڙندو رهي ٿو سهکندو رهي ٿو،
ٽيستائين ساهي نٿو پَٽي،
جيستائين سندس سواسن جي ڊور نٿي ڪَٽجي.

آزاد نظم

- لعل هوتچنداڻي 'لاچار'

ڀڏاپي مونکي
پنهنجي آئيني ۾
اڇيون ڀڙون
سُنسن جي
چمڙيءَ ۾ پيل
گُنجن کي ڏيکاري
مونکي ڀڏاپي جو احساس ڏياريو
شايد اُن ڪري
مان پاڻ کي
ٽڪل محسوس ڪريان ٿو
بستري جي وهاڻي تي
مٿو رکي
اڏ ليٽيل هئڻ جي باوجود
منهنجي ويچارن جا پير
هلندا رهندا آهن
جاڳان ٿو
هڪ ڏينهن
منهنجا پيل
هلڻ بند ٿي ويندا!
پيرن جا نشان
متيءَ جي
اڻ ڀڻيل تهن اندر
دٻجي ويندا
منهنجو پنهنجو وجود
لپ رکہ اندر
گم ٿي ويندو
تڏهن بہ
هڪ وشواس آهي
منهنجي ويچارن جون
قلم بند ٿيل رچنائون
منهنجي نالي کي
رکہ مان ڳولهي
باهر ڪڍي
دائمي زندهہ رکندیون

-هينا ڊي. اگناڪي

(1)

وهنوار گهري ڏانءُ،
نيڪي بدي اُن تي ٻڌل،
فڻ سو، سکان تتل آنءُ !

(2)

آهِه غصي ۾ تاڪُ،
سامهون وارو تپي ويو،
کهڙو هيءُ سياءُ ؟

(3)

باغ ۾ آ هڙِتالَ،
خوشبو ويئي آ رُسي،
مُرڪ وڃائي ڪڙتار !

(4)

اخبار جي پٽر سائُ،
آ مٽو ڦاڙيو شهر جو !
خوار ڪيو هُنَ پاڻ.

(5)

ٽو هٽن ۾ جهلي ڇانوَ
وڃي وِٽين مان سا وهي
متَس ڪِلن ٽا ڪانوَ

(6)

ٽي حقيقت کان دوُر،
ڪيڏا نہ.لهين ٽو خواب !
کو پوي سچ جو پوُرُ.

غزل

- آصف منياڻوي

ماڻهوءَ ٿي ماڻهوءَ جو راڄ
ماڻهو، ماڻهوءَ جو محتاج

(1)

ڪن ٿي ٻُڌَ ڪان روزا رکيا
ڪن ٿي پاتو، سونو تاج

(2)

سون برابر ملهه ٿي ويو آ،
پو به ملي ٿو ڪين اڻاج

(3)

سون برابر ڪوڙ ڪيو وَيو
سونَ جيئن جرڪي ڪوڙ واڄ

(4)

سترهين جنوريءَ ٿي سنَ ۾
سالو سال ٿِئي قومي ڪاڄ

(5)

آزاديءَ لئه سوچي ٿو پيو
پنهنجو آصف هيءُ سماڄ

دل ٿي چوي اڄ شعر نئون ڪو جوڙجي
ڀ عشق جو پختو عَلمَ ڪنو ڪوڙجي

(1)

جنهن جي محبت من اندر پيهي وڃي
ان لاءِ رت ڀ ماس سارو روڙ جي

(2)

ڪنهن جي ڇڻي، ڪنهن سان ڦٽائڻ ٺيڪ ناهه
جنهن سان لڳي دل، دل نه ڪڏهين ٽوڙجي

(3)

جنهن وات تي ٽيا عشق جا پورا امام
آصف اُتي اڄ وات سائي ووڙجي

نہ ٹکجندڙ لیک بدراڄڻ

- رکيل مورائي

ڈاڪٽر بدراڄڻ کي مان ان وقت کان سُڃاڻان، جنهن وقت هو مورو جو استنٽ ڪمشنر هئو ! ۽ گڏوگڏ مورو هسٽاريڪل سوسائٽيءَ جو باني‌سر پرست پڻ. منهنجو سوسائٽيءَ جي گڏجاڻيءَ ۾ اهو آخري ۽ پهريون پيرو وڃڻ ٿيو. ڇو ته سوسائٽيءَ جا ميمبر يا ته بيوروڪريٽ هئا يا وري معزز شهري ۽ مَان ٻنهي طبقن مان ڪونہ هوس. شايد مان ان وقت وات ٻاڙهو ڇوڪرو هوس. ان تي گڏجاڻيءَ ۾ ڪنهن مسعلي تي ٻالهائيندي بدر صاحب چيو هئو ته ''دڳها ماڻهون بيوقوف ٿيندا آهن'' اُن وقت هو مونکي ڪيئن لڳ ڪئو. ان جو ذڪر ڪجهہ غير ضروري آهي. ان ملاقات کان پوءِ مختلف وقتن تي ساڻس گڏجڻ ٿيندو رهيو آهي.

مان پايان ٿو ته بدر صاحب سان جيڪو به شخص پهريون پيرو مليو هوندو ان اهو سمجهيو هوندو ته هيءُ شخص تخليقيڪار نٿو ٿي سگهي ڇو ته هو ٻاهران ڈاڍو خشڪ لڳندو آهي. هو نهايت ئي مانيٽي سياڻو جو شاستہ شخص حد کان وڌيڪ مُهذب. پڻ، بردبارُ ۽ ڪنهن بہ غير ضروري ڈيڪ ويڪ کان ڪوهين ڈور، صاف سلوٽو ماڻهون شايد اها طبيعت ئي ڪيس تنقيد جهڙي خشڪ موضوع ڈانهن وڻي آئي.

اصل ٻالهہ جيڪا مان چوڻ چاهيان ٿو، اها هيءَ ته بدر صاحب پنهنجي مزاج ۾ ايڏو خشڪ نہ آهي، جيڈو هو پنهنجي ظاهري بيهڪ مان لڳندو آهي. هو نهايت ئي ڪلڻو، ملڻو، خوش مزاجُ، يوڳ چرچي ڪرڻ وارو شخص آهي. مونکي اها بہ خبر آهي ته

هو جڏهن مورو ۾ هوندو هئو تہ بيڊ منٽن کيڏندو هئو. سندس اهو شوق هاڻي هلي ٿو يا نہ ؟ خبر ناهي. مورو سندس احسان کڏهن بہ نہ وساريندو ڇو تہ، هن ئي پهريون پيرو مورو جي تاريخ تي ڪتابن ڇپرايو.

''مورو ناهي ٿورو''

احمد سونگيءَ کي پهرين نوڪري بہ بدر صاحب ڏني هوندئن هڪ آفيسر جي حيثيت سان اهي سڀ شهر خوش نصيب آهن جن ۾ بدر صاحب رهيو آهي، هو جتي رهيو آهي، اتي پنهنجڻو داستان ڇڏي آيو آهي. ادبي حوالي سان سندس پهرين تنقيدي لکڻي شايد مرشد شيخ ايياز جي ايڊٽ ڪيل اڳتي قدم جا پهريان بہ پرچا آهن، جن تي آهي، اهي پرچا 1947ع جا آهن، ان اندازي سان سندس ادبي عمر ايتري آهي جيتري اسان جي اصل عمر بہ نہ آهي. سندس لکڻيون پڙهي اهو قبول ڪرڻو پوندو تہ اڇوڪي ٿهي بدر صاحب ۽ سندس ٿهيءَ جي ليکڪن کي پڙهي، لکڻ سکي آهي. اهو اسان جي ٿهيءَ لاءِ اعزاز آهي تہ اسانجي شعور ۾ بدراڄڻ صاحب جهڙي هڪ نڱ ۽ سچي ادیب جي لکڻين جو بہ حصو آهي. جنهن ذري گهٽ اڌ صدي ادب جي ظاهري ڏيک ويک کان پري رهي ادب جي خدمت ڪئي آهي.

تمام گهٽ دوستن کيءَ خبر هوندي تہ بدراڄڻ صاحب ايترو گهڻو ۽ سٺو لکيو آهي جو اهي دوست جيڪي بہ ترجُما ڪري پاڻ کي دانشور چوائين ٿا، جيڪڏهن سجيدگيءَ سان پڙهن تہ هنن کي پنهنجي نمائشي ڊنگ تي هُوند لڄ اچي وڃي، پر هن اسانجي سنڌي ادب جي مخلص ليکڪ کڏهن بہ پنهنجي محنت کي نمائشي رنگ نہ ڏنو آهي. مون جهڙا الاهي اڌ پڙهيل اديب آهن جن بدراڄڻ صاحب معرفت ئي ٽي.ايس. ايليٽ جو نالو

پُڏو هوندو ۽ سندس ئي ڪتاب 'ٽي. ايس ايليٽ فن ۽ فڪر' نان ايليٽ جو حوالو ڪنيون. بدر صاحب جو متيون ڪتاب سنڌي ادب پڙهندڙن لاءِ هڪ غير معمولي ڪتاب آهي. تنقيد کان سواءِ ان ڪتاب جي آخر ۾ ڏنل ايليٽ جي روانو جي ڊائري نما بايوڊيٽا ايڏي اهم آهي جو اسان کي ڪيئي ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ به ليڪ جي باري ۾ ايڏي معلومات نه ملندي جيتري هن هڪ ڪتاب مان! انڪانسواءِ آخري حصي ۾ ڏنل ترجمو نظم پڙهي بدر صاحب جي تخليقي ٻوليءَ جو اندازو بخوبي ڪري سگهجي ٿو.

اڄ جي ڪراچيءَ جا نوجوان ليڪ شايد بدر صاحب کي ڪراچيءَ سنگت جو مهمان سمجهن پر اصل ۾ ائين نه آهي، بدر صاحب ڪراچي شاخ جي انهن اديبن مان آهي جن ڪراچي سنگت کي مانائتي نموني متعارق ڪرايو ۽ باقائده سنگت جي ڳڏجاڻين ۾ ايندا رهيا. نقاد جي حيثيت سان بدر صاحب سنڌيءَ جي جن ڪتابن تي پنهنجا مضمون يا مقالا لکيا آهن انهن جو ٻاڻيٽو تمام گهٽو آهي. اسان سندس لکيل سڀ مضمون پڙهي نه سگهيا آهيون تہ اها اسان جي گهٽ علمي چئجي ! هونئن ب اڄ جي لکندڙن جي پيڙ ۾ باقائده پڙهيل لکيل لکندڙن جو انگ بنهہ گهٽ آهي. اسان وٽ تہ هر جا هل، عالم هجڻ جو پرمُ پالي ٿو جينويڪ هو مروج علم تي ڪائي دَسترس نٿو رکي.. اهڙي ماحول ۾ بدر صاحب جهڙي ليڪ جو اسان وٽ هجڻ ڪنهن معجزي کان گهٽ نه آهي. بدر صاحب نه رڳو اسانکي نڇ سنڌي تنقيد ڏني آهي پر هُن دنيا جي چونڊ ادب مان ترجمو ڪري سنڌيءَ ۾ آندا آهن، ٽي.ايس. ايليٽ جو جڳ مشهور ناٽڪ 'ڪاڪٽيل پارٽي'، ان جو جو مثال آهي جيڪو ويجهو ئي مارڪيٽ ۾ هڪ اهم سنڌي ڪتاب جو واڌارو ڪندو.

بدر صاحب ڪجهہ عرصي کان پنهنجي نالي اڳيان ڊاڪٽر ب

لکڻ شروع ڪيو آهي. اهو ان لاءِ ته بدر صاحب تازو ئي تنقيد تي پي. ايڇ.ڊي. جي ڊگري ورتي آهي. سندس ٿيسز به ڇپائيءَ هيٺ آهي جيڪا يقينن اهم هوندي خاص طور به سنڌي ادب ۾ اهم ان ڪري جو سنڌيءَ ۾ تنقيد جي تمام گهٽي اٽاڪ آهي. جنهن جو پوراءُ، بدر صاحب جي مڙني ليکن کي گڏي ڪتابي صورت ۾ ڇپائڻ سان کنهن حد تائين ڪري سگهجي ٿو. بدر صاحب پنهنجي نالي اڳيان جيڪڏهن ڊاڪٽر نه به لکي ته ڪو خاص فرق نٿو پوي. بدراڇڻ نالو ئي اسان لاءِ گهٽو تمام گهٽو اهم آهي. جنهن ادیب بنا ساهيءَ جي هڪ سَوَ کان وڌيڪ تنقيدي ۽ تحقيقي مضمون سنڌيءَ ۾ ۽ ويهارو کن مضمون انگريزيءَ ۾ لکيا هجن ۽ اهي به تنقيد جهڙي اهم شعبي تي ان شخص جا اسين نوجوان لکندڙ نهايت ئي ٿورائتا هجڻ گهرجون.

سنڌي ادبي سنگت ڪراچي ۽ بدراڇڻ صاحب هڪٻئي کان ڏار نه آهن. جتي بدر صاحب ڪراچي سنگت کي پنهنجو وقت ڏئي ان جو مان وڌايو آهي، اتي سنگت ڪراچيءَ به تمام عزت ۽ احترام سان سندس نالو ڪنيو آهي. ماضيءَ جو رڪارڊ ۽ اها گواهي ڏيندو. اڄ سندس تنقيدي ليکڇر به سنگت لاءِ ڪيس پيار ۽ سندس قابليت جي آڏار تي رکيو ويو آهي. بدر صاحب جو قلم سدائين تنقيد تي هلندو رهندو اهڙي خاطري اٿئون، ۽ اسان وقت بوقت سندس علمي ۽ ادبي لکڻين ۽ ليکچرن سان فيض پرائيندا رهون. مان وري ورجايان ٿو ته نوجوانن جيڪڏهن پنهنجي محسن ليکڪن مان ڪجهه به نه پرايو ته اها سندن بدنصيبي چئجي. مان شعوري طور بدر صاحب جي وڏي آفيسر هجڻ جو ذڪر لنوايان ٿو. ڇو ته اهو سندس فرض ۾ شمار آهي ۽ اُهي فرض هو خوش اصلوبيءَ سان نپائيندو اها اسان جي آس سدائين زنده رهڻي آهي!

پيري ۽ سُسندڙ پاڇو

- شيام ڪمار

بي صدي عيسوي جي من موجي ۽ اندر روپي جي جڳ پرسڌ روماني شاعر راجا پرٿري هري جڏهن جوپن جي ڏاڪي تي قدم رکيو تہ شيطان سان ياري ڪيس 'آتما' سان بغاوت لاءِ پڙڪائيندي رهي. پر جڏهن پيرسني جي پوئي نما ڏرتي تي وک رکيائين تہ ايشور سان ويجهڙڻپ ڪيس ڇوٽڪاري جي لالچ سبب 'جسم' سان يُڌ ڪرڻ لاءِ ڏتاريندي رهي. سندس ذهن ۾ الائجي ڪٿان اهو تڏُ اڇي وينو تہ جسم ۽ آتما جي لئہ ۽ هم آهنگي وسيلي ئي ڇوٽڪارو (Nirvana) ممڪن آهي.

پرٿري هري پنهنجي جواني جي آبشاري ڦوهہ وارن ڏهاڙن ۾ 'پريم' ۽ 'سندر ناري' جي سدا امر جوت جي شان ۽ استتي ۾ هڪ سوَ زوال گيت تخليق ڪيا هئا، ۽ انهن مان شڪنتلا ۽ 'اروشي' جهڙي شعلي نما ناري جو سنڊ سنڊ ۾ من ۾ چلڪندڙ احساس ايئن جرڪندو ۽ چمڪات ڏيندو ۽ منڊيندو رهي ٿو جيئن اڀ تي انڊلٽ ۽ وچ الو هي رنگ پکيڙيندي ۽ چمڪندي پرمائيندي آهي.

سندر ناري جي سونهن ۽ سڱنڌ جو چتر چٽيندي آکي ٿو، ''سندر ناري بدن جي ڇهن جاين تي ڪماني دار ۽ سوييواون لڳندي آهي : پنهنجي نازڪ هٿن جي پنئين حصي تي، ڪنول جهڙن پيرن جي متئين پاڻ تي، اطلسي پيٽ جي گول دائرن جي وچ ۾، هنس جهڙن اُرهن جي پاسي ڪان هيٺ متائين تي، نهرن

بندڻن جي هڪ ڪري بيهڪ ۽ مرڪ نينءَ اکين جي بناوٽ ۽ انهن جي آس پاس سندس جسم سٽن نفيس ۽ نازڪ حصن ۾ ورهايل آهي. هن جي بدن جي لسي ۽ ڪمخوابي چمڙي، سندس لهرائيندڙ واسينگي زلف، سندس مخروطي خوبصورت آڱريون، پيرن ۽ هٿن جي آڱرين جا ڳنڍيندڙ سنڌ. سندس شخصيت اندر ٽي گهريون منڊيندڙ شيون موجود آهن: سندس مڌر آواز، بلند ڪردار ۽ دلڪش تن ۽ پنجن خاص جاين تي لالڻ ڏسجي ٽي. هٿن جي ترين تي، اک جي ڪُنڊ تي، تارونءَ تي، زبان تي ۽ پنڪڙين جهڙن چپڙن تي، پانڊون جي ڏرم پٽني 'دروپدي' جي اپسرائي سونهن ۽ سلوڪ جي به ساڳيءَ طرح واکاڻ ڪئي آهي.

''سندس مُرا ٻاهر نڪتل ڪونہ هئا. سندس پريل سٽر نهرا، مضبوط ۽ هڪ ڪرا هئا. سندس هسني اندر ٽي شيون ۽ خوبيون اٽم هيون. (سندس آواز، ساڃهہ ۽ سندس ڏُنّ) ڇهن رنگن جيان دلڪش ۽ وڻندڙ هيون. (نڪ، اکيون، ڪن، ننهن، اُرهہ ۽ صراحي نما ڳچي کي ڳنڍيندڙ سنڌ) پنجن جاين تي گلابي لالڻ هئس. (هٿن جي ترين تي، پيرن جي ترين تي، اکين جي ڪنڊن تي، زبان جي سطح تي ۽ ننهن تي). هوءَ هنس جيان ڏيمي لهجي ۾ ڳالهائيندي هئي. سندس ابرو نيٽ ڪماني دار گولائي جو ڏک ڏيندا هئا، سندس چپ ڏاڙهون جيان ڳاڙها ۽ سندس ڳچي صراحي جيان ڊگهي. سندس نسون اطلسي چمڙي، اندر پوشيدہ هيون، سندس چهرو چوڏهينءَ جي چنڊ وانگر روشن هو. ڪشميري گهوڙي جيان پر وقار ۽ شاندار هئي.''

ٻن مهان جنگنامن (رامائڻ، مهابارت) ۽ شاعرن جي موهيندڙ رچنائن ۾ به اهو عام رايو چٽائي سان چٽيو ويو آهي، سندر ناري جي مستاني ٽور، هاٿي جهڙي چال سان مشابهت رکندڙ هئي. ان

کان گھٹو گھٹو پوءِ اگني پراڻ ۾ ان بہ حقيقت جو ورجاءُ پسي سگھجي ٿو، ”ءِ پوءِ ڪنول نيني ڪامڻي، هن ڏانهن ڪنول نينن جا ٻاڻ اڇلائيندي وڏندي رهي ۽ سندس ٿور اندر هاڻي جي مستاني چال صاف بکي رهي هئي ۽ سانوري سلوڻي، مخمور نيٽن سان، سانوري سلوڻي سان همڪلام ٿي.“

پراچين يگ ۾ افغانستان جي هڪ وڏي پاڻ کي گندار، يا تڪسلا جي نانءُ سان ياد ڪيو ويندو هو. ان پاڻ ۾اندر رهواسي نارين جي سونهن سڱڌ ساڃهہ ۽ سروپ بي مثال ۽ بي حساب هو. سندس ٿور مستاني، لهجو ۽ آواز مترنم ۽ سنگيتي، بيهڪ ’زينو بيائي‘، لهرائيندڙ ڊگها وار رات جي سياهي مائل واسينگي. ارهہ هاڻي جي لوندڙين جيان نهرا ۽ ڦولاريل. مخملين پيٽ جا ٽيئي دائرا سمنڊ جي اڇانگ لهرن جيان وکوڙيندڙ. رنگت گل لالا وانگر سرخ ۽ سياهُ ۾ بي ساختگي، بي باکي ۽ متاع مستي جي فطري پالوٽ هئي. هڪ ڏٺا جوڀن ۾ سرشار ان حسين سر زمين تان پرڻري هري جي ڪلپنائي پرن تي اُڏامندي هڪ ’چترِي گيت‘ (تصويري نظم) هُما جيان سندس وجود ۾ جڙ سمائجي ويو هو:

”گذريل رات منهنجون اڻ ڀڻت چميون ڪارن زلفن جي نرم پشم ۾ پيهنديون ويون. ۽ ڪارن زلفن جي نرم پشم کي ماکي جي مکين جيان لٽيندیون واس وڻنديون رهيون.“

*

گذريل رات منهنجا اڇل هٿ ڪارن زلفن جي اسرار کي ڦولهيندا رهيا ۽ منهنجون اڇل چميون ماکي جي مکين جيان ’هنداڻن‘ جي مناس جو سواد وڻنديون رهيون ۽ منهنجي محبوبہ جي ڀڄي متان سنهي ٻُڄ ۽ ڪارن زلفن جي فصل جي سڱڌ جو واس وڻنديون رهيون ۽ منهنجا ڏند سندس سونهري ڪنن ۽ پاپڙين

سان اک بوت کيڏندا رهيا.''

جوپن جي البيلي رُت ۾ پرٿري هري سندر ناري ۽ سوم رس جي مرڪبي سنگ ۽ سات سان سموري سنسار ۾ جڙ پريم رس جو ساڻ ۽ سواد پکيڙي ڇڏبو. خاص طور ان سمئي ''رگ وید'' جا به ديوتائون سندس 'اشت ديوتا' هٿا: اندر ۽ سوم ديوتا. اڪثر رگ وید مان 'سوم رس' جون پرارٿنائون سندس واڌي جو لازمي حصو بڻجنديون هيون،

''ڏسو، مان پرارٿنائن جو رچيندڙ آهيان. منهنجو پيءُ هڪ وڏ آهي ۽ منهنجي ماءُ جند تي اَڻُ پيهندي آهي. اسين سڀ پنهنجي پنهنجي الڳ ڪرت ۾ رُڌل آهيون. جيئن 'پوتر ڳئون' چراگاهن اندر هر پاسي ڪاچ جي ڳولها ڪندي رهي ٿي، تيئن اسين سڀ پنهنجي پنهنجي ڪرت جي باوجود، اي سوم ديوتا، تنهنجي آراڌنا ڪندا رهون ٿا- اُن لڪشمي (دولت) جي دين لاءِ جيڪا تون 'اِندر' ديوتا لاءِ وهائيندو رهين ٿو.''

يا پي ''رگ وید ڪتڪتائي پيدا ڪندڙ پرارٿنا واچيندي آکي ٿو :

''اي سوم ديو، توکي پيتو وڃي ٿو. تون اندر ديوتا ڏانهن جهرڪي جيان وهندو رهين ٿو. ۽ سيني ڏسائن ۾ خوشي آنند جي لهر پکيڙي امر ڪاچ ڏيندو رهين ٿو. ست سهاڳڻيون توکي آڏرين ذريعي ولوڙيندڙ ۽ يڪ آواز ٿي تنهنجي مهما جا گيت ۽ ونجاريندڙ رهن ٿيون. تون يڄمان کي سدائين ٻليدان جي ياد ۾ ڏيارينڊو رهين ٿو. توهين ان اندر وڻندڙ، سريلي آلاپ سان پاڻي ملايو ٿا ۽ توهان جون آڏريون ڪپڙي جي چاڻي اندر پنهنجي ولوڙ جاري رکن ٿيون ۽ ان جي نتيجي ۾ 'تون' اجرو بڻجي جنم وٺڻ جي درجي تان هلندو رهين ٿو. ان بعد تنهنجو

ڦوڳ ٻاهر اڇلايو وڃي ٿو. ۽ ڪپڙي جي ان ڇاڻي مان وڻندڙ آواز اڇڻ لڳي ٿو. آخر ۾ اهو 'ڇاڻو' هڪ ٽانو مٿان رکيو وڃي ٿو. ۽ سڀاڳڻين جون اهي آڱريون اڇا سوڌو، اي سوم ديو، توکي ولوڙڻ جي عمل ۾ رڌل آهن. ۽ نتيجي طور ٽانو اندر 'پوتر پاڻيان' چشمي جي ڌارا جيان ڪرندو رهي ٿو. اي سوم ديوتا، ان بعد تنهنجو سنگم ڪير سان ڪرايو وڃي ٿو. ۽ پوءِ اهو پوتر پاڻي توهان ڏانهن سريلي مڌر آواز ۾ وڌندو رهي ٿو.''

ان موج مستي ۾ غلطان جيون دواران اچانڪ محسوس ڪيائين تہ سندس جوبن پاڻي جيان موت ڪائيندو نظر آيس، ايئن پانڪيائين جڏ سموند اندر ويڑ لهندي هجي ۽ سندس من مان اٽندڙ جهيڙي رڙ جو اسپ پڙلاءُ ڪنين پيو هجيس.

''سندر مُک جيڪو چنڊ کي بہ شرمائي، حسين نيڻ جيڪي ڪنول کي شرمائين. بدن جي رنگت جيڪا سون کي بہ لڄائي، گهاٽا گهنڊيدار وار جيڪي ماکي جي ڪارين مکين کي بہ شهہ ڏين، پريل رسدار اُرهہ جيڪي هاٿي جي لوندڙين تي ٻن گنبڊن کان گوءَ ڪٽندي ڏيکارجن. گول نهرا رسدار ٻنڊڙ، سريلو منو آواز اهي جوبن ۾ مست ناري جا فطري زيور آهن.''

پريمي۽ لاءِ ان کان وڌيڪ سندر کهڙو ڏيڪ ٿيندو؟ جڏهن سندس مرگهہ نيني پريميڪا کيس مرڪندي پريم رس ٻڏل نيٽن سان تڪندي هجي؟ سندس لاءِ ان کان وڌيڪ کهڙو موهيندڙ راس هوندو جڏهن هنجي وات مان ساهہ جي رچيل سڱنڌ کيس مستي ۾ مگن ڪندي هجي؟ سندس سريلي آواز کان وڌ کهڙو آواز هوندو؟ سندس چپن جي امرت رس چوسڻ کان وڌ کهڙو ڪاج هوندو؟ سندس نفيس ۽ نازڪ ۽ لمسي جسم جي ڇهاءُ کان وڌيڪ کهڙو ڇهاءُ ٿي سگهي ٿو؟ ۽ ڇا پريمي سندس سڊول جسم ۽ پروڀار

بيهڪ ڪان وڌيڪ ڪنهن ٻيءَ شيءَ بابت سوچي سگهي ٿو؟

مردانگي جي گهٽتائي صرف مرد ذات جي پاڻ ۾ لکيل آهي. خاص طور جڏهن هو پيرسن ٿي ڪري موج مستي ڪان وانجهجي ويندو آهي. پر ناري ان موڏي مرض ۾ مبتلا ڪونہ ٿي رهي، حالانڪ هن مٿان بہ پير سئي ۽ سستائي جو دور ايندو آهي. پر ان حالت ۾ بہ هوءَ موج مستي لاءِ تيار هوندي آهي.

مرد ۽ ناري جي اصلي ۽ حقيقي، 'ميلاپ' جو مطلب، ٻن دلين جو سنگم هوندو آهي. پر جڏهن اهو مقصد اڌورو رهجيو وڃي تہ ايئن لڳندو آهي جڻ بہ بيجان جسم ملندا هجن.

''جوبن ۾ مست ناري ندي جيان هوندي آهي. سندس جسم جا ور وڪڙ ان جي لهرن سان مشابهت هوندا آهن. سندس رسدار اُرهہ ان جي سطح تي ترندڙ بدڪن جيان هوندا آهن ۽ سندس چهري جا رنگ جل پرين وانگر. پر، ندي ءَ جو تر گهرو ۽ خطرناڪ ٿئي ٿو. ان جي انگڻ ونگڻ وهڪ جو اندازو لڳائڻ سهنجو عمل ڪونهي، ۽ ڪنهن مهل بہ ڏڪي سمنڊ جي حوالي ڪري سگهي ٿو. ان ڪري مردن کي ان ڪان پاسو ڪرڻ جڳائي مبادا غرق نہ ٿي وڃن.''

اهڙي ريت پرٿري هري پيرسني ۽ نستائي جي لاڳيتي ڪاري پاڇي هيٺ مسلسل گولائيون ڪائيندو، گرتمي 'علم' کي بي ڪٿتي ڊر مان اکيون ڦاڙي تکيندو ۽ 'نرواڻ' اُپاءُ سوچيندو رهيو. ان سوچ دوران چين ديس مان هڪ ٻيو 'پوپٽ' سندس ڪلپنائي اُڏام مهل پرارٿنا دوران سندس ڪليل تريءَ تي اچي براجمان ٿيو.

'نرواڻ' هميشگي جي حالت ۾ 'ٻوڏي سياءُ' جو اٽل انگ آهي. پر دنيوي 'مهاڇار' ناپائيداري جي حالت ۾ 'ٻوڏي فطرت' آهي.

'نرواڻ' پاڻي جي اتم وهڪ آهي. ۽ دنيوي مهاڇار ان جي سطح تي پيدا ٿيندڙ چوليون آهن. ان ناپائيداري مان 'آڇڪائي' کي نرواڻ يا چوٽڪارو ڪرڻيو وڃي ٿو.

نرواڻ آنند جو اهو روپ آهي جنهن کي سچائي ۽ حسن چئبو آهي. ان اندر کا بدي سمايل ڪونہ ٿئي ٿي. هر شيءَ اڻ بدلجندڙ هميشگي، شانتي ۽ سمايل خوشي، امر پوترتا ۽ مڪمل آزادي اندر ساهہ ڪٽندي پسي سگهجي ٿي.

ان ڏر واري حالت ۾ پرٽري هري محسوس ڪيو، 'ڪارو پاڇو' وڏيڪ گهرو ۽ گهاٽو ٿيندو پئي ويو ۽ 'عدم' اوڏو ۽ 'نرواڻ' ڏور ٿيندي نظر آيس. ان مهل 'گيتا ۽ ڪرشن' الائجي ڪاٿون پرگهٽ ٿي سامهون اچي بيٺس. پر هي ڇا؟ نہ ڪرشن جي هٿ ۾ بانسري هئي، ۽ نہ ئي ساڄس سنگ راڌا!

''منهنجو ايئن اجهو وٽ جيئن موتي داڻي سڳي ۾ پوئجي ويندا آهن،

مان پاڻين جو تازو سواد آهيان. مان چند جي چانڊوڪي آهيان.

سڄ جا سونا ڪرڻا، ويدن جي اُپاسنا، پولار ۾ ٿيندڙ اسرار آهن.

۽ منش جي 'هڇ' جي شڪتي بہ مان ئي آهيان.

ڌرتي جي پلاري پيني سگنڌ بہ آهيان. اگن جو لال شعلو بہ مان ئي آهيان. ۽ سيني حرڪت ۾ ايندڙ هستين جي امر آتما بہ مان آهيان. خالي آتمائن اندر، موجود 'پوترتا' بہ مان آهيان ۽ مان اها 'امر پاڙ' آهيان جتان هر موجودات اُسري آهي.

ڏاهن جي 'ڏاهپ'، گيانين جو 'گيان'، مهان انسانن جي مهاتما، پر وقار هستين جو وقار.....

جيڪو بصيرت سان پسي ٿو، ويدن ۽ پوتر گرنٿن وارو

پرميشور'، پوتر ڀگون، هاڻي، رولو، ڪتو،
اهو شردر جيڪو ڪتي جو گوشت واپرائي ٿو. اهي سڀ هڪ ئي وحدت ۾ پوتل آهن.''

ڪاري پاڇي جي ڏيڇاريندڙ گيرائي ۽ گهرائي ۾ نپڻي وقت جي 'تيز رفتاري' لاڳيتو اضافو ڪندي رهي ٿي. 'چنتا' وقت بيوقت ڊاڪٽ جيان ڊنڊ ڪرٽيندي آڏو اچي بيهندي هئس. اهڙي ئي سمي رشي ويدوياس الائي ڪٿان پرگهٽ ٿي 'مهاپارت' جو وسازيل ورق سندس آڏو اچي رکيو.

''سوچ، شبد ۽ عمل تي ٽيڪي پابندي، خاموشي اختيار ڪرڻ، جتائون ڊارڻ، مٽو ڪرڙائڻ، ڪل يا وڻ جي ڇال کي پوشاڪ طور استعمال ڪرڻ، روزا يا ورت رکڻ، ڏرمي رسمن جي پوئواري ڪرڻ، ٻليدارن يا قرباني جي آڳ جلائڻ، تياڳي جيان جيون گهارڻ، تن کي تسيا ڏيڻ اهي سيئي تدبيرون بيسود آهن. جيستائين باطن ۾ سمايل آتما کي بي داغ نٿو رکي سگهجي.''

پوڙهائپ جي ٻات ڪاري پاڇي اندر وکوڙجندڙ وجود ۾ رڙي هري جي من تخليقي اُپج تي جڙ 'ڪل جا سڀ سمر' واري غار ٻاهران رکيل پاري ڇپ وجهي ڇڏي هئي. 'پريم' جا سرچشما ڪنوار، ڪنيا ۽ ڪنواري جي سات ۽ سنگ ۾ ئي ڦٽندا آهن. هينئر اهي سندس 'مادي وجودي' رسائي جي ڪلپنا کان ٻه ايڏو ڏور هليون ويون هيون جيڏو 'گهڻ خدائي' ۾ وشواس رکندڙ کان 'يڪ وجودي' خدا گهٽو گهٽو پري ۽ گرفت کان ٻاهر هوندو آهي. هينئر ڪيس 'گيان گوشتي' جو سَلو برقرار رکڻ لاءِ اپنيشدن، جي ويساکي جي سهائتا وٺندي ٻه ڏنو ويو. هن جي اندر ترنگ تڪ ۽ تيزي بجاءِ موت جهڙي مانائي، مونجهارو ۽ مردني ڇائنجي ويئي. جيتوڻيڪ 'چندو گيا اُپنيشد جو هينيون قول ڇاهه ۽ چوچ

سان آلاپيندو ۽ ڏيائيندو رهندو هو،

'تخليق ۽ ترقي جو هڪ ٻئي سان اٽوٽ سنبنڌ آهي، تخليق کان سواءِ ترقي جو تصور عبث آهي ۽ تخليق جي فطرت بہ اها ئي آهي. جنهن هنڌ آنند هوندو اُتي، تخليق عمل بہ يقيني طور جاري رهندو ۽ آنند کانسواءِ تخليق ناممڪن آهي. ۽ اهائي آنند جي فطرت بہ آهي. جتي 'ابد' آهي آنند جو واسو بہ اتي ئي هوندو آهي. 'غير ابدي' اندر آنند جو واسو ناممڪن آهي.''

پر ''ڪاري پاڇي'' ڪارڻ ڪائنس تخليق، ترقي ۽ آنند جڏ هميشہ لاءِ رسي ويا. ۽ 'گهڻ خدائي' ۽ 'يڪ وجرديت' جي ڏبڻ ۾ قاسجندي 'ابد' جو سرر بہ هٿن مان ڇڏائجي ويو هئس.

هڪ پيري 'ميتري اپنيشد' هي هيٺ ڄاڻايل نڪتي ڪي هٿن ۾ جهلي 'ڏُبڻ' کان ٻاهر نڪرڻ جو جتن بہ ڪيو هئائين،

''برهم جو شبد (Word) اوم آهي، ۽ اوم جي چيڙي تي 'مات' جو راڄ آهي--- 'آنند' جي مات.''

ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ تن من جي ايڪاگرتا سان مات ۾ برهم (Divine) کي ڏيائڻ، اُپاسنا ڪرڻ ضروري ڄاڻو وڃي ٿو.''

پر ڪاري وارا ڪڪ بہ نصيب کونہ ٿيس. جيتوڻيڪ پاڻ کي اوم جي ٻڌايل آسڻ مطابق ذهني ۽ جسماني، طور ٻڌائڻ ۾ ڪتي بہ ڪين ڳڻو. يعني،

''اوم' (Absolute) ڪمان جيان آهي.

۽ انساني آتما ان جو تير آهي.

'برهم' ان تير جو نشانو آهي.

۽ هر جگياسو (آرزو مند) هن هدف ڏانهن نشانو چٽيندو رهي ٿو.''

پر هن 'ڪاري پاڇي' جو نشانو خطا ئي ٿيندو رهيو. ساڳئي ئي اپنشد ۾ پڙهيو هئائينس

''- آواگون'' جو جنم داتا شعور يا ٻڌي آهي. انسان کي جڳائي ته پنهنجي ٻڌي تان سموري مَرُ ۽ گندگي صاف ڪري ان کي اجرو بڻائي، ڇو جو ماڻهو جيڪو ڪجهه سوچيندو آهي اهو ئي بڻجيو ويندو آهي. اها ازل جي عجب پرولي آهي.''

پر پرٽري هري پنهنجي ٻڌي کي اُجرو رکڻ ۾ سڀل کين ٿي سگهيو. ڇو جو جوپن ۾ رتل من موجي ڏاڙڻ جا سندر ۽ من موهن پاڇاوان بار بار پڏرو ٿي سندس تن من ۽ ٻڌي کي ڏولائمان ڪندا رهندا هئا.

. پنهنجي گهٽجندڙ تاريڪ پاڇي نما وجودي سفر دوران ڪيس، 'ڪينا اپنيشد' جي ٻولن ۾ ٻه پناهه ونڊي پئي هئي :

''بنيادي، 'نج ۽ آفاقي سچائي' صرف ان پانڊيئڙي ۽ سالڪ جي ڪلپنا ۾ اوچتو پيهي ايندي آهي جيڪو ان کي 'ڪلپنائي جتن' کان سواءِ محسوس ڪندو آهي. اهي جڳياسو ان جي ڇهاءُ کان ٻه محروم هوندا آهن جيڪي صرف ڪلپنا وسيلي ان کي حاصل ڪرڻ جو جتن ڪندا رهن ٿا يا 'حق ۽ سچ' فڪري سوچ کان بلند ٿي حاصل ڪري سگهجي ٿو. جيڪي ڏاها پرش ايئن سمجهن ٿا ته 'ان' کي فڪر سوچ گيان ۽ ڌيان ذريعي حاصل ڪري سگهجي ٿو ته اهي ڪڏهن ٻه ان ڪوشش ۾ ڪامياب ڪونه ٿيندا.''

پر، سندس ڪلپنا ۽ گيان اندر اڳ ۾ ئي 'سسندڙ پاڇاوَن' جو ديرو جميل هو ان ڪري 'بنيادي سچائي' ۽ 'حق ۽ سچ' جي پاڻ پيدا ٿيڻ جي ڪا گنجائش ڪين هئي. ۽ هتي ٻه ڪيس مايوسي ئي پلئه پئي.

ان سندڙ 'سياهه پاڇي' اندر به ويچار شڪتي، ڪڏهن ڪڏهن ڇلڪندي پسبي هئي. هڪ پيري پنهنجي وڏندڙ 'پوڳٽا' ۽ 'سروم دکم دکم' تي ويچاريندي سوچيو هئائين.

''اپنيشدي فڪر مطابق 'پوڳٽا' جو ڪارڻ 'اگيان' اندر پوشيده هو. پر گوتمي فلسفي موجب 'دک' جو سبب واسنا (خواهش) جي ڪڪ ۾ سمايل هو. ڪيس مهاتما ٻڌ 'آدرشي سوچ' جي پيٽ ۾ عمل ٿي زور ڏيندو نظر آيو هئس. پر اُپنيشدي سڪيا مطابق پنهنجي 'آتما' سان سڇاڻپ ۽ ان سان ويجهڙائپ پوڳٽا يا دک جي اثر کي ختم ڪرڻ يا گهٽ ڪرڻ ۾ يڪ ٽڪ اپاءُ ليکيو ويو هو.''

انهن گهرن ڪُنن ۾ ٻڌندو، ترندو اڀتي وڏندو رهيو. بنا ڪنهن ٽانئينڪي هنڌ جي.

اهڙيءَ ريت راجا پرٿري هري جو لاڳيتو الوپ ٿيندڙ ۽ تاريڪ تر ٿيندڙ پاڇو ڪڏهن ويدن ۾ ٿبي هڻي اُپنشيندن کان نڪرندو هو ته ڪڏهن جنگ نامن (رامائڻ ۽ مهاپارت) ۾ غوطا کائيندو هندو فڪري اسکولن مان مشين جي ٽلاش ڪندي گوتمي فلسفي جي موتين جو درشن ڪري 'پراڻن' کي واچيندو رهيو. هڪ پيري 'سام ويد' جي ان نڪتي کي هنڌائيندي چيائين،

''انسان جي آتما سمورو ئي برهمانڊ خود آهي.
۽ جڏهن هو سُتل حالت ۾ هوندو آهي ته هو،
پنهنجي باطن جي بي انت اونهاين اندر هليو ويندو آهي
۽ پرم آتما' سان به سندس ميلاپ ٿيندو آهي.''

ساڳي ريت 'چندوگيا اپنيشد' مطابق به ان حقيقت جو ورجاءُ هن ريت ڪيو ويو،

''برهم جو نانءُ ستيم آهي، جيڪو به پرش ان سان سڇاڻپ

حاصل ڪري ٿو اهو جڏ روزانو سرڳ جو مزو ماڻيندو رهي ٿو.

پر اُنهن ڏاهپ پريل نڪتن سان بہ سندس ڪا پياس ڪونہ لٿي. اُهو پرجهي هن سوچيو هو، ''جيڪڏهن واقعي اها غير تڪراري حقيقت هجي ها تہ پوءِ انسان جي پياس ۽ تاس ۾ روز وڌندڙ اضافو ڪڏهن ڪين ٿئي ها.''

اُنهن نڪتن مان ڪيس انسان جي تلاش جي ازلي جُستجو ۽ جدوجهد تي پابندي لڳائڻ جو 'اشارو' نظر آيو جنهن ڪيس ۽ سندس وشواس کي جڏ جهٽڪو ڏئي ڏوڏي ڇڏيو. ۽ سندس 'سوس' ۽ پاڇي واري 'ڪاراڻ' ۾ بہ اضافو آندو.

درياهه پنڌي شاعر - علي
دوست عاجز

- سردار شاهه

هاڻي مون کي ياد نڏو پوي تہ، منهنجي ساڻس پهرين ملاقات ڪڏهن ۽ ڪٿي ٿي هئي، پر ايترو ضرور ياد آهي تہ مون سان ڪيس ملائڻ وارو اسان جي ساهتي سنگت وارو دوست، اسحاق سميجو ۽ جاويد شاهه آهي.

ٿريو هجڻ ڪري، منهنجي طبيعت ۾ ڪجهه راجپوت نڪرن وارو رنگ ضرور آهي. ماڻهوءَ سان ملبو تہ اڪ ۾ ڪک رکي، سَنوڻ ضرور ڏسبا، وڪ ۽ ڏَڪ ڏسبي. هروپرو ڪنهن جو تاثر (Impression) پهرين نگاهه ۾ ڪونہ ونبو!

سنڌ جي ادبي دنيا ۾ نہ جاڻ ڪيترن اديبن، شاعرن سان ملاقاتون ٿيون، ڪيترن جي ڏاهپ جون پل پلايون ڏٺيوسين. تہ ڪن جون پورايون ۽ پال بہ ڏٺاسين. ڪن جون ادبي نيڪيداريون ۽ چالاڪيون ڏٺيونسين، تہ ڪن جون رولاڪيون، بي پرواهيون ۽ بي نيازيون بہ نيٽن کي نصيب ٿيون. الاهي سارا دنياداريءَ وارا دوست تہ ٿيا، پر دل جي تاريءَ تان انهن جون لاتيون ٻُڌڻ ۾ ڪونہ آيون. کي ماڻهين قلمي تعلق جي سنهي تندُ ٽوڙي ذاتي قرب جي ڪڙيءَ ۾ ڪڙجي ويا ۽ اڄ سوڌو انهن جو ملڻ، زندگيءَ جي تتل رڻ مٿان ملهار وانگر محسوس ٿيندو آهي.

اکين ۾ ڪاڇي جي اڇ، چپن تي مُرڪ جي سانوڻي، سَياوَ ۾ سنڌ جي لوڪ روايت جهڙي سادگي. مهل ۾ روايتي رَچ مڙسي ۽

دل تہ گاج نئن جي وهڪ. سفيد وارن ۾ سفيد ڪپڑن ۾، ڪيهہ جي پَهي جهڙو هي همراهہ، مون کي سدائين زخمن تي مرهم وانگر محسوس ٿيندو آهي. ڀالهائيندو ائين جڙ، پنهنجي محبوبا سان پيار جو پهريون اظهار ڪري رهيو هجي. دماغ جي دهليءَ مان لفظن جا موتي ائين ڳولهي ڪيندو جڙ کا ڀالهہ نہ هجي، پر ڪو هارُ هجي، جيڪو هن کي پنهنجي محبوبا کي ڳچيءَ ۾ پارائڻو هجي. سليز ٽيڪس جي آڳاڙي ڪندي ڪندي، شايد اِهو ڪيس احساس ٿيو آهي تہ، رڳو بازاري وکر تي ئي نہ، پر لفظن تي بہ ٽيڪس هڻڻ گهرجي، تہ جيئن انهن جو ناجائز ۽ فضول استعمال گهٽ ٿئي ۽ انهن جي معنويت برقرار رهي.

سچ پچو تہ مون جهڙي لفاظ ماڻهوءَ کي ساڻس ڀالهائيندي، ڪڏهن ڪڏهن هيڪ محسوس ٿيندي آهي تہ، واقعي بہ، جي لفظن تي ٽيڪس وڻڻ شروع ڪيائين تہ، پاڻ تہ بلڪل ڪُٽل ڪاتي وارا ڊفالٽر ثابت ٿي پونداسين.

علي ۽ سان سندس ڀُڄهي دوستيءَ جو دم هڻي نٽو سگهان، پر اها دعويٰ ضرور ڪري سگهان ٿو تہ، هو دوستن جو دوست آهي.

هو دوستيءَ جي دعويٰ ڏُهل تي ڏوکو هڻي نٽو ڪري، پر سندس خلوص ورهين جي وٽيءَ مان بہ ڪنهن خوشبوءَ جي جهونڪي وانگر محسوس پيو ٿيندو آهي. عشق جي ڪرنفل مان قطرا قطرا ٽي، هن ''عجز'' پاتو آهي، تڏهن ئي تہ هو ''عاجز'' سڏائي ٿو. نہ تہ جيڪي توهان کي تخلص ۾ ''تُرم خان'' ملندا، سي پنهنجي ڪلام ۾ ڪلرانا ڪانڊيرا پيا ظاهر ٿيندا آهن. هن شايد پنهنجو تخلص ڪلام کان وڌيڪ ڪردار لاءِ چونڊيو آهي.

ڪجهہ سال اڳ، جڏهن مهربان دوست زاهد پيبي وٽ ملاقاتن جا ميلا مچڻ لڳا هئا، تڏهن اُتي شاعرن جي هوندي شاعري نہ

ٿئي، سو ممڪن ئي نہ هو. علي دوست عاجز ۽ اسحاق سميجي جهڙن پهرئين جوڙ جي پهلوانن جي موجودگيءَ ۾ مون جهڙو شاعر بہ سندرو ٻڌي ڪلهي پوندو هو. انهن ئي ڪچهرين ۾ صحيح معنيٰ ۾ منهنجي علي دوست عاجز سان هڪ شاعر طور ملاقات ٿي، نہ تہ فريدآباد واري علي دوست ڳائڻپي سان مختلف وقتن تي ملاقاتون تہ پيون ٿيندیون هيون، پر هوُ منهنجي لاءِ اهو علي دوست عاجز نہ هو، جيڪو هو اڄ آهي. اهو اڃوڪو تعارف، جيڪو انهن ڪچهرين ۾ ان لمحي ٿيو، جڏهن هن هڪ ڏينهن پنهنجو هڪ غزل ٻڌايو، جنهن جا بند هئا تہ:

آءٌ ڦٽڪان پلي، اُڏي نہ سگهان،
ايتري ڊِرَ ڏئي ويو ڪوئي!
ڇا ٿو پوڪي اهو پتو ناهي،
هِنيانوَ تي هَر ڏئي ويو ڪوئي!

اڄ جڏهن درياهہ بابت سندس نئين شاعري منهنجي هٿن ۾ آهي ۽ سندس ان کان اڳ واري شاعريءَ جو بہ ڇڪو حصو پڙهي چڪو آهيان ۽ ان راءِ تي پهتو آهيان تہ، جڏهن پيار ۽ پورهيو ڳ ڏجي، ڪنهن تخليقڪار جي اِميج جي تِراش ڪندا آهن، تہ اِهو اِميج علي دوست عاجز جي صورت ۾ سامهون ايندو آهي!

هن وقت منهنجي هٿن جي رحل ۾ جيڪا شاعري آهي، سا شاعري آهي، الاءِ جي هن جي دل آهي! دل آهي، الاءِ ڪو درد آهي! ڪو درد آهي، الاءِ ڪو درد جو درياهہ آهي! درياهہ بہ هڪ اهڙو پورالو، جيڪو مست ۽ الست آهي. بلڪل پنهنجي سنڌوءَ جهڙو، جيڪو ڪڏهن بہ سُڪڻو ناهي! جيڪو نانگا پربت جي نيڀن مان ڪنهن نپت نينهن جي نير جيان ڦات ڪائي نڪري ٿو ۽ سنوَن پٽن تان تيز گهوڙي جيان ٽاپون ڏيندو، وڃيو سنڌي/هندي

مهاساگر سان ملي ٿو- ته ڪڏهن وري واريءَ جي وڏي واهڙ طور وهندو رهي ٿو، سُڪي نه ٿو، بيهي نه ٿو.

پر آڻون پنهنجي پنهي هٿن جي رحل تي روان دوان هن ديواني درياهه کي ڏسان پيو، جنهن جي پنهي ڪنڌين جي هر پٽڻ تي علي دوست عاجز ڪنهن پوڙهي پاٽڻيءَ جيئن بينو آهي! هڪ اهڙو پاٽڻي جيڪو پوڄاري به آهي- جل پوڄاري، جنهن جو پيار ۽ پساهه پاڻي آهي. جيڪو لُڙاٽيل پاڻيءَ جي ڪڙڪا ڪندڙ ڪُنن ۾ سهڻيءَ وانگي لهي پُن پائي ٿو. جو ته درياهه پنڌي ۽ سنڌوءَ ونشي آهي.

هن جو سورج به سنڌو آهي ته اِندر (چندر) به آهي.

هن راجپوتن وانگر سج ۽ چند جي ڪُک مان نه، پر سنڌوءَ جي سيرُن مان جنم ورتو آهي. جو ته هن کي پتو آهي ته، اهو هن جي جنمن جو جوڳ آهي. هن جو سنڌوءَ سان صدين جو سنجوڳ آهي. هن کي پتو آهي ته، ڌرتيءَ جي گولي تي جنم ونندڙ تهذيبن جا جنم داتا درياهه آهن. تڏهن ته چوي ٿو:

پاڻي پاڻ اللهه آ، پاڻي سپ جو ساهه،
ڌرتيءَ منجهه درياهه، دل وانگي ڌڙڪي پيو!
تون خواجه تون خضر آن، تون ڪوثر، تسنيم،
تهذيبون تعظيم، تو کي دل سان پيون ڏين!
آبادي‌ءَ اهڃاڻ اديون آهي آب سان!

سميري، بابلي، ميسو پوٽيميائي ۽ موهن جي دڙي واريون قديم تهذيبون نيل، دجلہ، فرات ۽ سنڌوءَ جي دم سان وجود ۾ آيون.

انهن جا خالق هي درياهه ئي هئا، انهن ۾ به موهن دڙي

واري سنڌو تهذيب سيني جي سرواڻ هئي، جيڪا دراوڙي تهذيب هئي، جنهن جهنگن ۾ پٽڪندڙ ننگي دنيا جي لڳن تي لٽو رکيو.

مصري فرعونن جي بتن تي جيڪا سنهڙي ململ پاتل هوندي هئي، سا موهن جي دڙي جي آڏاڻن تي اُڀي هئي، جيڪا اڄ به توهان لاس اينجلز جي ممي ميوزيم ۾ انهن فرعونن جي ممين کي پاتل ڏسي سگهو ٿا. دراوڙ سناتن ڌرم جا هئا، جيڪي بنيادي طور تي فطرت جا پوڄاري هئا. وڻ، ٻُوٽن، سج، چند ۽ درياهه جي پوڄا ئي سندن ڌرم هو. چانڊوڪيءَ جي جوان راتين ۾ سؤم رس پي سنڌوءَ جي ڪنارن تي ناچ ڪندا هئا، ڏيئا موهيندا هئا، اکا وجهندا هئا. لڳي ٿو ته دراوڙن کان اڳ ڪول، سنتال ۽ مید به جل پوڄاري هئا ۽ انهن جو پالٽهار به پاڻي هو.

هن کي پنو آهي ته، جڏهن آريا آيا، ته انهن به انهيءَ سنڌوءَ جي ڪنارن تي وید لکيا. جن مان پهريون رگ وید هو. جنهن ۾ سنڌو ماتا به آهي ته ديوتا به آهي. رگ وید ۾ سنڌو ماتا جي شان ۾ عاليشان گيت لکيا پيا آهن. رگ وید ئي هندو ڌرم جو بنياد آهي. سموري رگ وید ۾ ڪٿي به ''هندو'' لفظ نه آهي، سنڌو آهي. پوءِ جڏهن يوناني آيا ته انهن سنڌوءَ کي ''اِنڈو'' ڪيو ۽ پوءِ انڊس چيائون.

جتان پوءِ وري ڦري هندو لفظ آيو، جيڪو دراصل ''سنڌو'' آهي.

انڪري چئي سگهجي ٿو ته، اهو ڌرم هندو نه پر سنڌو ڌرم آهي. هندوستان نه پر سنڌستان آهي، ڇو ته هندستان جو خالق سنڌو درياهه آهي، نه ڪي گنگا، جمنا يا برهمپترا. ندي‌ءَ کي يا ڌرتي‌ءَ کي ماءُ چوڻ جو پهريون تصور به رگ وید ڏنو. جيڪو سنڌوءَ کي ماتا چوڻ سان شروع ٿيو، جيڪو پوءِ وڃي گنگا کي ماتا يا ''ميا'' چوڻ تائين پهتو. رگ وید ۾ ڪٿي به گنگا يا جمنا جو ذڪر ناهي. پارت کي ماتا چيو وڃي ٿو يا وندي ماترم، جيئن

تراني ۾ اڻن تہ، ''اي ماءُ! توکي سلام.'' اهو تصور بہ سنڌوءَ کي ماتا چوڻ کان پوءِ شروع ٿيو.

واديءَ سنڌ ۾ جل پوڄا قديم زمانن کان وٺي هلندي پئي اچي. سنڌ جا هندو اُڊيري لال کي ''درياہ پير'' ۽ خواجہ خضر کي ''زنده پير'' ڪري ڪوٺيندا آهن. پئي درياهہ جا اوتار آهن. چيٽي چنڊ جي ميلي تي نہ فقط سنڌي هندو پر مسلمان بہ جل ديوتا (ورڻ ديوتا) جي آسڻ تي پيرن ۾ ڇيرون وجهي، پنجڙا ٻاڌين.

سنڌ جا مهاڻا، ملاح، ميربحر، ماڇي گندرا، ونگرا، ٻيڙياتا ۽ ناکٹا بہ مذهبي مت پيد کان مٿانهان ٿي، ڇانورن جون منيون ديڳيون لاهين ۽ سُکائون پاکائون ڪن!

لطيف سائين جو سر سامونڊي بہ جل پوڄارين ۽ پوڄارڻين جي پڇارن سان ڀريو پيو آهي. شاهہ سائين انهن وڻجارين کي سندن سکائون پوريون ڪندي، اکا وجهندي ڏيئا موهيندي، ڪٹوري ۽ سرڪنڊ جي خوشبوئن سان واهڙ کي واسيندي ڏيکاريو آهي. هو تہ وڻجارن لاءِ ڪنڌين تي واجهائيندڙ وهن کي جل پوڄا جي يادگ ٻيري ڏياري ٿو ۽ چوي ٿو:

جا، جَر جاڻون نہ ڏئي، ڏيئا نہ موهي،
سَڏون ڪوهہ ڪري، سا پنهنجي ڪانڌ جون! (شاهہ)

جڏهن اُتر اوتون ڏيڻ لڳندو هو) تہ سنڌ جا وڻجارا سِڙهہ سنوان ڪري، ڪاري ڪيڙڻ لاءِ سانباها ڪندا هئا ۽ جڏهن واهوندا ورندا هئا تہ واهيرن ۽ وڻاڻن ڏي واپس ورندا هئا:

اُتر لڳي اوهريا، واهوندي ورن!

ڪجهہ سال اڳ کي ٿي اين. پاران درياهہ ڏينهن (Day River) ملهايو ويو. اهو ڇا هو؟ جل پوڄا ۽ جل پوڄارين جو ميلو ئي تہ هو. سنڌوءَ جي سُڪل سينڌ ۾ سيرون ڏسڻ جي آس ۽ اُمنگ

جو ڏينهن ته هو.

سنڌوءَ جي جواني واپس ورائڻ سُکائن ۽ پاکائن جو ڏينهن ته هو. سموري سنڌ درياهه بادشاهه جي ڪنڌين تي ۽ صحرا جهڙي سُڪل پيٽ ۾ گڏ ٿي، جڏهن ڪنڌين تان گل پئي اُڇليا، منا طعام پئي سنڌوءَ کي پيٽا ڏنا، لهرن کي ڏيئا پئي لُڏيا، اهو ڇا هو! جل پوڄا ئي ته هئي. ان ڏينهن سچ ته مون کي سڄو ديس دراوڙن وارو ديس پئي لڳو. منهنجي هٿن ۾ هي علي دوست سنڌوءَ جي محبت ۾ ٻڌل ڪلام پلا ڇا آهي؟ هڪڙي سنڌوءَ جي پوڄاريءَ جي جل پوڄا ۽ درياهه پڄتي ئي ته آهي. توهان هي سمورو ڪلام پڙهي پورو ڪندؤ ته، توهان کي لڳندو ته، موهن جي ڏڙي جي مٽيءَ ۾ مدفون ڪا دراوڙي دل اُتان نڪري اڇي علي دوست جي سيني ۾ ڏڙڪڻ لڳي آهي. هن جي هر ست ۾ دراوڙي دل ڏڪ ڏڪ ڪري رهي آهي!

اڄ کان ڪجهه سال پهرين جڏهن منهنجي خواجه فريدڻ جي سرائڪي وسيب ۽ سنڌوءَ جي ڪناري تان درياهه بادشاهه کي سجدا ڏيندڙ اشو لال سان ملاقات ٿي هئي ۽ سندس ڪتاب ''سنڌ ساگر دي نال همیشان'' پڙهيو، جنهن ۾ هن چيو هو ته:

اُنو سنڌ سائين، گهاڻي نِندر وِچون،
تون ڪوئي ديوتا اِين، جهڙا سُتا پيا اِين،
تون ڪوئي ديوتا اِين، جهڙا سُمهندا ناهين!

●

دريا او دريا،
پاڻي تيڏا ڏونگي،
تون ساڏا پيوُ ما.
اسان تيڏي پوُنگي!

تہ مون سمجھيو ھو تہ، شايد ھي جديد ھمعصر دور ۾ پنھنجي سنڌو درياھ جو اڪيلو ۽ آخري پڄت آھي ۽ سوچيو ھيم تہ شايد ھي اشو لال آخري شاعر آھي، جيڪو سنڌو وادي ۽ ۾ سرائيڪي وسيب مان اُٽيو آھي، سنڌ وسيب مان نہ، اھو آخري دراوڙي درد منھنجي ٻولي ۽ ۾ ڇو ناھي؟ ۽ پوءِ جڏھن ھي علي دوست جو ڪلام منھنجي اکين اڳيان آيو ۽ ان ۾ مون اھا ئي فريڪئنسي ڏٺي، جيڪا دراوڙن کان ٿيندي، رگ وید تائين ۽ پوءِ رگ وید کان ٿيندي اشو لال ۽ علي دوست عاجز تائين پھتي آھي!

ھينيان تنھنجي پير جي،
جنت جيئن جھانڻ،
سنڌو ماءُ سمان،
سنڌو سپ جو پيءُ آ
ويدن ۾ ڪئي واڪيون،
پويون تنھنجون پانڻ،
سنڌو ماءُ سمان،
سنڌو سپ جو پيءُ آ.

ائين نہ آھي تہ، سموري دنيا ۾ ڪلاسيڪي ۽ جديد ادب ۽ شاعري ۽ درياھ دلبر جو درجو رکن ٿا ۽ ندیون، نخريلين محبوبائن جيئن ڪرَ موڙن ٿيون. روسي ادب ۾ شاعري ڪٽي ڏسو تہ توھان کي ''لينا'' ۽ وولگا'' ندیون لياڪا پائيندي نظر ايندیون . وچ ايشيا جي ادب ۾ ''آمو'' درياھ دلبر جي ديد وانگر ڪڙو آھي. اُتر آفريڪا جي عربي ۽ آفريڪي .ادب ۾ ''نائيجر'' ۽ ''نيل'' ندیون ۽ لاطيني آمريڪا تہ وري ''اميزون'' جا اولڙا آھي. عربي ادب ۾ ''دجلہ'' ۽ ''فرات'' جيڪو فسون آھي، سو ئي چيني ادب ۾ وري ''پيلو دريا'' يا ''ھوانگ ھي'' نديءَ جو ناز آھي.

جيئن هندستاني ساهت ۾ نرمدا، برهمپترا، گنگا ۽ جمنا جو جادو آهي، تيئن ئي ساڳيو سحر، ''ميڪانگ'' درياهه جو ويتنامي، ٿائي ۽ ڪمبوڊين ڪوتا تي آهي. جيئن انگريزي شاعريءَ ۽ ادب ۾ ''ٽيمس'' نديءَ جا نازو ۽ انداز آهن، تيئن ئي وري فرينچ ۽ جرمن ادب ۾ ''رائين'' ۽ ''سين'' درياهه به دلدار وارو درجو رکن ٿا. ائين ئي پاڻ جي پرديسي پاٽين جا پيرا ڪٽندي پنهنجي سنڌوءَ جي پنڌڻ تي پهچانداسين ته، پنهنجي جديد سنڌي ادب ۽ شاعريءَ جي ٻيڙي به سنڌوءَ جي لهرن تي لڏندي ۽ ڪڏندي نظر ايندي پاڻ انهيءَ دنگي ۾ ويهي، جي درياهه جو ديدار ۽ سير ڪنداسين ته پاڻ کي ٻنهي ڪنڌين تي پنهنجون قديم ۽ جديد روايتون ۽ رويا رومانس ڪندي نظر ايندا.

ڪلاسيڪي دور کي ڇڏي، رڳو گذريل ڪجهه ڏهاڪن جو ادب ۽ شاعري ڏسجي ته پنهنجي هن دادلي درياهه تي جيترو لکيو ۽ ڳايو ويو آهي، ايترو شايد ئي دنيا جي ڪنهن ٻوليءَ جي ادب ۽ شاعريءَ ۾ نديءَ سان نينهن لاتو ويو هجي. پر مون کي فخر آهي ته، اسان جي هن سنڌو ونشي، درياهه پنٿي ۽ جل پوڄاري دوست علي دوست عاجز تي، جنهن اسان جي سموري قديم ۽ جديد رنگ کي ملائي هڪ اهڙو ڪتاب تخليق ڪيو آهي جيڪو نه فقط اسان جي جديد سنڌي شاعري پر اسان جي هزارن سالن جي تهذيب ۽ ثقافت ۽ سونهن جي امين ۽ نقيب آهي، پر اسان جي انهن سمورين ڳٽتين، ڳاراڻن ۽ دردن جو عڪس به آهي، جيڪي اسان کي هن رياست جي پڇري ۾ ڪنهن قيدي پکيءَ وانگر گذريل ڪجهه ڏهاڪن کان ڏهاڳ ڏيئي رهيا آهن.

علي دوست عاجز جي هيءَ شاعري ڪلاسيڪي، لوڪ ۽ جديد

ٽيڪنڪ ۽ روايتن جو هڪ حسين سنگم آهي. بيت ۽ وائيءَ جهڙي بظاهر آسان پر حقيقت ۾ انتهائي مشڪل صنف سان هن جهڙيءَ ريت نپايو آهي، ان جو مثال آئون اڃوڪي سنڌي شاعريءَ ۾ ورلي ٿو ڏسان. مشڪل ان ڪري ٿو چوان جو وائي ۽ بيت کي جنهن بام عروج تي مرشد لطيف ڪٽي ويو آهي، انهيءَ جاءِ ڏي جوت ڪرڻ ۽ ان جُتيءَ ۾ پير پائڻ هر ڪنهن سَڏڻائي جي وس جي ڳالهه ناهي، ٻولي، ٽيڪنڪ، علامتون، استعارا جنهن رنگ ۽ ڍنگ سان بيان ڪيا اٿس، ان جو نمونو ڪجهه هن ريت آهي:

هلو هلون درياءَ تي، جنهن جي وَهَه ۾ واسَ،
لهرن لال لباس، پاتا ڪنهن جي پيار ۾!

●

هينئون منهنجو هاڪڙو سنڌو ساگر ساهُ،
مايون منهنجو ماهُ، لهرن منجهه لُڏي پيو!

●

نديا، توسان نينهن، ننڍڙي لاڪوڻ ويو لڳي،
سِڪَ به آهي سينهن ماريو ڪاريو تي چڏي!

●

جيڏي مئو مهراڻ، آهي تيڏي عشق ۾،
تِڪَ ڪان تڪڙي تاڻ، سهڻي ساڻ ڪنيون وتي!

●

پُسايو پوتي، ويڙهي، سيڙهي مان وتان،
جَرُ پانيان جوتي، جهٽ ۾ جوان ٽيو پوان!

●

جنهن جي بُٽ ۾ باهه، پاڻي پاڻي سا ڪندي!

●

وهندي آيئن وئي، واڙ ئي جڙ پاڻ ڦئي!

●

تنهنجي لٽ ۾ جا لٽي، پانيان سان پڳوان،
تون آن ساهه سمان، تون آن مائٽ مُئيءَ جو!

●

دنگي دل جو ديسڙو، چولين ۾ ڏين چا!

●

مهاڻن جا ميرَ، دريا سپ ڏوئي چڏيا!

●

ڇُڙئي چاچولي، ڏوہڙ جيئن ڏوئي چڏيو!

●

ميندي‌ءَ وانگر ميرڙو، لڻن کي لايو!

●

وهم مان واسُ مِنو اچي،
ڪُن ڪُن کايائون!

●

جرَ جي ئي کا جنس هئي،
جرَ ڏي وري ويئي،
ڳالهيون پهتيون ڳوٺ ۾!

●

چولين ۾ چوري، سپنا ساهڙ جا ڏسي!

●

جل ۾ هي جرکار، کندي کير وڃي پئي!

●

سائر جو سوداءُ، جيڏيون لڳم جيءَ کي،
مري ويندس ماءُ، جيندیس کيئن مان جرَ بنا!

علي دوست، جتي جنم جي جل پوڄاري وانگر درياهه جا دور ساري ٿو، سنڌو ديوتا کي پنهنجي اندر مان سِراڙو ڏئي نڪرندڙ سِنڌ جا سجدا ڏئي ٿو، سندس سوڀيا ۽ پوترتا جون ساکون ڪڍي ٿو، ساڻس سلهاڙيل ڪردارن کي پنهنجي ساهن ست سنگ سان ڀائي ٿو، اُتي پنهنجي ان همعصر غمناڪ ۽ دردناڪ دؤر تي به ماتم ڪري ٿو، جڏهن هو سنڌوءَ کي سنگهڑن ۾ سلهاڙجندي ڏسي ٿو، ڊيمن جا ڊوهه ۽ نام نهاد جديد معاشري جا ڏوهه، ڪنهن گ ندي نالي ۾ وهندي ان امرت ڌارا ۾ پسي ٿو، تہ ڪنهن درياهه پنڌي دراوڙ وانگي پنهنجي دل ۽ درد کي ستن ۾ هينئن اوتي ٿو:

هڪڙي ڏينهن حساب،
ڏيڍو پوندو ڏاڍ کي!
موڙڻ مُنهن مهراڻ جو،
آهي عين عذاب!
ڏيڍو پوندو ڏاڍ کي!

●

واهُڙ واري ٿي ويا، ڪهڙي نيٺ قصور!

●

تنهنجو دادُ درياهه.
دل ٿي چئي تہ هتي ٽئي!
پون ڌارون ڏاڍ ۾،
پُرن بند سياهه!
دل ٿي چئي تہ هتي ٽئي!

●

اسين سڀ اسير،
آهيون ڪاري ڪوٽ جا!
پنڊيءَ ۾ پئي پاس ٽئي،
ترَ جي ڇو تقدير!
اسين سڀ اسير
آهيون ڪاري ڪوٽ جا!

●

مهاڙا مزدور مِلُن منجهه اچي ٽِئا،
اچي پيا اوچتو، پوڙهيءَ کي ڪئي پوُر!
سَلي ڪنهن سان سور، سائِر، سو تہ رهيو نہ هو!

●

ڪڏهن ڪپن ڪان بہ، موجون هونديون مون مٿي،
هاڻي سپن کان بہ ڏسجي سنهڙي سيرڙي!

●

جل کي جهل نہ يزيد، پاڻي روڪڻ پاپ آ،
اوڏي تو کي عيد، ايندي کا نہ خدا ڪندو!

●

آئون جي نقاد هجان ها تہ، شايد سندس ڪلام کي عقل جي آپريشن ٽئيٽر ۾ رکي، کا ويڪُٽ ڪري سگهان ها، پر جيئن تہ آئون درياهه بادشاهه جي راڄ جو هڪ اَدنيٰ عاشق آهيان ۽ سندس جاهه و جلال ڏسڻ جو سدائين تمنائي ۽ سربخت جي خير جو دعاگو آهيان، سو مون بہ ڪنهن دراوڙ جي جهنگلي پکيءَ جهڙي دل ڪڍي، هن درياهه پنڌي دراوڙ جي سِڻُن جي لامن ني لَنوڙ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ اهو يقينن سندس پيار ۽ پورهئي سان انصاف ناهي، پر منهنجي عشق جو اُبهرو اظهار آهي، شال وٺس قبول پوي!

شاھ لطيف جي شاعريءَ جا محرڪ ۽ جينمل پرسرام جو مطالعو

- ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي

1947ع ۾ اعلانيل ننڍي ڪنڊ جو ورهاڱو سنڌ جي قومي وجود لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿيو جنهن ڪري آزاديءَ جي فضا ۾ ساهه ڪٽندڙ ثقافت پابند سلاسل بنجي ويئي. خود اختياريءَ جي راهه ڏانهن ويندڙ رياست يڪايڪ "والاريل سنڌ" ۾ تبديل ٿي ويئي ۽ اسان جي البيلي هولي جيڪا وطن جي تخت تي براجمان هئي تنهن کان وارثيءَ جو حق کسيو ويو. اوچتي ۽ غير متوقع تبديليءَ سنڌي علم و ادب کي ته ڪاپاري ڏڪ رسايو. ويتر سنڌي هندن جي لڏپلاڻ ڪري اسين لطيفي ڪلام جا به ڏُکڻ دان ۽ پارکو وڃائي ويناسون. جن مان هڪڙي نمايان شخصيت جينمل پرسرام گلراجاڻيءَ جي به هئي. ان زماني ۾ سنڌ جي علمي ايوانن ۽ سماج جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ سندس تجريرن ۽ تقريرن جو چرچو عام هوندو هو. هو هڪ اعليٰ ظرف انسان ۽ تهذيبي ۽ انساني قدرن جو جاڻو عالم هو جنهن شاهه لطيف جي جدت طرازي ۽ انسانيت نوازيءَ کي صحيح طور پرکيو ۽ سندس شاعرانه رنگ ۾ ڊيڪيل فن کي آشڪار ڪيو. جينمل پنهنجي تنقيدي مطالعي ۾ لطيف جي ڪلام جا اهڙا نوان دڳ ڏيکاريا، جنهن کان اڳ ٻيا نقاد اڻ سونهان هئا. جنهن ڪري مون کيس "تجديد پسند نقاد" جي خاصيت سان موسوم ڪيو آهي. لطيفي ڪلام ۾ ڊرامائي عنصر ۽ گهري شعور جي ڳولا سندس زندگيءَ جو دلپسند موضوع بڻيل رهيو. هن جي جائزي مطابق شاهه لطيف هڪ اهڙو جينيس تخليقڪار آهي، جنهن جي ڪلام جي روح ۽ ماهيت کي سمجهڻ لاءِ فن جي فطرت شناسيءَ مان ڀرپور هنڌ هجڻ بنيادي شرط آهي. شاهه جو ڪلام عالمگير سوچ مان جنم ولي ٿو جيڪو ايترو ئي تحيرانگيز آهي، جيترو شاهه جي شخصيت جهان ديد ۽ فن رسا لڳي ٿي.

عمومن هندو نقادن شاهہ لطيف جي شاعرانہ ڪينواس ۾ جهاتي پائيندي ڊرامائي فن ۽ سورما پرستيءَ (Mythology) جي پذيرائي ڪئي آهي. جنهن جي سپ کان چٽي جهلڪ ڇيئمل گلراجاڻيءَ جي ڪاوش ۾ نظر اچي ٿي. شاهہ جي فن تي آڳاٽو لکيل ڪتاب لالچند امر ڏني مل جگياسيءَ جو "شاهاڻو شاهہ" آهي. جو 1914ع ۾ شايع ٿيو. ان ۾ شاهہ لطيف جي ڪلام جا مستحسن پهلو تلاش ڪيا ويا آهن. ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جو "روح رهاڻ" به ان سلسلي جو اهم ڪتاب آهي. جيڪو اٽڪل هڪ ڏهاڪي بعد ادبي ميدان ۾ آيو. جنهن جو روح توڙي رهاڻ چارلس ليمب جي ڪتاب "ٽيلس فرام شيڪسپيئر" تان حاصل ڪيل معلوم ٿين ٿا. ٻنهي ڪتابن ۾ ڪهاڻين جي طرز ادا، ٻوليءَ جي سلاست ۽ تهذيب جي حلاوت کان علاوہ ڪلاسڪ ۽ رومان جو سهائيندڙ ميلاپ نظر اچي ٿو. جنهن ڪري ٽيلس فرام شيڪسپيئر انگلينڊ جي جان بنيل آهي ته روح رهاڻ ۾ وري سنڌ جي جند پيل آهي. پروفيسر نارائڻداس پميانيءَ جو ڪتاب "شاهہ جون سورميون" ويهين صديءَ جي چوٿين ڏهاڪي ۾ شايع ٿيو. جو به پنهنجو مٿ پاڻ آهي. ڪو به ليک چس ۽ رس کان خالي ڪونهي. پر ڇيئمل جو انداز بيان هڪ قسم جي وجداني ڪيفيت رکي ٿو. هن شاهہ جي تمثيلن کي نثر ۽ نظم جي گڏيل عبارت ۾ جڙي، هڪ بلڪل نئون روپ بخشيو آهي. ان ڪري هر قصي جو مرڪزي نڪتو پنهنجي دلڪش ڪلائيميڪس (عروج) تي پهچي، دل کي ڇهيو وڃي. هو شاعر جي علامتي ۽ اصطلاحي اشاري مطابق ڪردار جي شخصيت اُپاري ٿو ۽ ٻوليءَ جي قديم ڍنگ کي به جديد آهنگ ۾ بدلائڻ ۾ ڪامياب ويو آهي. هندو اديبن جي ڪاوشن جو اهو نتيجو نڪتو جو اوڻيهين صديءَ جي، پڇاڻيءَ کان اڳيئي لطيفي داستانن کي اوپيرا (ڊرامائي روپ ۾) اسٽيج تي نماءَ ڪرڻ جي رواج زور ورتو ۽ رنگ منچ تي اداڪاريءَ جا پرپور نظارا ٿيڻ لڳا.

سنڌي مسلمان اديب به شاهہ لطيف جي انهيءَ جوهر شناسيءَ کان نا آشنا نہ هوندا. پر هنن شايد ان کي اهم نہ ڄاتو. ان ڪري اڪثر لکندڙ پنهنجي اسلوب ۾ هندو اديبن وانگر شاهہ جي محاوري جو حسن پيدا ڪري نہ سگهيا. ورهاڱي کان اڳ جا ٻه نقاد هئا. جن شاهہ لطيف کي پنهنجي نوعيت جو يگانو شاعر ظاهر ڪري، سندس فن جا عميق ۽ نرالا ڍنگ روشن ڪيا.

انهيءَ ڳالهہ کان کو به انڪار کو نہ ڪري سگهندو ته ڪلاسيڪي شاعري پنهنجي رنگ و ٻُو ۾ هميشہ کان ئي صوفياڻي رهي آهي. جنهن ۾ هيڪڙائي حق يا وحدانيت جو بلند بانگ پرچار ڪيو ويندو رهيو آهي. ان ۾ دراصل صلح ڪُل جهڙو

انسانيت جي پلائيءَ جو خيال موجود آهي. تصوف ويدانت سان مشابهه آهي، جيڪا اصل ۾ ويدن جي ڳلهءَ مان ڦٽي نڪتل آهي. ان جو ارٿ آهي ته فطري اصولن مطابق زندگي گهارڻ سان آسودگي ۽ امرتا ماڻي سگهجي ٿي. پارت ۾ پيدا ٿيل هر مذهب جي شروع ۾ اها ئي تعليم هئي. ويدانت جي ڦل ماڻڻ لاءِ وري ايڪانتي عمل يا رياضت کي اختيار ڪرڻ ضروري سمجهجي ٿو. ان ڪري ته انسان جون اِندريون سگهارين ٿي وڃن يعني منجهس لُڏي ڦوٽون جاڳي. سندس زندگيءَ ۾ مشعل راه ٻنجي وڃن. ٻڌ ڌرم ۾ به تخليق جو مرڪز وايو منڊل کان ٻاهر ٻي ڪا به هستيٰ نه پر خود بشر آهي ۽ ان جي سڃي شڪتي سندس من ۾ آهي. ۽ من جون شڪتيون ايارٿ سان دنياوي ۽ جسماني روڳ ختم ٿي وڃن ٿا. شڪتيءَ جي پيدا ڪرڻ لاءِ وري ڪٺن تپسيائون ۽ ايڪانتي مشقون ڪرڻيون پونديون آهن. جن جي ڪاميابيءَ سان سالڪ بامُراد ٿيندو آهي. يوگا جو عمل به انهن مان هڪ آهي. ڏکڻ ايشيا ۾ جڏهن مسلمانن جون فتوحات ٿيڻ لڳيون ته خود اسلامي مذهب جا مبلغ ويدانت کان متاثر ٿيڻ کان سواءِ رهي نه سگهيا. ان ڪري هندن ۽ مسلمانن کي هڪ ٻئي جي قريب آڻڻ يا غير مذهب وارن کي اسلام جي حلقي ۾ آڻڻ لاءِ اسلامي عبادات ۽ تقويٰ ۾ ويدانت سان مماثل تصوف کي تشڪيل ڏنو ويو ۽ اهڙا درويش ۽ فقرا "صوفي" جي عالمگير نالي سان معروف ٿي ويا. هنن پارتي ڌرمن جي ويدانتي عمل ۽ جوڳ تپسيا کي مراقبي ۽ گوشه نشينيءَ جو رنگ ڏنو ۽ تصوف جي ڪڙين کي ديني محرڪات سان جوڙڻ لاءِ بنياد ڦوليو ڪيو. تصوف جي تعليم به اها ئي قرار ڏني وئي ته جسم فاني، روح باقي آهي ۽ فقط تصوف جون چاڙهيون اُڪرڻ سان انسان بقا جي منزل ماڻي سگهي ٿو. 18هين صديءَ دوران لکيل فارسي تذڪرن ۾ شاعر جي معيار جو تعين به سندس روحاني درجي يا صوفيانه منزل مطابق ڪيو ويو آهي.

برٽش راج شروع ٿيڻ سان سنڌي ادب ۾ گهڻي ترقي ٿي. جنهن ڪري لطيفي رسالي جي تدوين ۽ تشريح به وسيع انداز ۾ ٿيڻ لڳي. پر وري به سنڌ جي ذهين طبقي صدين پراڻن روحاني قدرن سان پنهنجو ڳانڍاپو مضبوط جوڙي رکيو تنهنڪري سنڌي هندو توڙي مسلمان نقادن جي ورتانت (treatment) ۾ ڪو به وڏو فرق نٿو ڏسجي. هنن شاهه جي شاعريءَ کي فقط تصوف جي آئيني ۾ ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ڪلام جي جستجو ڪندي رڳو عشق حقيقي يا معرفت جا باريڪ نُڪتا بيان ڪرڻ تي اڪتفا ڪئي اٿن. جنهن کي عام معنيٰ ۾ روحاني رمزون چيو وڃي ٿو.

دراصل ان وقت جون معروضي حالتون ۾ اهڙيءَ سوچ کي اُپارڻ ۾ مددگار زهيون. خاص ڪري اينيءَ بيسينٽ جي ٿيوساڦي (THEOSOPHY) (مذهب گاڏڙ فلاسافي) کي سنڌ جي باشعور طبقي دل و جان سان قبوليو ۽ ساڳي تحريڪ هندن ۽ مسلمان ليکڪن ۾ هم خيالي يا يڪ رنگي پيدا ڪرڻ جو ڪارڻ بني. جيئمل پرسرام جيتوٽڪ سچو ٿيوساڦسٽ ۽ ان هلچل جو پُرجوش روح روان هو تنهن هوندي هن جي تنقيد جو محور ڪنهن هڪ نُڪتي جي چوڌاري گردش نٿو ڪري. هن شاهه جي ڪلام جي تشريح ڪندي وحدانيت جي خيال کي جيتوٽڪ پروان چاڙهيو آهي. پر سندس جمالياتي نگاهه تمام دور ڪيس اهڙي هنڌ وڻي وڃي ٿي. جيڪو ويدانت ۾ نا معلوم آهي. ائين لڳي ٿو ته نقاد جي سوچ يوناني فلسفي جي سرحدن ۾ داخل ٿي وڃي ٿي. فلسفو تصوف يا ويدانت کان هڪ بلڪل جداگانه وشيه آهي. مذهب جي جڙ اعتقاد ۽ يقين تي ٻڌل آهي. ويدانت ۾ آتما پرماتما جي ماتحت ملي ٿي. ساڳيءَ طرح تصوف ۾ "فنا في الله" جو خيال سمايل آهي. پر انهن ٻنهي جي برعڪس فلسفو انڪار ۽ شڪ مان جنم وڻي ٿو جنهن مان اڳتي هلي سائنس جهڙو لاپرواهه علم وجود ۾ آيو جنهن جو بنياد تجربي ۽ سچائيءَ تي رکيل آهي. ان جي عالمگير تصور ۾ بلا تفريق انساني پلائيءَ جو تصور سمايل آهي. جيئمل پرسرام جو ذوق جمال. شاهه جي ڪلام کي نفسياتي سيما جي باريڪين ۾ ڳولينديءَ هڪ ظاهراڻ نگاهه وجهي ٿو جنهن ڪري شاهه جي شعر جي منورتي ٻين صوفي ۽ ويدانتي شاعرن کان بلڪل مختلف نظر اچي ٿي. هن سنڌ جي سُورما پرستيءَ کي ڳايو پر ان ۾ سندس مقصد صرف انسان جو آزاد جيئاپو عوام دوستي ۽ وطن جي قومي روايتن ۾ روح ٽوڪڻ آهي. لطيفي ڪردار نيم تاريخي هوندي به ذهني تخيل جي پيداوار لڳن ٿا. جي اهڙي يوٽوپيائي وطن جي جستجو ۾ آهن. جنهن ۾ هو انساني قدرن سان آزاد زندگي گهاري سگهن. انهيءَ نُڪتي کي نگاهه ۾ رکندي جيئمل شاهه جي سُرن ۾ سمايل MYTH جي روايتي تصوف کان هٽي ڪري وسيع تناظر ۾ کول ڪئي آهي ۽ ان کي هڪ جاودان معنيٰ بخشي آهي.

اسان جي شاعر ڪائناتي تخليق جو اگهاڙيءَ اک سان مشاهدو ڪيو ٿو ڏسجي، جنهن جو رنگا رنگ عڪس نقاد "شاهه جون آڪائيون" ۾ چٽيو آهي. هن کي لطيف جا ڪردار به قديم يوناني ادب جي ديو مالائي ڪردارن وانگر محسوس ٿين ٿا. تمثيلون پڙهڻ سان جمهوري روح جو اٿاهه بحر من ۾ چولين هڻڻ لڳي ٿو. نه رڳو ايترو پر باطن ۾

در جو آواز آندَ مانڊ مچايو چڏي هر آڪاٽيءَ جي انت مان اهو ئي احساس ملي ٿو تہ ورت ۾ مرد جي هڪ ٻئي ڏانهن ڪشش فطري جبلت آهي، جنهن ۾ ڪائنات جو حسن سمايل آهي. سسئي هجي يا سهڻي، مومل هجي يا سورٺ، سيئي فطرت طور مائل هجڻ ۽ اهڻ هيڪاندر ۾ مبتلا آهن. هر ڪردار باوجود آنهن ۾ نانهن (being and nothing ness) جي گرداب مان وڏي آزمائش جي بعد آجو ٿئي ٿو. اڪثر بيتن ۾ روح ۽ جسم جي تڙپ ايارل آهي جڙ تہ بن صنفن جي ميلاپ سان تخليق انجام پائي ٿي ۽ انسانيت ۾ سُونهن ۽ نکار پرجي پوي ٿو. جيئمل جي قلم سان چٽيل فني دنيا ۾ جهاتي پائڻ سان معلوم ٿيندو تہ شاھ لطيف جي شعري اُڏام سورمين جي خيال ۽ ڪردار سان ٻڌل آهي ۽ لطيفي ڪلام جي معنويت ۾ تخليق جي آغاز ۽ ابد جي جستجو آهي، جنهن جو ادراڪ عورتازاد (Feminism) مان ايارينو ويو آهي، ڪلام جو سمورو ويچار واد عالم نسوانيت سان گردش ڪندي پسجي ٿو. ڪائنات جي اوسر هميشہ ڪان ئي "جوادث" سان سلهاڙيل رهي آهي ۽ هر پيري گرم ۽ سرد جي ٽڪراءَ مان زندگيءَ جو نئون روپ صورت پذير ٿيندو رهيو آهي. ساڳيءَ ريت ازل کان ديوي سمان عورت به پنهنجي هر دوش پويان سرگردان رهندي اچي، ۽ سندس عشق جي تڪميل به تڏهن وڃي ٿئي ٿي، جڏهن سُور جو احساس سُرور ۾ بدلجي وڃي ٿو.

جيئمل جي مطالعي مان ظاهر ٿئي ٿو تہ شاھ جي ڪلام ۾ تصوف کان وڌيڪ جمهوريت جو لقاءَ (Phenomenan) آهي. ننڍي کنڊ ۾ صدين کان عوام جو ذهن توڙي عمل فقط تصوف جي ڪوکلي نقاليءَ ۾ غلطان رهندو آيو هو ۽ انهيءَ راهہ جا سالڪ فنائيت جي خوابي لذت ۾ پاڻ کي مبتلا رکڻ ۽ پنهنجي وجود کي وساري چڏڻ لازم سمجهندا هئا. الله لوڪ درويش يا صوفي فردي روح رباني روح سان وصل کان بي سُرت ٿي ويندو هو. البت صوفيت ڪڏهن ڪڏهن مذهب جو جنوني روپ به اختيار ڪري ويندي هئي. مگر شاھ لطيف پهريون پيرو رائج الوقت روايت کان هٽي ڪري، هڪ نئين تصوف کان واقف ڪرايو جنهن ۾ تهذيبي روح ۽ جمهوري اسپرٽ اُيارل هو. هن وٽ تصوف وجوديت جي لذتيت کان آگاهي ڏيندڙ حقيقي امر هو.

شاھ جو ڪلام فقط تصوف جي رچنا ناهي ۽ نہ وري ان کي ويدانت تسخير ڪيو آهي، پر اهو ذوقي وجدان جي تصوير ضرور آهي. شاھ لطيف جي شاعري تاريخي، واقعاتي ۽ انساني پس منظر مان جنم ورتي ٿي، جنهن ۾ هڪ ئي وقت مشرقي ۽ مغربي جُزئيات جو رنگ شامل آهي. ان ۾ ايراني ۽ هندي افڪار جو رنگ هڪ طرف

چٽيل آهي ته ٻئي طرف مغرب جي اوپيرا ڊراما جو عڪس نمايان نظر اچي ٿو. پٽائي حقيقي معنيٰ ۾ هڪ فنڪار هو. تمثيل نگار هو. موسيقار هو. سندس موسيقيءَ جي مهارت جي تصديق ڊاڪٽر بلوچ به ڪئي آهي ته "شاهه لطيف پهريون شاعر هو جنهن ڏکڻ ايشيا اندر سڀ کان اول پٽ شاهه ۾ موسيقيءَ جو باقاعدي ادارو قائم ڪيو." شاهه لطيف رومانوي ۽ بهادرانه نيم تاريخي قصن کي من موهيندڙ تخيل ۾ تبديل ڪيو آهي. جن ۾ شاعر جي تخيل جو عڪس چٽيءَ طور نظر اچي ٿو. شاهه لطيف في نفسه ڪو تاريخدان ڪو نه هو ۽ نه وري سندس مقصد تاريخ نويسي هو. سندس ڪردار فقط جذبات تي نغمه زن آهن ۽ شاعرانه تخيل جو پيش خيمو آهن. شاهه يوناني مفڪرن وانگر خواب ڏٺو جنهن لاءِ هن پنهنجي تمثيلن لاءِ آزاد نفوس تخليق ڪيا. جن ۾ هن پنهنجي ڏرتي، پنهنجي وطن ۽ پنهنجي ماڻهن لاءِ روح ڦوڪيو. اسان جو شاعر جڏ لوڪ تاريخ جو نگاهه بين هو جنهن حال تي هٿ رکي، ماضيءَ ۾ جهاتي پائي، پيڙائن جا احساس جهڻيا آهن. هو جڏ ته سنڌ جي دردن جو اوتار ٿي اپريو. ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته ارڙهين صديءَ ۾ شاهه لطيف جي شاعري مڪمل طور ادبي روح جي ترجمان ثابت ٿي. شاهه لطيف جو شاعراڻو تجربو جڏ ته ماضيءَ جي لطيف فنن جي تجديد هئي، اهو ئي سبب آهي جو لطيف جو تصوفاڻه خيال، عوامي جذبات نگاريءَ ۽ رومانس جي مليل جليل عڪس ۾ جهڪو ٽيل آهي.

سوال ٿو پيدا ٿئي ته شاعرِ سنڌ آخر به احساس ۽ جذبات کي اظهارڻ لاءِ فقط صنف نازڪ کي پنهنجي فڪر جو مرڪز ڇو بنايو؟ ان لاءِ مفڪرن جو خيال آهي ته انساني نفسيات يا اندر جي لوڙ ۽ ڪشمڪش عورت جي واتان زياده اثرائتي انداز سان نروار ٿئي ٿي! جينمل پرسرام جي مطالعي جو به اهو ئي تت آهي ته تمثيلن جي ذريعي شاعر دراصل فرد جي نفسيات ۾ جبلتي حقيقت جو انڪشاف ڪيو آهي. جنهن ڪري شاهه لطيف زبردست فطرت شناس فنڪار ڪري ليکيو ويو آهي. جيئن آسمان ۽ ڏرتي ڪليل آهن. تيئن عورت توڙي مرد ڏکيل نٿو رهي سگهي. دراصل شاهه لطيف جا ڪردار پنهنجي مڪالمن ۾ انساني وجود جي ڏهيل خواهشن کي عيان ڪن ٿا. اهو ئي سبب آهي ته لطيفي ادب ۽ آرٽ کي ڊرامائي روپ ۾ آڻڻ جو رواج ورهاڱي کان اڳ عام ٿي ويو ۽ رسالي جي ڪنهن به سُر جي بيتن سان نثري مڪالما ڳنڍي ان کي اوپيرا جي روپ ۾ استيج ڪيو ويندو هو. ان ڪري فن جا ڏلداده هڪ ته لطيفي ڪلام جي روح مان محظوظ ٿيندا هئا. ٻيو ته نئين نسل ۾ شاهه جو ڪلام به مقبول ٿيڻ ويو.

”امان مان موٽي ايندس“

(امر شهيد هيمون ڪالاڻي-جيون واقعو)

-چينو لالواڻي

پاتر

سوترڌار

آواز

هيمون ڪالاڻي

ماتا جيني بائي

پتا : سيوارام ۽

جج :

(قومي ڏن وڄڻ جو آواز)

آواز : چوي ڪير ٿو آهي ناشاد يارت
مونکي فخر آ، آهي آزاد يارت.

سوترڌار : آزادي اِنسان جو بنيادي، جوڙجڪي، جنم سڌ اڏڪار آهي. آزادي هر ساهواري کي ڏنل قدرت جي نعمت آهي پر انسان پنهنجي سوارٿ ورتيءَ ڪري پسن چاهي پڪين کي خود انسان-انسان کي غلام رکڻ جي منورتي رکي ٿو. انسان جنهن کي اشرف مخلوقات سڏيو ويو آهي، اهو کنهن جي به تابع، غلام بڻجڻ نه

چاهيندو آهي. پر ستا، پئسي جي ٻل هن کي غلام بڻايو ويندو آهي تہ هو غلاميءَ جا بند ٽوڙڻ لاءِ هر قيمت چڪائڻ لاءِ تيار ٿي ويندو آهي. انساني آزادي ملکي آزادي، واڻي آزاديءَ لاءِ وقت بہ وقت انيڪ قربانيون ڏنيون ويئون آهن. لڙائي لڙي، انساني رت جون نديون وهيون آهن. آزاديءَ جي لڙائي پارت بہ لڙيو آهي. جڏهن اسانجو پارت انگريزن جي ناپاڪ حرڪتن، منورتين ۾ گهيڙيل هو تڏهن آزاديءَ جي لاءِ جتي ڪٿي بغاوت، تحرڪ، هلچل شروع ٿي چڪي هئي. ڪرانتيءَ جي لهر 1857 ۾ اُپرکو کاڌو هو. تڏهن ناناصاحب فرانس جي بادشاه کي خط لکي جاڻايو هو تہ.... (سنگيت)

آواز : انگريز حڪومت دهليءَ جي مغل شهنشاهہ ڏکڻ جي راجا ۽ سنڌ جي ميرن سان دغابازي، فريب ۽ ناانصافيءَ سان گڏ ڪافي ظلم ۽ اتياچار بہ ڪيا آهن. اسان انگريز حڪومت وٽان آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ لڙنداسين. سرير ۾ جيستائين طاقت آهي، رت جو هڪ قڙو بہ باقي آهي تيستائين لڙنداسين. جيستائين هڪ بہ شخص آزاديءَ جو لڙاکو سپاهي زنده آهي، مرندي دم تائين لڙندو رهندو.... لڙندو رهندو... (سنگيت)

سوترڌار : ..... ۽ پارتيہ جي آزاديءَ، خوشحالي، بهبودي، ڌرم مذهب، قديم سنسڪرتيءَ جي بچاءَ ۽ حفاظت لاءِ

جيون ملهن ۽ حفاظت لاءِ. جيون ملهن ۽ سنسڪارن کي
زنده رکڻ لاءِ، پارت جو هرهڪ ناگرڪ پل اهو کڻي
بہ ڏرم-مذهب، پنڻن جو هو ان بنا ڪنهن پيدياو ديش
آزادي جي حب الوطني جي اعليٰ مقصد کي ڪٽي
محب وطن جي آزاديءَ صدقي ديش پتا
مهاتماگانڌيءَ جي اهنسا، ستيہ، پريم ۽ تياڳ کي
اڳيان رکي ستياگرهہ، اُپواس، کادي ٽهرڪ، لوڻ
آندولن ۾ پاڳ ورتو. پرپات ڦيريون نڪتيون، گليءَ
گليءَ آزاديءَ جو ناد گونجيو.

آواز : وطن لاءِ مربو. وطن لاءِ رهبو.
نہ پارت جي عزت تي ڪو داغ سهبو
انقلاب زنده باد، زنده باد.
ڌرتي ماتا زنده باد، زنده باد.
هيءَ ڌرتي آهي ويہ جوانن جي جوانن جي
پارت ماتا ڌي آهي غلام...غلام
آزاديءَ لاءِ گهري ڌي بليدان...بليدان
ها پائرو بليدان، ها پينرون بليدان
انگريز پارت چڏيو... چڏيو
انقلاب زنده باد، زنده باد.

سوتردار : ماحول ۾ قومي گيتن، ترانن جي گونج هئي، جتي
ڪٽي انقلاب زنده باد جا نعرا لڳي رهيا هئا. انگريز
پوليس ٻارن، عورتن مٿان لٺبازي ڪئي انيڪ

انقلابين، سرفوشيءَ جي تمنا دل ۾ رکندڙن کي قاسيءَ تي لٽکايو پر آزاديءَ جي باهه وڏيڪ پڙڪو کاڌو مهاتماگانڌيءَ 1942 ۾ نعرو هنيو.

آواز : انگريزو کٽ انڊيا... پارت ڇڏي وڃو... نوجوانو اڳتي وڌو ديس آزاديءَ لاءِ اسکول کاليج ڇڏيو. پارت ماتا توهان کي پُڪاري ٿي. مونکي انگريزن جي غلاميءَ، ظلمن کان آزاد کيو.

سوترڌار : مهاتماگانڌيءَ جو اهو نعرو انگريزو کٽ انڊيا... انگريزو پارت ڇڏي وڃي جو نعرو سنڌ ۾ به گونجيو جتي اڳي ئي سنڌي ملکي مستانا آزادي تحريڪ ۾ گهڙي چڪا هئا ۽ پنهنجو سر تريءَ کي رکي ديش صدقي آزاديءَ جي لڙائي لڙي رهيا هئا وندي ماترم...وندي ماترم انقلاب زندهباد جا نعرا گونجڻ رهيا هئا.

آواز : اهڙن قومي متوالن آزاديءَ جي پرواني سونهاري سکر ۾ جنم ورتل هڪ ڪيرو نوجوان هيمون کالاڻي به هو جنهن جو جنم 23 مارچ 1923ع ٿيو هو. هن کي ماتا جيني ٻائي کالاڻيءَ ديندگهي ۾ ئي لولي ڏني هئي ته صدقي ديش تان ٻن من کرڻ جهڙي ٻي نه ڪا خدمت. هيءُ متوالو پنهنجي ٽوليءَ سان گڏ آزادي تحريڪ ۾ گهڙي پيو.

سوترڌار : هن ڪچڙي عمر ۾ پنهنجي ڪائڻ پيئڻ جا ڏينهن هئا،

اڄا مڇن جي ريهه مس آئي هئس اهو آزاديءَ جو جهنڊو ڪٽي ميدان ۾ ٽپي پيو. هيمونءَ جي ساٿين وشواس ڏياريو ته اسان هر منزل، مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ آخرين دم تائين لڙنداسين، هيمون تون اڳتي وڌ سڄي سنڌ توسان گڏ آهي.

آواز : اسان جا ڪئي پرتگيا پوري ڪنداسين
پل سربر جا ٽڪرا-ٽڪرا، ذرڙا-ذرڙا ٿين
ڏونڪو لڳو آزاديءَ جو
جاڳو بهادر، جاڳو سورويرَ
ٿيو هوشيار، پارت لاءِ لڙنداسين
متجي متجي مرنداسين.

سوترڌار : ۽ هيمون مرڻ لاءِ تيار ٿي ويو. هيمونءَ کي جاڻ ملي ته هڪ انگريز فوج جي گاڏي سکر مان ٽيندي ڪوئٽيا وڃڻي آهي ان ۾ فوجين سان گڏ ڪافي انداز ۾ بارود بم، مشين گنون آهن. اها هٿيار بند فوج ڪرانتيڪارين کي ختم ڪرڻ لاءِ موڪلي پئي وڃي. هيمون اها کيرائڻ، فوجين کي مارڻ ۽ هٿيار حاصل ڪرڻ لاءِ هن پڪڙ، پانو، هٿوڙو گهر ۾ لڪائي رکڻ جي جيئن ئي ڪوشش ڪئي، هيمونءَ جي ماتا جيني ٻائيءَ هن کي ڏسي ورتو.

ماتا : منهنجا پيارا لال، تون هيترا ڏينهن ڪٿي هئين ؟ ٻڌو اڄ ڪنهن لڪل هنڌ، غفا ۾ پيو رهين پر ڇا لاءِ ؟

اهڙو کهڙو گناهه کيو اٿئي جو لڪ ڇپ ۾ رهين ٿو؟

هيمون : امان! توکي پنهنجي پٽ تي وشواس ڪونهي؟

ماتا : پٽ، تو متان پورو پورو وشواس آهي. پڪ اٿم تون ڪوبه خراب ڪم نه ڪندو هوندين ڪري به نٿو سگهين.

هيمون : امان، مان جيڪو ڪم ڪري رهيو آهيان ان سان اسانجي خاندان، ڪٽنب جي پاڻ عزت وڌندي.

ماتا : عزت ته ٺيڪ، پر تون کهڙو ڪم ڪرين ٿو؟ صاف صاف ٻڌاءِ.

هيمون : امان ظاهر آهي تنهنجو پٽ ڪو ڊاڪو، چور، لٽيرو، خوني ڪونهي، دهشتگير ڪونهي، مان ديش پريمي، ديش پڀت آهيان. مون ملڪ جي آزاديءَ جو قسم کنيو آهي مان وطن جو سپاهي آهيان. آزاديءَ لاءِ ڪم ڪندو آهيان، مان پارت ماتا صدقي قربان ٿيڻ لاءِ به تيار آهيان.

ماتا : (جذباتي-ممتا سان) نه پٽ نه، اهڙي اپسوڻ جي ڳالهه نه ڪر. تون چا لاءِ مرندين، مرندا تنهنجا دشمن. پر پٽ، ديش شيوا لاءِ انيڪ شخص آهن. تنهنجي هيءَ عمر لڙڻ جي نه ماڻڻ جي آهي. گرهست جيون ۾ داخل ٿي شادي ڪر، ديش شيوا جون ڳالهيون ٻين. تي ڇڏي ڏي.

هيمون : امان، تون سمجهين ڇو نٿي؟ انگريزن اسان جي جنم يوميءَ کي غلام بڻايو آهي. جؤر بڻجي ڪوکلو بڻائي

ڇڏيو آهي. امان، جيئن توں منهنجي جنني ماتا آهين. پارت ماتا بہ منهنجي ماتا آهي. جيئن تنهنجي ٽچ منهنجي نس نس ۾ آهي، تيئن پارت ماتا جي هوا منهنجي سواس سواس ۾ آهي. جل، رت ۾ آهي. مان ڏکئي وقت منهن موڙيان اهو مونکان هرگز نہ ٿيندو. مان ڪرانتيڪاري آهيان، لڙندي لڙندي ئي مرندس.

ماتا : نہ پٽ نہ. اهڙا تکا تير منهنجي هردي تي نہ هلاءِ. مان توکي متڪ پهريل لاڏي جي روپ ۾ ڏسڻ چاهيان ٿي. تنهنجا اهي ويڑ مونکي ڏکوئي رهيا آهن.

هيمون : امان، پارت ماتا جي ڇاتيءَ ۾ ودیشي، حملاور تير هڻي گهايل ڪري رهيا آهن. پارت ماتا خون سان لٿ پٿ آهي. ان کي قربانيءَ جي ضرورت آهي. امان، توهان منهنجي شادي ڪرائڻ، بئنڊ باجن سان ڇڇ ڪيڻ جي خواهش رکو ٿا. امان مان، توهان کي وشواس ٿو ڏياريان تہ منهنجو شادي جلوس، شان، آن، مان ڏيڏپي سان نڪرندو. توهان، هرکو حيرت ۾ پئجي ويندو. توهين هينئر مونکي آسيس ڏيو تہ مان جنهن ڪم لاءِ وجي رهيو آهيان ان ۾ ڪاميابي حاصل ٿئي.

ماتا : منهنجا پيارا، لاڏلا پٽ، منهنجي سدائين تنهنجي مڱان آسيس آهي. جواني ماڻين، وڏي عمر ماڻين، پر هڪ ڳالهہ ٻڌي ڇڏ، جڏهن تنهنجو ڪم پورو ٿئي

تون رات جو سڏو گهر موڪي اڇج. مان تنهنجي لاءِ منپسند شيون ناهيندس ۽ هنن هٿن سان ويهي کارائيندس. تون ضرور اڇج.

هيمون : ها، امان کاميابي ملي ته ضرور ايندس. توهان جي هٿن سان روڪي کائيندس. هاڻي وڃڻ جي آگيا ڏيو. آسيس ڏيو. پيرين ٽو پوان.

ماتا : جيت پت ! ''جگ جگ جيئين.''

(سنگيت)

(هٿوڙي جي ٽک ٽک، لوهه جي ڪيڙ جو آواز)

پريان سرپس :هيمون هوشياريءَ سان، جلدي ڪر، رات جي سناٽي ۾ هٿوڙي جو آواز دور دور تائين وڄي رهيو آهي جلدي ڪر. وقت گهٽ آهي. پوليس گشت تي آهي.

(ڳرن قدمن، ستين جو آواز...پڪڙو...پڪڙو... جو آواز. ڪجهه ڊوڙڻ جا آواز)

سوترڌار : هيمون ماءُ کان آسيس وٺي، پڪڙ، پاڻي، هٿوڙي سان سڪر جي بسڪيٽ فئڪٽريءَ وٽ ريل پٽڑين مان فش پليٽون ڪڍندي سر زمين تي انگريز پوليس دواران گرفتار ٿي ويو. هيمونءَ جي گهر، سڄي سنڌ ۾ هاهاڪار مچي ويو. هيمونءَ مٿان مارشل ڪورٽ ۾ مقدمو هلايو ويو. سرڪاري وڪيل هيمونءَ مٿان انگريز حڪومت خلاف، ٽوڙ ڦوڙ، بم ڌماڪا، فوجي گاڏي ڪيرائڻ جي سازش ڪرڻ، عمل ڪرڻ جو ڏوهه لڳايو ۽

چاڻايو تہ هن جا ٻيا بہ ساٿي آهن، جيڪي پڄي ويا آهن. هيمون ڪالاڻي بار بار پڇڻ، چابوڪ هڻڻ، عذاب، تڪليفون ڏيڻ، برف جي لادي ۽ تي سمهارڻ، زخمن متان لوڻ ٻرڪڻ ڪانپوءِ بہ خاموش آهي. ساڻين جا نالا نٽو ٻڌائي.

جج : (هٿوڑي سان ٽڪ-ٽڪ ڪندي) هون... نيڪ آهي جوان تنهنجو نالو ڇا آهي؟

هيمون : منهنجو نالو انقلاب آهي. مان ڪرانتيڪاري پارٽ ماڻا جو سپوت آهيان.

جج : جوان، تنهنجن ساڻين جا نالا ڇا آهن؟

هيمون : مان اڪيلو آهيان. منهنجو ساٿي آهي انقلاب ۽ پنهپرائي 'وندي ماترم'

جج : تنهنجي پناهري ۽ جو نالو ڇا آهي؟

هيمون : هندستان، پارٽ مهان.

جج : ۽ ڏنڏو...؟

هيمون : ديش پريم جو ڦهلاءُ. ڪرانتي ۽ مڪمل آزادي.

جج : (غصي ۾) هيمون، تو هڪ سنگين جرم ڪيو آهي. تو ٽرين ڪيرائي انگريز فوج جي بهادر سپاهين کي مارڻ، اُنهن جي سهاڳڻين کي ڏُهاڳڻيون بڻائڻ ۽ نندن ابهر هارن کي لاوارث بڻائڻ جي ناپاڪ ڪوشش ڪئي آهي. تون ديش ڀڳت نہ هڪ مجرم آهين. تون خوفناڪ، هئبتناڪ، خطرناڪ واقعي جي سازش لاءِ جوابدار

آهين. هيءَ ڪورٽ فيصلو ڪري، ڪا فتويٰ ڏئي، توکي پنهنجي صفائيءَ ۾ چوڻ جو هڪ موقعو ڏجي ٿو، ڪورٽ کي سات ڏي، ڪورٽ جي عزت ڪندين ته ڪورٽ بہ تو سان پورو پورو انصاف ڪندي. معافي گهر، پڇتاءُ ڪر. ساڻين جا نالا ٻڌاءِ. تون پنهنجي مستقبل ماڻا پتا لاءِ سوچ اُنهن جي شيوا ڪرڻ تنهنجو فرض آهي.

هيمون : مونکي فخر آهي مان پنهنجي پوجنيہ ماڻا-پتا جي اؤلاد آهيان جن ديش پريم جا سنسڪار ڏنا آهن. مان پارت ماتا جي سنتان آهيان جيڪا اڄ غلام آهي. زنجيرن ۾ جڪڙيل آهي. ماتا کي اتياچارن کان ڇوٽڪارو ڏيارڻ گناهہ نہ آهي. جيستائين معافيءَ جو سوال آهي مون ڪوبہ گناهہ نہ ڪيو آهي. ديش آزادي منهنجو جنم سڌ اڌڪار آهي. ديش فرض نيائڻ، وفاداري منهنجي شرڌا آهي. حب الوطني منهنجو ڪرم، ڌرم ۽ ورتي آهي. انياءُ خلاف آواز بلند ڪرڻ منهنجي واڻي آهي. نياءُ، ستيہ، حق لاءِ لڙڻ منهنجي پوجا آهي. هنن ڳالهين تي عمل ڪرڻ ڪوئي قانوني گناهہ نڏو ٻڌجي. جج صاحب، توهانجي قانون، انصاف ۾ منهنجو ڪوبہ وشواس ڪونهي. توهان انيڪ بي گناهن کي ڦاسيءَ تي لٽڪايو آهي، سخت عمر پر قيد جي سزا ڏني آهي. هڪ بار نہ سؤ بار چيو

اڄ منهنجا ساڻي انقلاب آهن انقلاب. توهانکي جيکو فيصلو کرڻو هجي کريو.

جج : مسٽر هيمون - شانت هردي سان سوچ. حکومت سان ٽکر کائڻ جو انجام کهڙو نکري سگهي ٿو؟

هيمون : انجام ها مان چاڻان ٿو 'سزائي موت' - 'عمر پر قيد' يا 'کارو پاڻي' قاسيءَ جو ڏنڈو. هن کان وڌيڪ ٻيو ڇا ٿو ٿي سگهي جج صاحب. توهان کي جيکو فيصلو کرڻو آهي کريو. پر ياد رکجو. انگريزن کي پارت ڇڏڻو ئي پوندو. کئٽ انڊيا، پارت ڇڏي ويجو.

جج : هيمون تون ضدي، ايماني آهين. تو تمام گهڻا ڏوهه کيا آهن. انگريزن خلاف بغاوت حکومت سان غداري، ريل کيرائي فوجين جو قتل کرڻ، سرکاري ٻارود ۽ ملکيت جو ناس کرڻ جي سازش تحت توکي ڏوهاري قرار ڏيندي عمر پر قيد جي سزا ڏني ٿي وڃي. (ٽيبل تي ٽک ٽک جو آواز)

هيمون : انقلاب زندهباد - پارت ماتا کي جئ. وندي ماترم. انگريز حکومت مڙدهباد. پگٽ سنگهه زنده باد. جج صاحب ! مان اڄ ڏاڍو خوش آهيان. انقلاب زندهباد.

جج : ٽيبل تي غصي ۾ وڌيڪ زور سان ٽک ٽک کندو رهي ٿو ۽ چلائي ٿو 'باسٽر'.

سوترڌار : پياري هيمون۽ کي عمر پر قيد جي سزا ملڻ تي هن جا ڪٽنبي، شهرواسي، سنڌ واسي، ڏاڍا دکي ٿيا.

هيمونءَ جي سزا معاف ڪرائڻ لاءِ وڏن وڏن مدبرن ڪوششون ورتيون. سڀ ناڪامياب. اُلٽو ڪرنل رچرڊسن هيمون کي خوفناڪ، انسان ۽ ناپاڪ، خطرناڪ انسان ۽ حڪومت، شهر جي شانتي، امن امان لاءِ وڏو خطرو ڄاڻائي عمر پر قيد جي سزا کي ڦاسيءَ جي سزا ۾ تبديل ڪري ڇڏيو ۽ 21 ڊسمبر 1942 تي ان ڪاري فتويٰ تي حڪومت جي تاناشاهيءَ جي مُهر لڳائي. سڄي سنڌ ۾ ماتم ڇائنجي ويو. پر هيمون خوش هو. پڳت سنگهه جيان ڦاسيءَ تي لٽڪڻ جي هن جي تمنا پوري ٿي رهي هئي. سڪر سينٽرل جيل ۾ ڦاسيءَ جون تياريون شروع ٿي ويئون هيون. 21 جنوري 1943 سنڌ لاءِ هڪ ڪارو ڏينهن هو جو اُهو سنڌ سپوت هيمونءَ کي ڦاسي ڏيڻ لاءِ مقرر ڪيو ويو هو. انگريزن جي حيوانيت تي سڀ غصي ۾ هئا. چؤطرف دک، شوڪ، ماتم، رودن-راڙو ڇانيل هو. ڳوڙهن جي ندي وهي رهي هئي. ڦاسيءَ کان اڳ جيل ۾ صرف هيمونءَ جي ماتا پتا کي گڏجڻ جي اجازت هئي. هڪ ڏينهن...

(لوهي دروازو کلڻ جو آواز)

آواز : هيمون، تنهنجا ماتا پتا تو سان گڏجڻ آيا آهن.

هيمون : بابا، امان، پيرين ٿو پوان.

پيسومل : چيني ٻائي (گڏيل آواز) چٽ پٽ.

پيسومل : (دکي لهجي ۾) هيمون ! سڀ ڪوششون ناڪامياب

ويئون. كابہ واقفيت رشوت، اپيل، وينتي قبولي نہ ويئي. اسين ٽڪجي پيا آهيون. هارائي چڪا آهيون.

هيمون : بابا، جيڪو ٽيٽو آهي اهو اوس ٽيندو. منهنجي پاڻ ۾ ماتريومي ۽ مٽان قربان ٽيڻ لڪيو آهي، ديش شيوا جي وات مون خود پسند ڪئي آهي. مان آزادي ۽ لاءِ پنهنجي آهوتي ڏيندس اها ڳالهہ اٽل آهي. توهين دکي نہ ٽيو. اجايو پاڻي ولوڙي پنهنجي شڪتي...پيسو نہ وڃايو. منهنجي پريوءَ، گروءَ جي بہ اهائي اڃا آهي جا روڪي، ٽاري نٽي سگهجي.

ماتا : پٽ! تون چوي ٿو تہ ايشور بہ چاهي ٿو تہ توکي ڦاسي لڳي، پر مان پڇان ٿي تہ ڳوان جي اها اڃا چا لاءِ آهي؟ نو مهنا گربہ ۾ رکي، پيڙائون سهي، مائر ٻار کي جنم ڏين ٽيون چا اِن لاءِ تہ ڪشور اوستا ۾ ڪوئي جلاد، ڪاسائي، ڪوئي راوڻ، دهشت گرد شيطان هن کي ماري ڇڏي (روئي ٽي)

پيسومل : (شانت ڪرائيندي) هيمون ۽ ماءُ ڏاهي ٽي ءُ. هن ريت دک ڪرڻ، روئڻ سان هاڻي ڪجهہ نہ ورندو. شانت ٿي شانت. پٽ هيمون! سنڌ صوبي جو اسپيڪر پوچ سنگهہ پهلاجاڻي، ساڏو واسواڻي اڃا تائين ڪوشش ۾ لڳل آهن.

هيمون : بابا ! فوجي ڪمانڊر رچرڊسن پاپي، دشٽ، ضدي، هوڏي، اتياچاري، دُراچاري آهي. مان نٽو چاهيان تہ

منهنجا پوجنيہ گروجن، سنت، اڳوان منهنجي ڪري هن مهاپاپي ڪنور اڳيان ديا جي بيڪ ٿُهرن. ڪمانڊو هنن جي بي‌عزتي نہ ڪري وڃهي. جيڪا ڳالهہ پاڻ وڌيڪ ناشائستي ٿيندي. منهنجي سيني کي نماڻي وينتي آهي تہ مهرباني ڪري منهنجي چونڪاري جون سڀ ڪوششون بند ڪيون وڃن.

ماتا : ڪمانڊر ظلمي آهي، شيطان آهي.

هيمون : امان، ديش لاءِ قرباني ڈيڻ هر ڪرانتيڪاريءَ جو فرض آهي. جيڪي پارت جي آزاديءَ لاءِ لڙي رهيا آهن انهن کي گرفتار ڪرڻ مارڻ، ڪمانڊر پنهنجو فرض ۽ ڏرم سمجهي ٿو. ان لاءِ توهانکي دکي ٿيڻ جي ضرورت نہ آهي.

ماتا : اهو ڪتان جو قانون آهي. هيمون، توکي گرفتار ڪري ڪال ڪوٺريءَ ۾ پوريو ويو، منهنجي من ممتا ڏينهن رات رُنو، زار زار ڳوڙها ڳاڙيا. منهنجي پياري لال کي جنم ٽيپ جي سزا ڏني ويئي تڏهن من کي ڏيڍ ڏنم تہ هيمون جتي بہ هوندو، هن جهان ۾ حيات تہ هوندو. ڪڏهن-ڪڏهن تہ هن جو چهرو پسبو، گڏجاڻي ٿيندي، هال چال ملندو رهندو... پر... پر موت جي سزا منهنجو هينئون ٿو ڇڄي... مان سهن ڪري نہ سگهنديس... اهو ڪتان جو انصاف آهي، قانون آهي. هڪ ئي ڏوهہ لاءِ پهرين عمر ۾ قيد... بعد ۾ ڦاسيءَ جي سزا... هيءُ

انياءُ آهي... گهور انياءُ.

پيسومل : ها، هيمونءَ ماءُ... انياءُ ئي آهي. هيءُ انگريزن جي انڊي، ٻوڙي، گونگي قانون مارشل لا جي فتويٰ آهي. مارشل لا... فوجي قانون... ڪورٽ، ڪچهري، سرڪاري وڪيل، سرڪاري شاهد، وري سرڪاري جج، سڀ سرڪار جا آهن. جيڪي چاهين، جيئن وڻين، تئن فيصلو ڪن. اِهائي ته تاناشاهي آهي.

ماتا : (آپي کان ٻاهر نڪري) سزا گهٽائڻ، معافي ڏيڻ بدران ڦاسي... نه نه مان ته مري ويندس... هتيارا هيمونءَ کي ڦاسيءَ ڏين، اُن کان پهرين مان پاپي انگريزن کي ماري ڇڏيندس. پوءِ مان مرندس.

پيسومل : سياڻي پاڻ کي سنيال... سمجهداري کان ڪم وٺ.

ماتا : مان هتان هيمونءَ کي گهر وڃي ويندس. هيمون، تون ماءُ صدقي معافي وٺ. معافي وڻڻ سان اِنسان ننڍو نه پر مهان بڻجندو آهي... سرڪار جيڪي نالا گهري ٿي ڏئي ڇڏ. پر تون گهر هل (روئي ٿي)

هيمون : امان، توهان جي اکين ۾ آنسون! نه امان نه... توهان ته منهنجي بهادر ماءُ آهيو. منهنجي پريرڻا آهيو... ننڍپڻ کان گود ۾ وهاري ممتا جا پاڪر پري مونکي توهان ئي ته بهادريءَ ديش پڄڻيءَ جي پريرڻا-سڪيا ڏني آهي. توهانکي ته پاڻ خوش ٿيڻ گهرجي. توهانجا ڏنل سنسڪار ڪامياب ٻڌيا آهن مان

مهاراڻا پرتاب، شيواجيءَ جيان ديش پڀت بڻيو آهيان. هاڻي پڀت سنگهه جيان ديش صدقي قربان ٿي رهيو آهيان. امان، ٽوهان ڏي ٽه ديش پريم جي لولي ڏني. ديش محبت جي ٽچ پياري. مان توهانجي ٽچ جي لج رکندس. مان توهانجي جذبن، پاونائن، آسيس جو قدر کندس. قاسيءَ چڙهي ديش قرض ۽ پنهنجو فرض ادا کندس.

پيسومل : پٽ ! اسانجو چوڻ مڃ. سرکاري شاهد بڻجي وڃ. ساڻين جا نالا ٻڌاءِ.... سپ ڪجهه ٺيڪ ٿي ويندو.

هيمون : نه بابا نه !... اهو ناممڪن آهي... مان غداري هرگز- هرگز نه ڪندس. مان ڄاڻان ٿو قاسيءَ جي سزا معافي، آزاديءَ سان گڏ موت ۾ وڏا عهدا، خطاب به ملي سگهن ٿا. ديش پريم ان لالچن کان گهڻو گهڻو مٿي آهي. ديش مهان آهي. ديش قرباني-تياڳ ڳهري ٿو. مان داغدار نه ٻڌجندس. مان قرباني ڏيندس... ضرور ڏيندس.

ماتا : پر پٽ ! مان ڇا ڪريان. منهنجي ممتا...منهنجو موهه... منهنجي اولاد.

هيمون : امان! انهن سيني ٻڌنن کان آزاد ٿي مونکي آشيرواد ڏيو جيئن مان مرکندي مرکندي قاسيءَ تي چڙهان.

ماتا : هيمون پٽ ! مان ديوي کونه آهيان. مان ماءُ آهيان ماءُ، پنهنجي سنتان کي موت جي منهن ۾ ڪيئن

ڏسان... توکي کال ڪٽي وڃي اهڙي آسيس ڪيئن ڏيان....شل منهنجي جپ ڪٽجي پوي.

هيمون : امان، توهان ئي ته سيکاريو آهي ته ماءُ جي پيرن ۾ سرگ ٽئي ٿو ۽ جنم پومي سرگ کان وڌيڪ مهان آهي. سنڌ، پارت ماتا، جنم پومي ۽ جي سيوا ڪرڻ به منهنجو فرض آهي. پارت ماتا غلامي ۽ جي زنجيرن ۾ جڪڙيل، درد سهي رهي آهي. امان، مان توهان جو دک، پيڙا سمجهي سگهان ٿو. ماتر پومي در پيڙائون پوڄي رهي آهي. پارت ماتا بليدان ڪُهري ٿي. انيڪ ماتائون پنهنجا ڪوندر کايا آهن. انيڪ سهاڳڻين پنهنجي سينڌ جو سندور ديش لاءِ قربان ڪيو آهي، امان، توهان کي به قرباني ڏيڻي پوندي... امان، مان توهان کي وچن ٿو ڏيان. مان وري جنم وٺندس. توهان جي ڪک مان ئي سنڌ ۾ آزاد پارت ۾ جنم وٺندس. جڏهن مان توهانجي گود ۾ هوندس. توهانکي منهنجي گلي ۾ ڦاسيءَ جي نوڙيءَ جو نشان هار جي روپ ۾ نظر ايندو. اهائي منهنجي سچاڻپ هوندي... امان مان ضرور ايندس... ضرور موٽي ايندس.

ماتا : (روئندي ڳڙڪندڙي پريندي) هيمون...منهنجا لعل، منهنجا پيارا پٽ... منهنجي اکين جا نور.

هيمون : ها، امان، مان سچ ٿو چوان... مان واپس موٽي ايندس. جيستائين ديش آزاد نه ٿيو آهي تيستائين مرندو

رهندس... واپس جنم وٺي ايندس... بار بار مرندس... بار بار جمندس ديش صدقي.

ماتا : هي گرو بابا... مان ڇا ڪريان؟ ڪاڏي وڃان؟ تون ئي ڪا باجهه ڪر.

هيمون : امان، گهروءَ جي باجهه سڏائين اسان مٽان آهي پر امان، مونکي وچن ڏيو، منهنجي فاسيءَ تي توهين دکي نه ٿيندا. اکين ۾ ڳوڙها نه آڻيندا پائرن، پيٽ کي پٽ آڻت ڏيندا. اُنهن کي به ديش لڙائيءَ لاءِ سمجهائي- بجهائي تيار ڪندا. مان وري به قوّل تو ڪريان ته مان مان موٽي ايندس... هاڻي مونکي موڪل ڏيو... آشيرواد ڏيو.

ماتا : پر پٽ هيمون! مان فولادي جگر ڪٽان آڻيان... مان ڪهڙي دل سان ممتا جو گلو گُهٽي توکي ڦاسيءَ تي لٽڪڻ جي آسيس ڏيان... آشيرواد ته سنائي، بهبودي، وڪاس لاءِ ڏبي آهي. مان... مان... موٽ جي آشيرواد توکي ڪيئن ڏيان؟

هيمون : امان، من جي جذبات کي بي لغام ٿيڻ نه ڏيو. صادق جذبو دل ۾ ڏاري شانت چت سان سوچي ڏسو. هيءُ موٽ نه، پر منهنجي لاءِ فخر، شان مان جي ڳالهه آهي ۽ ڪتب لاءِ ڳات اوچو ڪرڻ جي.

ماتا : من.. چت... شانتي... لاڏلو ڪال جو بڪ بڪجي رهيو آهي اکين ڏسان وينو موٽ جي ننگي ناچ وچ...

شانتي... چت... صبر... صادق جذبو... (روئي ٽي)

هيمون : امان، بابا! توهان اڪيلا نہ آهيو. امر شهيد پگت سنگهجي ماتا پڻ پگت سنگهہ کي مرکندڙ چهري سان ڦاسيءَ تي لٽکڻ جو حڪم ڏنو هو. هن جي ماتا جي اکين ۾ پٽ وڃائڻ جو کوبہ دک، افسوس کونہ هو. ڳوڙها هڻا خوشيءَ فخر جا اهڙيون انيک ماتائون آهن. جن پنهنجا جان جگر ديش صدقي قربان ڪيا آهن. توهان پڻ ڪلندي آگيا ڏيو. مان ڏاڍو خوش ٿيندس. آرام سان مري سگهندس.

(سڏڪن جو آواز)

هيمون : امان... مون طرف نهاريو... منهنجي چهري کي ڏسو، مان ڪيترو نہ خوش آهيان. منهنجي سرير کي ڏسو، ڦاسيءَ جي خوراڪ منهنجو وزن بہ وڌايو آهي. جيلر جيڪي مؤت تائين مونکي تازو ترانو، تندرست رکڻ جي چنتا ۾ آهن. اُهي پڻ سمجهي ويا آهن تہ مونکي مؤت جي سزا، ڦاسيءَ جي ڏهکاوَ هيسايو کونهي پاڻ وڌيڪ سگهارو بڻايو آهي.

ماتا : هيمون... هيمون... پيارا پٽ... لال صدقي وڃان توتان.

هيمون : بابا! بابا! توهين تہ منهنجي قرباني‌ءَ سان خوش آهيو نہ؟

پيسومل : ها پٽ! خوش آهيان. ايشوردر وينتي آهي تہ سڏ جي هر گهر ۾ تو جهڙي ويرسپوت جو جنم ٿئي.

(سڏڪا)

هيمون : امان، توهين وري روئو ٿا. من کي استر کريو. هڪ هيمون ڦاسيءَ لٽکندو ته ڇا ٿيندو؟ صرف هڪ هيمون نه پر پارت ديش جو هرهڪ سپوت توهانکي ''امان''، ''امان'' چئي پُڪاريندو هرهڪ بار ۾ توهانکي هيمون نظر ايندو. مان توهانجي نظرن سامهون هوندس. پيارن ننڍڙن گلڙن ۾ رنگ ۽ رنگي گلن ۾، ڇهرمر وهندڙ برساتي بوندن ۾.

ماتا : (فخر وچان) پٽ! مان وساري ويني هئس ته تون ديش جي ملڪيت آهين. تون ڪانئر نه بهادر آهين مان هاڻي پاڻ مان موهه ڪيان ٿي. هيمون منهنجا پيارا پٽ. پرپو، جهوليلال بلي واري، واهگرو بابل، هيمونءَ کي همٿ ڏجو ''انقلاب زنده باد'' جي پٽ رکجو. پارت ماتا کي آزاد ڪرائجو. اها ئي توهان در وينتي آهي... پٽ هيمون... منهنجي توکي آشيرواد آهي ديش مٽان قربان ٿي. مان توکي پنهنجي موهه، ممتا کان آزاد ٿي ڪريان. مان توکي آگيا ٿي ڏيان ته خوشيءَ. خوشيءَ ڦاسيءَ جو ڦندو قبول ڪج.

هيمون : امان... بابا پيرين ٿو پوان

پيسومل ماتا : پٽ! اسانجي توکي آشيرواد آهي

(سنگيت)

سوترڌار : ۽ هيمون کالاڻيءَ جيل اندر ''انقلاب زنده‌باد'' جا خود

نعرا لڳائيندي. پنهنجي آخرين خواهش ۾ جيلر، مئجسٽريٽ، ڊاڪٽر، حاضر سپاهين ۽ جلاد سميت 'پارت ماتا کي جئ' ''انقلاب زندهباد'' کان نعرا هڻندي. ڦاسيءَ جي تختي، ڦندي کي چمندي جلاد جي هٿ مان کارو کپڙو ونڻي، پنهنجي مٿان پنهنجن هٿن سان وجهي، ڦندو ڳچيءَ ۾ وجهي ڦاسيءَ چڙهي ديش مٿان شهيد ٿي ويو. اڄ به فضا ۾ ''انقلاب زندهباد''، ''پارت ماتا کي جئ''، ''وندي ماترم'' جي گونج گونججي رهي آهي.

(وندي ماترم جي ڏُن)

سماپت

ڪرتري پريوگ (Active Voice)، ڪرمڻي پريوگ (Passive Voice) ۽ ياوي پريوگ (Impersonal Voice)

-ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي

سنڌي ٻوليءَ جي گرامر لکڻ جي شروعات اوڻويهين عيسوي صديءَ جي وچ ڌاري يوروپي عالمن ڪئي. پرنسيپ پهريون يوروپي عالم هو، جنهن بمبئيءَ ۾ رهندڙ ڪن سنڌي واپارين جي مدد سان سنڌي ٻوليءَ جو اَڀياس ڪري، انگريزيءَ ۾ سنڌي گرامر لکي، 1835ع ۾ شايع ڪرايو. ڪانئس پوءِ هڪ ٻئي يوروپي عملدار واٽين به اِها ئي وات ورتي. هن 1836ع ۾ سنڌي ويا ڪرڻ ۽ شبد پنڌار تي انگريزيءَ ۾ هڪ ڪتاب شايع ڪيو. سنہ 1843ع ۾ جڏهن انگريزن سنڌ جي حاڪمن ميرن کي شڪست ڏيئي، اُتي برطانيہ حڪومت جو پايو وڌو، تڏهن ڪن فوجي عملدارن سنڌ ۾ رهي، سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس ڪري، اُنهيءَ تي تحقيقي مقالا لکي شايع ڪرايا. اُنهن ۾ انگريزي فوج جو ڪئپٽن جارج استئڪ ٻين سيني کان گوءِ ڪٽي ويو. هُن ڪن سنڌين جي مدد سان سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس ڪيو. پوءِ سنڌي ٻوليءَ جو گرامر ۽ انگريزي-سنڌي ڊڪشنريءَ تيار ڪري، بمبئي سرڪار جي مدد سان اُهي 1849ع ۾ شايع ڪرايائين. اِنهن ڪتابن سان گڏ هو سنڌي-انگريزي ڊڪشنري پڻ تيار ڪندو رهيو. اِها ڊڪشنري به

چپائيءَ هيٺ هئي تہ 1853ع ۾ هن جي وفات ٿي ويئي. پوءِ سنڌ جي تعليم کاتي جي انسپيڪٽر ايلس آڏ ۾ رهيل اِنهيءَ ڪم کي پورو ڪرائي، بمبئي سرڪار طرفان اِها ڊڪشنري 1855ع ۾ شايع ڪرائي. انهن ٽنهي ڪتابن ۾ ڪئپٽن جارج استئڪ سنڌي ٻوليءَ لاءِ ديوناگري لکاوٽ ڪتب آندي هئي. هن جو مقصد هو تہ سنڌ ۾ سرڪاري عهدن تي مقرر ٿيل سڀ يوروپي عملدار ديوناگري لپيءَ کان اڳ ۾ ئي واقف آهن. اِنهيءَ ڪري انهيءَ لپيءَ ذريعي هو سنڌي ٻولي جلد ئي سکي سگهندا. ڪئپٽن جارج استئڪ جا اِهي ٽيئي ڪتاب گهٽي عرصي کان وٺي ناياب هئا. شاباس آهي سنڌي لئنگئيج اَٿارٽي، حيدرآباد سنڌ کي، جنهن اِهي ڪتاب هٿ ڪري، ديوناگريءَ سان گڏ عربي-سنڌي لکاوٽ ۾ شامل ڪري، ٻيهر شايع ڪيا آهن.

اَرنيسٽ ٽرمپ پهريون جرمن عالم هو، جنهن 1872ع سنڌي ٻوليءَ جو وڏو تاريخي گرامر شايع ڪيو. اُنهيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي تاريخي اوسر سان گڏ، اُنهيءَ جي ٻين هند-آرياڻي ٻولين سان پيٽ ۾ ڪيل آهي. اُنهيءَ ئي دؤر ۾ جان بيمس جو ٽن ڀاڱن ۾ (1872-1879) 'ڪمپئريٽوگرامر آف مادرن آرين لئنگئيجز آف اِنڊيا' نالي ڪتاب شايع ٿيو، جنهن ۾ هندي، پنجابي، سنڌي، گجراتي، مراٹي، اوڙيا ۽ بنگالي جي تاريخي اوسر سان گڏ پيٽ ڪيل آهي. اِهي ٻئي ڪتاب ۾ وري شايع ڪيا ويا آهن.

1853ع ۾ جڏهن انگريز سرڪار سنڌي ٻوليءَ کي تعليمي سرشتي ۾ شامل ڪيو ۽ سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪتب ايندڙ عربي-سنڌي

لکاوت کي معياري ۽ هڪ-سريکو روپ عطا ڪيو. تڏهن سنڌي درسي ڪتابن کي تيار ڪرائي، شايع ڪرڻ جي ب شروعات ڪئي ويئي.

انهيءَ سلسلي ۾ سنڌي عالمن ب سنڌي ٻوليءَ جا ويا ڪرڻ لکيا. اُڌارام ٿانورداس ميرچنداڻي، جهمٽمل نارومل وسٽاڻي، ڪشنچند گلاب سنگهه گدواڻي ۽ ڏيارام وسٽمل ميرچنداڻي، مرزا قليچ بيگ، پيرومل مهرچند آڏواڻي مکيه سنڌي عالم هئا، جن جا لکيل سنڌي ويا ڪرڻ مُلڪ جي ورهاڱي کان اڳ سنڌ جي اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ درسي ڪتاب طور مقرر ڪيل هئا.

1947ع ۾ ملڪ جي آزاديءَ ڪانپوءِ سنڌ ٽوڙي پارت ۾ سنڌي ٻوليءَ جا گهڻيئي ويا ڪرڻ شايع ٿيا آهن. هِن ڊِس ۾ مکيه نئين ڳالهه اِها ٿي آهي ته ڪن سنڌي عالمن جديد لسانيات جي اُصولن جو اڀياس ڪري، اُنهيءَ جي روشنيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي تاريخي اوسر، سنڌي ٻوليءَ جي ويا ڪرڻي رچنا وغيره موضوعن تي نئين سِري سان سوچڻ ۽ تحقيق ڪرڻ جي شروعات ڪئي آهي. اَهڙن عالمن جي صف ۾ منهنجي دوست ڊاڪٽر غلام علي اَلانا جو نالو پهرئين نمبر تي آهي. سنڌي ٻوليءَ سان واسطو رکندڙ موضوعن تي هن جا سنڌي توڙي انگريزيءَ ۾ ڏزن ڪن تحقيقي ڪتاب شايع ٿيا آهن. تازو سندس لکيل 'سنڌي ٻوليءَ جو تشريحي گرامر' سنڌي لئنگيج اَٿارٽيءَ حيدرآباد سنڌ مان 2010ع ۾ شايع ڪيو آهي. مون کي انهيءَ ڪتاب ڈسڻ جو موقعو 2012ع ۾ ملي سگهيو. 'نئشنل ڪائونسل فار پروموشن آف سنڌي لئنگئيج' طرفان دهليءَ ۾ اِنڊو-پاڪ اِنٽرنئشنل ڪانفرنس رکيل هئي، جنهن ۾

سنڌ جا بہ ڪجھ عالم شريڪ ٿيا ھئا. سنڌ يونيورسٽيءَ جي پاڻ انورفگار ھڪڙي انھيءَ ڪتاب جي ھڪ ڪاپي پاڻ شوڪت شوري ھٿان موڪلي ھئي. لکي ٿورا پيڙ ڈاڪٽر فھميدھ حسين ۽ پاڻ تاج جويي جا، جن ڪئپٽن جارج اسٽئڪ ۽ آرنيسٽ ٽرمپ جي ڪتابن جا پنھنجي اِداري طرفان شايع ڪيل ايڈيشن بہ سوڪڙيءَ طور عنايت ڪيا. ڪتابن ملڻ شرط ئي اُنھن جو مطالعو شروع ڪيم.

'سنڌي ٻوليءَ جو تشريحي گرامر' لاشڪ ھڪ عمدي رچنا آھي، جنھن ۾ سنڌيءَ ٻوليءَ جي ويڪرڻي بيھڪ تي جديد لسانيات جي اُصولن موجب نئين سِري سان ويچار ڪيو ويو آھي. ڈاڪٽر آلانا انھيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ويڪرڻ تي ٻين عالمن جي شايع ٿيل ڪتابن ۽ مقالن وغيرھ جي باري ۾ بہ گھڻن ئي ھنڌن تي ٽيڪا ٽپڻي ۽ تنقيد ڪئي آھي. ڈاڪٽر آلانا جو لکيل ھيءُ ڪتاب مون بہ-ئي دفعا ڏيان سان پڙھيو. گھڻن ئي ھنڌن تي من ۾ شڪ-شبھا ۽ نوان سوال پيدا ٿيا. مان پنھنجا ويچار ڪتاب جي حاشئي ۾ جدا جا صفحن تي درج ڪندو ويس. پنھنجي عزيز دوست ڈاڪٽر الانا سان سنڌ ۾ ٿوڙي پارٽ ۾ ٽي-چار دفعا روبرو ملاقاتون ٿيون آھن. پر ڪڏھن بہ اَھڙو موقعو ملي نہ سگھيو آھي، جو سنڌي ٻوليءَ جي ويڪرڻي رچنا بابت، اُنھيءَ جي تاريخي اوسر جي باري ۾ پاڻ ۾ گڏجي، جدا جدا مسئلن تي تفصيلوار ويچارن جي ڏي-وٺ ڪري سگھون. سنڌي گرامر جا اھڙا گھڻيئي مسئلا آھن، جن تي ٻيھر سوچڻ جي گھڻي ضرورت آھي. ھن مضمون جي محدود دائري ۾ مان فقط سنڌي فعلن جي

پريوگن جي باري ۾ پنهنجا ويچار رکڻ ٿو چاهيان.

ڪرتري پريوگ (Active Voice)، ڪرمڻي پريوگ (Passive Voice) ۽ ياوي پريوگ (Impersonal Voice) :

ڊاڪٽر غلام علي آلانا 'سنڌي ٻوليءَ جو تشريحي گرامر' ڪتاب جي باب ٻارهين ۾ اِنهيءَ موضوع تي بحث ڪيو آهي، جنهن جو سِرو آهي 'فعلن جون معروفي ۽ مجهولي صورتون/فعلن جا پريوگ' (ص. 208 کان 228 تائين). هن باب ۾ گهڻن ئي هنڌن تي اڳيئر شايع ٿيل سنڌي وياکرڻ جي ڪتابن مان گهربل هنڌن تي حوالا ب ڏنا ويا آهن. هِتي اُنهن تي ويچار ڪرڻ کان اَول مان اِنهيءَ موضوع تي پنهنجا ويچار رکان ٿو.

پريوگ : هيءَ سنسڪرت ٻاشا جو لفظ آهي، جنهن جون ڪجهه معنائون آهن، اِستعمال (Usage)، سَنبَنڌ يا لاڳاپو (Relationship) ۽ روپ يا صورت (Form). وياکرڻ جي حوالي ۾ هتي 'پريوگ' لفظ جو مطلب آهي، ڪنهن جملي ۾ ڪِريا (فعل=Verb)، جو اُنهيءَ جملي جي ڪَرتا (فاعل=Subject) يا ڪَرم (مفعول=Object) سان سنبَنڌ يا لاڳاپو (Relationship). اِنهيءَ سنبَنڌ جا ٽي قسم آهن، جنهن موجب سنڌي ٻوليءَ ۾ ٽي پريوگ آهن:

(1) ڪَرتري پريوگ (فاعلي نسبت يا موافقت = Active Voice)

جنهن جملي ۾ ڪِريا (فعل)، ڪَرتا (فاعل) جي ضمير (Person)، عدد (Number) ۽ جنس (Gender) موجب ڦرندي آهي يعني صورت اختيار ڪندي آهي، اُنهيءَ جملي کي ڪَرتري پريوگ ۽ اُنهيءَ

ڪِريا کي ڪَرتري پريوگ ۾ چئبو آهي.

مان ڪتاب پڙهان ٿو - تون ڪتاب پڙهين ٿو. (ضمير)

. چوڪرو ڪتاب پڙهندو - چوڪرا ڪتاب پڙهندا. (عدد)

چوڪري ڪتاب پڙهندي - چوڪريون ڪتاب پڙهنديون. (جنس)

(2) ڪَرمڻي پريوگ (مفعولي نسبت يا موافقت =Passive Voice)

جنهن جملي ۾ ڪِريا (فعل)، ڪَرم (مفعول) جي ضمير، عدد ۽ جنس موجب ڦرندي آهي يعني صورت اختيار ڪندي آهي، اُنهيءَ جملي کي ڪرمڻي پريوگ ۽ اُنهيءَ ڪِريا کي ڪرمڻي پريوگ ۾ چئبو آهي.

مون خطُ لکيو - مون خَطَ لکيا. (مذڪر واحد ۽ جمع)

مون چني لکي - مون چنيون لکيون. (مونث واحد ۽ جمع)

(3) پاوي پريوگ (نِرالي نسبت يا موافقت =Impersonal Voice)

جنهن جملي ۾ ڪريا (فعل) جو لاڳاپو نڪو جملي جي ڪرتا (فاعل) سان نڪو ڪرم (مفعول) سان هوندو آهي، يعني ٻنهي کان نرالي هوندي آهي، اُنهيءَ جملي کي پاوي پريوگ ۽ اُنهيءَ ڪريا کي پاوي پريوگ ۾ چئبو آهي. اَهڙن جملن ۾ ڪريا هميشهہ ضمير غائب، عدد واحد ۽ جنس مذڪر (Singular, Masculine III Person,) ۾ هوندي آهي. هتي فقط ڪِريا جي ذريعي ظاهر ٿيندڙ مطلب يا پاوَ ئي مکيہ هوندو آهي. جيئن تہ:

سُپاٽي ڪراچيءَ وڃبو.

سويل سُمهجي، سويل اُٺجي.

اَڄ صبوح جو گهمڻ هلبو؟

گهٽو ڊوڙبو تہ ٽڪ ٽيندو.

هاڻي هتي وڌيڪ نہ ترسجي تہ بهتر.

نوٽ : هيءُ پريوگ گهڻو ڪري فعل لازمي (Intransitive Verb) جي صورت وارو هوندو آهي. جن زمانن ۾ فعل جنس جو فرق نہ ڏيکاريندو آهي (جيئن زمان مضارع)، اُتي اُهو فعل ضمير غائب، عدد واحد واري صورت ۾ هوندو آهي. (جيئن- اُٺجي، سُمهجي، ترسجي). هن قسم جي لازمي فعل کي اَڪرترڪ (يعني جنهن کي ڪرتا نہ آهي) يا 'فعل بي فاعل' پڻ سڏيندا آهن.

پريوگ جي تاريخي اوسر :

پارت-پاڪ اُپکنڊ جي سيني آڀاڻين ٻولين ۾ ڪرمڻي ۽ پاوي پريوگ وارن فعلن ڪتب آڻڻ جو گهڻو رواج آهي. سنسڪرت ۾ اِنهيءَ قسم جا فعل ناهڻ لاءِ، فعل جي ڏاتوءَ يا بنياد ۾ /-يَ-/ پڇاڙي لڳائي ويندي آهي، جنهن جي پنيان پوءِ ضمير ۽ عدد ڏيکاريندڙ پڇاڙي لڳائبي آهي. سنسڪرت ۾ فعل مذڪر، مونث ۽ بي جان جنس جو فرق نہ ڏيکاريندو آهي يعني ٽنهي جنسن ۾ اُنهيءَ جو ساڳيو روپ هوندو آهي. متعدي فعل (Transitive Verb) جي ڏاتوءَ مان ڪرمڻي پريوگ جو فعل ۽ لازمي فعل (Intransitive Verb) جي ڏاتوءَ مان پاوي پريوگ جو فعل ٺهندو آهي.

لِکيتي (لِکـ+يَـ+تي) لِکجي (ڪرمڻي پريوگ)

پَڙِيتي (پَڙھـ+يَـ+تي) پڙھجي (ڪرمڻي پريوگ)

چَلِيتي (چَلـ+يَـ+تي) هلجي (پاوي پريوگ)

نِرتيتي (نِرتـ+يَـ+تي) نچجي (پاوي پريوگ)

فعلن جي رچنا جو اِهو نمونو پالي، پراڪرت ۽ اَپيرنش ٻولين تائين قائم هو. اِنهن ٻولين ۾ /-يَـ-/ جو اُچار بدلجي /-جْ-/ يا-

/اِ-/ ٽي ويو. ڏهين عيسوي صديءَ جي آسپاس جڏهن هاڻوڪين هند-آريائي ٻولين اَپيرنش کان بدلجي، پنهنجيون پنهنجيون نرالیون علائقائي خاصيتون ظاهر ڪيون، تڏهن گهٽين ٻولين فعل جي رچنا جو اِهو صرفي بناوت (Morphological structure) وارو طريقو ڇڏي، نحوي بناوت (Syntactical Structure) واري وات اَختيار ڪئي. اُنهيءَ ۾ فعل جي اسم مفعول (Past Participle) واري صورت پٽيان 'جانا' (to go) فعل جو گهربل زمان وارو روپ گڏي، ڪرمڻي ۽ ياوي پريوگ جا فعل ٺاهيا ويا. جيئن تہ:

هنديءَ ۽ اُردوءَ ۾ هي فعل ڏسو:

لِکا جائي، پڑهه جائي، چَلا جائي، ناچا جائي.

لکا جاتا هئي،لکا جا رها هئي، لکا جاتا هوگا، لکا جا رها هوگا.

لکا جائيگا، لکي جائيگي، لکي جا رهي هوگي، لِکا گيا، لکا گيا هئي،

لکا گيا ٿا، لکي گئي هئي، لکي گئي ٿي.

سنڌي ٻوليءَ جي خاصيت اِها آهي تہ اُنهيءَ، فعل جي اِها نحوي بناوت اَختيار ڪرڻ سان گڏوگڏ، فعل جي رچنا جو جهونو صرفي بناوت وارو طريقو بہ پاڻ وٽ سنيالي رکيو آهي. سنڌيءَ جي نحوي بناوت واري ڪرمڻي ۽ ياوي پريوگ جي فعل ۾ مکيہ فعل جي اسم مفعول واري صورت پٽيان 'وڃڻ' (جانا To go) فعل جو گهربل زمان وارو روپ ڪتب آڻيو آهي. ٻئي طرف، صرفي بناوت واري فعل ۾ ڏاتوءَ پٽيان /ج-/يا/-اِ-/پڇاڙي گڏيل آهي، جيڪا ڪرمڻي يا ياوي پريوگ ڊيڪاريندڙ پڇاڙي آهي. مثال طور،

ڪرمٽي پريوگ:

مارڻ - مان مارجان ٿو - مان ماريو وَڃان ٿو.

پڪڙڻ - مان پڪڑيُس - مان پڪڑيو وِيس. (مذڪر)

مان پڪڑيَس - مان پڪڑي وِيَس. (مونث)

مان پڪڑجان ها - مان پڪڑيو وڃان ها.

مارڻ - مان مارِيُس - مان ماريو ويندُس. (مذڪر)

مان مارِيَس - مان ماري ويندَس/ويندِيَس (مونث)

پاوي پريوگ :

پينگهي ۾ لُڏجي ٿو - پينگهي ۾ لُڏيو وڃي ٿو.

گهٽو بيهبو ته ٽڪ ٽيندو.

هاڻي مون کان وڌيڪ ٻيهر نٿو وڃي.

اڄڪلهه هلي ترسجي، تنهن کان بهتر آهي ته گڏ هلجي.

هاڻي اينرو ته ٽڪجي پيو آهيان، جو وڌيڪ هليو نٿو وڃي.

ڪيئن آهين؟ مِڙيئي جيئجي پيو.

جڏهن حاڪم ٿيو، تڏهن اِنصاف ڪيو.

سياري ۾ ڏکجي ٿو ۽ اونهاري ۾ سڙجي ٿو.

مون کان اَڌ رات تائين جاڳيو نٿو وڃي.

نوٽ : هن قسم جي جملن ۾ فقط فعل لازمي مجهول ڪتب ايندو آهي، جيڪو ضمير غائب، عدد واحد ۾ هوندو آهي. فعل متعدي ۽ فعل لازمي جي وچ ۾ فرق سڃاڻڻ جو آسان طريقو اِهو آهي ته اُنهن کي زمان ماضي ضمير متڪلم (First Person) ۾ ڪتب آڻي ڏسو. فعل لازميءَ جو فاعل حالت فاعلي ۾ ڪتب ايندو آهي، ٻئي طرف فعل متعديءَ جو فاعل حالت عام (case

(Oblique or formative) ۾ هوندو آهي. جيئن تہ:

فعل لازمي - مان هليُس، مان ڊوڙيُس، مان بيٺُس، مان ڪريَس.

فعل متعدي - مون لکيو، مون خطُ لکيو، مون خطَ لکيا، (مفعول مذڪر)

مون چني لکي، مون چنيون لکيون. (مفعول مونث)

هتي فعل مفعول جي ضمير، عدد ۽ جنس موجب ڦري ٿو. اِن طرح فعل متعديءَ جا زمان ماضيءَ ۾ فقط چار روپ آهن-مذڪر واحد، مذڪر جمع، مونث واحد ۽ مونث جمع. اِن ۾ شڪ نہ آهي تہ اُتر سنڌ وارن جي سريلي اُپياشا ۾ اَهڙن جملن ۾ پڙ فاعل کي حالت فاعلي (Nominative case) ۾ ڪتب آڇڻ جي ريت آهي. جيئن تہ مان چيو، مان لکيو. ٻئي طرف، وچولي سنڌي، جيڪا معياري ۽ اَدبي اُپياشا آهي، اُن ۾ 'مون'، 'تو'، 'هُن' وغيرهہ روپ فاعل طور، اسم مفعول مان ٺهيل متعدي فعلن سان ڪم آڇبا آهن. اسم خاص پڙ اَهڙن فعلن سان حالت عام ۾ ڪتب آڇبو آهي. جيئن تہ..

رامُ هليو؛ رامُ ڊوڙيو. (فعل لازمي)

رامَ چيو ؛ رامَ لکيو. (فعل متعدي)

پريوگن ۾ جملن جا الڳ الڳ نمونا :

ڪرتري پريوگ : ڪرتري پريوگ ۾ فعل هميشهہ معروف صورت وارو هوندو آهي، جنهن جو لاڳاپو جملي جي ڪرتا (فاعل) سان هوندو آهي. ڪرتا جملي ۾ ظاهر يا ڳجهو موجود هوندو آهي. جيئن تہ:-

مان وڃان ٿو يا وڃان ٿو.

تون پڙهہ يا پڙهُہ.

جڏهن فاعل ڳجهو آهي تہ پوءِ اُهو فعل جي صورت مان ڏي ظاهر ٿيندو آهي.

ڪرمڻي پريوگ : هن ۾ ڳهڻو ڪري هيٺين قسمن جا جملا هوندا آهن :

(1) اسم مفعول (Past Passive Participle) مان ڏهيل زمانن ۾ متعدي.فعل همیشہ ڪرمڻي پريوگ ۾ هوندا آهن:

(مون، تو، هُن، اَسان، توهان، هُنن) خطُ لکيو. (مفعول مذڪر واحد)

(مون، تو، هُن، اَسان، توهان، هُنن) خطَ لکيا. (مفعول مذڪر جمع)

(مون، تو، هُن، اَسان، توهان، هُنن) چِني لکي. (مفعول مونث واحد)

(مون، تو، هُن، اَسان، توهان، هُنن) چِنيون لکيون. (مفعول مونث جمع)

هتي مفعول موجب فعل جا فقط چار روپ ممڪن آهن.

(2) مان مارجان ٿو. اَسين مارجون ٿا.

ڳهوڙو مارجي ٿو. ڳهوڙا مارجن ٿا. ڳهوڙي مارجي ٿي.

هتي جيڪڏهن فاعل ڪتب آڻبو تہ اُهو حالت جري ۾ هوندو.

جيئن دهمن کان ڳهوڙا مارجن ٿا. اَسين پوليس هٿان مارجون ٿا.

(هتي فعل متعدي مجهول آهي-مارجڻ)

(3) مان پڪڙيس. اَسين پڪڙياسين. تون پڪڙئين. توهين پڪڙيا.

هو پڪڙيو. هو پڪڙيا. (فعل پڪڙجڻ-متعدي مجهول)

مان پڪڙبس. اَسين پڪڙباسين. تون پڪڙبين. توهين پڪڙبا.

هو پڪڙبو. هو پڪڙبا. (فعل پڪڙجڻ، زمان مستقبل)

هو (پوليس هٿان/کان) پکڙبو.

(4) مون کي خطُ لکڻو آهي. مون کي خط لکڻا آهن.

مون کي چني لکڻي آهي. مون کي چنيون لکڻيون آهن.

(مفعول جي عدد ۽ جنس موجب فعل جا چار روپ آهن.)

(5) خطُ لکيُم، خط لکيَم، چني لکيَم. چنيون لکيَم.

خط لکڻو اَٿم، چني لکڻي اٿم، چنيون لکڻيون اٿم.

(فعل سان ضمير متصل جو استعمال کيل آهي.)

(6) خط لکيو ويو، خط لکيا ويا. چني لکي ويئي. چنيون لکيون ويون

چور پکڙيو ويو آهي. چور پکڙيا ويندا.

(مکيہ فعل سان مددگار فعل 'وڃڻ' جو استعمال)

ياوي پريوگ :

(1) هلجي ٿو. نچبو. پينگھہ ۾ لڏبو. (فعل لازمي مجهول)

(2) کمري ۾ ايتري گرمي آهي، جو هٿي سمهيو نٿو وڃي.

اڄ ايترو ٽڪجي پيو آهيان، جو بينو نٿو وڃي.

(فعل لازمي مجهول سان مددگار فعل 'وڃڻ' جو استعمال)

(3) مون کي اَڄ کراچيءَ وڃڻو آهي.

اَسان کي اَڄ کراچيءَ وڃڻو آهي.

(فاعل جي پٺيان حرف جر 'کي'، اَڇڻ سان فعل لازمي مجهول جو ڦرڻ بند ٿي وڃي ٿو ۽ اُن جو سنبنڌ فاعل سان ٿئي پوي ٿو.)

(4) پوليس چور کي پکڙيو. پوليس چورن کي پکڙيو.

پوليس معرفت چورن کي پکڙيو ويو.

(جڏهن فعل متعدي زمان ماضيءَ ۾ آهي ۽ مفعول پٺيان 'کي'

حرف جر لڳل آهي، تڏهن فعل جو ڦرڻ بند ٿي وڃي ٿو.)

نوٽ : پاڻي پريوگ ۾ فعل هميشه ضمير غائب ۽ عدد واحد واري صورت ۾ هوندو آهي. جنهن زمان ۾ فعل جنس جو فرق ڏيکاري ٿو، اُتي پاڻي پريوگ ۾ اُهو فعل هميشه جنس مذڪر ۾ هوندو آهي.

ڊاڪٽر الانا جي ڪن سمجهاڻين تي منهنجا ويچار :

ڊاڪٽر الانا لکيو آهي :

(1) زمان ماضي مطلق جي ڦيري لاءِ، فعل لازمي مجهول توڙي فعل متعدي مجهول جي علامت 'ويو' آهي، جيڪا فعل جي پڇيان ملائي ويندي آهي. اِهو به ياد رکڻ گهرجي ته زمان ماضيءَ جي ڦيري لاءِ، فعل مجهول جي علامت پڇيان، فعل سان ضميري پڇاڙيون به ملايون ويندين آهن.'' مثال-ماريو ويس، ماريا وياسين وغيرهه. (ص 212-213).

''فعل جي زمان ماضيءَ واريءَ نشانيءَ 'وهه' جو زمان مستقبل ۾ ڦيرو'' ويندس، ويندا سين وغيرهه (ص 214). (هتي 'وهه' شايد ڇاپي جي غلطي آهي، جيڪا 'وچ' ٽيڻ گهرجي.)

منهنجي ويچار ۾ 'ويو' لفظ کي علامت يا نشاني سڏڻ درست نه آهي. مجهول فعل جون نشانيون /-ج-/، /-اِج-/ آهن، جيڪي فعل جي ڏاتوءَ يا بنياد ۾ لڳائي، پوءِ اُن پڇيان ضميري پڇاڙيون جوڙجن ٿيون. نشاني يا علامت پابند صورت هوندي آهي، جيڪا فعل جي بنياد ۾ لڳائجي ٿي. ٻئي طرف 'ويو' فعل معاون يا مددگار فعل آهي، جيڪو ڪرمڻي يا پاڻي پريوگ جي فعل جي نحوي رچنا (Syntactical Construction) جو هڪ حصو آهي. اِن رچنا ۾ ٻيا

بہ لفظ مکمل فعل ۽ مددگار فعل جي وچ ۾ ڪتب اچي سگھن ٿا. جيئن تہ...

ماريوئي ڪونہ ويندو؛ ماريوئي نٽو وڃي، هن کي ماريو ئي وڃي ها. جيڪڏهن اَسين 'ويو' کي نشاني مڃون تہ پوءِ سوال پيدا ٿو ٿئي تہ اِن جي بنيادي صورت ڪهڙي آهي؟ ڇا اِها فقط /-ۇ-/ آهي، جنهن ۾ زمان ڏيکاريندڙ پڇاڙيون گڏجن ٿيون. 'ويو' کي 'وڃ' ڏاتوءَ مان نهيل مددگار فعل جو روپ مڃڻ ئي درست آهي، جيئن هندي ۽ اُردو ٻولين ۾ 'جا' ڏاتوءَ جي مدد سان ڪرمٽي ۽ پاوي پريوگ وارا فعل ناهجن ٿا. 'وڃڻ' ۽ 'جانا' فعلن جي معنيٰ بہ ساڳي آهي. هنديءَ ۾ بہ 'جانا' کي مددگار فعل ليکيو وڃي ٿو.

انگريزيءَ ۾ بہ اسم مفعول يعني Past Participle اڳيان فعل 'be' (هڻڻ) جا جدا جدا روپ گڏي Passive Verb جا جدا جدا زمان ناهبا آهن. انگريزيء ۾ مددگار فعل کي 'Auxiliary Verb' چئبو آهي، جنهن جي سمجهاڻي هن ريت آهي.

"The Verbs 'be' (am,is, was etc.), 'have' and 'do', when used with ordinary verbs to make tenses, passive forms, questions and negatives, are called auxiliary verbs or auxiliaries." (auxiliary =Helping). Wren & Martin, English Grammar and Composition, Revised edition, 2010, Delhi. p.90, For Example:

The Peon opened the gate. - The gate was opened by the peon.
Sita loves savitri. - Savitri is loved by Sita.

سنڌي ويا ڪرڻ ۾، واحد بخش شيخ پنهنجي ڪتاب ''سنڌي ٻوليءَ جو صرف ۽ نحو'' (پاڻو پهريون) ۾ صفحي 370 تي فعل متعدي مجهول جي اِها رچنا سمجهائي آهي:-

''اُهو فعل متعدي، جنهن جو فاعل جاڻايل نہ هجي ۽ اُن جو

مفعول فاعل جو قائم مقام هجي، تنهن کي فعل متعدي مجهول چئبو آهي. مجهول جي معنيٰ آهي. 'اڻڄاتل'. مثلا..

(1) ڪائنات کي مقرر عرصي لاءِ خلڻيو ويو آهي.

(2) مغرور اِنسان کي دوزخ جي باهه ۾ وڌو ويندو.

(3) زمين هَر سان کيڙبي آهي.

اڳتي هو لکي ٿو، ''اسم مفعول جي پنيان 'وڃڻ' مصدر جو گهربل صيغو جنس ۽ عدد مطابق آڻڻ سان متعدي مجهول ٺهندي آهي.'' مثلا.

پڙهيو وڃي ٿو - پڙهيا وڃن ٿا. (مذڪر)

پڙهي وڃي ٿي - پڙهيون وڃن ٿيون. (مونث)

اَرنيسٽ ٽرمپ پنهنجي لکيل سنڌي گرامر جي صفحن 258 کان 260 ۾ ۽ جان بيمس پنهنجي ڪتاب 'ڪمپئريٽو گرامر آف ماڈرن لئنگئيجز آف اِنڊيا' جي ٽئين پاڻي ۾ صفحن 71 کان 75 ۾ سنڌي ٻوليءَ جي فعل متعدي مجهول جي صرفي ۽ نحوي رچنائن تي بحث ڪيو آهي. اُهي ٻئي 'ويو' کي 'وڃڻ' مصدر مان ٺهيل فعل جو هڪ روپ ليکين ٿا. اُنهيءَ کي مجهول جي هڪ نشاني يا علامت نٿا سڏين. اِن ڪري 'ويو' کي متعدي مجهول فعل جي نحوي رچنا ۾ هڪ مددگار فعل ليکڻ ئي درست آهي، جيڪو مڪمل فعل پنيان اچي ٿو.

(2) مرزا قليچ بيگ، سنڌي ويا ڪرڻ جي پاڻي ٽئين ۾ ڪرتري پريوگ سمجهائيندي لکيو آهي، ''جڏهن ڪو فعل، ضمير، جنس ۽ عدد ۾ فاعل موجب قرندو آهي، تڏهن اُنهيءَ کي نسبت فاعلي يا ڪرتري پريوگ چوندا آهن. جيئن ته - چوڪرُ ڊوڙي ٿو،

چوڪرَ ڏوڙن ٿا، چوڪري ڏوڙي ٿي، چوڪريون ڏوڙن ٿيون، آءُ ڏوڙان ٿو، اَسين ڏوڙون ٿا. هوُ مارجي ٿو، هوُ مارجن ٿا، هوءَ مارجي ٿي، وغيره. اِهو پريوگ فقط فعل لازمي ۽ فعل متعدي مجهول سان لاڳو ٿو ٿئي.'' (سنڌي وياکرڻ، پاڻو ٽيون، ڇاپو 1960 صفحو 174).

اِها ساڳي سمجهاڻي ڪشنچند گدواڻيءَ ۽ ڏيارام ميرچنداڻيءَ پنهنجي لکيل سنڌي وياکرڻ ۾ صفحي 123 تي ڏني آهي. هنن مثال ڏنا آهن. - گهوڙو مارجي ويو. گهوڙا مارجي ويا، گهوڙو مارجي ويندو. گهوڙي مارجي ويندي. آءُ مارجان ٿو. هو مارجي ٿو.

منهنجي ويچار ۾ فعل متعدي مجهول وارن جملن کي ڪرتري پريوگ ليکڻ درست نه آهي. 'گهوڙو مارجي ٿو' جملي ۾ 'مارجي ٿو' (فعل متعدي مجهول) معنيٰ جي خيال کان چتيءَ طرح اِها حقيقت ڄاڻائي رهيو آهي ته گهوڙو اَصل ۾ 'مفعول' آهي، جنهن تي مارجڻ جو ڪم ٿئي ٿو. اُهو مفعول هن جملي ۾ فاعل طور ڪتب آيو آهي.

ڪرتري : (اَصلوڪو جملو) سوارُ گهوڙو ماري ٿو. (مفعول)

ڪرمڻي : گهوڙو مارجي ٿو (سوار کان يا سوار هٿان) (فاعل).

اِن طرح 'پريوگ' جي سچاڻڻ لاءِ فعل ذريعي حاصل ٿيندڙ معنيٰ کي ۽ فعل جي وياکرڻي صورت کي به ڏيان ۾ رکڻ ضروري آهي. اِنهيءَ ڳالهه کي ڏيان ۾ رکندي، پيرومل مهرچند آڏواڻيءَ صاف لفظن ۾ لکيو آهي، ''ڪرتري پريوگ اُهو آهي، جنهن ۾ فعل سدائين معروف صورت وارو آهي ۽ سدائين پنهنجي

فاعل پٽاندر عدد، جنس ۽ ضمير ۾ متجي ٿو.'' (وڏو سنڌي وياکرڻ، چاپو ٻيون، *انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي*، 1985 صفحو 171). اِها ئي ٻالهه ٿن 'پريوگ' جي وصف ڏيندي پڻ چٽيءَ طرح سمجهائي آهي. ''پريوگ مان اِها خبر پوي ٿي ته **فعل معروف صورت وارو آهي يا مجهول صورت وارو** ۽ جنهن لفظ پٽاندر عدد، جنس ۾ ضمير ۾ متجي ٿو، سو جملي جو فاعل آهي يا مفعول آهي.'' (ص 170).

(3) فعل لازمي مجهول (Intransitive passive) هميشه ضمير غائب، عدد واحد (III person Singular) ۾ کتب ايندو آهي. جنهن زمان ۾ فعل جنس ۾ ڏيکاريندو آهي، اُتي فعل هميشه مذڪر ۾ هوندو آهي. اِها حقيقت ڪئپٽن جارج اسٽئڪ، اَرنيسٽ ٽرمپ، گريئرسن پڻ ڄاڻائي آهي. سنڌيءَ جي سيني گرامر لکندڙن ۾ اِن حقيقت کي ڏُهرايو آهي. خبر نه آهي ته پوءِ ڊاڪٽر اَلانا لُڏڻ (فعل لازمي) جي مجهول صورت 'لُڏجي'، 'لُڏبو' جا زمانن ۾ ٻيار روپ ڪيئن ڏنا آهن : لُڏجان، لڏجون، لڏجو، لڏجن (صفحو 212)، لُڏيو ويجبو، لُڏجندو. (ص 215) مون کڏهن ۾ ڪنهن سنڌيءَ واتان اِهي روپ نه ٻُڌا آهن. فعل لازمي مجهول جا درست روپ فقط ضمير غائب، عدد واحد وارا آهن. جيئن ته - لُڏجي-لُڏبو، بيهجي، بيهبو، هلجي-هلبو، نچجي - نچبو (هتي جنس مونث روپ ۾ نه ڏهندا. جيئن ته لُڏبي، بيهبي، هلبي، نچبي روپ غلط آهن.

(4) ڊاڪٽر اَلانا صفحي 217 تي فعل لازمي مجهول جا مذڪر جمع ۾ (لُڏجن تا، لڏجندو) ۽ مونث واحد توڙي جمع ۾ (لڏجي

ٿي، لڏجي ويئي، لڏجن ٿيون، لڏجي ويونسين) جيڪي روپ ڏنا آهن، اُهي پڻ سنڌي وياکرڻ جي قاعدي موجب درست نہ آهن.

(5) ڊاڪٽر اَلانا 225 ۽ 226 صفحن تي پريوگ ڀاوي سمجھائيندي، مرزا قليچ بيگ ۽ پيرومل مهرچند آڏواڻيءَ جي راءِ ڪي رد ڪندي لکي ٿو تہ -

1. پينگھي ۾ لڏجي ٿو
2. پينگھي ۾ لڏبو آهي.

اِنهن جملن ۾ فعلن جو ڦيرو پريوگ ڪرتريءَ وارو آهي ۽ نہ ڪ پريوگ ڀاويءَ وارو. هو اڳتي هلي صفحي 226 تي لکي ٿو تہ -

پريوگ ڪرتري : ''پريوگ ڪرتري''، فعل لازمي مجھول جي اُن ڦيري کي چوندا آهن جنهن ۾ اُن فعل جو فاعل ظاهر يا نمايان ڪونہ هوندو آهي، جيئن -

1. پينگھي ۾ لڏجي ٿو. / پينگھن ۾ لڏجي ٿو.
2. پينگھي ۾ لڏيو ويو. / پينگھن ۾ لڏيو ويو.
3. پينگھي ۾ لڏبو. /پينگھن ۾ لڏبو.

خبر نہ آهي تہ هنن جملن کي ڊاڪٽر اَلانا 'ڪرتري پريوگ' جو ٿو سڏي؟ هتي ڪرتري پريوگ جي جيڪا سمجھاڻي ڏني ويئي آهي، اُها پڻ بلڪل غلط آهي. حقيقت ۾ تہ ڪرتري پريوگ ۾ فعل جو لاڳاپو جملي جي ڪرتا (فاعل) سان هوندو آهي ۽ فعل اُن موجب ڦرندو آهي. جيئن ڊاڪٽر اَلانا مرزا قليچ بيگ، جھمٽمل نارومل وسڻاڻي ۽ پيرومل آڏواڻيءَ ۽ واحد بخش شيخ

جي گرامر مان هن کان پهرين حوالا ڏيئي 'ڪرتري پريوگ' جي وصف سمجهائي آهي، جيڪا درست آهي، تہ پوءِ هتي وري اُها سڃمهاڻي ڇو بدلائي ڇڏيائين ؟ سڀ کان وڌيڪ اَهم، ڳالهہ اِها آهي تہ ڪرتري پريوگ ۾ مجهول صورت وارا فعل ڪتب ئي ڪين ايندا آهن.

صفحي 227 تي اَنين سِٽ مون کي لڳي ٿو تہ ڇاپي جي غلطي آهي:-

''ڪرمڻي پريوگ، جنهن ۾ ڪريا، نہ ڪرتا موجب ۽ نڪي ڪرم موجب ڦرندي آهي.'' هن قسم جون پروفن جون غلطيون هن ڪتاب ۾ ٻين بہ گهڻن هنڌن تي نظر آيون آهن. جيئن تہ صفحي 207 تي زمانن جي چارٽ ۾ ''مون پئي ڊوڙيو آهي.'' مون پئي ڊوڙيو هو'' لڳي ٿو تہ ڇاپي جون چوڪون آهن. مون ڪنهن بہ سنڌيءَ جي واتان اَهڙا جملا نہ ٻڌا آهن. 'ڊوڙڻ' فعل لازمي معروف آهي، جنهن جا روپ اسم مفعول مان ٺهيل زمانن ۾ آهن - مان ڊوڙيس، مان پئي ڊوڙيو آهيان، مان پئي ڊوڙيو هوس. وغيرہ.

(6) فعل جو ڏاتو مصدر بدران اَمر واحد واري فعل جي صورت مان ڪڍڻ گهرجي. ڊاڪٽر اَلانا بہ انهيءَ کي قبول ڪيو آهي. پر سنڌيءَ ۾ اَمر واحد واري صورت ۾ فعل جي آخر ۾ /اُ/يا/اِ/ مان ڪا پڇاڙي لڳندي آهي. جيئن تہ -

هَلُ (هلْ + اُ)، ڊوڙُ (ڊوڙْ + اُ)، ٻيهُ (ٻيهْ + اُ)

مارِ (مارْ + اِ)، جَهلِ (جَهلْ + اِ)، لاهِ (لاهْ + اِ)

اِتي اِنهن پڇاڙين کان سواءِ جيڪا فعل جي صورت آهي،

اُنهيءَ کي 'ڏاتو' چئجي ٿو. فعل جا ٻيا روپ انهن ڏاتن مان نهندا آهن. پر ڊاڪٽر اَلانا ڪيترن هنڌن تي اُ - اِ پڇاڙيءَ سميت فعل جي اَمر واحد واري صورت کي 'ڏاتو' سڏيو آهي، جيڪو درست نه آهي. مثال طور، صفحي 148 ۽ 149 تي اسم حاليه جي رچنا ڏسو :-

وَڌِ + اِند + او = وڌيندو، لاهِ + اِند+او = لاهيندو

ڊاڪٽر اَلانا جي راءِ موجب ''هتي ڏاتوءَ جي آخري /اِ/ ۽ اسم حاليه جي شروع واري /اِ/ جي سَنڌي ٿئي ٿي، جتي ٻئي سُر پاڻ ۾ ملي / اِي/ سُر ناهن ٿا. منهنجي ويچار ۾ هتي اسم حاليه جي علامت / - اِيند / ليکڻ گهرجي، جيئن اَرنيسٽ ٽرمپ ۽ گريئرسن سمجهايو آهي. مثال طور

وَڌِ + اِيندُ + او = وڌيندو، لاهِ + اِيند + او = لاهيندو

(7) فعلن جي قسمن اَندر صفحي 141 تي ڊاڪٽر اَلانا بالواسطه فعلن جا ٽي قسم ڄاڻايا آهن. جيئن ته -

مارُ - (1) مارائڻ، (2) مارا رائڻ، (3) مارارارائڻ

لکُ - (1) لکائڻ (2) لکارائڻ، (3) لکارارائڻ

فعل متعدي بالواسطه جا پهريان ٻه روپ ته عام آهن، جيڪي ٻول چال واري ٻوليءَ توڙي اَدبي لکڻين ۾ ملن ٿا. ٻين ٻولين ۾ پڻ اِهو پئٽرن عام آهي. پر هتي ڊاڪٽر اَلانا فعل بالواسطه جو جيڪو ٽيون روپ ڄاڻايو آهي، اُهو مون نکو کنهن سنڌي اَدبي لکڻيءَ ۾ پڙهيو آهي، نکو ٻولچال ۾ کڏهن ٻڌو آهي. ٻين ٻولين ۾ ٻه اِهو ٽيون روپ، جنهن کي ڊاڪٽر اَلانا ''فعل متعدي، ڏُهرو ٻٽو بالواسطه'' سڏيو آهي، اُهو نٽو ملي.

(8) صفحي 156 تي اِسم مفعول جي بناوت سمجھائڻ بعد ڊاڪٽر اَلانا لکيو آھي تہ ”دراَصل سنڌي ٻوليءَ جي ويا ڪرڻ جي تشريحي مطالعي مان ثابت ٿيو آھي تہ سنسڪرت جي ويا ڪرڻ جو، سنڌي ويا ڪرڻ جي ڪنھن بہ پھلوءَ تي ڪوبہ اَثر ڪونہ ٿيو آھي.“ مان ڊاڪٽر اَلانا جي اِنھيءَ بيان سان شامل راءِ نہ آھيان. حقيقت اِھا آھي تہ سنسڪرت جي ويا ڪرڻي روپن ۽ شبد-پنڊار جو نہ فقط سنڌيءَ تي، پر ھرھڪ ھند-آريائي ٻوليءَ تي گھٽو اثر آھي. سنسڪرت پارت-پاڪ اُپڪنڊ جي آڳاڻي اَدبي ٻولي آھي، جنھن ۾ لکيل ھزارين پراچين گرنٿ حاصل ٿيا آھن. اُنھن جي باريڪ اڀياس سان صاف ظاھر ٿئي ٿو تہ سنسڪرت ۽ ھاڻوڪين ھند آريائي ٻولين ۾ گھڻي قدر ھڪ جھڙائي آھي. ساڳئي وقت اِھو بہ ثابت ٿئي ٿو تہ ھاڻوڪين ھند-آريائي ٻولين ۾ ڪجھ اَھڙيون پڻ علائقائي خاصيتون آھن، جيڪي آڳاڻي وقت ڪان وڌي ھلنديون ٻيون اَچن. ساڳيءَ طرح ٻيون ڪجھ خصوصيتون اَھڙيون آھن، جن جو، اوسر دؤران ٻين ٻولين جي اَثر سببان وڪاس ٿيو آھي. سنڌيءَ ۾ ضمير متصل (Suffixes Pronominal) جو ڪن اسمن، حرف جر ۽ فعلن سان گڏيل استعمال ھڪ اَھڙي خاصيت آھي، جيڪا عالمن جي راءِ موجب عربي ۽ فارسيءَ جي اَثر ڪري سنڌيءَ ۾ پيدا ٿي آھي. اِھا سرائڪي ۽ ڪشميري ٻولين ۾ بہ ملي ٿي.

ھاڻوڪيون ھند-آريائي ٻوليون سنسڪرت مان نڪتيون آھن، اِنھيءَ راءِ ۾ ڪن عالمن سڌارو ڪيو آھي. اُنھن جي راءِ موجب ھاڻوڪيون ھند-آريائي ٻوليون پنھنجي پنھنجي علائقي جي

اَوائلي پراڪرت ٻولين (Primary Prakrits) مان پيدا ٿيون آهن. ويدن واري سنسڪرت ۽ ڪلاسيڪل سنسڪرت جو به جنم سپت- سنڌو ميدان جي اَوائلي پراڪرت ٻولين مان ٿيو آهي. جڏهن سنسڪرت اَدبي سطح تي ڪتب اَچي رهي هئي، تڏهن انهيءَ جي پوروچونڊيءَ تي (Parallel) ٻول چال ۾ جدا جدا دورن ۾ پالي، پراڪرت ٻولين ۽ اَپيرنش ٻولين ڪتب اڇي رهيون هيون. اِنهن ٻولين جو به جڏهن اَدبي لکڻين ۾ استعمال ٿيڻ لڳو، تڏهن اُهي ويا ڪرڻي قاعدن جي بندڻن ۾ جڪڙجي ويون. پر ٻول چال ۾ روزاني زندگيءَ ۾ اُنهن جو جيڪو روپ ڪتب اَچي رهيو هئو، تنهن ۾ آهستي آهستي تبديليون ٿينديون رهيون. اِنهيءَ مطابق چئبو ته هاڻوڪي سنڌي ٻوليءَ جو جنم، ويدن واري زماني ۾ يا اُن کان به ڪجهه صديون اڳ، هاڻوڪي سنڌ ۽ اُن جي آس پاس وارن علائقن ۾ ڪتب ايندڙ ''اَوائلي پراڪرت سنڌي'' مان ٿيو آهي. اِنهيءَ کي ڊاڪٽر اَلانا 'سئنڈوي' نالو ڏنو آهي، جيڪا موهن جي دڙي ۽ اُنهيءَ جي آس پاس وارين ايراضين ۾ ڪتب ايندي هئي. وڪاس جي جدا جدا دؤرن ۾ جڏهن سنسڪرت، پالي، پراڪرت، اَپيرنش اَدبي معيار واريون ٻوليون ٻٽيون، تڏهن سنڌ جي عوام جي ٻول چال واري ٻوليءَ ڏهين عيسوي صديءَ جي آس پاس، پنهنجو علحدو ۽ نرالو روپ ظاهر ڪيو، جيڪو پر وارن علائقن جي پنجابي، راجستاني، گجراتي، هندي، مراٹي وغيره ٻولين کان الڳ هو. تيرهين-چوڏهين عيسوي صديءَ کان وٺي، سنڌ جي عوامي ٻول چال واري ٻوليءَ سنڌيءَ ۾ پڙ لکيل اَدب ملڻ جي شروعات ٿي آهي. لکيل دستاويزن جي آڌار تي

اَسين ستڌيءَ جي وياڪرڻي بيهڪ ۽ شبد-پنڌار جو باريڪيءَ سان ۽ تفصيلوار اڀياس ڪري سگهون ٿا.

اَوائلي پراڪرت سنڌيءَ کان وڌي، اوسر جي جدا جدا منزلن تي سنڌ جي عوام جي جيڪا سنڌي ٻولي هئي، اُنهيءَ جو روپ گهڻي قدر سنسڪرت، پالي، پراڪرت ۽ اَپڀرنش ٻولين سان هڪ جهڙائي رکندڙ هو. اِنهيءَ جي معلومات اَسان کي هاڻوڪي سنڌيءَ جي ٻين ٻولين ۾ ملندڙ آڳاٽي ساهتيہ جي ٻوليءَ سان پيٽ ڪرڻ سان حاصل ٿئي ٿي. سنڌيءَ کي وياڪرڻي بيهڪ ۽ شبد-پنڌار جي خيال کان، ٻين ٻولين کان بلڪل الڳ ليکڻ درست نہ آهي.

(9) فعل لازمي مجهول (Intransitive Passive)

ڊاڪٽر اَلانا صفحي 210 ۽ 211 تي فعل لازمي مجهول جي رچنا بابت پيرومل آڏواڻيءَ واحد بخش شيخ جي ڪتابن مان حوالا ڏنا آهن. اِنهيءَ صورت وارن فعلن کي هُنن **'فعل اَڪرتڪ'** يا **'فعل بي-فاعل'** ۾ سڏيو آهي. پر اِنهن جا حوالا ڏيڻ بعد، ڊاڪٽر اَلانا اِهو ڪٽي ۾ ڇٽو نہ ڪيو آهي تہ پاڻ اُنهن مان ڪنهن سان شامل راءِ آهي يا اِنهن فعلن جي باري ۾ سندس ويچار ڇا آهي؟

پيرومل آڏواڻيءَ جي راءِ ۾ فقط 'فعل لازمي مجهول' کي فعل اَڪرتڪ يا 'فعل بي فاعل' چوڻ گهرجي. اِنهيءَ جا مثال آهن :

(1) پينگهي ۾ **لڏجي ٿو.** (2) پينگهي ۾ **لڏبو آهي.**

ٻئي طرف واحد بخش شيخ لکي ٿو : ''اُهو فعل، جو جملي ۾ ڪنهن فاعل جو محتاج نہ هجي، تنهن کي 'اَڪرتڪ يا فعل بي-فاعل' چئبو آهي. هي فعل هميشہ مجهولي صورت ۾ هوندو

آهي. مثال طور :

(1) موسم آهر لباس ڏکڻ گهرجي.

(2) تندرستي قائم رکڻ لاءِ ضروري آهي تہ هڏ هلائجي ۽ سادو کاڏو کائجي.

(3) کيترو بہ پڇبو تہ موت کان بچي نہ سگهبو.

مٿين جملن ۾ 'ڏکڻ گهرجي'، 'هلائجي'، 'کائجي'، 'پڇبو' ۽ 'بچي نہ سگهبو' فعل اَکرترک جا مثال آهن. (سنڌي بولي ۽ جو صرف ۽ نحو، ص 383) اِن طرح واحد بخش شيخ جي راءِ ۾ فعل متعدي مجهول ۽ فعل لازمي مجهول ٻئي 'فعل اَکرترک' طور استعمال کري سگهجن ٿا.

منهنجي راءِ ۾ واحد بخش شيخ جي سمجهاڻي درست نہ آهي، ڇاکاڻ تہ فقط لازمي مجهول فعل جو استعمال ''اَکرترک فعل'' جي صورت ۾ ٿي سگهي ٿو. ڪئپٽن جارج استئڪ، اَرنيست ٽرمپ، گريئرس وغيره بہ فقط لازمي مجهول فعل کي اَکرترک يا فعل بي-فاعل ليکبو آهي، جيڪو هميشہ ضمير غائب ۽ عدد واحد ۽ جنس مذکر ۾ ڪتب ايندو آهي. مٿين جملن ۾ متعدي مجهول فعلن جي صورت بدلجي سگهي ٿي جيئن تہ -

(1) لِباسُ ڏکڻ گُهرجي - لِباسَ ڏکڻُ گُهرجن.

(2) هڏُ هلائجي - هڏ هلائجن.

(3) سادو کاڏو کائجي - سادا کاڏا کائجن.

(10) صفحي 214 تي ڈاکٽر اَلانا، 'مجهول فعلن جو اسم حاليہ' جي باري ۾ ڀيرومل مهرچند آڈواڻيءَ جي سمجهاڻيءَ کي رد ڪندي لکيو آهي تہ ،

''هاڻ جيڪڏهن پروفيسر پيرومل جي اِها راءِ قبول ڪبي، يعني فعل جي مجهولي صورتن مان، اسم حاليہ ٺهڻ واري راءِ قبول ڪبي تہ پوءِ فعل جي مجهولي صورتن 'مارج'، 'ماريو ويو' ۽ 'ماربو' مان اسم حاليہ واريون صورتون جوڙڻيون پونديون، جيڪا راءِ سنڌي ٻوليءَ جي وياکرڻي اُصولن موجب قبول ڪرڻ جهڙي نہ آهي. لهاذا پروفيسر صاحب جي اِنهيءَ راءِ کي سندس ڪتاب مان حذف ڪرڻو پوندو، ڇاڪاڻ تہ مجهولي فعل 'مارجندو' مان اسم حاليہ جو ٺهڻ ممڪن نہ آهي.'' هتي منهنجو نماڻو عرض اِهو آهي تہ ڊاڪٽر اَلانا پيرومل آڏواڻيءَ جي بيان کي سمجهيو ئي نہ آهي.

پيرومل آڏواڻيءَ، 'وڏو سنڌي وياکرڻ' (انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڇاپو 1985) جي باب پندرهين ۾ اسم مشتق (ڪردنت) جي رچنا سمجهائي آهي. صفحي 114 تي هو 'مجهول فعلن جو اسم حاليہ' سِري هيٺ لکي ٿو :

''ڏسڻ'' توڙي ''ڏسجڻ'' ٻنهي جو اسم حاليہ ''ڏسبو'' (ڏِسْ+اِبو).

اَهڙيءَ طرح ڏاتوءَ جي پٽيان ''اِبو'' پچاڙي گڏڻ سان مجهول فعلن جو اسم حاليہ ٺهي ٿو :

پينگهي ۾ لُڏبو آهي.

پينگهي ۾ لُڏبو. (ايندڙ وقت ۾)

هن پوئين مثال مان ڏسڻ ۾ ايندو تہ اسم حاليہ جڏهن هيءَ صورت وٺي ٿو، تڏهن اُن مان ايندڙ وقت جي معنيٰ نڪري سگهي ٿي.

پيرومل جي هن سمجهاڻيءَ مان صاف ظاهر آهي تہ هو / ڏسڻ / ڏاتوءَ ۾ /-اِبو/ پچاڙيءَ گڏڻ جو قاعدو بيان ڪري رهيو آهي.

آرنيسٽ ٽرمپ بہ اِها ساڳي ڳالهہ چوي ٿو -

'The Participle present of the Passive voice is formed by adding the affix '-ibo' to the root of the passive theme, as :

پَسڻ , to see , passive پَسِجڻ , participle present passive پَسبو

چوڻ 'to say' , passive چَئِجڻ , part. pres. pass. چئبو.

(The participle present is also used in the sense of Future tense)

(Sindhi Grammar, Page 271)

گريئرسن هن ڪردنت ناهڻ جو قاعدو هن ريت ڄاڻايو آهي :

"The present participle is not formed by adding/- ando/to the root, but by changing the termination /- ij or-j/ of the passive root to /-ibo/." (Linguistic Survey of India Vol-VIII P.76)

Examples hal. 'to go' > halando > halibo

mār 'to Strike' > ' >mār -ij or mārj - > māribo

هتي اِنهيءَ حقيقت طرف ڌيان ڇڪ ضروري آهي تہ ڊاڪٽر اَلانا پنهنجي ڪتاب جي باب نائين ۾ ڪردنتن (Participles) جي رچنا سمجهائيندي اسم حاليہ مجهول (passive Participle Present) جو ذڪر نہ ڪيو آهي.

(11) ڊاڪٽر اَلانا صفحي 226 تي 'پريوگ ڪرتري' جي سمجهاڻي ڏيندي لکيو آهي 'پريوگ ڪرتري'، 'فعل لازمي مجهول' جي اُن قيري کي چوندا آهن. جنهن ۾ اُن فعل جو فاعل ظاهر يا نمايان ڪونہ هوندو آهي،'' جيئن

(1) پينگهي ۾ لڏجي ٿو. / پينگهن ۾ لڏجي ٿو.

(2) پينگهي ۾ لڏيو ويو. / پينگهن ۾ لڏيو ويو.

(3) پينگهي ۾ لڏبو. / پينگهن ۾ لڏبو.

منهنجي ويچار ۾ هيءَ سمجهاڻي ۽ مثال پاوي پريوگ جا آهن.

ا ڳتي هلي صفحي 270 ۽ 271 تي ڊاڪٽر آلا: ''پريوگن موجب فعلن جا ٻيرا'' سري هيٺ 'ڪرتري پريوگ' هن طرح سمجهايو آهي:-

''**پريوگ ڪرتري** : فعل جو اُهو گردان يا ٻيرو جنهن ۾ فعل، فاعل سان عدد ۽ جنس مطابق گردان ڪري ته فعل جي آهڙي ٻيري/گردان کي پريوگ ڪرتريءَ وارو ٻيرو يا گردان چئبو آهي. مثال طور،

مون ورتو. مون جهليو. تو لکيو. آسان لکيو.''

منهنجي ويچار ۾ هتي 'پريوگ ڪرتري' جي سمجهاڻي ته درست آهي پر اُنهيءَ جا مثال غلط ڏنل آهن. حقيقت ۾ مثالن وارن جملن ۾ ڏنل فعل 'ڪرمڻي پريوگ' وارا آهن، جتي فعل جملي جي مفعول موجب صورت اختيار ڪري ٿو، جيڪو هتي چاڻايل نه آهي. پورو جملو هن ريت ٿيندو :

(مون، اسان، تو، توهان، هُن، هُنن) ڪتابُ ورتو.

(مون، اسان، تو، توهان، هُن، هُنن) ڪتابَ ورتا.

(مون، اسان، تو، توهان، هُن، هُنن) ڪاپي ورتي.

(مون، اسان، تو، توهان، هُن، هُنن) ڪاپيون ورتيون.

حقيقت ۾ فعل متعدي جي اسم مفعول (participle Past passive) مان ٺهيل سيني زمانن ۾ جملا ڪرمڻي پريوگ

وارا هوندا آهن، بشرطيڪ مفعول پٽيان 'ڪي' حرف جر ڪتب آيل نہ هجي، جيئن تہ :

مون چورُ پڪڑيو آهي. مون چورَ پڪڑيا آهن. (ڪرمٹي)

مون چور ڪي پڪڑيو آهي. مون چورن ڪي پڪڑيو آهي. (پاوي)

هن ڪان اڳ، صفحي 223 تي ڈاڪٹر اَلانا پيرومل آڈواٹيءَ جي سنڈي گرامر مان حوالو ڈيئي، ٿن جي اِها راءِ قبول ڪئي آهي تہ -

''اسم مفعول مان ٺهيل پنجن ماضي زمانن ۾، فعل سدائين 'ڪرمٹي پريوگ' ۾ رهن ٿا.'' اسم مفعول مان ٺهيل فعلن ۽ اُنهن جي جملن وارو اِهو پٽرن هندي، اُردو، گجراتي وغيره بولين ۾ بہ ساڳيو ملي ٿو.

(12) صفحي 216 تي ڈاڪٹر اَلانا لکيو آهي، ''پروفيسر پيرومل ۽ مرزا قليچ بيگ، فعل لازميءَ جي مجهولي صورتن واري ڦيري کي فعل جو 'ڪرتري پريوگ' سڈيو آهي.'' هتي ڈاڪٹر اَلانا اِنهيءَ بيان جي پٺيرائيءَ ۾ اِنهن ٻنهي عالمن جي ڪتاب مان ڪوبہ حوالو نہ ڏنو آهي مون پروفيسر پيرومل ۽ مرزا قليچ بيگ جي سنڈي ويا ڪرڻ وارن ڪتابن مان فعلن ۽ پريوگن سان واسطو رکندڙ باب بہ-ٽي دفعا غور سان پڙهيا آهن. مون کي ڪٿي بہ نظر نہ آيو آهي تہ هنن فعل لازمي جي مجهولي صورتن واري ڦيري کي فعل جو 'ڪرتري پريوگ' سڈيو آهي. مهرباني ڪري ڈاڪٹر اَلانا گهربل صفحن جا حوالا ڈيندا تہ تسلي ٿيندي.

(13) صفحي 271 تي 'پريوگ ڪرتري' عنوان هيٺ ڏنل جملا ''مون جهليو آهي. مون جهليا آهن - اسان جهليا آهن'' حقيقت ۾ ڪرمڻي پريوگ جا جملا آهن، جتي فعل جو ڪيرو مفعول موجب آهي، جيڪو جملي ۾ جاڻايل نه آهي.

انهيءَ سا ڳئي صفحي تي پريوگ پاوي جي اندر هي جملا ڏنل آهن:

(1) مون چور کي جهليو آهي.

(2) مون چورن کي جهليو آهي.

(3) اسان چور کي جهليو آهي.

هتي منهنجو عرض اِهو آهي ته هتي مثالن ۾ ڏنل جملا پاوي پريوگ' جو فقط هڪ قسم آهن. هرهڪ پريوگ اندر ٻيڪي جدا جدا قسمن جا جملا ڪتب اچن ٿا، اُنهن جا مثال هن مضمون ۾ اَول ڏنا ويا آهن.

(14) ''پريوگ پاوي'' ۾ 'پاوي' لفظ جو صحيح اُچار 'پاوي' آهي ۽ نه ڪ 'پاوِي'. 'پاوِي' جي سنسڪرت ۾ معنيٰ آهي 'ايندڙ وقت، نصيب يا ڀُڳ' هتي وياڪرڻ ۾ 'پاوَ' (ويچار، خيال، پاونا ڪريا يعني فعل ذريعي ظاهر ٿيندڙ ڪم) لفظ جو حالت ستين يعني اَڌيڪرڻ ۾ اِنهيءَ جو اُچار آهي 'پاوِي' يعني پاونا يا خيال جي معنيٰ ۾ استعمال. سا ڳيءَ طرح، ڪرتري پريوگ يعني فعل جو ڪرتا (فاعل) جي سنبنڌ ۾ استعمال، ڪرمڻي پريوگ يعني فعل جو ڪرم (مفعول) جي سنبنڌ ۾ استعمال.

هتي مون ٿوري ۾ ڪرتري، ڪرمڻي ۽ پاوي پريوگ

بابت ڊاڪٽر اَلانا جي سمجھاڻين تي پھنجا ويچار رکيا آھن. اِھو بھتر ٿيندو تہ ڊاڪٽر اَلانا ۽ سنڌي ويڪرڻ جا ٻيا ماھر عالم اِنھن تي ٿڌي سيني سان ٻيھر سوچين. جيڪڏھن مان غلط ھجان تہ ھو منھنجيون غلطيون ڄاڻائي منھنجي راھنمائي ڪن. ھيءُ موضوع اھڙو آھي، جنھن تي ٻارت ۽ يوروپ جي ماھرن جديد لسانيات جي اُصولن مطابق، ھندي ٻوليءَ جي حوالي ۾ گھڻي تفصيل سان بحث ڪيو آھي.

سراج ميمڻ صاحب : هڪ پهوڪٽي شخصيت

(عظيم اديب سراج الحق ميمڻ جي وفات تي)

- هيرو ٺڪر

سراج الحق ميمڻ صاحب جي وفات جي خبر بيحد ڏڪو ڏيندڙ هئي، جنهن جيءَ کي جهوري ڇڏيو. کي گهڙيون ته ان ڳالهه تي اعتبار ئي ڪونه پئي آيو ۽ سندس پياريون پياريون يادون من تي چانڪجنديون رهيون. سندس تندرستيءَ جي علالت جي جاڻ هئم. صحت جو مسئلو ڪيس ڪافي وقت کان رهندو پئي آيو هو. پاڻ خود به سنپال وارو شخص هو ۽ سندس ڪٽنب پريوار وارا، خاص طور منهنجي پاڻي سيما ۽ سندس فرزند ڊاڪٽر امجد سراج، پيٽ فهميده حسين ۽ پيا گهر جا ننڍا وڏا پاتي پوريءَ طرح سنڀال سار سنپال لهي رهيا هئا، انڪري اهڙو انديشو موڙ نه هو ته هينئن ويني ويني هٺڪس ٿي ويندي.

سنڌ ۽ هند جي سنڌين جو اهو دُر پاڻ آهي، جو تازو گذريل وقت ۾ اسان جا ڪيترائي پيارا ۽ مهان اديب اسان کان وچڙندا رهيا آهن. ٻين الاقواسي حئثيت واري مخفق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، نوجوان تخليقي اديبن حسن درس ۽ طارق عالم ابڙو، عظيم شاعرن شمشير الحيدري ۽ پرپو 'وفا' ۽ ٻين ڪن اديبن جي وچوڑي جا ڳٽ اڃا مڙيا ئي ڪونه آهن، جو مٽان وري پنهنجي

پياري اديب سراج الحق ميمڻ جي وڇوڙي جو ڏک اسان کي ملیو آهي.

سراج الحق صاحب سنڌي ادبي ڪيٽر جي هڪ ڀوميڪي شخصيت هو. هوُ هڪ بيحد معياري تخليقي ليکڪ، بي باڪ ۽ جاکوڙي صحافي، سنڌ جي تاريخ تي عبور رکندڙ، لسانيت جو ماهر، قابل ڪاروباري ۽ عامل نامور وڪيل ۽ آزاد خيال مفڪر هو. هوُ سنڌ جي عظمت تي بجاطور فخر وٺندڙ، سنڌ ۾ امن ۽ استحڪامت ۽ سنڌين جي آزادگي ۽ اتحاد جو ڪانڪي هو. هن جي وفات سان سنڌ امڙ پنهنجو هڪ سچو سپوت وڃايو آهي.

سراج صاحب جي نالي سان منهنجي واقفيت سال 65-1964ع ڏاري ٿي. اُنهن ڏينهن ۾ سندس ڪتاب 'سنڌي ٻولي' شايع ٿيو هو، جنهن تي سنڌ يونيورسٽي جي بہ سنڌي ادبي ڪيٽر ۾ خاص طور لسانيات ۾ چاهہ رکندڙن ۾ ڪافي چوٌ ٻولو متل هو. 'سنڌي ٻولي' جي اشاعت کان اڳ سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد بابت مڪمل طرح بہ رايا مروج هئا. پهريون ۽ جيڪو گهڻائيءَ ۾ عالمن ۾ مقبول هو، سو اِهو تہ سنڌي سنسڪرت مان نڪتل آهي ۽ ٻيون اهو تہ سنڌي ٻولي سامي (Semetic) سَٽ واري ٻولي آهي. دراوڙي ٻولين سان سنڌيءَ جي وابستگيءَ وارو نظريو اُن وقت تائين اڃا مروج نہ ٻڌيو هو ۽ عام طرح اهو ئي ڪيو ويندو هو تہ سنڌي سنسڪرت مان نڪتل ٻولي آهي، پر سراج صاحب ان رواجي ڍنگ سان وهندڙ پاڻيءَ ۾ جيڪو سروٽو اُڇليو تہ اُلٽو سنسڪرت سنڌيءَ مان نڪتل آهي، تنهن سبب وڏو ڏماڪو ٿيو.

'سنڌي ٻولي' ڪتاب جون پارت ۾ ڪي ٽوڙيون ئي ڪاپيون پهتل هيون ۽ هرڪو اديب ان ڪتاب ۾ درج ٿيل ان انقلابي سوچ ۽ نظرئي کي جاڻڻ ۽ سمجهڻ لاءِ منتظر هو. مان تن ڏينهن اُلهاسنگر (ڪئمپ) ۾ رهندو هوس ۽ هڪ پراڻي اسي ڪن ورهين جي عمر واري اديب ۽ ٻولي ۽ ۾ گهرو چاهه رکندڙ چوهڙمل هندوجا ۽ پنهنجي بزرگ متر نارائڻ پارتيءَ سان منهنجو نيازمنديءَ وارو رستو هو. اُنهن مڙيئي وڏي لگن سان ڪتان اهو ڪتاب هٿ ڪيو هو ۽ منهنجي عرض ڪرڻ تي مونکي به ڪتاب پڙهڻ جو موقعو ڏنائون. مون تازو ئي هنديءَ جو وڏي ۾ وڏو امتحان 'ساهتيه رتن' پاس ڪيو هو ۽ سنسڪرت سان به ڪجهه شناسائي هئم، تنهن ڪري انهن ٻولين ڏانهن منهنجي ڪافي رغبت هئي. مونکي اهو به قبول ڪرڻ گهرجي ته اُن وقت علم لسانيات جو مونکي ڪٿو علم نه هو. اهڙين حالتن ۾ مون جڏهن اهو ڪتاب پڙهيو ته سراج صاحب وارو نئون نظريو ته، سنسڪرت سنڌيءَ مان نڪتل آهي سو ته مونکي مطمعن ڪري نه سگهيو، جيڪو بهرحال، ٻين پڙهندڙ جو به خيال هو، پر سراج صاحب ڪتاب لکڻ کان اڳ جيڪو حد درجي جو مطالعو ڪيو هو، جنهن جو پرماڻ ڪتاب اندر ڏنل دليلن ۽ حوالن جي صورت ۾ موجود هو ۽ جنهن ڏينگائتي نموني هن پنهنجي نظرئي کي پيش ڪيو هو، تنهنجي مد نظر، هن جي علميت اڳيان منهنجو سرجهڪي ويو ۽ مون سبق به حاصل ڪيو ته رسرچ جي ڪم ۾ ڪيتري نه جاکوڙ ۽ اڀياس جي ضرورت ٿئي ٿي.

سراج صاحب سان منهنجي وڏيڪ وات تڏهن جُڙي، جڏهن هن 'مهراڻ' 1979ع جي 4-3 شماري ۾ مون ڏانهن هڪ ڪليل خط 'قاضي قادن جو ڪلام' ڪتاب جي حوالي سان لکيو. خط ۾ هن منهنجي ڪم جي دل کولي ساراهه ڪئي هئي ۽ لکيو هو تہ ''اوهان جيڪا محنت ڪئي آهي، تنهن لاءِ هند سنڌ جا سنڌي ۽ خاص طور ادب جا ٻولائو اوهان جا ٿورائتا رهندا ۽ اڄ جي زماني ۾ جڏهن عربيءَ جي اصطلاح ۾ 'قحط الرجال' يعنيل 'ماڻهپي جو ڪال' آهي، تڏهن توهان پنهنجي نالي کي واقع ئي نهال ڪري پاڻ کي ''سنڌي ادب جو هيرو ثابت ڪيو آهي.'' (مهراڻ 1979 شمارو4-3)

بهرحال، ايتريءَ ساراهه جي باوجود بهن کي ڪتاب ۾ جاڙايل جيڪي ٻالهيون قابلِ اختلاف لڳيون، تن ڏانهن پنهنجي ليک ۾ چتيءَ طرح اختلاف ب ظاهر ڪيائين، سندس ان ليک مان سندس علميت چتيءَ طرح پيئي بکي، جو جو اُن ليک ۾ هن برٽش ميوزم ۾ وڃي اُتان حاصل ڪيل سنڌي بيتن جو ۽ ميوزم ۾ موجود ڪن مراڻي ڪتابن ۾ آيل سنڌي شاعريءَ وارن حوالن جو جيڪو ذڪر ڪيو آهي، سو ڏيڪاري ٿو تہ هوڪيڏو نہ وڏو عالم ۽ جاکوڙي هو.

سراج صاحب صرف لسانياتي ماهر ۽ محقق ئي نہ هو، پر دنيا جي تاريخ، خاص طور سنڌ جي تاريخ ۽ سنڌ جي سماجي، ثقافتي، سياسي ۽ معاشي حالتن تي پوري نظر ۽ پوري دسترس رکندڙ هو. هن پنهنجي ان ڄاڻ ۽ سنڌ ڏرتيءَ ڏانهن پنهنجي آدر

۽ محبت کي مؤثر نموني لوکن تائين پهچائڻ لاءِ پنهنجي تخليقيت ۽ افسانہ نويسيءَ واري فن تي پنهنجي مهارت کان ڪم ورتو. ان ڏس ۾ هن جون 'پڙاڏو سوئي سڏ'، 'مرڻ مون سين آءُ'، ۽ ٽريال جي 'پياسي ڏرتي، رمندا بادل' واريون تصنيفون هڪ يگاني حئثيت رکن ٿيون.

دعوتن ۽ ڪچهرين جو بہ ڪوڏيو هو. جڏهن بہ سنڌ اچبو هو، تہ سندس شاندار دعوتن جو لطف ماڻڻ جو موقعو ملندو هو، جتي يادگار ڪچهريون بہ ٿيندیون هيون. هڪ پيري اهڙي ڪچهري ۾ سرڳواسي هري موٽواڻي ۽ پڻ سائين محمد ابراهيم جويو صاحب جي صحبت ماڻڻ جو بہ موقعو مليو. تازو جڏهن جنوري 2012 ۾ سنڌ جي سرمور شاعر شاہ عبدالطيف ڀٽائيءَ جي 268ئين عرصي جي موقعي تي، مان، ومي سدارنگاڻي، اندرا شبنم وغيرہ اتي آياسين تہ هڪ شاهي دعوت پنهنجي بنگلي تي رکيائون، جنهن ۾ سندن سمورو راج پريوار بہ شامل هو، جن سان ملي ڏاڍي گهڻي خوشي ٿي. اُن دعوت ۽ ڪچهريءَ کي اسين سڀ ڏاڍو ياد ڪندا آهيون.

اُن دعوت ۾ سراج صاحب سيني مهمانن جو شخصي طرح اونو رکندو رهيو. هر کنهن کي چوي پلا هي کائي ڏسو، پلا هي ٽيست ڪيو اٿو. سيني ڏانهن سندس شخصي ڌيان هو ۽ سيني سان پئي ڪلي ڪچهري بہ ڪيائين ۽ حال احوال ڏنائين ورتائين. اُن ئي دعوت جي پچاڙيءَ واري وقت سندس فرزند ڊاڪٽر امجد صاحب مون کي پاڻ سان پاسيرو وهاري، بئہ ۾ ڀڏايو تہ باباجن جي ڦڦڙن

جو پرابلم مڙيئي ڪجھ وڌيل آهي ۽ اسان ٻڌو آهي ۽ Net تي معلومات حاصل ڪئي آهي تہ دهلي (اِنڊيا) ۾ اِن جو سُنيرو علاج ميسر آهي. اِن ڏس ۾ مون کان ٻہ راءِ پڇيائون ۽ مون کيس ٻڌايو تہ برابر دهليءَ جي بلڪل ويجهو گڙگانءُ ۾ ميدانتا اِسپتال ۾ اِن جي Specialization آهي ۽ دنيا ۾ مان ماڻهو علاج لاءِ اچن ٿا ۽ کين ٻہ اِن جو ضرور فائدو ونڻ گهرجي. مون کين چيو تہ مان دهليءَ ۾ رهان ٿو ۽ مونکي کنهن ٻہ قسم جي مدد ڪرڻ ۾ فقط خوشي ئي حاصل ٿيندي. پر منهنجن هِنن پائرن مون کي کنهن ٻہ قسم جي مدد لاءِ موقعو نہ ڏنو، کا ٻہ تڪليف ڏيڻ واجب نہ سمجهائون ۽ اوچتو هِڪ ڏينهن امجد صاحب جو فون آيو تہ باباجن ميدانتا ۾ علاج ڪرائي رهيا آهن ۽ نيڪ طرح سڀ ڪجھ هلي رهيو آهي. خير مان ٻئين ڏينهن صبح جو ئي ميدانتا اِسپتال ۾ پهچي ويس ۽ حالي احوالي ٿياسين. اُتي ٻن ٽن هفتن جي علاج بعد هوُ مطمعن ٿيا ۽ مون ٻہ کين پنهنجي غريب خاني ۾ پڌارجڻ جي دعوت ڏني. هڪ ٻن ڏينهن بعد مونکي ٻڌايائون تہ سياڻي صبح جو ڪجھ وقت لاءِ تو وٽ اچي رهيا آهيون.

مون لاءِ اِها ڏاڍي خوشيءَ جي ڳالهہ هئي تہ منهنجو وڏو پاءُ خوش ڇڪو پلو ٿي، مون وٽ ملڻ لاءِ اچي رهيو آهي. مون پڻ سراج صاحب جي ٻين کِن دوستن - ڊاڪٽر مرليڌر جيتلي، لچمڻ پائيہ ڪومل، موهن همتاڻي، دل-سنڌ جي ايڊيٽر مهيش چابڙيا، آنند کيماڻي وغيرہ کي مانيءَ جي دعوت ڏني. پنج ڇهہ ڪلاڪ ڏاڍي سٺي ڪچهري ٿي. سڀ دوست سراج صاحب ۽ امجد صاحب،

جي صحبت ماڻي دِلي طرح خوش ٿيا. اُهو اڳئين سال فبروريءَ جي آخر وارو سمو هو. اِن دوران معلوم ٿيو تہ ٻئي ڇٽا علاج مان مطمئن هئا ۽ اسان کي بہ دلي سُکون رسيو تہ ياءَ ڇاڪ ڇڏو پلو ٿي واپس گهر ويندو.

تنهن کان پن ٽن ڏينهن بعد ئي هنن جي ڪراچيءَ ڏانهن روانگي هئي ۽ مان وڃي ڪانئن موڪلائي آيس تہ هاڻي ياءَ نوبنو ٿي وڃي رهيو آهي. پر اڄ ساڃيو اُهو فبروريءَ جو مهنو آهي، سڀ ڪجهہ ساڃيو آهي، پر اسان جو ياءُ اسان سان گڏ نہ آهي.

گذريل ٻن ڏهاڪن جي سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ مڪاني عناصر

-ڊا. ڪملا گوڪلاڻي

ڪهاڻي ادب جي سڀ کان مقبول صنف، ٻن ڏهاڪن يعني 2012 تائين 1991 يا 1992 کان وٺي ڇپيل ڪهاڻيون. ڪهاڻين جي ريڪ مان ڪتاب لاڻا نہ سؤ کن مجموعا رنگ برنگي ڪشش ڪندڙ ڪور، دل ڇڪيندڙ سرا، ڇاڻل سڃاتل ڪهاڻيڪارن سان نوان نالا ۽ پر عمر انهن جي 60-70 سالن کان وڌيڪ. سراسري ڏهه ڪهاڻيون ۽ ليکڄن تہ هزار ڪهاڻيون، پر گهٽيون ڪهاڻيون جديد لائيف اسٽائيل پنج ستارا هوٽلن جو ڪلچر وسڪي بيئر، بار روم، فاسٽ ميوزڪ تي نرتيہ، انساني رشتن جون پرندڙ پتيون، رت جي سنبندن ۾ پوندڙ ڏاروڻ، سنڌيت سان واسطيدار رڇنائون خاص گهٽائيءَ سان. هڪ طرف ٻولي ۽ سنڌيت پوئتي پوندي وڃي ٻئي طرف ڪهاڻين ۾ انڪي شدت سان اظهاريو پيو وڃي. ڪارڻن جي تفصيل ۾ وڃڻ جي نہ ضرورت آهي نہ ئي گنجائش. جو وشيہ آهي مڪاني عناصر.

منهنجي خيال ۾ هن وشيہ تي قومي سطح جو هي پهريون سيمينار آهي. انڪري ڪهاڻيءَ بابت ڪتابن ۾ وشيہ تي گهٽ مواد آهي. گوبند مالهيءَ جي 'دل ڏي دل وٺ' جي مهاڳ ۾ پرم ابيچنداڻيءَ لکيو، ''مالهي ان ٻوليءَ ۾ لکندو آهي جا عام ماڻهو

ڀالهائيندا آهن البت مکاني لهجي ۽ هڳاءُ سان. ڪلاڊر متوا جي ڳوناڻي ٻوليءَ جو به نوٽيس ورتو ويو هو. باقي ڪهاڻيءَ جي سمورن عناصرن موجب مکاني عنصر تلاشڻ جي پهرين ڪوشش آهي. موهيءَ جي 'چيڪ بوڪ' جي مهاڳ ۾ نامديو انڪي بيشڪ جادو سڏيو آهي. جيئن عالم شاهه خان جي ڪلفيءَ واري جي ڪهاڻي سنڌي ڪردار ذلني جادو ڪيو هو.

هاڻي هن سيمينار بعد لڳي ٿو ڏڙاڏڙ مکاني عناصرن وارين ڪهاڻين جي ڳهڻائي نظر ايندي جيئن نئين ڪهاڻي/ڪهاڻي پوست مادرن ڪهاڻي جي دؤر ۾ ٿيو. جيتوڻيڪ سڏو سنواٽو صاف ستڙو بنا وڙ وڪڙ وارو وشيہ آهي. ساهت سماج جي ڏڙڪڻ بڻي ۾ رچناڪار اردگرد ڏسي محسوسي ۽ فنائتي نموني اظهاري ته مکاني عناصر شامل ٿيڻ لازمي ليکبا. ڪي نوان بحث، مونجهارا ۾ پيدا ٿيڻ جا امڪانات آهن. اڄ ڪي سمڪالين پارتيہ ساهتيہ ۾ رنجنا اڙگڙي جو آليکہ پئي پڙهيہ لکي ٿي.

اسان وٽ ساهت جڳت ۾ عالم نقادن ۾ هڪ عجيب عادت آهي ڪو هڪ ويچار ساهت ۾ داخل ٿئي يا داخل ڪيو وجي ته ترت سرگرم ٿي وجي ٿو. ان ويچار جو ڪو حل نہ ٿئي اهڙي پرولي ۾ انڪي تبديل ڪندا آهن. وري خود ڪي ان جو حل ڳولهڻ جي ذميواري خود ٿي هموار ڪندا. ان پرولي جو اهڙو حل ڪڍندا جو ٻي پرولي تيار ٿي وجي ۽ ان طرح، ٽين ۽ چوٿين ۽ آخر ۾ اهو ويچار خود پرولي جي روپ ۾ ايڪيڊميشن لاءِ شوپا ڪرڻ جو روپ بڻجي عالمن کي روشن ڪرڻ جي پرتيتي (پرم) ڪرائي ٿو. پر ويچار جو پنهنجو سچ ان چمڪ ۾ ڪٿي غائب ٿي

وڃي ٿو.

حقيقت ۾ اول ته مون خود مڪاني لفظ کي سنڌيت سان جوڙيو پر انگريزي لفظ ريجن يعني اين ايريا آف اَ ڪنٽري آف ورلڊ ۽ اين ايڊمنسٽريٽو ڪنٽريءَ منهنجي اپياس کي دشا ڏني ۽ نه رڳو پارت پر آفريڪا، ڪئناڊا، دبئي جي ماحول ڪردارن تي لکيل ڪهاڻين کي به اپياس ۾ شامل ڪيم، پارتيہ صوبا ته آهن ئي. هرهنڌ جذب ٿيڻ جي اسانجي گڻ ڪري جتي ويا سين اُتي جي بولي ٻالهائڻ. ڪاڏا ناهڻ ڪائڻ رواج اپنائڻ ، ڏرمي عقيدن تي هلڻ، سڪياسين پر ڪهاڻين ۾ اهو چٽ گهٽ نظر آيو. وڏ ۾ وڏ ٻئي ريجن وارن سان افيئرو شادي ۾ رندڪون جدوجهد جا مثال نظر آيا. مطلب محض ڪردارن جا نالا مڪاني هڻاءُ ڪٽان عطا ڪندا؟ پر ته به مقالي جي سڪوپ موجب ڏنل نقطن تي جاچنا پيش ڪريان ٿي.

(1) موضوع ۽ اُنجو نياءُ : هري موتواڻيءَ جي لباڻي ڪهاڻي لوهاڻا خالصن تي مرڪوز جيڪي گهڻو ٿڻو ڪاسائڪو ڏنڏو ڪن ڪي ڪيتي مزوري کي واڌو ڪم. مجنيءَ کي سڪول ۾ ٻڌڻو پوي ڪيس خود به سخت تڪليف ٿئي ليڪ موضوع سان گهٽنائن ۽ ڪردارن ذريعي ڪاميابيءَ سان نيايو آهي. پاڻ کي اينزائٽي رهي ٿي شروعات ڪان آخر تائين روچڪتا ۽ جڳياسا مَ وجود. آخر ۾ به مجنيءَ کي لڳو سندس پيءُ جي بدن مان مئل جانور جي ڪرپ نه ماڻهپي جي خوشبو اچي رهي آهي.

گوپال ڏکر جي سرينڊر آٽنڪ واد جي موضوع تي، آٽنڪواد تي ئي موتيلال جوتواڻيءَ جي آٽنڪ واد جو شڪار ۾ ڪيترا بم

استعمال ڪندي افغانستان جي راجدوت مسعود جو شڪار بڻجڻ.

- جوتواڻيءَ جي ٿي هڪ عورت جو ٻيءَ عورت لاءِ رچنا جيسلمير جي مشهور پرش وٺشيا ورتيءَ کو فوڪس ۾ رکي ڪاميابي ڪهاڻي.

وينا شرنگيءَ جي ڪاري-ڪاريءَ جي وشيہ تي مڪاني ٻوليءَ جي هڏاءَ سان ڀرپور ڪهاڻي جنهن ۾ قومي ۽ عالمي عوَرتن جا ادارا بہ هن ڪهاڻي رسم خلاف ڪجهہ نہ ڪري سگهيا آهن هند جي شايد پهرين عوَرت پاران لکيل ڪهاڻي.

- ڪلاڈر متوا جون آفٽر شوڪ زلزلي جي قدرتي رد عمل تي، لالچ ماڻي ڪهاڻيون ڏکر-ٻوڏ طوفان بعد ايندڙ تباهيءَ جي سوزناڪ حالتن تي هڪ هٽ چاچي بصران جي هڪ هٽ سان پريل پرت جي هنر ۽ پيرو جو پولي فقيرياڻي ڏوهارين کي ڳولهڻ ۾ ٻڙ مڙني ۾ روائتي ڪهاڻيءَ ذريعي آنچلڪتا سان واسيل ۽ واڳيل ڪهاڻيون.

واسديو موهي جي ٻل آسام جي ٻل پرتا تي چوٽ ڪندڙ پر چيلي لاءِ ڳهروارن جو پيار موهہ ساڀيان ٽيل هڪ ڪڙ ڳوڙاڻي ماحول ڪڙجي خطا يا پل کي نجي نظر سان ڏسڻ جي ڪهاڻي. 'ڦيرو'، 'ملياڻي سماج جي'، 'چيڪ بوڪ' گجراتي ۽ 'دعوت' پارسي سماج جي وشواسن مجتائن جو چٽ چٽيندي ٻن دلين جي پيار جي پياري ڪهاڻي.

گوپ گولاڻيءَ جي 'خوَف جو احساس'

لکمي ڪلاڻي : بشير جي ڳولها، ڪرشن ڪتواڻيءَ ٻڌي وديس ۾، افريڪا ۾ ڪم ڪندڙن جي حياتي اتي جا سنہنڌ وساري شادي پارتيہ چوڪريءَ سان ڪرڻ ۽ جستيفاءِ ڪرڻ.

جينت جي 'جنازو' مسلم ٽئڪسي ڊرائيور هندو سواريون ماڻ جي ڊيٽ پر جنازو کڻڻ لاءِ پيسا نه هجڻ کري ٽئڪسي هلائڻ جو مارمڪ نموني چٽ چٽيل.

مون اهي ئي کهاڻيون چونڊيون آهن جن ۾ رچناکار پيشڪش ذريعي وشيہ سان نيايو آهي.

(2) موضوع جي نباه لاءِ مکاني کردارن جي چونڊ ۽ جائزگي :

کهاڻي کردار

هڪ عوَرت پرم سنگهہ پدمڻي

ڪئرولسا ايڊس مريض پرش کان بدلو ونڻ جي پاونا پر پدمڻي بہ سزا پوءِ ڀيندي ان کري سهواس نہ ٿي کري

سدا شو پاٽل انتر جاتي وهان لاءِ جائز دليل ڏيئي ها کري ٿو.

لباڻو مجني ۽ رگهوير سنگهہ

جنازو- ڊرايور برقعي واري چاچي مؤلوي صاحب يشونت- ٽئڪسي ڊرائيور جو درد خودداري پيسا نہ ونڻ وقت، يشونت جو انسانيت ۽ مدد جو جذبو.

اندر جي عدالت جو پريش بئنرجي انترجاتي وهانءُ سريندر جي سوها اشرف کي آتنک واد کان بچائڻ لاءِ پنهنجي پيٽ ۾ چرو هڻي ٿي کڌي.

هل ۾ امريندر چبلو بہ کردار بڻجي پيو آهي سنگنيش هاسني انميش جي پاونائن جا شبد چتر کلاڏر جا سمورا کردار کهاڻيءَ جي موضوع سان نيائڻ ۾ مددگار. سندس کهاڻين ۾ ڊور بہ سڄيو کردار بڻجي پيا آهن.

نورجي کوج (جينت ۾ ڊاڪٽر هلديا ۽ ڳوناڻو. هلديا مثل سڀ ڊاڪٽر منورتي بدلائين ٿا سنسار سرڳ بڻجي پوي.

(3) **مڪاني ٻوليءَ جو هڳاءُ** : ندي جو رخ پيءُ کي مرهٽيءَ ۾ اپا عزت لاءِ اپا-لفظ ئي نه جملا ۾ (مالها آپا لئي برا آپا-منهنجو پيءُ ڏاڍو سٺو پيءُ آهي).

ڳوناڻا لفظ-ڏکار سبب ڳوٺ جا اصل تڙ کوه کارا ٿي پيا هئا. مال جي کائڻ گاه باه ٿه چڏ سيم ۽ کونه هو. ڪٽي ڪٽي سيم ۾ کرڙ ڪنڊا يا لاڻا هئا. گانءِ لاءِ ڳوئبين چا لاءِ ڪرو، سهندس لاءِ هوندوسين.

(4) **مڪاني ماحول جي اُڻت** : جيسلمير کان چاليهه ڪلوميٽر پري واريءَ جا دڙا غزوب ٿيندڙ سج جي روشنيءَ ۾ جادوئي اثر چنڊ جو منڊ ٽٽل ڦٽل انگريزي سايبان ماحول ڪڙو ڪري ٿي. عؤرتن جو اُڻن تي سوار ٽيڻ-اونين سان سهواس ڊيڪارڻ لاءِ بيحد اثرائتي ٻوليءَ جو استعمال جوتواڻيءَ ڪيو آهي. لباڻي-سنڌي سردارن جو وهنوار پوشاڪ ايڪشن سايبان آفترشوڪ-ڳوٺ جو نالو لوڏائي-ڀڄ جي بنياد تي ڏند ڪٿا شيش ناگ واري، پن چڙ جي رت ۾ جيئن پيلاپن چڙندا آهن تئن عاليشان عمارتون پٽ پوڻ لڳيون. آسمان ڦاڻڻ لڳو. بچايو بچايو جون چيخون... سيکڙو لاشون جي ڪفن جي انتظار ۾ پيئون هيون (لاش هڻڻ ڪپي) حصو ڏهيو پيو هو (ڏنو) پيو هو. جهڙيون معمولي ٻولي ۽ گرامر جون چڪون آهن. مينهن وسڪاري جا نظارا ڪانين مينهن جا مثل جسم پاڻي ۾ تري رهيا هئا. کهاڻي ڏکن ڏسيو ڏانءَ ۾ پشکر جي گهاٽيءَ جو ماحول شبد چتر.

وينا شرنگيءَ جي غيرت بي غيرت-ڪارو ڪاري نالي سان ٽيندڙ وحشت ۽ دهشت جي منظرڪشي ڪندي ماحول ساڀيان بڻايو ويو آهي.

موهيءَ ڏٻئي جو ماحول ڪاڏو-رهڻ لاءِ گروپ ۾ ڪمرا پلنگ شيئر ڪرڻ جي سچائيءَ کي اثرائتي نموني لفظي اظهار ڏنو آهي.

فنائتو اظهار : لٻاٽي-ڪاساڪي هڪار هوبهو اڪين آڏو اڇيو وڃي. ''سندس ڊپ ۽ چڙچڙهيپڻي جو ڪارڻ سندس پيءُ هو. هو جڏهن گهر ايندو هو تہ سندس ڪپڙن تي رت جا داغ هوندا هئا، جي ان وقت ٽيندا هئس جڏهن ٻڪر يا ٻڪريءَ کي جهٽڪو ڪندو هو. منڊي وڍجي وڃي ڪرندي هئي ۽ رت جي ڦوهاري مان ڪجهہ ڦينگون هنجي ڪپڙن تي اڇي پوندیون هيون...

هي ڪرپاڻ ڏسين ٿو. مڇيءَ وانگر ڦٽرا ڦٽرا ڪري ڪانون کي ڪارائي ڇڏيندیسانءِ.

-'ڏکن ڏسيو ڏاءُ' ۾ پشڪر گهاڻي جو تبديل ٽيندڙ نظارو ٻئي ديش ۾، اوچتو ڪلوپيٽرا اُٽي بيني، هڪ سگريٽ وات ۾ وجهي اهو جلايائين. پرين ڪرسيءَ تي ٽي ويني پڇياٽين. ''توهان ڪير آهيو؟

مان تنهنجي ماءُ کي سڃاڻيندو هوس...

توکي پنهنجي پيءُ جي ياد آهي؟

مونکي پيءُ نہ آهي. ڪلوپيٽرا سخت آواز ۾ چيو...

پيءُ سيني کي ٽيندو آهي.

...هن ملڪ ۾ ڪٽين ٻار آهن جنکي پيءُ نہ آهي.

غيرت بي غيرت : ساوتري ۽ رحيمان وري پيانڪ ٽهڪ ڏيڻ شروع ڪيا. هيءَ عوَرتن جي حقن جي ڳالهه ڪرڻ واري اسانجي سماج کي سڌارڻ بدران پاڻ ئي قديم ڪنڊهر جيان ڊهي پٽ پيئي آهي. فرق اهو آهي نه انهن قديم ڪنڊهرن جي حفاظت لاءِ عالمي تنظيمون ۽ بئنڪون امداد ۽ عطيو ڏيئي رهيون آهن.

متوا جي ايرڪا ۾ رمليءَ جي بڪ جو بيان جا ڪتي ٽيڻ لاءِ پرارٽنا ڪري ٽي. سيني نندي عمر جو ڪلاڏر متوا مڪاني منظرڪشيءَ ۾ خاص ڏيان طلب چوندِ ٻن ڪهاڻين جو مڪانيت جي حوالي ۾ تفصيلي تبصرہ.

مايا راهي موڪش

ڏکڻ پارت جي هڪ عجيب روائت تي آڌارت ٽياڪر جي روپ ۾ پيشڪش ڪندي پس منظر کي ساڀيان بڻايو ويو آهي.

شروعات شنڪر جي ڳوٺ موٽڻ وقت بس ۾ سوچ جي سلسلن سان. براهمڻ ڪٽنب جو شنڪر شهر ۾ نوڪري ڪندو آهي. شياملي‌ءَ سان پيار اٽس ساڻس شادي‌ءَ ماءِ ڪٽنب سماج کي ڪيئن مڃائيندو انجو تفصيلي بيان روائت موجب وڏو پٽ وڏي‌ءَ موجب شادي ڪندو باقي نندا يجمانن جي ڪنيائن مان ڪنهن سان بہ رستو رکي تن من جي پياس ٻجهائڻ لاءِ آزاد ايتري قدر جو ٻار پيدا ٽيو تہ اهو ماءُ سان رهندو. عوَرتون هڪ جون ٽي رهڻ لاءِ بڏل نہ. ڳوٺ جي راجلڪشمي ساماڻي پر سندس سرير ڪنهن براهمڻ نہ پوڳيو حادثي ۾ ديهانت. اهو وشواس تہ جيئري ساماڻيل ڪنيا جو ملن جو سپنو پورو نہ ٽيو تہ سندس آتما پٽڪندي رهندي-موَت بعد ڪنهن براهمڻ ڪمار سان سنيوگ ڪيس مڪتي

ڏيندو.

شنڪر ماءُ ڪيس ان فرض پالڻ لاءِ مجبور ٿي ڪري جو سڀ مرد مها پوڄا تي ويل آهين. شنڪر جي من ۾ شياملي آهي انڪري سڄيل سنيريل راجلڪشميءَ جي ڪمري ۾ وڃي ٻه ڪيس بنا يوگ جي موٽي ٿو اچي.

شنڪري جو وڏو پاءُ رام لنگم سندس زال سنندا سس جي لاڏلي ننهن. وچون پاءُ منوج پراڻن خيالن جو. ڪٽر ماءُ، ويدن پراڻن جو ماهر سندس پتا ۽ ڀوٽ جا ماڻهو اِهي آهن مکيہ ڪردار. شنڪري جي پريميڪا شياملي سميت سيني جي اڻت شنڪر جي ڪردار کي ايارڻ لاءِ ڪيل توڙي ڳهٽنائون ٻہ اهي ئي فوڪس ۾ جن سان شنڪر جو ڪردار فوڪس ۾ اچي.

ماحول سنرچنا گهڻو ٽٽو بياني هجڻ ڪٽيہ جي مجبوري. رچنا لاءِ انسپائريشن ڏيڻ پارت جي ان رسم مان مليو انڪري جتي ٻين کهاڻين جا پرش ڪامي عوَرت کي استعمال ڪندڙ هوندا آهن اُتي هن ۾ شنڪر جي اخلاقي بلندي ثابت ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي سچي پريميءَ جو روپ پسائي ٿي.

چوڪري سامائجي تہ ڪيس ڪوٽي پڙي سان پوتي ٻہ پائي رنگبرنگي گلن سان سڄايو ويندو. ڍهل دمامن سان گهٽيءَ ۾ گهمايو ويندو. وري اهو عجيب وشواس جيئري ملڻ نہ ٽيڻ تي اترپت آتما ملڻ جي آس ۾ ٻڪندي رهندي ۽ مرتڪ باڊيءَ سان سنيوگ ذريعي موڪش ڏيندو. ڪنيا آهي راجيشوري انتم سنسڪار جو ليکا تفصيلي بيان ڪيو آهي.

پاشا : البت پاشا ۾ مول ٻوليءَ جا لفظ لکي پوءِ انهن جي

معنيل بہ ڏئي ها تہ وڏيڪ اثرائتي بهي ها. مڪاني عنصر شدت سان اُڀري اچي ها. باقي ياشا ڪتا ڪي وڏائڻ ماحول ساڀيان بڻائڻ ۾ ڪردارن جا منوياو ظاهر ڪرڻ ۾ بيشڪ اثرائتي آهي.

منوج وانگر هن هر ٽال ۾ بوٽ وجهڻ نہ ٽي چاهيو.

... هيءُ سوال جواب نہ هو هيءُ تہ هڪ جنگہ پراچين ڏرم ۽ نئين ويچار ڏارا جي جنگہ-ڏرم وڏيڪ زوراور هو ۽ نئين ويچار ڏارا ويچاري ٽي پيئي هئي.

... شيامليءَ ج جوان اُمنگن جو بند ٽوڙڻ لاءِ اتي چنچل نديءَ ڪي بہ پنهنجي رسمي مريادا ٻڌڻن سان ٻڌڻ ٿو چاهي. من ترس پهرين رات لاءِ ڪجهہ ڇڏيندئين ڪن... ناراض ٿيڻ تي سندس چهري ڪي ٻنهي هٿن ۾ وٺي چمندو بہ آهي ۽ هوءَ سنيهہ جي سينڊل چاندني ۾ وهنجي ٻهڪي اُٺندي آهي.

هن هڪ ڊگهو ساهہ ڪنيو پاڻ ڪي ٻليءَ جو ٻڪرو ٿيندو ڏسي پر سندس ذهن ۾ ڪشمڪش آهي تہ ماءُ جي آگيا مڃڻ ٽي شيامليءَ جي سپنن جو ڇا ٿيندو ۽ فيصلو ڪري ٻاهر نڪري ٿو اَچي.

ڪهاڻيءَ ۾ راجيشوري لاءِ ماڻس هلڪو اِشارو ڏئي ٿي تہ الائي ڪنهنجو انتظار هوس جو ٽي سال سرير اڇوتو هوس شايد.... پر شنڪري جي من ۾ اهڙي ڪا ياونا نہ ڏيکاري ويئي آهي انڪري هن ڏرمي عقيدي ڪي پاسيرو رکي چڏيو پر ڪٽر براهمڻ ڪٽنب جو هوندي ڪيس ڪو ڊپ نہ خوف نہ پيار جي سگهہ فتحياب ٽي. ڪل ملائي مڪاني عناصرن ۾ ڪٿيہ ڏکڻ پارتيہ باقي ٻولي ڪمزور پڪش ماحول سجيو گهٽ، معلوماتي وڏيڪ گويا ليڪ ٻڌي پڙهي رچنا ڪئي هجي شنڪر جي ڪردارنگاريءَ ۾ انوپوٽي تتو پختو

بينو آهي جيڪو به مايا جو مقصد لڳي ٿو.

پين کاڻي - دعوت - واسديو موهي

پارسي پس منظر ابن دستور ۽ فلي ۽ جو پيار، ڏيتنگ مهابليشور هوٽل ۾ الڳ الڳ ڪمرن ۾ رهڻ، هڪ حد اندر جسماني سنهڻ به قائم، نرالين وحشاني حرڪتون، شادي لاءِ تيار، دستور چوي ٿي پا (پتا) جو ابران سان پيار آهي. اُتان واپس اچي قبوليت ڏئي ته شادي ۽ جي رسم ادا ٿئي. دستور کي نپل تي هلڪي سوچ ۽ لالچ - چيڪ اپ - ڪئنسر - آپريشن - ڪنڊت جسم سان ڪيئن شادي ڪري؟ فلي ۽ کي فون تي منع ٿي ڪري ته پا راضي ناهي.

ڊاڪٽر سورابجي پا جو دوست. نئين سال تي گهر ۾ ڊنر لاءِ دعوت ٿو ڏئين. فلي پهچي ٿو، ٻڌائي ٿو ته ڊاڪٽر سندس مامو آهي. ڊٽيڪٽو مثل سموري جاڻ رکي هٿائين. ابن چيس خبر اڻئي ته ٻڌاءِ تنهنجي جائداد بغير توسان شادي ڪيئن ڪريان ها. ڪلي ٽهڪ ڏيئي وراڻي ٿو ڏئي، ''هي ۽ سچي جي سچي جائداد جا منهنجي سامهون بيني آهي. انجو کو حساب ئي کونهي. ڊاڪٽر ۽ پا اچن ٿا. پا فلي ۽ جي ڪلهي تي هٿ رکيو. ابن واڙي، چيائينس تو فلي ۽ سان نه ملايو ته سورابجي ۽ مدد ڪئي. فلي ۽ سپ ٻڌايو. آخر ۾ ڊاڪٽر چيو ته پکو بزنس مين آهيان توهانکي ملائڻ لاءِ دعوت ڏني اٿم.

ان ڪٿا وستوءَ کي ليڪ بيحد فنائتي نموني اُڀيو آهي. جڳياسا آخر تائين برقرار، نندا نندا معني فيض جملا، لاثاني فلو - پرواهه، خوبصورت بيان.

ڪردار ڪل چار - ابن دستور، (نائڪا) سندس پتا پا (هومي)،

دوست فلي وڏيا، سندس مامو ڊاڪٽر سورابجي. ڪردارن تي سياويڪ فوڪس. ڪجھ بہ مڙھيل ٽاپيل نہ ٿو لڳي. ليڪڪ کا فتويٰ نہ ٿو ڏئي. پر سندن ڀالھائڻ وھنوار/مان ازخود چريتر اُپري ٿو ٻيھي.. ابن جي ايمانداري تہ جسم جو جيڪو عضوو سڀ کان وڌيڪ پسند اھو ئي جدا ٿي ويو تہ شادي کيئن ڪريان ۽ فلي جي صداقت تہ سموري جائداد سامھون اٿم... پا ۽ ڊاڪٽر جو گھربل مڪمل رول سڀ ڇاپ ڇڏي وڃن ٿا. نامديو جي ٻنھي ڳالھين سان شامل راءِ سمپادڪ ڏڙڪن جي رِدم ۽ مڪاني عنصر.

ڪھاڻي پارسي پس منظر تي انڪري اھو ماحول ڪريئيٽ ڪرڻ ۾ ڪامياب- اگياري (پوڄا گھر) روو (سوجي ڪير ڪنڊ مان ناھيل پيڄ)، پاوي- اگياري ۾ شاھي ڪونڊي جي جڳھ جنھن ۾ ٻرندڙ اگني ھوندي آھي. لاش ڀڃھن کي ڪارائڻ لاءِ پراڻيءَ کي ڪوہ ۾ لٽڪائڻ، ھاڻي دفنَ يا اگني سنسڪار لاءِ سوچ. وقتائتو 1844 جي اگياري ليڪڪ جي ڄاڻ جي شاھد ڊاڪٽر جي گھر جي سڃاوت جو ساڀيان بيان ڪوبہ بو بورنگہ انگھائيندڙ بيان نہ. تن من جي سونھن جو لاثاني اظھار.

ڪوي ھردو رڪندڙ موھيءَ جي ڪھاڻي بہ ڪاويہ ميہ ٽوري ۾ گھٽو چوڻ جي قوّت اٿس. ڪجھ بہ پرتو يا اجايو نہ.

ٻولي سليس، ڪھاڻيءَ جي پس منظر ۾ انگريزي لفظن جو واھپو سياويڪ لڳي ٿو. مثلن نپل، ريڊ، پا، نيڊل، آءِپوائنٽ، ڊيٽنگ، اسڪرٽ، لوڪٽ نيڪ، مئمو گرافي، دس از فلي ز لائيف، بريسٽ ڪئنسر، مئسٽيڪٽمي، ڊڪٽيٽو، بائول، ڊنر، پرابليمس نيڪسٽ ويڪ، ويلڪم ميٽنگون- ھندي لفظ جگل بندي وغيرھ.

شرارتن ۽ حرڪتن جو بيباڪ بيان... لوڪٽ ٽاپ ڪي جھٽڪي سان هيٺ ڪرڻ تنھن ڪي ڇپائڻ، وري چوڻ تہ پيار ڪرڻ ڏڌھن ڇڏبو جڏھن پنھنجي جائداد جي ھر حصي مٿان پنھنجي ڏندن جو دستخط ڪري ڇڏيان.

مون لاءِ سوال اھر تہ ڪئنسر ۾ ڳوڙھي ھوندي آھي بنا سور جي ھت ھلڪي سوچ ٿوري لالاڻ بريسٽ ڪئنسر جو ڪارڻ ڪيئن بڻي؟ دستور جي من ۾ چيڪ اپ جو خيال ڪيئن ڇو آيو؟

خير ڪل ملائي اھو چوان تہ بيشڪ ڪھاڻيءَ ۾ ليکڪ جي شعوري لاشعوري سوچ، مشاھدن ۽ تجربن جو نچوڙ مؤجود آھي.

آخر ۾ مان ساھت اڪاڈمي جي شڪرگذار آھيان جنھن پيپر لکڻ جي ڀاڪي ٻن ڏھاڪن جون ڪھاڻيون ڦھر پڙھڻ جو موقعو ڏنو. واپاري مڃي ويندڙ قوم جي سرجڻ شڪتيءَ ۾ وشواس ظاھر ڪيو تہ سنڌي رچناڪار محض پنھنجي قوم تائين محدود ڪونھي پر وحدت ۾ ڪثرت ٿي- ڪثرت وحدت ڪل موجب گلوبل ستيزن جي ناتي نہ رڳو پارت پر دنيا جي ڪيترن جو مڪاني عنصر ڪھاڻين ۾ اڪيريو آھي. توھان ڪجھہ ماڻيو ھجي تہ ڪھاڻيڪار کي داد. ڪمين پنھنجي حصي ۾ مڃي توھانکي راين ۽ رھبريءَ تي عمل ڪرڻ جو وشواس ڏيارندي پنھنجي ڳالھہ کي وراڻ ڏيان ٿي.

سوراج پون پوپال ۾ 12-9-6 تي ساھت اڪاڈمي پاران ٽيل سمفوزيم ۾ پيش ڪيل پيپر.

هڪ اُستاد شاعر ۽ اعليٰ زبان دان

-ڊاڪٽر جگديش لچاڻي

ليکراج ڪشنچند ميرچنداڻي عزيز سنڌيءَ جو هڪ اُستاد شاعر آهي. هن جو جنم 19 ڊسمبر 1897ع تي حيدرآباد سنڌ ۾ ٿيو. ورهاڱي کان اڳ ئي هو نثر خواه نظم ۾، پنهنجي علم ۽ فني مهارت سبب ادبي حلقن ۾ هڪ ڏاڍل واڱڻل ۽ جاڻل سڃاتل شخصيت بڻجي چڪو هو. مشاعرن ۾ هن کي چڱي خاصي عزت ملڻ لڳي هئي. سنڌ ۾ هن جي شعرن جا پنج مجموعا، ڪليات عزيز (1938)، گلزار عزيز (1944)، شاعراڻي شمع (1944)، پيڃتاءَ جا لڙڪ (1946) ۽ پيغام عزيز (1946) شايع ٿي چڪا هئا.

ليکراج عزيز ننڍي ڄمار ۾ ئي شاعريءَ ۾ نالو ڪڍيو. عزيز سنڌي ٻوليءَ کانسواءِ عربي، فارسي ۽ اردو ٻولين جو به عالم هو. شاعريءَ جي فن ۾ به اُستاد مڃيو ويندو هو. اُنهن ڏينهن ۾ مسلم عالم هندن کي شاعر قبول ئي نه ڪندا هئا. اُنهيءَ صورتحال ۾ ليکراج عزيز، مسلم عالمن کي اهو ڏيکاريو، ته هندو شاعر به فن ۽ فڪر جي لحاظ کان گهٽن کي گوءِ ڏيئي سگهن ٿا. ليکراج عزيز پنهنجي علم ۽ فن جي مهارت پارسي ٻوليءَ جي علم سان ظاهر ڪئي. عزيز جي شخصيت ۾ هڪ اهڙو طلسم هو جو ٻڌندڙ يا سامهون وارو سندس آواز جي سحر ۾ غرق ٿي ويندو هو. هو پنهنجي همعصر شاعرن مان گهٽن کان گوءِ ڪٽي ويو. عزيز کي

اهو بلند مقام حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجون سمورنيون تخليقي صلاحيتون لڳائڻيون پيون.

اُن وقت اُستاد ئي پنهنجي شاگردن کي ٻوليءَ جي صحيح سچاڻپ، محاورن جي لفظي مناسبت، شعريہ نفيس نڪتا، ربط، تشبيہ، تمثيل، استعارہ، ڪنايہ، علامت، خيال جي موزون ادائگي، محاورہ بندي خواہ چست بندش جو، علم ڏيندا هئا؛ جن باعث ئي شعر ۾ گهربل تاثير پڙهندڙن/ٻڌندڙن جي دل ۽ دماغ تائين پهچي ٿو. پر ليکراج عزيز اهو سمورو ڪرتب بنا اُستاد کري ڏيکاريو، بنا اُستاد جي ئي فن ۽ زبان جي اُستادي حاصل ڪئي ۽ سنڌي شاعريءَ ۾ اعليٰ مقام تي پهتو. عزيز بنيادي هڪ روايت پرست شاعر آهي، جيتوڻيڪ اڄ ان روايت کي عزت جي نگاہ سان نٿو ڏنو وڃي، پر اها روايت پنهنجي دور ۾ شاعريءَ ۾ بيحد مقبول رهي. يورپ ۾ جيئن فرينچ زبان کي ٻين ٻولين جي ٻيٽ ۾ اول درجو حاصل آهي، تيئن ان دور ۾، جتي مسلمانن جي گهٽائي هئي، فارسيءَ کي مٿاهون مقام حاصل هو. پلي موجوده صورتحال ۾، ليکراج عزيز جديد شعور کان ڪٽيل لڳي، باوجود ان جي هو زبان ۽ فني پختگيءَ جي لحاظ کان سنڌي هندن ۽ مسلمان شاعرن ۾ اولين صف ۾ براجمان آهي.

ورهاڱي بعد هند ۾ هن جي شعرن جا هيٺيان مجموعا شايع ٿيا: آبشار (1953)، صراحي (1963)، للڪار (1965)، سوز و ساز (1970) ۽ ڀهڙ ٻول-ٻال ڪوتائون (1970) ليکراج عزيز کي صراحي شعريہ مجموعي تي سنہ 1966ع ۾ پارت سرڪار طرفان ساهتيہ اڪادمي ايوارڊ حاصل ٿيو. هن جي شروعاتي شعر ۾ عربي

۽ پارسي ٻولين جو ڪافي اثر ڏسڻ ۾ اچي ٿو. تنهن ڪري هو پاڻ کي عوام ۾ مقبول بڻائي نه سگهيو. ٻوليءَ جي اها علميت، هن جي مقبوليت ۾ وڏي رڪاوٽ بڻي. عربي ۽ پارسيءَ جو عالم هئڻ ڪري، سندس شعر ۾ سندس شعر، عربي ۽ پارسي لفظن جي گهڻائي رهي. هو عوام تائين نه پهچي، عالمن تائين محدود رهجي ويو. هن کي سمجهڻ لاءِ سولو ڪونهي. سندس شعر کي سمجهڻ لاءِ ڪيترين جڳهن تي، خود سندس ئي تشريح جي ضرورت پوندي هئي. پر پارت ۾ اچڻ ڪانپوءِ حالتن مطابق، رفته رفته هن پنهنجي شعر کي سليس، آسان ۽ سلوڻو بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي. سندس پڇاڙيءَ وارو ڪلام، ان جو مثال آهي. صراحي، جنهن تي کيس ساهتيه اڪادمي انعام عطا ٿيو، تنهن جي سنڌي ادب ۾ خاص اهميت آهي. سنڌي اصطلاح، سنڌي ترڪيبون، جملن جي سنڌي بناوت جي لحاظ کان عزيز جي صراحي، سنڌي ادب ۾ سدا حيات رهندي.

جيتري قدر مونکي ياد آهي اها 1956 جي پڇاڙي هئي يا 1957 جي اڳياڙي، جڏهن ليکراج عزيز سان منهنجي پهرين ملاقات ٿي. پوءِ ته ملاقاتن جو اهو سلسلو ڪافي سال جاري رهيو. ليکراج عزيز سان اها پهرين ملاقات ڪي.سي. ڪاليج جي پروفيسرس ڪامن روم ۾ ٿي هئي. ويجهڑائيءَ ۾ ئي ليکراج عزيز بطور ليڪچرار ڪي.سي. ڪاليج Join ڪيو هو. منهنجي ادبي زندگيءَ جي شروعات به اُنهن ڏينهن ۾ ئي ٿي هئي.

مان پرسرام ضيا، نارايڻ پارتي، ايم. ڪمل، سڳن آهوجا، گني سامتاڻي ۽ ڪرشن راهيءَ سان به ويجهو آيو هوس. لعل پشپ

تہ منھنجو پاڑيسري ھو. مان ھوس ڇوکراٽ پر لکڻ پڙھڻ جو شوق جھجھو ھو. اُنھن ڏينھن ۾ 'مھراڻ' رسالي کھاڻي ڇپائيندي رکي. 'مھراڻ' رسالو ھند جي ادبين ۾ بيحد لوکپريہ ھو. پر ملندو ڏاڍو ڏکيو ھو. مونکي انھن ڏينھن ۾ 'مھراڻ' قيمت کمل (لعل پشپ جو چاچو) پڙھائيندو ھو. ھن کي وري مھراڻ ھري دلگير موکليندو ھو. مون 'لڙکن جي لڙي' کھاڻي، ڇپائيتيءَ لاءِ موکلي. جمال ابڙي، موھن کلپنا، بشير مُورياڻي، ھريکانت ۽ پريو الله رکيي ٻہ کھاڻيون موکليون ھيون. پارکن جي کاميتيءَ جمال ابڙي جي کھاڻي 'بدمعاش' کي پھريون نمبر ۽ منھنجي 'لڙکن جي لڙي' کي ٻيون نمبر انعام عطا ڪيو ھو. انعام جي ڪُلُ رقم ڏھہ رپيا ھئي. اھي انعامي کھاڻيون 'مھراڻ' جي جولاءِ-آگسٽ-سيپٽمبر 1956ع واري انک ۾ شايع ٿيل آھن. انعام جي پڌرائي آڪٽوبر-نومبر-ڊسمبر 1956ع واري پرچي ۾ ٿيل آھي. لڳي ٿو مان پنھنجي موضوع کان ھٽي ويو آھيان. مونکي پنھنجي نہ پر عزيز جي ڳالھہ ڪرڻي آھي. ھن جي شخصيت جا پوشيدہ پھلو پڌرا ڪرڻا آھن.

ليکراج عزيز شڪل جو ناھوکو، قداور شخص، نقش نگار ڪشش ڪندڙ سفيد مھانڊو، گورو ڇڙو انگريز بٽ ۾ البٽ پريل. ھميشہ شارپ اسڪن جي سفيد سفاري يا فل سوٽ ۾ ملبوس. ڪلٽو-ملٽو خوش مزاج ٻہ ھو. ڳالھائڻ ۾ دل فريبي ايڏي جو اڳلو متاثر ٿيڻ کانسواءِ رھي نہ سگھندو. ڳالھائڻ وقت سندس لھجو نھايت ئي سلجھيل ۽ پر اعتماد سان پُر ھوندو ھو. پاڻ مڃارائڻ جي سگھہ ٻہ وٽس جھجھي ھئي. عشق ۾ چوٽ کائي، سڄي عمر ڪنوارو رھيو.

ان ڳالهه ني ڪيترا ورسيه سڙي وڃن، پر ڪ
ٽيل ملاقاتون، ذهن جي اسڪرين تي اُڪريل آهن. اها منهنجي خوشنصيبي آهي جو شروعات کان منهنجي صحبت پاڻ کان وڏن اديب حضرات سان رهي. مون اُنهن جي سنگ ۽ صحبت مان ڪافي فيض حاصل ڪيو. مان ننڍي جمار ۾ ئي جن جي صحبت ۾ رهيس، اُنهن ۾ ليکراج عزيز، پرسرام ضيا، پوپٽي، ارجن شاد، سڳن آهوجا، موهن مکيه آهن. اڄ اُهي سپيئي نه رهيا آهن؛ پر اُنهن جون سِمرتيون ذهن تي بي ترتيبيءَ سان ٽڙيل-پکڙيل آهن. مان اڄ اُنهن بي‌ترتيب ذهني اسڪرين تي ڦهليل سمرتين کي سنجوڙڻ جي ڪوشش ۾ لڳل آهيان. ڪامپيوٽر ته جديد زمان جي ايجاد آهي. پر لڳي ٿو منهنجي دماغ جي ڪامپيوٽر ۾، اُهي ملاقاتون اڄ به Save ٽيل آهن. انسان هليا ٿا وڃن، پر يادگيريون نٽيون مرن، سلامت رهن ٽيون ۽ ڪنهن نه ڪنهن نموني، ڪڏهن نه ڪڏهن نڪري نروار ٽيو پون.

اُنهن ڏينهن ۾، سنڌي ادب ۾، سندس تنقيدي ڪتاب 'گل و خار' تي ڪافي بحث مباحثا پئي ٽيا. مان سنڌيءَ جي مشهور اخبارن ۾ 'گل و خار' تي لکيل تبصرا پڙهي چڪو هوس. مون دل ئي دل ۾ عزيز صاحب جي هڪ تصوير به ٺاهي ورتي هئي، پر پهرين ملاقات ۾ ئي ليکراج عزيز، منهنجي تصور جي بلڪل اُبتڙ نڪتو. مون سمجهيو ٿي ته ليکراج عزيز پنهنجي تکي تنقيد جيان ئي هڪ شوخ، تيز ۽ مغرور انسان هوندو، پر هتي ته هو هڪدم يارويس ۽ معتبر انسان لڳو - پهرين ملاقات ۾ ئي مان ڪائنس ڪافي متاثر ٿيس پر من ۾ اڃا ڪيترائي شڪ شبها هئا.

مون انهن جو حل سندس کان ئي پڇڻ ٿي چاهيو. 'گل و خار' جو جڏهن ذکر نڪتو تہ چيائين:

''اهو ڪتاب مون نہ صرف عوام ۾ ئي ڇاڻ لاءِ پر نوجوان شاعرن جي رهنمائيءَ لاءِ ٻہ لکيو آهي. ڪينترا نوجوان شاعر گمراهيءَ جي عالم ۾ پٽڪي رهيا آهن. اُنهن کي شاعريءَ جي لطيف فن جي پوري ڄاڻ ڪانهي.''

ٿورو رڪجي وري چيو هئائين، ''جيڪڏهن منهنجي صاف گوئيءَ انهن کي ڪاوڙايو آهي تہ مان چا ڪريان.''

جيتري قدر مان شخصي طور سمجهي سگهيو آهيان تہ ليکراج عزيز سنڌي شاعرن تي تنقيد شخصي بغض يا ساڙ/وچان نہ پر سندن اڪيون ڪوليڻ ۽ کين شاعريءَ جي فن جي صحيح شناس ڏيڻ لاءِ ڪئي آهي. البت ائين برابر آهي تہ هن شاعرن تي تنقيد ڪندي، ڪيترن هنڌن تي ڪافي تکو رد عمل اختيار ڪيو آهي. پر ان لاءِ ٻہ کي سبب آهن. اِتي منهنجي ذهن تي، موهن ڪلپنا جا لفظ، جيڪي هن ليکراج عزيز لاءِ چيا آهن هڪدم تريو ٿا اچن:

''شاعري هن جي زال آهي. لفظ هن جي محبت ۽ معنيٰ هن جي سنتان آهن.... هن کي لفظ پيارا آهن، لفظن جي صحت، لفظن جي معنيٰ پياري آهي. لفظن ۾ هن جي زندگي آهي. معنيٰ ۾ هن جو سرمايو آهي. عزيز شاعريءَ جي ڪنهن ٻہ پهلوءَ ۾ چڪ برداشت نٿو ڪري، ڇو جو شاعري هن جي دل

آهي، جان آهي، روح آهي، مستي آهي.''

سن 1966ع ۾، مون پنهنجي ڪتاب 'سنڌي ادب جي روپ-ريکا' ۾ ليکراج عزيز لاءِ لکيو آهي :

''شري عزيز هڪ برڪ شاعر سان گڏ اعليٰ پايي جو نقاد به آهي. هن ئي سنڌيءَ ۾ منصفاڻي تنقيد جي شروعات ڪئي. عزيز جي تنقيد ڪري ۽ تيز آهي. هيءُ صاحب گڻ-دوش جي چنڊ چاڻ ۾ ڏاڍو خبردار آهي. عزيز جي تنقيد اسان کي 18 صديءَ جي انگريزيءَ نقادن جي ياد تازه ڪري ٿي. ڊاڪٽر جانسن جيان عزيز صاحب به پنهنجي وقت جو ادبي تاناشاه آهي. هن جي فيصلي خلاف ڪنهن به ڪورٽ ۾ اپيل نٿي ڪري سگهجي. هن صاحب پنهنجي ويچارن جو اظهار تمام زوردار ٻوليءَ ۾ ڪيو آهي. موضوع جي گهري چاڻ ۽ ٻوليءَ تي زبردست دسترس عزيز صاحب جي تنقيد جون به مکيه خوبيون آهن.''

عزيز جي تنقيد ڪڙ جو نوع بيحد ٿي ٽڪاڻ سان پريل هوندو هو. تنقيد ۾ گهٽو ڪري صحيح هوندي به، هو تڪرار جو ڪارڻ بڻيو، ڇو ته هو لفظن مان معنيٰ کي ٻاهر ڪڍي، ٽڪي تنقيد ڪندو هو. اهڙا گهٽائي مثال منهنجي ذهن جي اسڪرين تي اُڪريل آهن، پر مان انهن کان ڪنارو ڪري، اڳتي وڌان ٿو. سخت تنقيد ڪري لڳ ڀڳ سڀ نوجوان ۽ ترقي پسند فنڪار، ليکراج عزيز جي خلاف ٿي بيٺا. اُنهن جي اُها مخالفت اڳتي هلي عزيز جي مقبوليت جي راهه ۾ وڏي رڪاوٽ بڻي. هو گهٽا

مواج ۽ پوئلڀ بہ پيدا ڪري نہ سگھيو. پوءِ بہ ''گل و خار'' جي هڪ تاريخي اهميت آهي، جو هن ڪتاب ڪيترن نو خير شاعرن جي رهنمائي ڪئي ۽ انهن کي شاعريءَ جي شناس عطا ڪئي. هري دلگير چواڻي :

''هيءُ ڪتاب عزيز صاحب جي تنقيدي جاڻ، شاعريءَ جي فن ۽ بوليءَ ۾ قابليت جو هڪ دستاويز آهي ۽ ڪيترن شاعرن کي (مون سميت) ان مان فن بابت رهبري ملي هئي.'' (1)

اڪثر ماڻهن جي شهرت تي پڇڙ سان گهٽ حيثيت وارن ۾ اڪ ئي نہ ٻڌندي آهي، پر ليکراج عزيز سان ائين نہ هو. هو سڀني ملاقاتين سان فراخدلي ۽ عزت سان پيش ايندو هو. عزيز وٽ عزت ملندي، محبت ملندي، پوري خاطرداري ملندي. پرسرام ضيا، سڱن آهوجا، ايم. ڪمل وٽس شعر جي صلاح لاءِ اڪثر ويندا هئا. موهن ڪلپنا بہ اڪثر هن وٽ ويندو رهندو هو. بمبئيءَ کان ٻاهران ايندڙ شاعر، عزيز وٽ پيرو ضرور پريندا هئا؛ پوءِ چاهي اهو هري دلگير هجي، هرو سدارنگاڻي خادم هجي چاهي نارائڻ شيام بہ ڇو نہ هجي. هروسدارنگاڻي خادم ۽ نارائڻ شيام ٻئي عزيز کي اُستاد ڪري مڃيندا هئا. هري دلگير لکي ٿو :

''عزيز صاحب هڪ وڏو عالم ۽ بوليءَ جو ماهر هو. سندس علم ۽ جاڻ جي اڳيان مان پاڻ کي ٻار سمجهندو هوس. مون گهڻو ڪجهہ هن مان سکيو.

---

(1) هري دلگير : ادبي ليک سنڌي ساهتيہ سنگت، آديپور، سنہ 2004 ع. ص.122

جڏهن جڏهن آديپور مان بمبئيءَ ويندو هوس تہ هن جي گهر جي زيارت ضرور ڪندو هوس.''

مان هڪ ڏينهن بنا اطلاع جي سندس گهر شيام نواس ۾ پهچي ويس. شيام نواس بہ سندس شاندار شخصيت جيان ئي خوبصورت هو. مون سان گڏ ، منهنجو جهونو دوست وشن پرسواڻي (هينئر هو حيات ڪونهي) هو. عزيز صاحب پيپر جاچڻ اڏ ۾ ڇڏي ٻاهر نڪري آيو. هن نہ صرف اسان کي ڪلي ڪيڪاريو، پر جيڪو آدر ستڪار ڏنو، اهو ڪڏهن بہ وسرڻ جو ناهي. ڪٽي هڪ عظيم شاعر ۽ ڪٽي اسين! ان بعد جڏهن بہ اهو منهنجو دوست مون سان گڏبو هو تہ پهريون پڇندو هو، ''جگديش، تنهنجو اهو پروفيسر هينئر ڪٽي آهي؟'' ساهتيہ کان سوين ڪوهہ پري هڻڻ سبب نہ ڪيس سندس نالي جي ڄاڻ هئي ۽ نہ وري ان جي ادبي عظمت جي، پر پوءِ بہ عزيز صاحب جي مهمان-نوازيءَ جي ساراہ جون سرڪيون پيو پريندو هو. هينئر نہ ليڪراج عزيز رهيو آهي ۽ نہ اهو دوست. هڪ ڏينهن مان بہ هليو ويندس.

ان بعد ادبي شناس جي مهاڳ ۽ ويٽا (اُنهن ڏينهن ۾ مان ۽ پهلاج مسافر گڏجي ويٽا ٽماهي ڪيندا هئاسين) جي سلسلي ۾ مان پنهنجي هڪ بي دوست هري ڪڪڙيجا (هڪ خاموش سادڪ) سان گڏ اڪثر ليڪراج عزيز وٽ ويندو هوس. پهلاج مسافر جي رائپور وڃڻ کانپوءِ، ويٽا جي سموري جوابداري منهنجي ڪلهن تي اچي پيئي. پر مان ڪن سببن ڪري ويٽا کي گهڻو وقت هلائي نہ سگهيس. ويٽا ۾ هڪ ڪالم هوندو هو، 'تنقيد جي تارازي'، جنهن ۾ ويٽا ۾ شايع ٿيل شعرن تي عزيز تنقيد ڪندو

هو.

اسان هڪ نوٽ، ''اسين ليکڪ جي راين سان ٻڌل نہ آهيون، پر ساڻئي وقت اسان جو خيال آهي تہ اهڙي قسم جا مضمون ڇپيندا رهون، جيئن ادب جي صحت ۽ سقم جي پرک ٿئي ۽ عوام جي رهنمائي ٻہ. اسان جو ڪالم ٻنهي ڏرين، ليکڪ ٿوڙي نقاد لاءِ لکيل آهي.'' اسان اها تنقيد، 'تنقيدي جي تارازي' جي عنوان تحت شايع ڪندا هئاسين.

هو ملڻ ٿي ڪلي ڪيڪاريندو هو. هن جي پليڪار مون کان وسرڻ جي ناهي. هندوري ۾ ويهاري، ڳالهين جا دفتر کولينڈو. ڪائڻ لاءِ لذيذ ڪاڏي جون پليٽون اڇي ويندين. هو اڪثر چوندو هو تہ نادان جي واہ واہ کان سخن فهم جي چمات بهتر آهي. سخن فهم جي خاموشي ۽ نادان جو داد ٻئي سخن جا سخت ويري آهن. ڳالهين ۾ وقت ڪيئن گذري ويندو هو، ڪل ئي نہ پوندي هئي. مان واچ ڏانهن نهاريان تہ چوندو، ''تڪڙ ڇو ٿو ڪرين؟'' مان ڪيس ڪيئن ٻڌايان تہ مونکي ڪلياڻ پهچڻ ۾ ٻہ ٽي ڪلاڪ ٻيا ٻہ لڳي ويندا.

ليکراج عزيز مان معلوم ٿيو تہ سندس شاعريءَ جو حقيقي دور سترهن ورهين جي ڄمار ۾ شروع ٿيو. ننڍي هوندي ئي ڪيس قافين ڇوڙ جو ڏاڍو شوق هو. فارسي ۽ عربيءَ جي علم جو اڀياس ڪرڻ کانپوءِ هو علم عروض مطابق شعر چوڻ لڳو. هن هڪ سڪئي گهر ۾ جنم ورتو هو ۽ زندگيءَ ۾ مصيبتن جي سايي کان همیشه امن ۾ رهيو.

ڪراچيءَ ۾ ٿيندڙ مشاعرن جي صدارت ٻہ گهڻو ڪري ليکراج

عزيز کان ڪرائي ويندي هئي. ليکراج عزيز اعليٰ شخصيت جو مالڪ هو. هن کي زبان تي هزارين شعر ياد هئا. هري دلگير چواڻي:

''مان ارڙهن سالن جو مس هوس ۽ مون تي بہ عزيز جي شاعريءَ جي دهشت چڙهيل هئي ۽ مان مشاعري ۾ ڊڄندي شريڪ ٿيو هوس. پر جڏهن مون پنهنجو غزل پڙهي پورو ڪيو تہ عزيز صاحب مونکي سڏ ڪري چيو، ''اڙي ڇوڪرا، هيڏانهن اچ.'' پوءِ هن منهنجي پٺي ٿپري ۽ خوب شاباس ڏنائين. عزيز جهڙي نر شاعر کان داد حاصل ڪري، منهنجي دل خوب خوش ٿي ويئي... انهن ڏينهن ۾ جيڪي بہ شاعر مشاعرن ۾ ياڳ وٺندا هئا (مون سميت) اُنهن کي ڏکين پارسي لفظن سان عشق هوندو هو. پارت ۾ اچڻ کانپوءِ، عزيز پنهنجي ٻوليءَ کي ڪافي سليس بڻائي ڇڏيو.''

هندي‌ءَ جي گهري اڀياس، مونکي سنڌي ادب ڏانهن موڙيو ۽ مون ۾ لکڻ پڙهڻ جو شوق پيدا ٿيو. مون ٽماهي 'ويڻا' مخزن شروع ڪئي. ليکراج عزيز سان ملاقاتين جو سلسلو بادستور جاري رهيو. سنہ 1958ع ۾ جڏهن ليکراج عزيز منهنجي ڪتاب 'ادبي شناس' لاءِ مهاڳ لکيو هو تہ مونکي پر لڳي ويا. هن ڪتاب جي مهاڳ ۾ لکيو:

''سنڌي زبان ۾ جگديش لچاڻيءَ جو 'ادبي شناس'، پروفيسر منگهارام ملکاڻيءَ جي 'ادبي اصول' وانگر

هي ٻيو ادب جي اصولن ۽ فروعن کي سمجهڻ لاءِ سنگ بنياد آهي ۽ انهن ٻنهي تي اوساري کڻي عمارت اڏڻ جي سخت ضرورت آهي.''

۽ ڳالهين ئي ڳالهين ۾ چيائين، ''جيکڏهن تنهنجي دل جو ميل گهٽي قدر انهيءَ طرف آهي ته مطالع ۾ اضافو ڪري، خيالن ۾ وسعت آڻي ادب تي اهڙو ڪتاب لکي شايع ڪر جو عوام جي پوري طرح رهنمائي ٿئي.''

مون هن جي نصيحت تي عمل ڪيو، ۽ ايياس کي لڳي ويس.

عزيز جي طبع جي فراواني کنهن به علم دوست کان ڳجهي ڪانهي. شاعريءَ جو اهو پهلو کونهي، جنهن تي هن ڪاميابيءَ سان قلم نه هلايو هجي. هن هر رنگ جو ڪلام چيو آهي. هن جي شاعريءَ ۾ انڊلٽ جهڙا تخليقي رنگ سمايل آهن. سندس شعر ۾ سنجيدگي، پختگي ۽ روانی آهي. رنگيني ۽ معنيٰ آفريني، جيکي شعر جي ڪمال خوبيءَ جو ڪارڻ آهن، سي هن جي شعر ۾ اعليٰ پيماني تي موجود آهن. ادبي دنيا ۾ ڪافي تبديل آئي پر ليکراج نه بدليو. هن جي ادبي رَوَ يا ۽ انداز لڳ ڀڳ ساڳيا رهيا. شاعري خواه شخصيت ۾ سندس رنگ ڍنگ بلڪل علحدا هئا. هن ۾ اجائي ڏيکهه يا وڏاءُ ڪونه هو. پنهنجا نفيس ۽ ڪومل احساس تز لفظن ۾ اظهاري ٿو. ڪي عزيز جي ڪلام کي دقيق ڪلام سڏيندي يا ائين چئي ته عزيز صاحب فن جو اُستاد آهي، سندس ڪلام جي رتبي کي گهٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، مگر حقيقت ۾ اهڙو اظهار، اهڙن ماڻهن جي اڻ ڄاڻائيءَ کي پڌرو ڪري ٿو. اهڙا شخص اهو انهيءَ سبب ڪري چون ٿا ته

جو سنڌين ۾ سخن-فهميءَ جي ڪوٽ آهي. فن جو استاد گهٽي عرصي تائين شعر گوئي ڪري نه سگهندو، ٿوري گهٽي ڏهاڙي سندس دماغ ڪيس جواب ڏيئي بيهندو. ليڪن ليڪراڇ عزيز جي ڪلڪراني پچاڙيءَ تائين جيئن جو تيئن قائم رهي. سنڌ ۾ سندس شعرن جا پنج ڪتاب ڇپجي نروار ٿيا هئا. پارٽ ۾ اچڻ ڪانپوءِ هو ڪي ورهيه ادبي ميدان ڪان پري، بلڪ پارٽ ڪان به ٻاهر سير وَ سياحت ۾ مشغول رهيو. ڪي. سي. ڪاليج ۾ سنڌيءَ جو ليڪچرار مقرر ٿيڻ ڪان اڳ، هن 'آبشار' ڇپائي شايع ڪيو ۽ ليڪچرار ٿيڻ ڪانپوءِ سندس 'صرامي' شايع ٿي.

ليڪراڇ عزيز جو 'ڪليات' جو پهريون پاڙو، جهڙو مشڪل ڇڄجي، تهڙو مشڪل آهي. سندس اهو ڪلام فارسي ۽ عربي لفظن سان ڀريو پيو آهي. شعر ۾ ڪٽي ڪٽي ته فقط سنڌي فعل نظر اچي ٿو، ٻيو خير. عالمن ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن لاءِ اهڙو ڪلام سمجهڻ محال آهي. ان لاءِ سندس سنڌ واري صحبت ۽ ماحول جوابدار آهي. البت 'ڪليات' ۾ اهڙا فارسي آميز شعر هوندي به ڪي ڪلام ڏاڍا سليس ۽ دل آويز آهن. عزيز جي ڪلامن جا باقي ڪتاب سليس مگر ادبي زبان ۾ قلمبند ٿيل آهن. ڪلام لکندي هن ڪٽي به ادب جو دامن نه ڇڏيو آهي. سندس لڳ ڀڳ سمورو ڪلام فصاحت ۽ بلاغت جو دفتر آهي. ان ۾ جدت ۽ جوش هر جاءِ نظر اچن ٿا. سمورو ڪلام، سندس علم، طبع ۽ شاعري ملڪي آئينيداري ڪري ٿي. اڄ تائين ڪي ورلي شاعر ئي سندس جتيءَ ۾ پير پائي سگهيا آهن. هن جي تاب، سخن اڳيان ٻين گهٽن جو ڪلام، سايي ڪان وڌيڪ حقيقت نٿو رکي. سندس ڪلام سراپا

صحتمند آهي، پر ان ۾ جو تخيل سمايل آهي، ان کي سمجهڻ واسطي دماغ ۽ وسيع معلومات ضروري آهي. جڏهن هو نثر تي طبع آزمائي ڪري ٿو، تہ اهو احساس ٿو ٿئي تہ اهو بہ سندس ئي ميدان آهي.

اها خبر تمام ٿورن کي آهي تہ ليکراج عزيز پنهنجي خانگي زندگيءَ ۾ وڏو آسٽڪ هو. پرارٿنا ۾ سندس اٽوٽ وشواس هو. هو رات جو سمهڻ کان اڳ، پرپو سمرن اوس ڪندو، پر ان جو ڏيکاءُ ڪڏهن ڪين ڪيائين، هو ڪرشن پڄت هو. گيتا هن جي گهر ۾ براجمان هئي. قران جو بہ اڀياس ڪيو هئائين. هن هڪ ڏينهن مونکي هڪ ڪتاب سوڪڙي طور ڪري ڏنو. ڪتاب ڪافي وزندار هو ۽ پڪيٽ ۾ بندو هو. مان گهر اچي کوليان تہ اُهو وزندار ڪتاب بال گنگاڌر لوڪمانيہ تلڪ جو 1936ع ۾ شايع ٿيل، لوڪمانيہ تلڪ جي صحيءَ سان، 'گيتا رهسيہ' هو. مان واڙو ٿي ويس. هڪ دفعي ٻڌايائين تہ هو گيتا جو شائق آهي ۽ پڄوان ڪرشن هن جو اشٽ ديو آهي. پوءِ مونکي اهو سمجهڻ ۾ دير نہ لڳي تہ پرسرام ضيا، پڄوت گيتا جو ترجمو ليکراج عزيز جي حوالي ڇو ڪيو هو. مون اهو ڪتاب ويجهڙائيءَ ۾ الهاسنگر جي ڪرشڻ پڄت ۽ سنت مڌوسودن مهاراج کي سوڪڙي طور ڪري ڏنو؛ ڇو تہ مون سمجهيو تہ اِهو ڪتاب هن وٽ ئي محفوظ رهندو.

هڪ ٻيو ورق کوليان ٿو، هڪ منظر، اکين اڳيان پهرين ڏنڏلو، پوءِ چٽو ٿي ٻيهي ٿو.

واربن روڊ شيام نواس

ليکراج عزيز جو گهر.

هندوري ۾ ليکراج عزيز ۽ مان. ليکراج عزيز سنڌ جون ڳالهيون ٻڌائڻ شروع ٿو ڪري، حيدرآباد جي مشاعرن جو تفصيلوار احوال ڏيندو هلي ٿو. ورهاڱي کان اڳ ئي عزيز ادبي حلقن ۾ پاڻ مڃارائي چڪو هو. هن جي عزت شهرت بلندين تي رسيل هئي. اها اسان جي خوشنصيبي چئبي جو هڪ ذهين، شعوري دانشور، اديب، اسان جي حصي ۾ آيو. سنڌ جي بيان مان ويڇهن عزيز دوستن کان وڇڙجڻ جو درد، وطن کان وڇوڙي جو درد، مونکي خاص ڏنڊ ۾ آيو. پنهنجي جنم ڀوءِ کي سارينديءِ، هن جون اکيون ڀرجي ايندیون هيون. پارت ۾ انيڪ ڪوتائون رچيون ويون آهن، جن ۾ ملڪ جي ورهاڱي ۽ ان مان پيدا ٿيل درد جو ذڪر آهي. هر نندي وڏي اديب جي من جي اندرئين تهه ۾ اهو درد لڪل آهي ۽ اهو درد ناسور بڻجي، ادب جي ڪنهن نه ڪنهن صنف ۾ پڌرو ٿيو آهي. ڏڪڻ اديبن جي احساس ۽ جذبن جو سيلاب بڻجي اڇلي پيو آهي. ليکراج عزيز به پڇاڙيءَ تائين پنهنجي وطن کي پلائي نه سگهيو، ان کي ياد ڪندو رهيو.

ليکراج عزيز جي ڪيترن شعرن ۾ وطن جي وڇوڙي جو درد پرپور نموني ملي ٿو. وطن جي وڇوڙي کيس بيحد ڏکويو آهي. هن وطن جي حب جو اظهار پنهنجي غزلن ۾ نئين نموني ڪيو آهي. اظهار جي چٽائي ۽ پُرُ زور اسلوب سبب سندس شعر دل ۾ پيهي ٿو وڃي. 'آبشار' جي ڪيترن غزلن ۾، پارسي شاعريءَ واريون تشبيهون هوندي به، ان ۾ سنڌ جي سڪ جي انوکي تصوير ملي ٿي: 'وطن جي باغ جا وسري نه بلبل کان ترانا ويا.'

غزل ۾ شاعر پارسيءَ جون پراڻيون تشبيهون استعمال ڪيون

آهن. پوليءَ جو لهجو به پراڻو آهي. گل بلبل، شمع پروانا، ليلي مجنو، محفل فسانا، قصا عاشقاڻا، سوز ۽ ساز وغيره. پر هتي اهو غزل نئين معنيٰ کڻي آيو آهي. شاعر جي منظر کشي (Imagery) به واهه جي آهي ! اهي نظارا ۽ چيزون بلڪل صفائي ۽ چٽائيءَ سان پيش ڪيل آهن. ورهاڱي کانپوءِ، پارت ۾ عزيز جيڪو وطن کي ساريو آهي ۽ ملڪ جي متيءَ لاءِ تڙپندي ڪلام چيو آهي، سو لاجواب آهي. 'احوال فصل گل ۾، بلبل نہ پڇ وطن جو.'

غزل ۾ شاعر ڏکويل من جو نئين انداز ۾ احوال ڏنو آهي. 'املاڪ منهنجي سنڌ ڏئي، حق سنڌ تي ڏيئم' وطني حب جو ان کان ٻيو وڏو مثال کهڙو ڏيندو؟ ورهاڱي، سنڌين کان زمين کسي کين در بدر ڌڪائي، سندن ادب ۽ سنسڪرتيءَ اڃيان سوالیہ نشاني لڳائي ڇڏي! شاعر چوي ٿو تہ سچي سنڌ منهنجي ملڪيت آهي، ان کري سچيءَ سنڌ تي منهنجو ڪليم آهي. غزل، داخلي طرز وارو شعر آهي، جنهن کري شاعر ان ۾ اندر جا احوال اوري ٿو. احساس جي گهرائي ان جي مڪيہ وصف آهي. ليکراج عزيز صرف غزل ئي نہ لکيا آهن، پر شعريہ سخن جي هر صنف تي ڪلام پڙ ڇپيو آهي، جنهن ۾ سندس سنڌي لهجو خيال جي اُڏام، محاورن جو سهڻو استعمال ۽ ٻيا تمام شعر و شاعريءَ جا نفيس نڪتا سمايل آهن. شعر، ذات ۽ ڏاڻءَ جو ميل آهي. ان ۾ جذبات ۽ تخيل کي وڏي اهميت آهي. عزيز جو 'هيراباد' نظم به انيڪ شاعرانہ خوبين سان ٽمٽار آهي :

دل ڏئي ڏکرا ڏي وڃندي ناڻءُ هيراباد جو،
حال پڇ تون ڪين مون کان منهنجي دل ناشاد جو

اهو نظم پڑهندي دل ۾ ٽڪرا ٽيو پوي ٿي. نظم جي هرهڪ مصرع ۾ ڪوڙ کي پهاڪو اڇي، نه صرف نظم جي گهرائيءَ ۾ اضافو آڻي ٿو، پر شاعر جي دل جو اظهار به ڪري ٿو. جيئن ته 'سچ ڪري واڪا'، 'پاڇي کان ڊجڻ'، 'راکاس جو گهمي وڃڻ'، 'طوفان مچائڻ'، 'ٻيڙو غرق ٿيڻ' دل ٽڪرا ٽڪرا ٿيڻ وغيره پهاڪا سندس نظم ۾ ڪم آندل آهن. شاعر لاءِ ٻوليءَ جي جاڻ ۽ اظهار جو موزون ڍنگ به نهايت ضروري آهي يعني خيالن جو ترتيب وار هڻڻ گهرجي. جيڪڏهن شاعريءَ جا نفيس نڪتا، صحيح ريت ۽ تز نموني اظهاريل نه هوندا، ته شعر عروج تي رسي نه سگهندو. عزيز جي شاعريءَ ۾ اهي ٻئي خوبيون موجود آهن. نارايڻ شيام چواڻي:

''عزيز جي عظمت جو بنياد آهي سندس زبان ۽ علم عروض جي باريڪين تي قابو، محاورهدار ۽ اصطلاحن پري ٻولي، مان نڙو سمجهان ته جهڙس ڪنهن ٻئي شاعر استعمال ڪئي آهي. شعر جي اها ڪاب قديم صنف ڪانه آهي، جنهن ۾ عزيز ڪاميابيءَ سان قلم نه هلايو هجي. دقيق وزنن تي، سخت زمين ۾ عمدا غزل چيا اٿس. غزل جي صنف جون ساريون نزاڪتون سندس 'ڪليات' ۾ موجود آهن.''[11]

ليکراج عزيز حياتيءَ جا پويان ٻه ٽي سال بيمار رهيو. ڪڏهن اسپتال ۾ ته ڪڏهن گهر. پر مان هن وٽ ويندو رهندو هوس. ڪڏهن اڪيلو ته ڪڏهن سڳن آهوجا ۽ ايم. ڪمل سان گڏ ٻه ٽي دفعا موهن ڪلپا به ساڻ رهيو. هن جي آواز ۾ ساڳي ئي فلڪ هئي. هو پنهنجي زندگيءَ جي آخرين گهڙين تائين ٻولي ۽

ادب جي خدمت كندو رهيو. ادب جي خدمت كندي كندي هن ساه ڏنو. پنهنجي حياتيءَ جي آخرين گهڑين ۾ به اهو اسان کي انڪل چهن هزار سنڌي پهاڪن ۽ اصطلاحن جو معنيٰ ۽ سمجهاڻين سميت ڪتاب ڏيئي ويو، جو ته هو صرف جواهرن جو صراف نه هو، پر لفظن جو به بي مثل پارکو هو.

مان سمجهان ٿو، اُهو آرتوار جو ڏينهن هو شايد، مونکي ايم. ڪمل جو نياپو مليو. اسين بمبئي هاسپيٽل پهچي وياسين. ليکراج عزيز پلنگ تي ليٽيل هو. هن جي چوطرف نرسون خالي نگاهن سان هڪ ٻئي ڏانهن نهاري رهيون هيون. عزيز اسان کي ڏٺو. سڃاتائين. پر ڳالهائڻ جي ڪيس منع هئي. دوا کان وڌيڪ ڪيس دعا جي ضرورت هئي.

ايم. ڪمل هن جي پيرانڊيءَ کان ويجهو آهي. مان هڪ ڪنڊ ۾ بيهي، خالي نگاهن سان چوطرف نهاريان ٿو. ليکراج عزيز، اِشاري سان ڪمل کي پاڻ ڏانهن ڪوٺي ٿو.

ايم. ڪمل عزيز جي پيرانڊيءَ کان اُٿي، هن جي ڪنڌيان اچي ويهي ٿو.

عزيز چپن ۾ ڪجهه ٻڌڪي ٿو.

ايم. ڪمل سمجهي وڃي ٿو ته عزيز چا ٿو چوڻ چاهي.

هو ڏيري ڏيري پنهنجو شعر چوڻ شروع ٿو ڪري :

گهر گهڙي گهڙيءَ جو خير سڄڻ

گهر گهڙي گهڙيءَ جو خير

گهڙيون ٽڙڪٽيون، پل ترڪٽا

زندگي آهي چڪڻ تي پير، سڄڻ...

اُها ملاقات، منهنجي ليکراڄ عزيز سان آخرين الوداعي ملاقات هئي. بهرحال هو سنڌي ٻولي، ادب ۽ شاعريءَ کي پنهنجي حياتيءَ جو وڏو حصو قربان ڪري، 19 آگسٽ 1971ع تي هيءُ جهان ڇڏي، ادبي تاريخ جي ورقن ۾ سمائجي ويو. هو پنهنجو وارو وڃائي ويو آهي. پر هن جي چرچا جيستائين سنڌي زبان آهي، پيئي ٿيندي. هو اڄ صرف هند جو ئي نه پر سنڌ جو به هڪ بلند پايي جو فنڪار ليکجي ٿو، جنهن تي جيترو فخر ڪجي، ٿورو آهي! ٿورو آهي!! ٿورو آهي!!!

وشال پارت

- تيج ”قابل“

دنيا جي تختي تي پارت هڪ مضبوط ۽ اهميت وارو ملڪ آهي. هن ملڪ جي موڻن جي ڏڙي جي سيٻتا پراچين آهي. حالانڪ ڪي اتهاسڪارائين سمجهندا هئا تہ دجلہ، فرات، ميسوپوٽيميا ندين جي سيٻتا ئي قديمي آهي. پر ڪلڪتي جي رايل ايشيائڪ سوسائٽيءَ جي سالياني مخزن ۾ سنڌو تهذيب جي باري ۾ هڪ ليکہ ڇپيو، جنهن دنيا جي تاريخ نويسن جون اکيون کولي ڇڏيون. هنن اهو محسوس ڪيو تہ پراچين ۾ پراچين سنڌ گهاٽيءَ جي سيٻتا آهي.

ان سيٻتا جو واپارين سان سنهنڌ ڪري وديشن ۾ ڦهلاءُ ٿيو. ٻڌ ڌرم جي پرچار ڪن وشال پارت جي لاءِ يوگدان ڏنو. پارتواسين جي باهرين ديشن ۾ وسڻ ڪري بہ مدد ملي. موريہ ڪال ۽ ڪُشاڻ ڪال ڪان ئي پارت جا وچ ايشيا سان ناتا هئا. ڪوجنائن ذريعي معلوم ٿو ٿئي تہ ان ايراضيءَ مان ٻوڌ ستوپ، وهار، ٻڌ، گڏيش، ڪوُير ۽ ٻين برهمڻ ديوتائن جون مورتون مليون آهن. هيون سانگہ تہ وچ ايشيا کي ٻوڌ ڌرم جو هڪ مضبوط مرڪز چيو آهي.

وشال پارت بابت ودوانن هن ريت بيان ڪيو آهي.

(1) چين : ٻڌ ڌرم معرفت پارتيہ سنسڪرتي چين ۾ پهتي. هيءَ ڪوتان کان ڪشيپ ماتنگ ۽ ڌرم رتن جي دوارا سمرات منگتي پهتي. ان کانپوءِ ئي ڪيترا ياتري ٻڌ ڌرم جي اڀياس لاءِ پارت

۾ آيا:

(2) **ڪوريا** : هتي ٻڌڏرم چوٽين شتابديءَ ۾ چين مان پهتو. هتان ڇهين صديءَ ۾ جپان ۾ پهتو. تيرهين شتابديءَ ۾ منگول سمراٽ ٻڌ ڏرم قبول ڪيو. تاريخ جي ورڻن ورائڻ مان پتو ٿو پوي ته فليپائين ٻيٽ ۾ پارتيہ سنسڪرتيءَ جو مرڪز هو.

(3) **افغانستان** : سرحد تي هئڻ سبب ۽ ڪُشاڻ ۽ موريہ جي حڪومت جو حصو هئڻ ڪري پارتيہ ۽ ان جي ٻڌ ڏرم جو مرڪز هو.

(4) **نيپال** : اشوڪ جي ڌيءُ پارومتيءَ للت پدن کي وسايو. هيءُ سمدرگپت جي هٿ هيٺ هو.

(5) **تبت** : لاساجي سنستاپڪ ڪرتا نيپال ۽ چين جي راجڪمارين سان شادي ڪئي. انڪري ٻڌ ڏرم هتي ۾ پهتو. ڏيري-ڏيري هن سموري ايراضيءَ ۾ پارتيہ سنسڪرتيءَ جو ڦهلاءُ ٿيو.

(6) **ڪمبوڊيا** : عيسوي سنہ جي ٻين صديءَ ۾ هتي ڌاراوتي نالي پارتيہ راجيہ اُسريو. اڳتي هلي سمورو ڪمبوڊيا پارتيہ ٿي ويو. هتي ٻڌ مورتون ۽ گپت ڪال جون مورتون آهن.

(7) **انڊوچين** : هن ۾ انام ۽ ڪمبوڊيا جا پرانت هئا. هن جي گادي امراوتي هئي. هيءُ 1200 سالن ٽائين وڪاس ڪندڙ رهيو. هتي ۾ پارتيہ تهذيب جو ڦهلاءُ ٿيو.

(8) **ڪمبُج** : هن جي استاپنا جو جس ڪوڊنيہ کي ڏنو ٿو وڃي. هن ونش پارتيہ پرمپرائون اپنايون. هتان جي راجائن يشوڌرپور نالي راجڌاني وسائي. انڪور وات جو مشهور مندر هنن نهرايو. هتي شو ۽ وشنو ٻئي ڏرم چالو هئا.

(9) ملايا پيٽ سموهه : هتي سورڻ پيٽ مان هندو سنسڪرتيءَ جون ڪيتريون نشانيون مليون آهن. هن ايراضيءَ تي پن هندو راجائن راڄ ڪيو. هنن جي هٿ هيٺ ملايا اُپٻيٽ، سُماترا، جاوا، بالي، بورنيو جا سڀ پيٽ شامل هئا. هنن راجائن (شئلينڊر) جي روزانو آمدني ۾ سَوُمڻ سونو هئي.

(10) جاوا : عيسوي سن جي پهرين صديءَ ۾ هتي پارتيہ راڄ قائم ٿي ويو هو. جاوا کي فاهيان ٻڌ ڌرم جو قلعو چيو هو. هتان جي پاشا، ساهتيہ، ڪلا، قانون ۾ اڄ بہ پارتيہ سڌانت موجود آهن.

(11) بالي : چوٿين صديءَ ۾ هتي هندو راڄ قائم ٿيو. مسلمانن جي حملن سبب جاوا جو نريش باليءَ ۾ آيو.

(12) بورنيو : هتي پهرين صديءَ ۾ هندو راڄ قائم ٿي چڪو هو. هتان ٻڌ مورتون ۽ ڪنڌهر مندرن جا حصا مليا آهن. اڄ بہ هتي هندو سنسڪرتي موجود آهي.

(13) لنڪا : هن سان پارت جو سنہنڈ عيسوي سن اڳ ڇهين صديءَ ۾ قائم ٿيو. ڪيترائي پارتيہ لنڪا ويائو لنڪا سان پارتيہ سنہنڈ قائم ٿيا. هتي پارتيہ سنسڪرتي عام جام ڈسڻ ۾ اچي ٿي. لڳ ڀڳ 1500 سالن تائين هندو راجا انيڪ ٻيٽن تي راڄ ڪري رهيا هئا. حالانڪ پارت ۾ هندو طاقت ختم ٿي ويئي هئي. پارتيہ ڌرم ۽ ساهتيہ، سماجڪ، سياسي سنسٿائن هنن علائقن ۽ ٻيٽن جي آديواسين جي جيون کي سڌاريو، سنواريو ۽ سينگاريو. هنن جي زندگيءَ جي هرهڪ انگ تي پارتيہ سڀيتا جو اثر پيو.

سنڌي کيل تماشو-سنڌي لوڪ وديا

-پرينٽر وريائي

پوُميڪا :- تماشو لفظ جُدا جُدا ايراضين ۾، اَلڳ اَلڳ معنيٰ ۾ اِستعمال ٿيندو آهي.اِنَڪري عام ۾ اَڪثر پرم پيدا ٿيندو اهي. هن مضموُن جو سِرو يا عُنوان، کيل تماشو جمع تماشا رکيو ويو آهي.

سنڌ کان ٻاهر، اُتر پرديش ، مڌيہ پرديش ۽ آس پاس ۾ نوَٽنڪي (نائنڪي)، گجرات ۾ رنگ پوائي، مهاراشٽر ۾ لاوڻي (نرتيہ گيت-سنگيت-وَچت ڪلا- اَداڪاري ۽ مذاق جو جوڙ)، بنگال ۽ اسام پاسي يائرا يا ڪيرتن چون پر اِنَ صنف کي اَڪثر تماشا ڪوٺيو ويندو آهي. ڪٽي ڪٽي وري اَهڙن اِسمن کي عام ماڻهوُ چون هت چوُٽ سوال -جواب، مستيِ مذاق وغيرہ. مهاراشٽر جي اَهڙن اِسمن ۾ زناني ڪردارن لاءِ چون، نو ۽ ڇ ساڙهي ڦر ٻي آڏي ٽانگ اُگهاڙي ۽ ڪالي چشمي والي ترڇي نظر والي، هڪڙا اِسم عام طور مغلن جي زماني ۾ ۽ اُنَ بعد پيشوائن جي دؤر ۾ فوَجي ڇاوڻين ۾ فوَجين جي وِندر لاءِ ۽ سرحدي لوڪن جي همت اَفضائيءَ لاءِ ڪيا ويندا هُئا ۽ اَڄ بہ اِهي اِسم عام ۾ پيارا آهن. پر فلمن ۽ نائڪن جي وڪاس بعد ڏُنڌلا ٿيڻ لڳا آهن. اِنهن اِسمن ۾ ساز ٽين دُهل ،نندڙي ڊولڪي، ڊفلي، هارمونيم، بانسري،واجو، پيپيري وَغيرہ....

خاص نوٽ :- هڻڙا تماشا ۽ ٻيا ڪلچرل پروگرام اڄ ٻہ مرڪزي سرڪار طرفان، اِنساني وَسيلا کاتي جي ڪلچر کاتي طرفان سرحدن تي ڪيا ويندا آهن. هي پروگرام Drama Divison & Song طرفان ڪيا ويندا آهن (فوجين جي وِندُرَ ۽ سرحدي لوڪن جي حوَصلي اَفضائيءَ لاءِ) هندستان جي سنڌي لوڪن، جيسلمير، باڙمير، ڪوڪڙاپار ۽ ڪڇ باربر تي اَهڙا پروگرام ڪرائڻ لاءِ ڏيان ڇڪايو هو جيئن هڻڻ جڳهين تي سنڌي ڪلچر پروگرام ڪرايا وَڃن پر اَفسوس جو مرڪزي سرڪار اِها ڳالهہ کو نہَ کو بهانو ڏيئي ٻڌي اَڻٻڌي ڪري ڇڏي ڏُئي.

سنڌي تماشو :

(اَلف) جانوَرن-پکين ۽ جيتن جي لڙائي يا ويڙهہ :-

(1) رِڇ ۽ ڪُتا : ڪي قهري فقير ڪُتن ۽ رِڇ جي لڙائيءَ جو دلڪش نظارو ڏيکارڻ ۾ اُستاد هوَندا آهن. اَهڙن تماشن جو بندوبست اَڪثر زميندار- رئيسَ پنهنجن ڪيتن يا حويلين ۾ ڪرائيندا آهن. رِڇُ مضبوُط جانوَر آهي پر رَئيسِ جا ٽريند ڪُتا بہ گهٽ ڪين ٿين، هي تماشو ڏسڻ لاءِ، سوين تماشين اَڇي جمع ٿيندا آهن- مروان مؤت مَلوُڪان شڪار

(2) ٻَڪرن جي لڙائي :- ٻَڪرَ پالينڊڙ ننڍڙن ٻَڪرن کي پالي لڙائيءَ جي تربيت ڏيندا آهن. اِشاري ڏيڻ تي ٻَڪرَ پنهنجن مظبوُط سڱن سان ٽڪرائيندا آهن. نوتو ڏيندڙ تماشين بہ گهرائيندا آهن. ٻَڪرَن جا سڱ بہ ڏُٽن تہَ مَٿا بہ ڦاٽن اِهو نظارو ڏسي تماشين پنهنجا ڪم ڇڏيو اَڇي اِنَ مُنظر ۾ شريڪ

ٿين.

(3) رِچَ جو ناچ :- رِچَ پالِيندڙ ڪهريِ فقيِر، رِچ ڪي نَڪ ۾ ناڪيلي يا نَٿ پائي ڪيل تماشا ڪَرڻ جي تربيت ڏيندا آهن. هوُ رِچ کان اَلڳ اَلڳ ڪيل ـ ڪرتب ڪرائي، تماشبينين کان پئسا چڏائيندا آهن.

(4) باندر ـ باندريُن جا کيل :- مداريِ پنهنجي رمز سان باندر ۽ باندريِ پالي، جُدا جُدا سانگ ڪرائيندا آهن. جهڙو ڪ باندريِءَ جو رُسڻ ۽ باندَرَ دواران ڪيس مچائڻ، باندر کي پٽڪو پَڏائڻ ۽ باندريِءَ کي چُنيِ يا رئو پارائي، رُسڻ پرچڻ ، ڏڪ بجو، ڏند ڏيکارڻ، لچ ۽ نخرا ڪرڻ وغيره ـ باندر جي هٿ ۾ ڏنڊو ته باندريِءَ کي ويلڻ ڏيئي ويڙهه ڪرائينَ ۽ پوءِ ناهه ڪرائي شانت ڪرائين هجڙو رونشو يا تماشو ڏسي لوڪ خوُش ٿيندا آهن.

(5) ڪُڪڙن جي لڙائي :- ڪُڪڙُ پالِيندڙ ، ڪُڪڙن کي ويڙهه لاءِ آمهوُن سامهوُن آڻي پوءِ چيڙ ڪاڻي ڪرائي تماشو ڏيکارِيندا آهن- پوءِ پلي ڪنڊ پڇن ، ڪلنگيوُن چڇن يا اَکيوُن نڪرن- هوُ خوُنخوار ڪُڪڙ مريِ منڇن پر - جند کين چڏين تماشي ڏسڻ لاءِ راهگير بہ جام اَڇي ٻاهٽ ٿي هُش هُش ڪن ۽ کين وَٽ وَٽ ڪرائين پوءِ پلي ڪُڪڙ ڪنڇي تہ سندن ڪاچ بڏجن هجڙا کيل تماشا عام طور مُسلمان ڪرائيندا آهن.

(6) ٻُجهہ ۽ ڪُتي جي لڙائي :- شهر کان پري جهنگ ۾ يا قبرستان يا پارسي ٽاور تي ڏوُنڊ تي اَڪثر ٻُجهوُن لامارا

پائيندڙون آهن- پر ڪتا بہ نوس نوس ڪري آڇي اُٺي پهچن پوءِ ڪتا سوادي ڏوٽڙي کائين تہ ڀڄهوڻ کين چڪ پائي پڇائيندڙون آهن. (نقوي ص- 150) پر اَهڙو تماشو عام نظر نہ ايندو آهي، مُمڪن آهي تہ اَهڙا تماشا خانگي طور ڪرايا ويندا هوندا !

(7) تترن جو تَماشو :- تتر نازڪ پکي هوندا آهن ۽ ڇُرچڪ ڇُرچڪ ڪري منو آلاپ ڪن. تہ بہ پالتوُ تتر اُستاد جي ڇيڙ تي آپسي لڙائي ڪن. پوءِ پلي مري مات ڏين. مالڪ لاءِ ٻٽو فائدو- سندن تتر ڪٽي تہ شان بلند جي مَري تہ مَلوُڻڪا چشڪو يا مال ملِيدو.

(8) **جاهو ۽ لوُمڙ**:- جاهو سموُرو ڪنڊن جو گولو. ٻوُٽ ڪولي شڪار ڪري وري ڪنڊن جو گولو- حرام جي ڪير ڪيس ماري سگهي نانگ بہ مٽائيس ويڙهو بڻجي تہ ڇوُنهوُن ڇوُنهوُن ڏي پوي پر قُدرت ۾ سير جو سوا سير بہ ڏئي. لوُمڙ ڪيس اوُنڌو ڪري سندس منهن تي گرم گرم پيشاب ڪري تہ جاهو ڪُلي پوي ۽ بڻجي لوُمڙ جو شڪار- تَماشو وقت وَڻي ۽ ڏماشبين بہ گهوُري گ هوُري تماشو ڏسندا رَهندا آهن. پوءِ تہ لوُمڙ جو وات ۽ جاهي جو شڪارُ- لوُمڙ ڪائي نہ ڪائي پر دُشمن جو شڪار ضَرورُ ڪري. جهڙيءَ طرح رِڇُ ڪنهن جانوَر يا ماڻهوُ ۽ کي ماري پرڪائي ڪونہ- اِها جنسي دُشمني چئبي!

(9) **نوڙ ۽ نانگ جي لڙائي** :- عام طور جوڳي نانگ کي پڪڙي، ڪيس پنهنجي پنڊيءَ ۾ بند رَکندو آهي. پوءِ ڪيس گهربل ڪاڏو بہ ڪارائي، مُرلي يا بين وَجائي نچارائي ، منجهس

زهر هوَندو تہ اُهو بہ رمز سان کڍي وَڃي. مٽيءَ وارو نانگ ڀڄي تہ سندس مَٽي بہ اَڏکل سان کڍي وَڃي- اَهڙا جوڳي وَري نوڙ پکڙي ڪيس اَلڳ ٽوڪريءَ ۾ رکي پوءِ آهستي آهستي ڀُنن ٻن دُشمنن جي دوستي پيدا ڪري، تربيت ڪان پوءِ، موقعي موجب ٻنهي کي لڙائي يا ويڙهائي يا شانت ڪرائي، جڏهن موقعو ملي تڏهن تماشبين جي اَڳيان ويڙه بہ رکي تہ اِشاري سان ويڙه بند بہ ڪرائي- تماشبين هن قسم جي دُشمن ۽ دوست جي قدم تي ڏندين آڱريوُن ڏين. هي آهي هڪ لوڪ تماشو. دُشمني ۽ دوستي!

(10) **جهنگلي ٻلا ۽ ڪُتا:-** جهنگلي ٻلا بيحد خطرناڪ ٿيندا آهن. جهنگلي ڪُتا بہ خوُنخوار ٿيندا آهن. اُنهن جي لڙائي ڏسڻ بيحد روچڪ ٿيندي آهي . ٻلا پنهنجن تيز چنبن سان ڪُتن جا ڪن- ٻوُٽ چيري ڇڏيندا آهن ڪڏهن اُهي ٻلا ڪُتن جي گلي کي ڇڪ پائي ڪين اَدمُئا ڪري پڄائي ڏيندا آهن ۽ ڪُتا پُڇ پائي پڄندا آهن- اِنَ حالت ۾ سندن ويڙه تماشينن لاءِ روچڪ هوندي آهي. زَميندار ۽ رئيس اَهڙا پروگرام عام مُظاهري لاءِ ڪَندا آهِن. هِنَ کي تَماشو چئجي يا ظُلم!

(11) **گهوڙن جي چٽاپيٽي :-** شهرن ۾ عام طور گهوڙن جي ريس ٿيندي آهي لوڪ هن ريس ۾ سٽو لڳائيندا آهن ۽ شرطن ۾ هزارين ماڻهوُ شرط رکندا آهن ۽ سٽو هٽندا آهن پر ميلن ملاکڙن ۾ پارٽي اَشو گهوڙا، اَفغاني گهوڙا، عربي گهوڙا ۽ جُدا جُدا راجائن جا گهوڙا عام طرح حصو وَٺندا آهن ۽ سندن چٽاپيٽي مزيدار هوُندي آهي. اُنَ بعد گهوڙن جاخريدار ٻولي لڳائيندا

آهن. هيءَ چتاييتي واقعي ستيوارن ۽ تماشين جو ڏيان چڪائيندي آهي.

(12) **اُڻن جوُن راندين ۽ ناچ :-** جيسلمير-سنڊ-ڪڇ- بارمير ۾ اُڻن جو نرتيہ ۽ راند. ڪي پيلوان هاڻين کي بہ نچڻ ڪُڏڻ سيکارينداا آهن آهڙن موقعن تي مئسوُر-۽ آسام پاسن جا هاڻي تماشبينَن کي سلام ڪَنِ،هِنَ وقت سندن عجيب لوڏ تماشو بڏجي ٿو.

(13) **هڪ روچڪ تَماشو :-** (ٻڏل پر آڻ ڏڻل)

سنڊ جي نصرپوُر شهر (ضلع حيدراباد) ۾ سنڊ جي پوُرالي نَديِ سنڊوُءَ جي هِڪ شاخ وَهندي هُئي. جنهن ۾ جهوُليلال پنهنجا اِسراري رَنگ ڏيکارِيندو هو. اُها نَديِ وَقت پُڇاڙا سُڪي ويئي يا پنهنجو وهڪرو بدلائي ويئي هُئي ۽ اَڄ اُنَ سُڪل نديءَ کي درياه-پيٽ چوندا آهن جهوُليلال مندر اُنَ جي ڪناري تي آهي. نَديِ رُخُ بدلائي ويئي- پر ڪُجهُ وَقت اُنَ سُڪل نديءَ جي وِچَ وِچَ ۾ 2-4 بيٽارا نهي پيا هُئا اُنهن سبز پيٽارن ۾ ڪڏهن ڪڏهن بندرابن ۽ مَٿُرا کان راس کيل ڪندڙ ڪلاڪار ماڻهوُ ايندا هُئا. هڪ راس ليلا سان گڏ هڪ نظارو پيش ڪندا هُئا سو هيءُ----

ہڪ مرد ۽ چار گابيوُن گڏجي هڪ نرتيہ پيش ڪندا هُئا. هڪ مرد ڪرشن جو رول ڪَندو هو ۽ ٻيو مرد اوُڏو جو پاٽر اَدا ڪندو هو. اوُڏو نرتيہ ڪَندو هو ۽ چار گابيوُن اُهوئي نرتيہ پنهنجي اَدا سان ڪنديوُن هُيوُن. ڪرشن مورمُڪٽ پهري مُرلي وَڄائيندو هو ۽ اوُڏو گانيُن کان سيکاريل ناچ ڪَرائيندو هو. ۽ اُهي گايوُن اُنَ ساڻ

نچندیوُن ڪُيوُن. هي مُرليءَ جي آواز تي نرتيہ بيحد روچڪ ۽ دل پسند هوُندو هو. نصرپوُر ۾ جهوُليلال ميلي جي موقعي تي هيءُ نرتيہ راند ٿيندڙ ڪُئي جو پڻ هڪُ لوڪ تماشو ڪوٿيو ويندو هو. اِهو هڪُ نانڪ تَماشو ڏسڻ لاءِ عام ماڻهوُ اينداِ ڪُئا-پر پوءِ وقت پُڄاڻا شايد مسلم ونهوار ۽ دٻاءَ ڪارڻ بند ٿي وِيو هو. مُمڪن آهي تہ اَهڙو اِسم اَجا بہ بندرابن-متراِ ۾ چالوُ هُجي! هِنَ اِسمَ جو وَرڻن مُنهنجيءَ مائا موُن کي ڀُڏايو هو مُنهنجو جَنَم نصرپوُر ۾ 1928 ۾ ٿيو هو ۽ هي اِسم اُنَ کان اَڳ بند ٿي ويو هو. (موُن جڏيو هن آستان تي 1937 ۾ پاتو هو)

نوٽ :- هتي موُن کي تماشا ڀُڏائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. جي هاڻي اُجهامي ويا ٿا لڳِن،

متفرقہ

(1) ڪلا بازي :- سنڌ ۾ هوليءَ ۽ ٻين خوُشيءَ يا جشن جي موقعن تي . بازيگر ۽ باگڙي ذات جا چوڪرا ۽ چوڪريوُن، رَنگا رَنگي ڪپڙا ۽ چوُڙيوُن ۽ ڏڳها ٽوپلا پائي گهَرن ۾ گهڙي باجوليوُن پائي. بولاٽيوُن کائي، کي نقل ڪري، گهر جي پاتين کي تماشا ڏيکاري خوُش ڪَندا آهن. اُنهن مان کي وَري وَڏا مرد ۽ زالوُن گهٽي يا چوَنڪ تي لَکڙن تي رسيوُن يا تاروُن ٻَڌي، اُنهن تي چڙهي توازن رکي نچ-ٽپ ڪَندا آهن ۽ موٽ ۾ خَرچي حاصل ڪَندا آهن ۽ هي لوڪ ڪڏهن کي سانگ بہ ڪَندا آهن.

(2) سانگ :- هوليءَ يا شاديءَ جي موقعي تي کي مرد وَري مُکوٽا پائي، مُنهن جُدا جُدا رنگن سان چٽي سانگ يا نقل

ڪري عام ڪي ڪلائيندا آهن. هي پروگرام عام طور رئيسن جي ڏيري يا ميلي ۾ ٿيندا آهن. پر شادي ۽ جي موقعي تي خاص طور زالون لاڻن جي دواران پرپور تماشا ۽ چهچتا ڪندیون آهن، جهڙو ڪ گريوَنتي زال ۽ سندس تال -پيٽ سور مران ،ڪنڌو لڳو پير ۾ -چلو ڪريو ڪوءَ ۾ ڪا زال مرد بڻجي ته ڪا زال ، دل لڳي ۽ رَنگين زباني۽ جا گفتگوُ ڪندیون آهن - ڪڏهن ڪڏهن اُگهاڙا فاحش سانگ درپور ڪندیون آهن. ڪنهن موقعي تي بجاجي ۽ مزيدار زالن جا گفتگوُ پيش ڪيا ويندا آهن. بجاجي۽ جا الفاظ چيَ هي ڪپڙو آ جهاني -تيري ميري دل يا سُهاڳ رات يا هل ته هلون بزار ۾ يا پياسو من وَغيَره وَغيَره- هڻڻا چهچتا مردن جي غيَر حاضري۽ ۾ در پور دل کولي دلکش ڪَندیون آهن. عام ميلن ۾ ڪي ساڏو فقير، پَيوُٽ لڳائي سانگ ڪندا آهن هي به هڪ قسم جو تَماشو چئجي يا سانگ!

(3) ڪٽ پتلي ناچ ۽ نظارا :- ڪي ڪٽ پتلي ڪلا باز جُدا جُدا، رڻا يا سِتاءَ جي آڌار تي ، رَنگين ڪپڙن واريون ڪنپتليون، ڏاڻن ۾ بَڌي نَچائيندا آهن ۽ وات ۾ پيپري وِجهي وِندر جي ڪنهن وشيه تي رَنگين زباني۽ جي آڌار تي آواز ڪڍندا آهن. هي دل پسند نظارو عام ماڻهوُ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويهي ڏسندا ۽ ٻُڌندا آهن. هي۽ رڻا، ڪٽ جي پٺيان ڪئي ويندي آهي ته ڪٽ جي سامهون تماشبين، پارتي پڌتي۽ موجب ڪُلي ميدان تي ماڻيندا آهن. هِنَ ناچ ۾ پيار، دُشمني، پيچ ڏيڪ، لڙائي جهڙو ۽ ناه جا وشيه هوُندا آهن. ننڍڙا ٻار پڻ هي تماشو مزي

سان ڏسندا آهن.

(4) پوپا ۽ تانترڪ ڪلاڙي :- پارتي لوڪ جنَ پوُت، پريءَ جي ڇايا يا لڱَ ۾ وشواس ڪندا آهن. اِنَ موجب ڪِن ڇوڪرن يا ڇوڪرين کي، مَنَ ۾ پوُت پريت ۽ دل ۾ پَريِ ڇايا يا لڱَ هوُندي آهي ۽ اَهڙا ماڻهوُ جهوُلِيندا واس ڏوُپ جا پيڙهيل هوُندا آهن ۽ سندن مائٽ اِنَ لڱَ جو علاج پوپا مجيدا آهن جي واس-ڏوُپ، جهاڙ ڦوُڪ ۽ ڏنڊي جي آڏار تي علاج ڪندا آهن. اَهڙا پوپا مُنهن تي مُکوٽا پائي رنگ روُپ لڳَائي جادوءَ جو اَثر پيدا ڪري-جنَ پوُت-پريت کي اَکيوُن ڏيکاري پراڻيءَ جي دل ۽ من مان ، من وديا دواران باهر ڪيندا آهن-هنن کي تنتر گياني ۽ چئبو آهي-هنڙن پوپن جي شڪل ۽ رَنگ ۽ روُپ پيانڪ هوُندو آهي . هي هڪ قسم جو سانگ چئجي ٿو- سانگ معنيٰ نقل-ڏمکيوُن ڏيڻ، ڏنڊو ڏيکارڻ، روُپ بدلڻ هيءَ سانگ وديا چئجي ٿي.

(5) دوُربيني ۽ وارا:- عام طور باغ بغيچي ۾ يا ڪنهن ميلي ۾ دوُربني کيل ڏيکارين ٻارن کي دوُربيني ۽ دوارا کي رَنگين نظارا يا اِتهاسڪ جَڳهيوُن ڏيکارڻ اِنَ لاءِ هوڪو ڏيندو آهن دهليءَ جو دروازو ڏسو- ٻار اَهڙا درشيہ اِنَ دواران ڏسي خوُش ٿيندا آهن دوُربيني ۽ وارو هوُ مَشين کي هٿ جي گهُماءَ سان اَهڙا نظارا ٻارن کي ڪاچ دوارا ڏيکارِيندا آهن. هي جيڪر هڪ قسم جو کيل تماشو چئجي.

لوڪ ناڪ :-

سنڌ ۾ اَڪثر وَڏا وَڏا ميلا لڳَندا آهن- جن ۾ هرروز هزارين

ماڻهوُ شريڪ ٿيندا آهن. سندن رهڻ لاءِ، دُڪانن ۽ ٽڏن جا گهر ۽ بيٺڪوُن ناهيوُن ويندیوُن آهن- ڪاڏيءَ لاءِ 24 ڪلاڪ جُڳ وانگر پٽندارا چالوُ . مَندر يا تربت تي درشڪن جي آمد چالوُ هوُندي آهي. ميدان ۾ منڊپ ٽهل هوُندا آهن جتي لوڪ گايڪ، سازيندڙ سنت ۽ درويش پنهنجا پروَچن ۽ گاين ڪلا ۽ گيت سنگيت پيش ڪندا آهن.چوڏاري پينگهوُن جهوُلا چيڪلا چالوُ هوُندا آهن. لوڪ ناٽڪ ڪار - نندا نندا مذاقي ناٽڪي چهچتا پيش ڪندا آهن. عام طور ٻار ٻچا نندا وَڏا ميلي جو مَزو وَٺندا آهن. رِمِ جهِم آواز چوڏاري سُنو نظارو بڻائيندا آهن. هتي صرف لوڪ ناٽڪ جو ذڪر ٿو ڪجي.

(1) مَسخرا ۽ مسخري :- جُدا جُدا رَنگن جا لنبا ڪپڙا ۽ ٽوپ پهريل ، رَنگ روغن لڳائي چرچا مسخري ڏيکاري ماڻهن ۾ وندُرَ ورونهر پيَدا ڪندا آهن

(2) رُ نل راڻي - اوُندي ڪٽ، شرابي مرد جي واد-وِواد- ڪِٽ پِٽ ۽ عجيب نظارو، هاڻي ڇا ٿيندو؟

(3) ڪي شيطاني آداڪار، ڏندا ڏيکاري لفظي ڇڪتاڻ پيَدا ڪري عجيب تماشو پيش ڪندا آهن.

(4) ڪي ڪردار تلوار بازي ، ڏهڪائيندڙ نظارا پيش ڪندا يا لڙائيءَ جو عجيب نظارو ڏيکارِيندا آهن.

(5) ڪي رَنگيلا ۽ رَنگيليوُن - مَذاقي سُوال جَواب ڪري تماشبينَن جو ڌيان ڇِڪائين. سنڌي ٻولي ناشائستي تماشي وازي.

(6) ڪي ٻالهير ٻوناڻيون ٻالهيون - زبان درازيءَ دواران درشڪن ڪي عجيب ۽ وڇهن، ٻالهه مان ٻالهه جوڙي ڪلاڪن جا ڪلاڪ پيا ٻالهائيندا آهن.

(7) هڪڙي گول چڪر ۾ ڪشتي ڪري درشڪن ڪي عجب ۽ وڇهن ڪتندڙن ڪي ملي انعام، چوڏاري هزارين ماڻهو ڪي پٽ تي ويٺل، ڪي بينل، ڪي گهوڙن تي ته ڪي اُنن تي تماشين چوطرف. هن ڪي ڪُستي ملهه چوَندا آهن.

(8) ڪنهن جهوپڙيءَ ۾ ڪا پڇايل عوَرت ۽ سندس عاشق- پيار جا لفظ ۽ اوچتو گونڊن جو اَچڻ ۽ بدشد ٻالهه ٻول ۽ پوليس جو پهچڻ

(9) ڪنهن جهوپڙيءَ ۾ ٻن رَقيب مردن جو تماشو- گار گند - مارڪٽ ۽ پنهنجو پنهنجو حق ڏيڪاري بهٽ ڪڻ.

(10) هڪ جهوپڙيءَ ۾ ننڍن سَسُ جو جهڳڙو- پٽ پاراتو- مهٽا ۽ زبان درازي ڪٽپٽ يا وَري نِراڻ ۽ ياجائيءَ جو نظارو.

(11) ڪنهن جهوپڙيءَ ۾ ٻه چريا- گپ شپ- گار گند

(12) هڪ جهوپڙيءَ ۾ ٻه ٻوڙا هڪ چوي اَٽو ته ٻيو سمجهي گهوٻاٽو ٻئي هڪ ٻئي جا ڪُروُ

(13) هڪ ڏڍي جي جهوپڙيءَ ۾ ٻه ماڻهوُ- هڪ گُفتگوُ- هڪ چوي ته مان راجا هوس ۽ توُن مُنهنجو نوڪر ٻيو چوي ته مان رَئيس هوس ۽ تون مُنهنجو داس هيئن هڪ ماڻهوءَ اِها گُفتگوُ ٻڌي ٻنهي کي شانت ڪرڻ لاءِ چوي تو توهين

ٻَئي راجا ۽ رَئيس ٿيا مان توهان ٻنهي جو خادم هوس
اِهو ٻُڌي هوُ ٻَئي کلي خوُش ٿيْ هاهاهاها ڪري ڪلن .
تا(ٽئين ماڻهوُءَ رمز بن ۾ ناهم آندو.

(14) ٻُڌي جي شادي :- درشيم -نظارو :-هڪ ٻُڌي جي سترهن سالن جي ڇوڪريءَ شادي جوان ڇوڪريءَ سان ڪرائي ويئي آهي. ٻُڌو خوُش نظر اَچي رهيو آهي- جوان ڇوڪري هڪ طرف پريشان آهي. ٻئي طَرف عمر جي تقاضا موجب، دريءَ کان ليڪا پائي ايندڙ ويندڙ جوان ڇوڪرن ڏانهن نهاري رَهي آهي- ڇوڪرا سندس حُسن ۽ جواني ۽ ڏانهن مستانا ٻئي طرف گيت : پتيءَ جي پريم ۾ هردم گُذارڻ نار کي گهرجي، پَتي پرهما پَتي وِشنوُ - پَتي پرماتما آهي. پَتيءَ جي.....فوني تي آلاپ ٽئين طرف ٻيو آواز: ڇوڪري پيئي نچي ٽپي ۽ جوان ٽڪي پر پوڙهو پيو قبر کچي----عوام جو آواز . : ڪل چرچو ۽ ڏَنولي-زماني جي ڪُرسم تي مذاق

نوٽ هتي لوڪ تماشي جا کي اِسم ذڪر ڪيا ويا آهن. هاڻي ميڊيا ۽ ٻين ساڌنن ڪارڻ لوڪ تماشو غيَب جي پردي پٺيان گُم ٿي رهيو آهي ضَروُرَت آهي- هڻڻا تَماشا دَرشائي هِنَ لوڪ اَدب کي ڊاڪيوُمينٽريءَ دواران مَحفوُظ ڪرڻ جي.

آخر ۾ هِڪ سنڌي چوٽي : گهر هاري ڏئاري ڪرڻ آهي گهر جو گهاڻو ۽ لوڪ تَماشو.

مددي ڪتاب :-

ڪتاب جو نالو	ليکڪ	آستان	سال
(1) لوڪ اَدب جو تحقيقي جائزو	عبدالڪريم	سنديلو جامشورو	1973
(2) سنڌ جي مدنيت	سَيّد منظور نقوي	سنڌي اَدبي بورڊ حيدرآباد	1959
(3) سنڌي لوڪ ورٿو تماش	ليلارام رُچنداڻي ۽ جگديش شهدادپوُري	اَحمد آباد	2000
(4) سنڌي فوڪ لور ڊا.	جينو لالواڻي	اسٽيج پبليڪيشن احمدآباد	1999
(5) سنڌي لوڪ ڪلا	جگديش شهدادپوُري	اَحمد آبادر	2000
(6) سنڌي لوڪ ڪلا لوڪ ناٽڪ	ڊا.نارائڻ پارٽي	سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن اُلهاسنگر	1966
(7) ڪڪ ۽ ڪانا	ڊا.هَروُسدارَنگاڻي	رنگ ساگر پبليڪيشن دهلي	1960
(8) لوڪ نائيم-پوائي	ڪرشن ڪڙيا (سنڌي ترجمو)	ايم.وي.پيماڻي اوُنا گجرات	1991
(9) پَڪَّت سنڌي لوڪورٿو	ليلارام رُچنداڻي ۽ جگديش شهدادپوُري	سنڌي لوڪ وَرٿو پبليڪيشن احمدآباد	

سنڌي ڪاويہ ۾ سامي ۽ جو يوگدان

- مرلي گووندائي

پارت جي سنسڪرتي ۽ وڌڪ ڪال کان وٺي اَڄُ تائين سڄي سنسار ۾ پنهنجو اونچو ۽ اٽل استان حاصل ڪرڻ ۾ سدائين ڪامياب رهي آهي جنهن جو اصلي ۽ موُل ڪارڻ آهي اسانجي سنسڪرتي ۽ هماليہ جهڙي اوچائي ۽ ساگر جهڙي اونهائي. ان جي ڄاڻ اسانکي ويدن مان ملي ٿي ۽ ان جو گيان الڳ الڳ وقت تي جدا جدا رشين ۽ ساهتيڪارن پنهنجي پنهنجي نموني عام جي اڳيان پيو رکيو آهي.

سنڌي ساهتيہ جي خيال کان ڏِسجي تہ اهڙو ئي ويدڪ گيان اسانکي ڏنو آهي مهاڪوي شري سامي صاحب. جنهن پنهنجا انيو ۽ وچن سولي ۽ ان وقت جي عام سنڌي ياشا ۾ لکي پنهنجي اڻاهہ سلوڪن جي ذريعي ويدن جو ڳُڙهو راز سمائڻ جي ڪوشش ڪئي آ□هي. سامي ۽ جي سلوڪن ۾ ويدانت جي تمام سڻي ۽ دل هنڌائڻ نموني سولي ويا ڪيا ڪئي ويئي آهي. سنسار جي ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ اينري وڌي پئماني تي ويدانت جي ڄاڻ ڪونہ ڏنل آهي. پر سنڌيءَ ۾ سامي صاحب اهڙو ڏکيو ڪم سؤلو ڪري ڏيکاريو آهي.

مختصر جيون پريچيہ : سامي صاحب جن جي جيون ياترا

پڑهجي ته ڄاڻ پوندي ته سامي صاحب هڪ سؤ ورهين کان وڌيڪ حياتي سڌي نموني، ساهت جي سيوا ڪندي ماڻي هئي. هنن جو جنم 1743ع ۾ ٿيو هو ۽ 1850ع ۾ هن فاني دنيا مان چالاڪو ڪري پرميشور ۾ لين ٿي ويا. سندس جنم سنڌ جي شڪارپور شهر جي مشهور لُنڊ خاندان ۾ ٿيو هو. سندن جنم جو نالو چينراءِ نڪتو، هنن جا پتا بچومل اُرف مرليڈر دتاراماڻي ڪپڙي جي واپار ۾ لڳل هئا ۽ واپار جي سلسلي ۾ امرتسر پڻ ايندا ويندا هئا. سندن ماءُ جي چٽيءَ ۽ پڪيءَ ٽوڙي جاڻ ڪانه ملي سگهي آهي. هُنَنِ جي پڙهائيءَ جي بہ خبر کو حاصل ڪري نہ سگهيو آهي ته هو ڪٽي ۽ ڪيترو پڙهيا. پڙهيا ضرور، ڇو جو هنن کي گرمکي لپي جو پورو اپياس هو. هنن جي چڻن ئي سلوڪن ۾ پارسي ۽ پراڻي پراڪرتڪ سنسڪرتن جا اکر پڻ آيل آهن.

جوان ٿيندي ئي هو پڻ پتا سان گڏ ڪپڙي جي واپار ۾ لڳي ويا ۽ سڄي عمر انهيءَ واپار ۾ لڳل رهيا. سندن واپار جا بہ مکيہ آستان هئا شڪارپور ۽ امرتسر. ٽن سالن جي ڄمار ۾ سندن ملاقات سوامي مينگهرام ويندانتيءَ سان ٿي، جيڪي سنسڪرت جا وڏا پنڊت ۽ گياني ليکيا ويندا هئا. لڳاتار اٺ سال هو سوامي مينگهراج جي شرڻ ۾ رهيا ۽ ويدانت جو خوب اپياس ڪيائون ۽ اُن ۾ ماهر بڻجي سلوڪ لکڻ جو اپياس ڪرڻ لڳا. آهستي آهستي هنن پنهنجا سلوڪ رچڻ شروع ڪيا. شروعاتي دؤر جي سلوڪن ۾ هنن پنهنجو نالو ڪانہ ڏنو پر پنهنجي گروءَ جو نالو سلوڪن ۾ وجهندا هئا، ''مينگهو يا ''ڀانيڙ'' ڇو جو سوامي مينگهراج کي

گھٽائي ماڻهو، اُن زماني جا ٻانهڻ پڙ ڪوٺيندا هئا، ڪجهه وقت ڪانپوءِ سامي ۽ نالي جي تخلس سان سلوڪ لِکڻ جي ڪري سامي نالي سان مشهور ٿي ويا. سندن ڪٽنب جي ڄاڻ بہ ڪٿي ڪين ملي ٿي. نہ ئي گهرواري ۽ جي ۽ نہ ئي ٻارن ٻچن جي ڄاڻ ڪو حاصل ڪري سگهيو آهي. ها سندس هڪ پٽ گهنشيامداس جو نالو هنن جي موت کان پوءِ ملیو آهي. شڪارپور ۾ چون ٿا اڄ بہ هڪ ڪوهه ''سامي ۽ جو ڪوهه'' نالي سان مشهور آهي.

سلوڪن جي رچنا : سامي صاحب پنهنجي جيون ڪال ۾ ڪوبہ ڪتاب نہ پاڻ ئي ڇپايو ۽ نہ ئي ٻئي ڪنهن ئي ڇپائڻ جي ڪوشش ڪئي ڇو جو هن جا لکيل سلوڪ عام ۾ انهن جي چالاڪي ڪانپوءِ ئي ملي سگهيا هئا. هو سلوڪ چوندا هئا، ڳائيندا هئا، ٽڪاڻن ۾ وڃي عام کي سمجهائيندا هئا ۽ پنن جي ٽڪرن يا ڪاٽ جي ٽڪرن تي لکي لکي متڪن ۾ وجهندا ويندا هئا جنهن جي ڪا ڳٽڻ ئي پاڻ ڪانہ رکيائون. چاليهہ سالن جي عمر ڪانپوءِ ئي هنن کي لکڻ جي چاهہ جاڳي ۽ جيستائين حيات هئا تيستائين لکندا ئي رهيا. لکندا هئا، ڳائيندا هئا ۽ متڪي ۾ وجهي پلجي ويندا هئا ۽ نئين سر ٻيا لکندا ويندا هئا. اهي سڀ سلوڪ سنڌي ٻاشا ۾ پر گرمکي لپيءَ ۾ لکيا هئا. سندس پٽ گهنشيامداس کي هن جي ڄاڻ هئي پر هن صاحب بہ سامي ۽ جي موٽ ڪانپوءِ ئي انهن سلوڪن کي ڳولهڻ جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو. سامي صاحب کينرا لکيا ۽ کينرا پائي گهنشيامداس ميڙي سگهيو ان جي ڄاڻ نڪي ملي.

ان زماني ۾ ڪجھ ودوانن سامي‌ءَ جي سلوڪن جي ڳولها ڪري ۽ ڇپائڻ جو اُنڪانو ڪم ڪرڻ جو من بڻايو. جن ۾ هڪ هئا ديوان ڪوڙومل ڪلناڻي، هن صاحب الڳ الڳ ٽڪاڻن ۾ وڃي ٻاون ۽ ساڌن سان شخصي ملاقات ڪري 2100 سلوڪ هٿ ڪيا. جنهن کي هنن گرمکي لپي‌ءَ مان سنڌي ڪرڻ ڪري چئنل پاڻن ۾ 1885 ۾ ڇپايو. هنن 2100 سلوڪن جي سمجھاڻي ۽ معني سميت ارٿ گھٽن ڪيو. رِشي ڊيارام گدومل. هن چئن پاڻن کي اسان سامي‌ءَ جو پھريون ڪتاب چئي سگھون ٿا. ٻيا ودوان هئا : پروفيسر پوجراج هوتچند ناگراڻي، هنن سامي‌ءَ جا سلوڪ هٿ ڪري هنن کي ٽن پاڻن ۾ ڇپائي عام جي اڳيان پيش ڪيا. هنن ٽن پاڻن ۾ سلوڪن جو تعداد هو 2327. پروفيسر ناگراڻي‌ءَ پھريون پيرو ويدانت جي سمجھاڻي سؤلي سنڌي ياشا ۾ سلوڪن جي ذريعي بيان ڪئي.

عيسوي سنہ 1900ع سکر جي پائي سردار خوشي سنگھ شيام سنگھ 2101 شڻ سلوڪن جي پوٿي گرمکي لپي‌ءَ ۾ ڇپائي پڌري ڪئي. ان بعد روھڙي‌ءَ واري پائي گنگارام صاحب ٻيا 1400 سلوڪ هٿ ڪري ڪل 3500 سلوڪ ڇپايا. انهن سلوڪن جي ۽ ڪتابن جي ايتري تہ ڪپت ٿي جو 1904 ۾ پائي سردار ٻڌسنگھ ۽ 1910 ۾ شري مولچند گياني‌ءَ جي ٻن پاڻن ۾ ساڳيا ئي 3500 سلوڪ گرمکي‌ءَ ۾ ڇپايا. سنڌي‌ءَ ۾ پڻ اهي ساڳيا سلوڪ ور ور ڪري ٻيا ڇپايا ويا آهن ۽ اهي ڇپائيندڙ ودوان هئا، شري پوڪرداس ٿانورداس، شري ڪلياڻ آڏواڻي ۽ ٻيا.

ورهاڳي ڪانپوءِ هند ۾ بہ سامي‌ءَ جي سلوڪن جي ڇپائيءَ جو سلسلو چالو رهيو. 1948 ۾ سنڌي ساهتيہ منڊل پاران بہ ڪتان ڇپايا ويا معني ۽ سمجهاڻي‌ءَ سميت. جن جا ليکڪ هئا رائبهادُر ڪوڙومل چندنمل ۽ شري واڏومل مولچند. انهن ٻنهي ڪتابن ۾ چونڊيل سلوڪ ئي ڏنا ويا. ساهتيہ اڪادمي‌ءَ پڻ 1975 ۽ 1981 ۾ سامي‌ءَ جا چونڊ سلوڪ ڇپايا. جيڪي وڏيڪ وٺي‌وار 500 سلوڪ هئا. آتمڪ ساهت مالا پڻ سامي‌ءَ جا چونڊ سلوڪ شري آنند سيتلداس آهوجا ڇپايو جنهن جو مهاڳ لکيو ڏا. ديال 'آشا'. هن ۾ لڳ ڀڳ 1000 سلوڪ آهن ۽ ڪتاب جا پنج ڇاپا ڇپجي چڪا آهن.

ديوناگري سنڌي‌ءَ ۾ پڻ سامي‌ءَ جا 4000 سلوڪ ڇپايا ويا آهن. پهريون ڀيرو محنت ڪري ڇپايا سيٺ پارسمل پارومل ٽن پاڻن ۾ جنهن ۾ شري لالچند امرڈنومل گهٽي محنت ڪئي. 2005 ۾ لکشمڻ هروندواڻي جي سمپادن هيٺ 1400 سلوڪ پريم پرڪاش، سائين ٽيئنورام آشرم جڦپور جي پاران ڇپايا ويا. وري شري لکشمڻ هروندواڻي 2006 ۾ 1750 سلوڪ ورڻمالا (الفابيٽ) طريقي سان سمپادن ڪري سيٺ شري پڃنلال روهڙا چئريٽيبل ٽرسٽ، ممبئي‌ءَ وارن ڇپايو جنهن 1750 سلوڪ آهن.

انگريزي‌ءَ ۾ پڻ شري شانتي ايل. شهاڻي‌ءَ، سامي‌ءَ جا چونڊ سلوڪ ''سانگس آف تہ اِسپرٽس'' (Songs of the spirits) جنهن جو مهاڳ لکيو هو سادو واسواڻي صاحب ۽ جيون احوال پروفيسر شيوارام فيرواڻي‌ءَ.

ٿوري ۾ جاڻ ملي ٿي تہ هيل تائين 4336 سلوڪ سامي صاحب

جا ڳولهي ڪري ڇپايا ويا آهن، وڏيڪ ڪيترا باقي اڻڇپيا رهجي ويا، ڪنهن کي خبر ناهي.

سامي‌ءَ جي سلوڪن جو تت : ڏنو وڃي ته سامي‌ءَ ويدانت ويچارن جا ڪوي هئا، هن جي واڻي‌ءَ کي اسان ويدانت واڻي چئي سگهون ٿا. سامي‌ءَ جي ويچارن موجب ويدن جي واڻي پرماتما سان ملڻ جو مارگ ڏئي ٿي ۽ جيڪو ان واڻي‌ءَ ۾ لين ٿي، گيان حاصل ٿو ڪري سو سمجهو ته ايشور جو درشن ڪري پيو. ويدن جي سمجهاڻي ڏيندي سامي صاحب فرمائين ٿا -

ويد لکائن وات، ٿا اتم پد آپارجي،
نانا روپ رس پريا، گهڙن آپنئہ گهات،
هڪ هٿ لڏون لوپ جا، ٻئي هٿ هٽن چپات،
لکيو جڏهن لِلات، تنهن کي سامي مليو ستگرو.

هُتي ويدن کي هڪ سنت جو سروپ ڏيندي لکن ٿا ته

ويد سَنت هڪ روپ، ساکر ڏين ٿا سچ جي
سمجهي دُسُ سامي چئي، تون آتم سَنڌِ اَنوپ
ساکي برهم سروپ، بولڻ وارو سچ ئي.

ويدانت جي سيني وشين تي هُنن سلوڪ رچيا آهن. ويدن جي فلاسافي‌ءَ ۾ مايا جي گهڻي اَهميت ڏني ويندي آهي. ويدانت جو سار مايا ۾ سمايل آهي. هن سنسار مايالڇار آهي، اِنسان هن ڇار ۾ ڦاسي پاڻ وڃائي وينو آهي. جيڪو هن ڇار ۾ ڦاڻو، سامي اُن کي اگياني ٿو ڪوٺي، ڇو جو مايا ۾ ڦاسي اِنسان غلط راهه ٿو وڃي ۽ هن سپني روپي سنسار کي سچو ڄاڻي پرم ۾

پڌجي ويو آهي.

”مايا ڪسي مِت، سامي ورتيِ سپ جي،
سپني جي سنسار ڪي مورڪ جاڻِن سِت،
ڪوڙين ۾ ڪو هڪڙو، عاشق ٿيو اُپرت،
جاڳي جڙيو تِت، ماڻي سڪ سروپ جو.

سامي صاحب مايا تي اندازن 200 سلوڪ رچيا آهن. چون ٿا جن مايا جو منتر سڌ ڪيو سي جوت سان جُڙي ويا.

مايا سڌ ڪيو، اڻ هوندو سنسار سپ،
سپني ۾ سامي چوي جيئن نانا جيءُ ٿيو،
پاڻ پلائي پنهنجو سنسي منجهه پيو،
تڙي پرم ويو، جڏهِن جاڳي جڙيو جوت سا.

هن جهان ۾ انسان جا پنج ويري آهن، جنهن مان ڪو به آجو ڪونهي سي آهن : ڪام-ڪروڌ-موهه-لوڀ- اهنڪار. انهن وڪارن ۾ ڦاسي انسان مالڪ کي وساري وينو آهي ۽ ڪنهن نہ ڪنهن روپ ۾ انهن جو شڪار آهي. سپ سمجهن ٿا تہ هي اسانجا وڏا ويري آهن پر ڪوبہ ڪُڇي ڪونہ ٿو، سامي چون ٿا تہ جيڪو انهن وڪارن کي تياڳي سچن فقيرن سان لِنوَ لڳائيندو تہ ئي آدم جو پلو ٽيندو ۽ من تان اڳيان جو بڙدو هٽندو.

جڳ ۾ وسن ڏڳ، پياري پنج پرم جا.
موهي ماري من ڪسي، سپ کي ڪن ڏڳمڳ،
کي سجاکا سوُرما، رهِن اين الڳ،
سامي ٿي سروَڳ، ماڻين موج مڪت ٿي.

لوپي ۽ لالچي ۽ گھاٽ نہ لھن گھر جو،
مرن مايا موھہ ۾ پنھنجو پاڻ پچي،
اُلٽ کو عاشق رھي آتم رنگ رچي،
جنھن کي سمجھہ سچي، سامي ڏنئہ ستگروءَ.
اھنکار جي باري ۾ لکن ٿا،
انڌا ايماني، سچ سُڃاڻن کينکي،
کنيو وطن پاڻ سان پرم جي پاني،
اِستت رھي آکاس جو، کو ورلو وگياني،
دل ۾ دل جاني، سامي ڏنو سمر ٿي.

دنيا ۾ ٽن طرح جا ماڻھو ٿيندا آھن، ھڪڙا جيکي ايشور کي مڃين ٿي کونہ، ٻيا وري اھڙا جيکي نہ ناستک آھن نہ آستک، کيڏي کيڏي مھل مالک کي پوڃين ٿہ کيڏي کيڏي مھل ان کان مکريو وڃن ۽ ٽيان اھڙا ماڻھو آھن جن جو پرميشور ۾ پکو وشواس آھي ۽ ھن جي ھئڻ کي مڃين ٿا. سامي صاحب ٻہ انھن مان ھڪ ھو. سامي صاحب پنھنجي سلوکن ۾ پرماتما جو ھئڻ، کڻ کڻ ۾ ھن جو وسڻ، ھن جي ھستيءَ بابت گھڻو ئي کجھہ بيان کيو آھي. ھو چون ٿا پرميشور سچ وانگر ظاھر آھي، کنھن جي نہ مڃڻ تي سچ جي روشني گم کانہ ٿي ويندي. مالک جي ھئڻ تي ھنن جا سوين سلوک لکيل آھن. جيئن ٿہ :

ستگر جھڙو شاھہ، کونہ ڏنوسين کاٽيئي،
پرچي ڏنو جنھن پريم سان آتم ڏن اڌاھہ،
نکي پچيائين ذات پات، نکي پچيائين راھہ،

ڪري من ٺاياهُ - سامي ڏنائين ڇن ۾.
سنگرو جي ساراهه ۾ لکن ٿا -

ڪيڏي وڏائي، ڳڻيا پُرک ديال جي،
جنهن رکي هٿ متي تي ممت مِٽائي،
مورت محبوبن جي انميٺه ۾ آئي،
سامي سيوئي وِسُ وسي جنهن جي آسري.

سامي صاحب ويدانت جي فلاسافيءَ کان سواءِ گهڻن ئي وشين کي پنهنجي سلوڪن ۾ جڳهه ڏني آهي. جنهن مان خاص آهن گرمک، پريم، پگتي، ستسنگ، ساڌو سنت، اوديا، اگيان، ويراڳ ، وويک، مورک، آتم گيان، من جي تڻ، اپياسي ياونا ۽ ٻيا گ هڻائي وشيہ. پر اها هڪ وڏي ڳالهه آهي ته هر وشيہ اثرائتي نموني سان پيش ڪري سلوڪن جي روپ ۾ بيان ڪيو ويو آهي، هر سلوڪ ۾ پنهنجو پنهنجو ميناج ۽ پڙهڻ ۾ روحاني شانتي ملي ٿي. سڀ سلوڪ آنند سان ڀرپور من کي موهي ٿا ڇڏين. مان ڪجهه وشيہ ڪٽي ۽ ان سان لاڳاپو رکندڙ سلوڪ ڏيڻ ضروري ٿو سمجهان.

سامي چون ٿا ته هيءَ دنيا بي بڪا آهي ۽ صحيح صلاح ڏيندي چتائي ٿو ته جيڪا عمر اسانکي ملي آهي اها ائين نہ وڃايو پر پرميشور سان لِنو لڳائي پنهنجو پرلوڪ سڌلو ڪيو. نہ ته پڇتائڻو پوندوَ.

وڃي ٿي وهي، آرجا هنن هٿن مان،
اِستر جاڻي پاڻ کي تون ويڻين ڪوهہ رهي،

سمجهي ڏس سامي چوي ڪري ڀالهه صحيح،
ويندءُ ڏينهن لهي، پوءِ هٽندي هتڙا.

ايشور کي پائڻ لاءِ اسانجي من جي پاونا شڌ هڻڻ تمام ضروري آهي، پاونا نيڪ هوندي تہ مالڪ پاڻ ئي ملندو ۽ جي پاونا صحيح هوندي تہ ڦل بہ سنو ئي ملندو.

پاونا پنوائي، چوراسي لک جوڻ ۾،
پاونا گوتا غيب جا ڪٽي نِت کائي،
پاونا ملي ساڌوءَ سان ساڌن ڪمائي،
پد ۾ پهچائي، شڌ پاونا سامي چوي.

جيڪو اندر ۾ آنند ڀُولهي ٿو تنهن کي سامي جن آتم آنند چون ٿا، اندر ۾ آتما جو درشن ڪرڻ معنيٰ پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ ۽ جي پنهنجو پاڻ سڃاتئي تہ سمجهہ ان پرماتما کي پائي ورتو. ڪو اندر ۾ پيئي اهو آتم آنند جو مزو ماڻي تہ ڏسي.

آتم رس منو، اٿي سپ رسن کان،
وڃي پُڇو تِني کان چکي جن ڏنو،
ڪيائون پاڻ قِتو، سامي ڏسي سرپ کي،

گرمکن سنتن ۽ ساڌڪن جي گڻن جي باري ۾ سامي لکن ٿا،

گرمک کين مري، من جي ياءِ منن ۾،
دِکيا لاتِ گروءَ جي، هرديہ منجهہ ڏري،
سامي سدا ڪري، پڳت آپيد الک جي.

سپ کان پد اوچو، ساڌ سنگت هرِ پڳت جو،
ڪوڏين ۾ ڪو هڪڙو، سمجهي ساڌ سچو،

لايو تنهن مُرپو، سامي سپيرين سان.

سڪ، نيهن، پريم ۽ عاشقن جي باري ۾ ته سامي جن گهڻي ئي ڪجهه لکيو آهي، عاشق هڪ اُڏامندڙ پکيءَ مثل آهي. جنهن جو هڪڙو ئي ماڳ آهي، پريم ۽ نينهن جو ۽ منزل آهي پرماتما سان ملڻ.

عاشق اڏ مُئا، سدا تڙڦن تن ۾،
جن کي سڪ سچيءَ جا اهڙا ڦٽ هئا،
درشن جي دعا، سامي گهرن سپ کان.

پريم جي باري ۾ لکيو اٿائون،

(1) پريم بنا پرڪاش ڪنهن کي ٿيو کين کي.

(2) پريم اکر پاڙهي سنگرو من سيتل ڪيو.

(3) سپ جي گهر آهي پريم پدارٿ رام جو.

سامي صاحب جو دؤر 200 ورهين کان وڌيڪ پراڻو آهي پر گهڻن ئي سلوڪن کي پڙهي ائين لڳي ٿو ته جڻ اڄوڪي سنسار لاءِ لکيا ويا آهن. جيئن ته ماڻهن ۾ پئسا ۽ پد هڻڻ ڪانپوءِ به انهيءَ ۾ تناءُ وڌي ويو آهي، تن، من کان بيمار پيا لڳن. ۽ پل پل چنتائن کان پڇري رهيا آهن، سامي انهن لاءِ چون ٿا :

آءُ ته پياريانءِ پري پيالو پريم جو،
سامي هن اوسر ۾، تن ۾ سپ ناريانءِ،
ڏهه ڏِس ڏيکاريانءِ، ان ۾ ئي پُرک اکين سان.

اڄڪلهه ماڻهن ۾ الائي ڇو پيسا ميڙڻ جي هوڙ لڳي پئي آهي لک کروڙ نه پر عرب ۽ خرب پوءِ کهڙا به غلط ڪم ڇو نه ڪيا

وچن انهن لاءِ سامي جن چون ٿا :

نڪي ڪٽي آئين، نڪي ويندين ساڻ،
ناحق مايا موهه ۾، پچائين ٿو پاڻ،

مورک ميڙن مال، اِستر جاڻي پاڻ کي،
اچي مڇندءِ اوچتو سامي چئي ڪنڌ ڪال.

پاڻا ۽ شئلي : سامي جن عام جا ڪوي هئا، لوڪشاهيءَ اوچ ڪلا جي ڪاويہ رچنا ڪئي اڻاڻون. سلوڪن جا اڪر سؤلا پر من کي هنڌائڻ ۽ وڻندڙ آهن. سندن شاعريءَ ۾ شڪارپوري ۽ اُتر سنڌ جو لهجو آهي. ڪجهہ ڪجهہ سلوڪن ۾ سنسڪرت، پراڪرت ۽ فارسيءَ جا لفظ پڻ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. پر انهن جي ڪويتا سادي، منجهيل ۽ سؤلي آهي. ان جي شئليءَ ۾ هڪ شانت سنگيت آهي جيڪو نديءَ وانگر ڪل ڪل ڪري ماڻهوءَ جي اندر ۾ هڪ دائمي اثر پئدا ٿي ڪري. جنهن سان هردو سيتل ٻڌجي ڪُرن ۽ ايشور ڏانهن لاڙو لڳي ٿو.

سنڌي پڳٽي ڏارا جا ٻي مکيہ ڪوي آهن، شاه عبداللطيف، سچل سرمست ۽ سامي چئنراءِ. انهيءَ کي سنڌي پڳٽي ڪاويہ جي ٽرمورتي ڪري سڏيندا آهن. اهي سنڌي ساهتيہ جا املهہ رتن آهن جن جي امر ڪويتا تي سنڌي جاڻيءَ کي فخر آهي ۽ رهندو. سامي صاحب پڳٽي ڏارا جو پويون ڪوي مڃيو ويندو آهي ۽ هنن ڪانپوءِ ئي سماج ۾ جاڳرتي ۽ نئون دؤر آيو.

سڀاجهي سنڌي جاتي

-سي. ٽي. گيانچنداڻي 'ساجن'

ملڪ جي آزاديءَ لاءِ ملڪ جي سيني پرانتن جي سيني جاتين تمام گهڻيون قربانيون ڏنيون پر اسانجي سنڌيءَ جاتيءَ تہ ٻين قربانين سان گڏ پنهنجي ملڪ جي آزاديءَ متان پنهنجي سچي پرانت سنڌ کي بہ گهوري ڇڏيو. پنهنجو سڀ کجهہ ڇڏي سچيءَ ديش پڳتيءَ جو ثبوت ڏيئي سنڌي جاتي ملڪ تہ چا دُنيا جي کنڊ کڙڇ ۾ سمائجي ويئي.

سنڌي جاتي ٻئي کي وڏائڻ لاءِ پاڻُ وڃائڻ واري جاتي آهي. قرباني هن جاتيءَ جي نس نس ۾ سمايل آهي. هيءَ اُن وشال سنڌو نديءَ جي سنتان آهي جنهن جي اڳيان ملڪ جون ٻئي سڀ نديون ٻالڪيون آهن. هن گهڻيئي سيبتائون ناهي ڪري زمين دوز ڪيون آهن. جنهن وسيلي هن سنڌي جاتيءَ کي سبق سيکاريو آهي تہ هيءُ انسان پاڻيءَ جي بُدبُدي مثل نشور آهي. اسانجو سڀ کجهہ واريءَ جي کوت مثل آهي. کنهن وقت بہ ڏهي ويندو انکري سنساري شان کان کنارو ڪري سادگي ۽ زندهہ دلي واري زندگي جيئو. ڏهڻ کانپوءِ ئي نهڻ ٿيندو آ. جنهن لاءِ آتم وشواس همت ۽ محنت جي ضرورت پوندي آهي جا هن پنهنجي مٽيءَ (جنهن مان اناج پئدا ٿئي ٿو) وسيلي هرهڪ سنڌي جاتيءَ جي باشندي ۾ پري ڇڏي آهي.

آگسٽ 1947ع ۾ اسين موهن جي ڏڙي وانگر زمين دوز نہ ٿياسين. پر پنهنجو سڀ ڪجهہ ڇڏي هند ۽ دنيا جي ڪنڊ ڪرڇ ۾ پهچي بہ پنهنجين ورڻي ۾ مليل خوبين سبب نہ رڳو اسين پنهنجو استِيتوَ قائم رکيو پر پنهنجو سڀ ڪجهہ واپس ناهيوسين جو اسين پنهنجي سنڌ پرانت ۾ ڇڏي آياسين.

''سنڌوءَ جي جل خاڪ جو وارث سنڌ جي آ برجستو،
اٽل اِرادي سان لنگهيو جتان بڻيو سوئي رستو.''

سنڌو ندي نہ پر هڪ درياهہ آهي. جنهن کي زندهہ پير يا سداحيات سنت چيو ويندو آهي. چاڪاڻ تہ هن جي چپي چپي تي سنتن پيرن ۽ درويشن جون مڙيون ڊيرا ۽ آستان آهن. جت اڇ بہ سندن واسو آهي. سندن مهر ديا ۽ آسيس هر سنڌيءَ مٿان هميشہ موجود رهندي آهي. هن زمين تي نہ اوتارن جنم ۽ وري هي پيغمبر پئدا ٿيا. جيڪڏهن پئدا ٿيا تہ اُهي هڪا صوفي سنت، درويش، فقير جن مانوتا کي مهتِوَ يا اهميت ڏني. جن مندر مسجد ۽ گرجا گهر ۾ هڪ ئي روپ ڏنو. فرقيپرستي کڏي سنسار ۾ ڏرم نرپيکشتا ڦهلائي پريم پائيچاري ۽ شانتيءَ جو پيغام ڏنو.

سنڌوءَ جي ڌرتي نہ برو يا قلعا ناهيا نہ وري محل ۽ حويليون ناهيون. هن نہ ڏگهيون مينارون ناهيون ۽ نہ وري تهکاڻا ۽ پول ٻڌيا وارا آستان ناهيا جي وڏائي ٻيائي ڏوکي فريب جا پرتيڪ، چِنَهہ يا نشان ليکيا ويندا آهن. هن ناهيا مندر مڙيون ڊيرا ۽ آستان جي هميشہ سڀ لاءِ کليل رهندا آهن. جنهن ۾ مهمان نوازي سان گڏ چوويهہ ڪلاڪ سدا وِرت پنڌارو چالو جو نہ ڏرم ڏسي نہ جات پات هرهڪ لاءِ هر وقت کليل. اِن سبب سنڌي جاتيءَ جي

باشندن جي دلين ۾ سوڙهه ڪونهي. اُهي ويڪريون ۽ ڪشاديون آهن. هر ڏرم جاتي لاءِ سدائين ڪليل. ان سبب سنڌي سڀ جي مدد ڪرڻ لاءِ توڙي سڀ جي شيوا ڪرڻ لاءِ پنهنجو تن من ۽ ڌن ارپت ڪندا آهن. اِن سبب ئي سنڌين جي من ۾ شڪر ۽ صبر ۽ شانتي آهي. مايا لاءِ موهه يا ممتا ڪونهي. هو مايا کي حد کان وڌيڪ ميڙي رکڻ بدران سٽن کارجن ۾ ڏيڻ پسند ڪندا آهن. ديش چاهي پرديش هنن وسيلي ناهيل اِسپتالون، اِسڪول، ڏرمشالائون ۽ ٻئي شيوا ڪندڙ هزارن جي انداز سنستائون اِن جا جيئرا جاڳندا مثال آهي.

''ٽوڙي ڪٽئي گهٽي برڪت'' جي سڏانت تي واپار ڪندڙ سنڌي ديش پرديش ۾ مشهور آهن. سنڌو گهاٽيءَ جي سيٻتا جي يگ کان وٺي هو وديشي واپار سبب نه رڳو سڄيءَ دنيا ۾ ڦهليل آهن بلڪ پنهنجي ناموس پڻ ڪيي اٽن. جت وڃن سمائجي وڃن. پروان کي پنهنجو ڪن. پريم وشواس ۽ سچائيءَ سبب اُنهن جي دليل تي واسو ڪن. واپار جي فن جا ماهر هئڻ سبب بنان جنگ جي دنيا جيتي اٽن. بنان هٿيار جي دشمن کي به پنهنجو ڪري ڇڏن.

گهٽن ئي قسمن جا حملاورن سنڌ تي گهٽيئي دفعا حملا ڪيا پر ڇا ورين؟ آخر ۾ سنڌوءَ جي پويتر جل ۽ متيءَ سيني کي پنهنجو ڪري پاڻ وٽ ئي وسائي ڇڏيو. هنسڪ مان اهنسڪ ۽ صوفي بڻائي ڇڏيو. جنگباز مان شانتي دوت بڻائي ڇڏيو. سنڌو ۽ ٻاڻيءَ مان نه ڪي هٿيار نڪتا، نه وري سنڌ ۾ ڪي وڏا جنگ جا ميدان ٺهيا ۽ نه هي وڏيون لڙائيون يا جنگيون لڳيون. اهنسا، امن، شانتي واري جاتيءَ جو نعارو ئي آهي ''ادائي گهرن جو

خئر".

اسين سنڌي اُن سنڌو گھاٽيءَ جي سپيتا جا وارث آھيون - جي چؤطرف پکڙجي ويا آھيون ۽ پنھنجي جاتيءَ جي خوبين کي ڏُنڌلو محسوس ڪري رھيا آھيو. پاڻ کي گڏجي ڪري پنھنجي سپيتا پنھنجي سنسڪرتي پنھنجين ريتين رسمن ۾ رواجن کي سڃاڻڻو ۽ سمجھڻو پوندو ۽ جاتيءَ کي اُن اڻج تائين پھچائڻو پوندو. پنھنجي ورثي کي اُجاگر ڪرڻ لاءِ پاڻ ھيٺ ڏنل ڪجھ ڳالھيون تہ رُڳو سوچڻيون سمجھڻيون پونديون. پر دل سان ھنڌائڻيون پونديون.

اسين سنڌين ھرھنڌ پنھنجي محنت ۽ جفاڪشيءَ سان ڏن ڏؤلت تہ خوب ڪمايو آھي. پر پنھنجو اصلي ڏن يا سرمايو وڃائي وينا آھيون. ڪنھن بہ جاتيءَ جو اصلي سرمايو يا پوجي آھي. انجي سنسڪرتي سپيتا ۽ ٻولي ٻيو آھي صحت سنتان ۽ سماج شيوا جو جذبو.

سنسڪرتيءَ کي قائم رکڻ لاءِ ورثي ۾ مليل نيامتن کي قائم رکڻو پوندو. پنھنجين ريتن رسمن ۽ رواجن کي چڱي طرح سمجھي ايندڙ وقت سبب ٽيندڙ ڦيرڦار قبول ڪري اُن ۾ سُڌارا واڌارا ڪري انھن جو مان سمان ڪرڻو پوندو يعني انھن کي بہ مانيتا ڏيڻي پوندي.

جاتيءَ کي زندھ رکڻ لاءِ پنھنجي سنڌي ٻولي يان ماتريڀاشا کي سلامت رکڻو آھي. ٻولي ڳالھائڻ ٻڌڻ ۽ لکڻ سان قائم رھي سگھندي آھي. ڊاڪٽر ستيش روھڑا جي ويچار موجب اسين ٻوليءَ کي ٽوڪ ڪلچرل گيت سنگيت وسيلي پڻ قائم رکي سگھون. اسانجو نوجوان طبقو پل سنڌي لکي پڙھي نٿو سگھي تنھن ھوندي

بہ هوءُ پاڻ ڀالهائي ۽ ٻين جو سنڌيءَ ۾ آواز ٻڌي ۽ سنڌي گيت سنگيت ۾ بهرو ونڊي يا انهن جو پروگرام ڪرائي ٻوليءَ کي قائم ۽ سلامت رکي سگهي ٿو. آزاديءَ کان اڳ سنڌ ۾ بہ اسانجا ڪيترا پائر، پينرون، ماتائون، توڙي بزرگ پڙهي لکي ڪونہ سگهندا هئا. اُنهن ڀالهائڻ ٻڌڻ ۽ گيت سنگيت وسيلي ئي ٻولي قائم رکي هئي. ها پڙهڻ لکڻ سکڻ سان کين وڌيڪ فخر يا گوَرَوَ حاصل ٿيندو هو.

چوڻي آهي تہ ''جيءُ خوش تہ جهان خوش''. اِن چوڻيءَ کي سنڌي جاتيءَ جي هرهڪ باشندي کي ذهن ۾ رکڻ گهرجي. ڏنڈي ۽ ڏن پنيان پاڻ ۽ تندرستي نہ وڃائڻ ڪپي. حد کان وڌيڪ مغزماري ۽ جفاڪشي تندرستيءَ کي خراب ڪندي آهي. اِنڪري شانت تن ۽ من سان ڏنڈو واپار يا نوڪري ڪرڻ گهرجي. قدرت اسانکي گهڻيون نيامیون بخشيون آهن اُن کي اُجاگر ڪرڻ لاءِ اسانکي سادگي کي اپنائڻ گهرجي. يعني سادو رهڻ سادو کائڻ ۽ سادو پائڻ گهرجي جيئن اجايون عادتون اچي اسانکي خراب نہ ڪن.

اؤلاد اسانجو سچو ڌن آهي. جاتيءَ جي آئيندهہ جو ابو آ. ڏنڈي واپار ۽ ڏن دولت کان وڌيڪ اُن کي سنيالجي چڱي طرح هن سچيءَ موڙيءَ جي سار سنيال لهڻ گهرجي جيئن اِها سچي موڙي سلامت رهي ۽ وڌي ويجهي.

جاتيءَ جي ڪن ماڻهن ۾ ڪي خاميوُن اچي ويون آهن. اُنهن کي جيڪڏهن وقت تي سمجهي ڪڍي سگهنداسين تہ وري پنهنجي جاتيءَ کي اڳي کان اڳري بلنديءَ تي پهچائي سگهنداسين.

گهڻي ٻُڌيءَ سبب اسانجي جاتيءَ جا باشندا سردار ٿيڻ جي

کوشش کن ٿا. هو جاتيءَ جا سپاهي بڌجڻ نٿا چاهين. پَڌ عهدن جي چڪتاڻ ۾ جاتيءَ جي ٻڌي ٽڻي پوي ٿي جا سنڌي جاتي ۽ سماج کي هيٺ ڪري ٿي. ايڪي ۽ تياڳ جي پاونا ئي هن ڏهڻ مان اسانکي ڪڍي سگهي ٿي.

ٻيو ڪو اسانکان نہ وڌي انڪري اڄيان وڌندڙ جي ٽنگ ڇڪي انکي روڪڻ جي عادت اسان ۾ اڃي ويئي آهي. اِهو ئي ڪارڻ آهي جو اسين سيني ڪيترن ۾ بي لائين تيار ڪرڻ ۾ ناڪامياب ويا آهيون ۽ پنهنجي جوان ۽ وارث پيڙهيءَ کي مستقبل يا پوشيہ لاءِ تيار ڪري نہ سگهيا آهيون. اڄيان وڌندڙ سان قدم سان قدم ۽ ڪلهي سان ڪلهو ملائي بہ هلڻو ۽ ضرورت مهل انجو مارگ درشن بہ ڪرڻو آهي.

اسانجي جاتيءَ جي هرهڪ باشندي جي رت ۾ فڪر سمايل آهي ۽ هرهڪ فن سکڻ جي قوّت ۽ ٻُڌي آهي. فن ۽ فڪر سان هوءَ جاتيءَ کي ستين آسمان تائين پهچائي سگهي ٿو. پر افسوس جو فڪر سان گڏ تڪڙ ڪري هو جاتيءَ تي اُڀريڻ جو ڪلنڪ لڳائي چڏي ٿو. هالانڪ سمجهو هئڻ سبب پوءِ پنهنجي ڀل محسوس ڪري سياڻو بڌجي فڪر ۾ صبر جوڙي اُنکي سڌاري پڻ چڏي ٿو. اِن سبب اسانجي جاتي اسانتي نهيل هڪ چوٽيءَ سبب ڪڏهن ڪڏهن پشيمان ٿيندي آهي. چڻن ئي جاتين وارا چوندا آهن ”پرپو سنڌيءَ جي پهرئين عقل جهڙو عقل اسانجي دُشمن کي بہ نہ ڏجانءِ ۽ ٻئين عقل جهڙو عقل اسانجي جاتيءَ کي ڏج.“

اَلائي چو ڏينهون ڏينهون اسين سنڌي جاتيءَ وارا ڪناري جا تماشائي ٿي رهيا آهيون. ڪنهن ٻڌندڙ تي افسوس دل ۽ جان سان ظاهر ڪيون ٿا. پر انکي اِمداد ڏيڻ کان ڪناري ڪيون ٿا.

اِن عادت کي سڌاري وٺ آهر مدد ڪرڻ لاءِ تيار ٿيڻو پوندو.

ڪنهن بہ جاتيءَ کي اوچو ڪندا آهن اُنجا چريتروان سچا ايماندار سادگي وارا پويتر، ديارون، شيوا ڪندڙ ۽ ايشور ۾ وشواس رکڻ وارا اِنسان جي اسانجي جاتيءَ ۾ جهجهي انداز ۾ موجود آهن. ضرورت آهي انهن کي ڳولهي چونڊي جاتي ۽ سماج جون واڳون ڏيون. کين گهربل يوگدان ڏيون جيئن هو پنهنجو جوهر ڏيکاري سگهن. انهن تي نظر پڻ رکون. جيئن هوُ پنهنجي فرض جي لڇمڻ ريکا ۾ رهن. اُن ۾ مؤجود نوجوان طبقي کي مارگ درشن پڻ ڏيون جيئن اُهي جاتيءَ جو آئيندہ روشن ڪن.

سڀاجهي سنڌي جاتي لاءِ کي سلوگن هيٺ ڏنل آهن :

(1) سنڌي سڀاجهو سدا سدورو،
محبت جي ماکيءَ جو ڪٽورو.

(2) سنڌي سياڻو هرفن ۾ ماهر،
ڏنڈي نوڪريءَ ۾ هرهنڌ ظاهر.

(3) سنڌي صلح شانتيءَ ۾ اڳرو،
پريم ورهائي ڪري نہ جهڳڑو.

(4) سنڌي صحت ۽ علم کي چاهن،
اسپتالون اِسڪول هرهنڌ ٺاهن.

(5) سنڌي ديالو ۽ دلوارا،
هلائن ڏرمشالائون ۽ پنڊار.

(6) سنڌي آهن سڌا سادا،
عيب عادتن کان سدائين آڇا.

(7) سنڌين ۾ سڪ ۽ سونهن اَپار،
جت رهن اُت مهڪ ۽ مند بهار.

(8) سچ، پريم، شانتيءَ ۾ اڳرا،
تہ ڪوڙ ڪپٽ نہ لچايون جهڳڙا.

(9) سنڌي سڀ صوفي سچا شيواڌاري،
سڀ ۾ هڪ سائين ڏسن مانوتا جا پوجاري.

(10) سنڌي سدا ڏنڌي سچا ۽ ايماندار،
ٽوڙي نفعي سان دوستي گهٽي واپار سان پيار.

ورهاڱي کانپوءِ ۱۹۴۷ع کان ۱۹۸۰ تائين سنڌي ناٽڪن ۾ مٿ ۽ علامتون

-پرو. سنڌيا چندر ڪندناڪي

قديم انسانن جي پرورش قدرت جي گود ۾ ٿي آهي. انسان جي آس پاس جي قدرتي شين سج، چنڊ، تارن، باهه، پاڻي جن کي قديم انسان شڪتيءَ جي روپ ۾ قبوليو، انُ جي پوڄا ڪئي ۽ انُهن جي اٽُپتيءَ بابت انيڪ ڪالپنڪ ڪٿائون گهڙي ورتيون، اهُي مٿ ۾ شامل پرُاڻ ڪٿائون ڏارمڪ وشواس، ڏارمڪ مڃتا، پرمپرا سان جڙيل آهن. مٿ کي پيش ڪرڻ لاءِ انسان کاڻين، آکاڻين جي مدد ورتي. ان جو هڪ سبب اهو هو ته انسان جي چؤڏاري جيڪو وهيو واپريو پئي، نظر ٿي آيو، محسوس ٿي ٿيو اهُو ڪنهن سان زباني ٻڌائڻ، سمجهائڻ ڪجهه چٽو، صاف نٿي لڳو پر انُ ئي ڀالهه کي کاڻي، ڪردار جي روپ ۾ اثرائتي ڍنگ سان پيش ڪرڻ سان انُجو اثر، وشواس، مڃتا، سکيا ۽ هڪ جاڻ ٻڌجي انساني زندگيءَ ۾ هميشه لاءِ گهر ڪري پئي رهي آهي.

مٿ جنهن کي مٽڪ ٻه سڏيو وڃي ٿو هر ڏرم، قوم، مذهب، قبيلي، ديش، ملڪ ۾ نظر اچي ٿو. انُ جو ڪارڻ اهو ٻه آهي ته مٿ ڪٿائون شخصي نه پر مڪمل سماج، قوم، ملڪ جي ماٺهن

لاءِ هوندیون آهن، جن کي سماجک قبوليت حاصل ٿيندي آهي. اِها هڪ حقيقت آهي تہ جيڪو انسان هن دنيا ۾ پيدا ٿيو آهي اُن کي هڪ نہ هڪ ڏينهن اوس مرڻو آهي. زندگيءَ ۾ مؤت جو فلسفو، سرڳ نرڪ جو تصور ۽ مؤت هڪ حقيقت آهي جي سچائي مٿ دواران سمجهائڻ جي کوشش ڪئي ويئي آهي ۽ ديو ڪٿا جي روپ ۾، ذريعي پيش ڪرڻ سان انسان کي اِها سچائي شدت سان محسوس ٿئي ٿي.

مٿ ۾ ڪالپنڪ ڏند ڪٿائون تہ شامل آهن پر مٿ جو مطلب سپنو بہ آهي. جيڪڏهن کو انسان زندگيءَ ۾ ڪجهہ ڪرڻ چاهي ٿو يا ڪنهن سپني کي ساڪار ٻڌائڻ ٿو چاهي تہ اهُو فقط سوچڻ سان ڪونہ ٿيندو. اُن کي ڪنهن انداز ۾ پيش ڪرڻو آهي. مٿ جيون کي ساڪار ٻڌائڻ ۾ مدد روپ ٿئي ٿو.

مٿ کي تصويري روپ ۾ پڻ پيش ڪيو ويندو آهي، جنهن جو اثر نهايت ئي وڻندڙ ۽ دائمي رهندو آهي. مٿ نانڪ جا ڪردار ڏرم، ڏارمڪ مڃتائن سان جڙيل ٿين ٿا. هو عالمي مڃتا پڻ حاصل ڪيل ٿئي ٿو. مٿ جدا-جدا پهلن، پراڻ ڪٿائن، اُن جي تنوَن، ڪلپنا وغيره کي ڪٿا، ڪهاڻي، نانڪ يا ڪنهن بہ رچنا ۾ سڌي نموني نہ پر اڻ سڌي نموني پيش ڪيو ويندو آهي. مٿ عالمي سطح جو ويچار آهي جنهن کي ڏند ڪٿا، پراڻ ڪٿا، ديو ڪٿائون وغيره طور قبوليو ويو آهي.

سمبول جنهن جي معنيٰ علامت، اهڃاڻ ۽ نشان آهي اهُو ڪنهن بہ رچنا ۾ سڌو پيش ڪيو وڃي ٿو پر اڪري معنيٰ ڪانسواءِ اُن ۾

اڄ سڌي نموني سمايل ٻوڙهي خيال، سمجهه طرف پڻ اشارا ڪري ٿو. علامت محدود خيال-ميڙتا آهي، جنهن ۾ پڻ ڪا ٻ الهه، قصو، آکاڻي شامل هوندي آهي. اسانجي قومي جهنڊي ۾ انّ جا رنگ ۽ نشان مقرر ٿيل آهي. اهڙا اسانجي پارت ديش جي نشاني آهي ۽ ان نشان اڳيان هر پارتواسيءَ جو ڪنڌ جهڪي ٿو ۽ پارتي ناڳرڪ ٻات اوچو ڪري شان سان پارتواسي هڄڻ تي فخر محسوس ڪري ٿو. اسان جڏهن علامتن تي غوّر ڪريون ٿا ته اسانکي ٽن قسمن جون علامتون نظر اچن ٿيون.

ذاتي، سيٻيتڪ ۽ عالمي

ڪوبه رچناڪار ڪنهن به رچنا جي تخليق ڪندي پنهنجي ڪلپنا ۽ ويچارن کي حقيقي بڻائڻ لاءِ لوڪ وشواس جو به واهپو ڪندڙ آهي. اهو ئي واهپو مٽ ڏارڻ ڪري ٿو. اهو انساني من ۾ بچيل قديم پريورتن جي ڪري ئي ممڪن آهي. مٽ ۾ به علامتون هونديون آهن ۽ انهن جا پريرٽا روپ سدائين بدلجندا رهندا آهن ۽ نوان-نوان جڙندا رهندا آهن. اڄ جو اديب پراڻ ڪٿائن جي ماڊيم سان حال کي اظهار ڏيندو آهي. اخلاقي پاونا، نيتي ڪٿائون انيڪ علامتن سان پرپور آهن. اسين جڏهن نانڪن تي غوّر ڪريون ٿا ته اسانکي انيڪ نانڪ مٽ سان پرپور ملن ٿا. جن ۾ قديم ۽ جديد علامتون پڻ اظهاريل آهن. ورهاڳي ڪانپوءِ پارت ۾ جڏهن سنڌي نانڪن جي شروعات ٿي تڏهن اڪثر رنگ منچ تي جيڪي نانڪ کيڏيا ٿي ويا اهي گهڻي ڀاڱي ڏارمڪ

نانڪ ٿي هئا.

سنڌ ۾ جيڪي ڊارمڪ نانڪ ڪيڏيا ويندا هئا انهن مان گهڻن ڊارمڪ نانڪن جي ورهاڱي بعد پڻ نه صرف پارت ۾ اشاعت ٿي پر اهي نانڪ گربي منڊل وارن الهاسنگر، احمدآباد ۽ بين شهرن ۾ پڻ منچ تي پيش ڪرڻ شروع ڪيا. جن ۾ راجا هرشچندر، روپ بسنت، مهاراجا پرتري، رام بنواس، ستيوان ساوتري، مڪمل رامايڻ، پرت ميلاپ وغيره نانڪ جدا-جدا مخزنن، رسالن ۾ ڪي ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيل ملن ٿا. جيڪي پراڻ ڪٿائن سان ڀرپور آهن. جدا-جدا ڊارمڪ واقعن کي پيش ڪن ٿا. ڪن نانڪن ۾ آڪاشواڻي، ديوواڻي جا منظر چٽيل آهن. ڪائناتي هڇ ڪري انساني چيتنا کي جاڳرت ڪندڙ رهيا. هنن ڊارمڪ نانڪن جو انڊ وشواس نه پر پارتي سنسڪرتيءَ سان هو ۽ پارتي سنسڪرتيءَ جي مُلهن کي اُجاڳرت ڪندڙ رهيو. هنن نانڪن انسان کي سنسڪار ڏيڻ جي اهميت پريو پارت ادا ڪيو. هنن نانڪن ۾ ڏرم راج، يم ديوتا، رام، لڇمڻ، سيتا وغيره جهڙا ڪردار نين حالتن ۾ نئين معنيٰ جي ٻوڌ ۾ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪيل هئي. هنن ڊارمڪ نانڪن ۾ طوفان، برسات، ٻرندڙ ڇتا، اونداهي رات وغيره روشنيءَ ۽ رنگن جي ذريعي ڪلاتمڪ ڍنگ سان پيش ڪيا ويندا هئا. اسين انهن ڪوششن کي سمبول سڏي سگهون ٿا. انهن جا ڪردار پراڻ ڪٿائن جي ڪردار نگاريءَ جو هڪ عمدو مثالي روپ رهيو. ديو شڪتين جي ڪلپنا، باهه، هوا، جل، سچ وغيره ديوي ڪلپنا روپ ۾ پوجا-ارچنا ذريعي، اظهاري قوتن ۽

الوڪ اِشارن سان سڃيو ٻڌائڻ جي ڪوشش نظر اچي ٿي. هن مِٽ ناٽڪن ذريعي جيون جي ستيہ ۽ حقيقي تنون جو اظهار ڪري مِٽ جي وشالتا طرف اِشارا ڪندڙ اُهڃاڻ منچ تي ڪڙا ڪيا. اسان جڏهن ورهاڱي بعد جي وڊيڪ شايع ٿيل ناٽڪن تي نظر ورايون ٿا تہ اسانکي هرڻ ڪشپ جو خون شري ڪرشن جو قلم بند ڪيل 'ستي ساوتري'، لچمڻ حسو جا 'شبريءَ جا ٻير'، جينو لعلواڻي 'تياڳ ۽ مڪتي'، پروفيسر رام پنجواڻي 'ميران'، 'تيرت بسنت' وغيرہ ناٽڪن ۾ پڙاڻڪ عناصر نظر اچن ٿا. شبريءَ جا ٻير سماج جي پٺتي پيل ذاتيءَ جي نمائندگي ڪندڙ آهي. شبري دلت سماج جي عيوضي ڪردار آهي. شبريءَ جا ٻير، شرڌا پاوَ جيون مِناس ۽ مهمان نوازيءَ جي علامت آهي. 'ميران' ناٽڪ جي ڪرشن پريم، الوڪ پريم داستان پڙاڻ ڪردار ڪٽي هلندڙ ڪٿا آهي تہ وري تياڳ ۽ مڪتيءَ ۾ ٻڌ جي پوري ڪٿا جو سار ڏنل آهي. ناٽڪ جو عنوان ئي علامتي آهي جيڪو سنسار تياڳي ۽ موڪش طرف اِشارا ڪري ٿو. ناٽڪ ۾ ڀڳوان جي سپني ۾ جنم ونڊ جي سمجهاڻيءَ سان گڏ ديو لوڪ جو منظر ڏيکاريل آهي جتي ديوتائن جي درٻار ۾ريل آهي جنهن ۾ ڀڳوان جي پرٿوي لوڪ تي جنم ونڊ بعد پدارٿي موهہ ۾ قاسڻ تي چنتا ظاهر ڪيل آهي اتُان ڪيس آزاد ڪرڻ جي رٿا رٿيل آهي. من جي شانتيءَ لاءِ ڪامنا، واسنا، ڪروڌ جو ترڪ ڪري، اوم شانتيءَ جو سهارو ونڊ لاءِ اِشارا ڪيل آهن. ناٽڪ ۾ پراڻا لفظي علامتون جي ڪٽي نظر اچن ٿيون، موضوع ۽ ڪردار نگاريءَ جو عمدو ناٽڪ آهي.

رام جي. هنڌوراڻيءَ جو ناڪ 'فائيل گم ليٽر ليپي نڪو' ۽ 'ڏرم پتني مڙس جو سچو فائيل آهي. جنهن کي مون ڪئين سال گم ڪري ڇڏيو' جملو پتنيءَ طرف بي جوابدار شخص ۽ باهرين عورتن جي پنيان پيسو ويڃائيندڙ هڪ عياشي شخص جي ڪٿا آهي. جنهن ۾ اهو به ڏيکاريل آهي ته رشوت وٺڻ لاءِ اڪثر ڪلاڪار، عملدار آفيس ۾ ائين ئي هر بار ڇو نظر ايندا آهن ته ڇا ڪجي؟ توهان جو ڪم ته ڪاش مان ته ترت ڪري وڃان پر ڇا ڪجي فائيل ۾ خط ليپي ئي نڪو. رشوتخوريءَ سان پرپور علامتي ناڪ آهي.

'رات هڪ طوفان جي' موتي پرڪاش جو هڪ راز پريو اصلوکو طويل ناڪ آهي جنهن ۾ آدرشن جو خون جا چٽ چٽيل آهن.

'بگڙيل گهر' گورڌن پارتي محبوباڻيءَ جو اصلوکو وڏو سماجڪ ناڪ آهي. جنهن ۾ جدا-جدا سماجڪ مسئلا ڄاڻائي ڪيئن آدرش گهر برباد ٿي وڃي ٿو ۽ آدرشن، اصولن جي جدا-جدا پهلن جي علامتي ڍنگ سان هڪ آدرشوادي گهر، ڪردار، حالتون، بگڙيل گهر جي نمائيندگي ڪندڙ ناڪ آهي.

ڪرشن ڪٽواڻيءَ جو 'آشيانو' ناڪ پڻ بدليل سنڌي جيوت جي عڪاسي ڪندڙ آهي جنهن ۾ رشتن جو واپاري ڪرڻ، رشتن جو قتلام اثرائتي ڍنگ سان خلقيل آهي. ڪردار جا پنهنجي آدرشوادي گهر جي رشتن جي ميناڪ، سنڌيت جي خوشبوءِ ڦهليل هجي جي تصور کي چڪناچور ڪري ٿي ڇڏي.

'پلئه پلي' انوادڪ ناڪ ۾ واسديو نرمل ناڪ ۾ گرهست

جيون ۾ ڦندڙ جوين جي گلابي رنگ کان وڌي ٻڌاپي جو پيلو رنگ تائين جيون جي جدا-جدا واقعن، تصورن، يادگيرين جا انڌلڻي رنگ پسايا ويا آهن. عمدي کردارنگاريءَ ۽ چست گفتگوءَ سان پرپور ناٽڪ آهي.

شري منگهارام ملکاڻيءَ کي سنڌي ننڍن ناٽکن جو ابو سڏيو ويو آهي. اُن جو ناٽڪ 'ڪڙ ڪهيتا پيا ٿمکن' خود سرُو ئي علامتي آهي. ڪڙڪهيتو، ٽانڊاڻو جيڪو پل پر لاءِ چمڪات ڏيئي اوجهل ٿي ويندو آهي خود ۾ هڪ علامت آهي. استري پرشن جي جسماني مسئلن کي ڪٽي قلم بند ڪيل ناٽڪ ۾ نايڪا بي خودي ۾ اچي پنهنجي ننڍي ياءُ سان ميلاپ ٿي ڪري. پل پر جو چمڪو ناٽڪ جي ڪٽا جو مکيہ محور آهي.

داس طلب جو ناٽڪ 'ايم. پي.' جديد دؤر جي سياستدانن جي کردارنگاريءَ جو سهڻو، عمدو مثال آهي. جنهن ۾ سياست تي تکي طنز ڪيل آهي. ڊائلاگ دهُري معنيٰ سان پرپور آهن. ناٽڪ جي حالتن ۾ پڻ تضاد ايُريل آهن.

ڪيرت ٻاباڻيءَ جو ڪجهہ ناٽڪ پڻ جدا-جدا قسم جون پاڻ سان گڏ علامتون کڻي هلن ٿا. 'نوريءَ سڏ ڪيو' هيمون کالاڻيءَ جي شهادت، حب الوطنيءَ ان پرپور 'ڏڏي جنگ' گهر گهر ۾ ٽيندڙ سس-نونهن جي رامايڻ ۽ مهاڀارت جي واقعن سان پرپور ناٽڪ، 'حيف تنهين کي هوءِ' جيڪي سنڌي هوندي بہ ٻارن سان سنڌيءَ ۾ نٽا ڳالهائين، سنڌيءَ ۾ نٽا پاڙهين ۽ پاڻ کي سنڌي

سڏائڻ ۾ شرم محسوس ٿا ڪن اهڙن بي نڪن سنڌين مٿان لعنت جو نانڪ آهي.

'جهوءَ جي ڪناري' گوبند مالهيءَ جو تجرباتي نانڪ آهي جنهن ۾ زندگيءَ جي ذلتن کان چوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ آپگهات ئي هڪ واحد علاج آهي جي ڪهاڻيءَ ۾ اُن سان جڙيل حرڪتن، ڪريائن کي ڪٽي هلندڙ نانڪ آهي.

پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جو 'پاپ جون پاڙون' ٻڌاپي جي نفس وشيہ تي آڌارت منووگيان پس منظر سان پرپور، علامتي ڪردارنگاريءَ ۽ واقع نگاريءَ جو عمدو بهترين اڳرو نانڪ آهي.

هن دؤر جي نانڪن جي تواريخ ۾ اسانکي هڪ اچانڪ موڙ نظر اچي ٿو. ڈاڪٽر پريم پرڪاش جي سنڌي ڈراما ورڪشاپ جي استاپنا بعد نون تجرباتي، ائبسرڈ نانڪ موضوع، هيئت پيشڪش جي پاڻ سان گڏ تمام گهڻي نواڻ ڪٽي هلن ٿا. هنن نانڪن جي گفتگو ڪافي چست، علامتي ڊنگ واري، نون مانيتائن کي ڪٽي هلندڙ ۽ پراڻين علامتن کي ٽوڙيندڙ ۽ نئون معنسائون، دشائون ڏيندڙ رهيون آهن. جديد دؤر جي سياسي، سماجڪ، آرٽڪ، شهري ڪرڻ، هنري ڪرڻ، اڪيلائپ، رشتن ۽ سياستدانن جي ڪوکلائپ وغيره مدا، تتو، علامتي واقعن ۽ ٻولي دوارن ايُري بيٺا آهن. جنهن ۾ ڈاڪٽر پريم پرڪاش ڪافي اڳرو رهيو آهي. هن جا نانڪ 'مورچا بندي'، 'پڪنڪ'، 'فرشتن جي دنيا'، 'عدد جمع عدد واحد' خود ۾ علامتن طرف اشارا ڪن

ٿا. 'فرشتن جي دنيا' جيتوڻيڪ موهن ڪلپنا جي ننڍي ڪهاڻيءَ
ڪي پريم پرڪاش پنهنجي سوجهه ۽ بوجهه سان مڙ جي انيڪ
علامتن کي اڳيان رکي ناٽڪ کي هڪ سهڻو، تڪنيڪ سان پرپور ۽
ڪامياب ناٽڪ بڻايو آهي. پريم پرڪاش ئي پهريون شخص آهي
جنهن 'مورچابندي' ناٽڪ ذريعي جديد سياست جي هر پهلوءَ کي
اثردار نموني ڇهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سنڌي ڊراما
ورڪشاپ جي اها لهر انّ دؤر جي ٻين ناٽڪڪارن ايم. ڪمل،
برج موهن، هريڪانت، وشنو پاٽيا، شيام جئسنگهاڻي، ڊاڪٽر
جينو لالواڻي ۽ مدن جماڻيءَ جي ڪن تجرباتي، ائبسرڊ ناٽڪ
طرز ۽ علامتون ئي علامتون پريل آهن.

برج موهن جو 'بندوبست'، ايم. ڪمل جو 'ناٽڪ ۽ ڪانفرنس'،
هريڪانت جو 'بس اسٽاپ تي'، شيام جئسنگهاڻيءَ جو 'زلزلو'،
جيني لالواڻيءَ جو 'مونجهه جو سؤدو'، مدن جماڻيءَ جو 'جانورن
جي بستي'، موهن ڪلپنا جو 'آڏي روشني'، واسديو نرمل جو
چوڻيءَ تي آڏارت 'ڪوئي لڏي هئڊ ڳڙي' اصطلاح جي معنيٰ تي
آڏارت ناٽڪ هر لحاظ کان ڪامياب ناٽڪ آهن. مدن جماڻيءَ جو
ايڪ پاتري ناٽڪ 'ڪاڪو ڪلومل' مؤت جي ڊپ کي ڪٽي سماج
جي بگڙيل ڊانچي تي بيحد مذاقيہ ڍنگ سان چٽ چٽيا آهن.

مدن جماڻيءَ جو ئي اصلوڪو وڏو ناٽڪ 'گهر گروءَ جو در'
جديد دؤر جي سماجڪ ۽ رندڙ مسئلي 'ٻيڙا آشرم' ۽ جيون جون
آخرين گهڙيون گهر، اؤلاد، ڪنهن ٻ رشتي جي نياوَ موهه ممتا

کانسواءِ جيون بصر ڪري، مؤت جو انتظار ڪري رهيا آهن جي پيڑهين جي ٽڪراءَ نئين پيڑهيءَ جي سوچ، ويچار، وهنوار ڪي جديد دؤر جي بدليل حالتن، ماحول جي سڌل ۽ اثردايڪ نموني فلم بند ڪيو آهي. گهر گهروءَ جو در اصلائي معنيٰ اڀياڻن سان پرپور ناٽڪ آهي.

مدن جماڻيءَ جو ٻئي 'جئہ جهوليلعل' اشٹ ديو جهوليلعل جي جيون ڪرشمن، ڏند ڪٿائن واقعن، ڏارمڪ پهلن ڪي ڇهندڙ، روحاني علامتن ۽ عالمي علامتن ڪي ڪٽي هلندڙ طويل ناٽڪ آهي، جنهن جي فلم پڻ تيار ٿي چڪي آهي. ناٽڪ گهٽو اڳ ايڪانڪي روپ ۾ ريڊيو تان پرسارت ٿيل آهي بعد ۾ فلم جوڙي ويئي آهي.

ڊاڪٽر جيني لالواڻيءَ جو ناٽڪ 'حادثو' ۽ 'تون ڪير آهين؟' ڏيتي-ليتيءَ جي علامت بڻجي اڀري بيٺا آهن.

شري واسديو موهي جيڪو هڪ ڪامياب علامتي شاعر آهي، جنهن جي علامت نگاريءَ ۾ ڪامياب رهيو آهي ۽ شاعريءَ ۾ هن گهڻا ئي علامتن رنگ پريا آهن، پنهنجي آزمودي سان داخلي-خار جي احسانن جو اظهار ڪلاتمڪ ڍنگ سان ڪيو آهي انُجو اڪيلو ناٽڪ 'ايڪلويہ' پراڻ ڪٿا جي ڪردار ڪي ڪٽي علامتن لفظن، گفتگوءَ ۽ نظارن ۾ پيش ڪيل هڪ لاثاني ناٽڪ آهي. جديد دؤر ۾ سياسي ۽ ايڪس پلاءِ ٽيشن جي فڪر جو وهڪرو، دنيوي هيرا ڦيريءَ جي تنون جي نمائندگي ڪري ٿو. گرو ششن

جي پرمپرا جي کوکلن آدرشن، رشتن جو چٽ چٽي ٿو. جدا-جدا لفظن جا مفعوم جدا-جدا تاثرات ڏين ٿا.

مان هن مقالي ۾ هرکشن ودياڑتيءَ جي نانڪ 'موبائيل مساٽا' يڳوان شولائيءَ جي 'برين واش' جيني لالواڻيءَ جو الٽو کيل ٻال طويل نانڪ 'شريمان ڦيرو ڦرکي' ۽ ڊاڪٽر پريم پرڪاش جو ئي 'جڏهن زنده هئاسين' کي به وساري نٽي سگهان، جيڪي انيڪ شخصي، مجموعي، جديد دؤر ۾ بدليل اُڇاڻن جي معنيٰ بٽيل اصطلاحن، پهاڪن ۽ نون جڙيل لفظن جو اصطلاح بڻجڻ جي ڏس ۾ وڏايل قدمن سان حقيقن، احساسن جو اظهار ملي ٿو.

هن دؤر جي هر ڪنهن قسم جي نانڪن ۾ سڌي يا اڻ سڌي نموني پراڻ ڪٿائن جا قبول کيل، مڃيل ڏس، اشارا ته ملن ٿي تا پر اصطلاح، پهاڪن، تشبيهن ۽ علامتون پڻ نظر اچن ٿيون جنهن جا چٽ مختلف طريقن سان چٽيا ويا آهن. علامتون نانڪن کي گهرائي ۽ معنويت پيدا ڪندڙ آهن.

وقت جي تقاضا ۽ مقالي جي حدبنديءَ کي ڏيان ۾ رکندي صرف وشيه سان پناءُ ۽ نياءُ قائم ڪرڻ جي ڏس ۾ ڪن نانڪن جو حوالو ۽ صرف ذڪر ئي کيل آهي جنهن ۾ ڪافي ته ۽ تفصيلن ۾ وڃڻ جي ايجان به گهٽي گهٽي گنجائش آهي. ان ڪري هي مقالو مڪمل چئي سگهجي هرو ڀرو ائين نه آهي. جائزو آهي، قبول ڪندا.

عورت جا الڳ الڳ روپ

-پرو. روما پرڪاش جئسنگھاڻي

عورت ڪي ايشور آهڙي ذات بخشي آهي، جو هوءَ ڪوبہ ڪم قابليت ۽ هوشياريءَ سان نباهي سگھي ٿي. پَرُ اُهو ساهتيہ هجي سماج هجي هوءَ زندگيءَ جي هر ڪيتر ۾ پنهنجي ڪُشلتا ۽ سوُجھہ بوُجھہ سان اُهو ڪاريہ نباهي سگھي ٿي.

ساهتيہ جي ڪيتر ۾ عورت : آڳاڻي زماني ۾ گارگي، مئتري جھڙيون ودوان زالون هيون جيڪي اُتم وديا جي نہ صرف ڄاڻ رکنديون هيون، پر مردن سان پڻ مقابلا ڪنديون هيون. لوپا مورا ۽ وسووارا جھڙين زالن ويدن جون رچنائون ڪيون.

آزاديءَ ڪانپوءِ ايڪويھين صديءَ ۾ عورتون علم پرائي عالم ٿيون ۽ زندگيءَ جي هر ڪيتر ۾ گوءِ ڪٽي ويون. هوُ راجنيتڪ ڪيتر ۾، تعليمي ڪيتر ۾، وگيان، ميڊيا ۽ ٽيڪنالاجيءَ ۾ پڻ بھرو ونڊ لڳيون. نہ صرف ايترو پر شيئر بزار، واپار ۽ نوڪرين ۾ پڻ ڏاڪو جمايائون. هڪ آزاد پڪيءَ وانگر زمين کان آسمان تائين اُڏامڻ لڳيون. زالن جي اِن زاديءَ سندن گھرو زندگيءَ تي پڻ اثر وڌو. مطلب تہ عورت جي زندگيءَ ۾ وديا يعني علم حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ سماجڪ زندگيءَ ۾ تبديل اچڻ لڳي. پڑھيل گڙھيل عورت ڪنھن جي غلام بڻجي رھڻ نہ چاھيندي آهي. هوءَ پنهنجي

پيرن تي پئسو ڪمائڻ لڳي. آرٽڪ آزاديءَ عورت کي وڏيڪ سڻ ومان پسند ۽ خوددار بڻايو.

ساهتيہ سماج جو آئينو هوندو آهي. سنڌي اَدب ۾ پڻ سماجڪ ۽ گهرو رشتن جي تصوير ملي ٿي. عورت کي خودداري ۽ بغاوت، قرباني‌ءَ جو معدو ۽ سوارت پري پاونا، مردن لاءِ سچو پيار ۽ للڪار ڪري رنگين ڪهاڻين جي ذريعي اَدب ۾ اڇي ويو. اِهو زماني جو دَستوُر آهي تہ هر سِڪي کي ٻہ پهلو هوندا آهن تئن عورت ٻہ هڪ طرف کومل آهي تہ ٻئي طرف ڪنور آهي. هڪ طرف ڪُل جو روپ اَختيار ڪري ٿي تہ ٻئي طرف لوهہ جهڙي مضبوط آهي. هڪ طرف ٻرندڙ اڳني آهي تہ ٻئي طرف ٺيٺل جل آهي.

گهر گرهستي روپ : عورت پنهنجي قابليت ۽ يوگيتا سان گهر گرهستي سنياليِ ٿي. هوءَ ٻارن کي سڻي نموني پالي ٿي. هنن ۾ سُٺا لڇڻ وِجهي ٿي ۽ سُٺا سنسڪار وجهي تعليم ڏئي هنن کي هڪ عُمدو نگرواسي بڻائي ٿي. مطلب تہ هوءَ زندگيءَ جي هر ڪيتر ۾ پنهنجا فرض نباهي ٿي. سڀ کان پهرين هوءَ سماج ۾ هڪ سُڻي عورت جو روپ نباهي ٿي.

عورت جا فرض : اَسان جي پارت ديش ۾ عورت کي وڏو درجو ڏنو ويو آهي. هتي ناريءَ کي ايشور جو ٻيو روُپ ڪري چوندا آهن. ناريءَ جا ڳهڻا ئي فرض هوندا آهن جيڪي بيان ڪرڻ مشڪل آهن ڇاڪاڻ تہ هن جا فرض الڳ الڳ روپن سان بدلجن ٿا. هڪ چوڪريءَ جي روپ ۾ هوءَ پيءُ جي ضابطي ۾ رهندي آهي. شاديءَ کان پوءِ هوءَ پنهنجي پتيءَ جي ضابطي ۾ ۽ ويچاري

ٻڌاپي ۾ پنهنجي پُٽنِ جي ضابطي ۾ هوندي آهي، ناري الڳ الڳ روپن ۾ اَلڳ الڳ فرض نباهي ٿي. جئن تہ:

ڏيءَ جا فرض : ڏيءَ جا فرض هوندا آهن تہ هوءُ ننڍپڻ ۾ ئي پنهنجي پڙهائيءَ سان گڏ ٻيا بہ فرض نباهي. هوءَ پنهنجي ماءُ پيءُ جو نالو روشن ڪري. ۽ گهر جا سڀ ڪم پڻ سِکي. جئن تہ روٽي ناهڻ، گهر صاف ڪرڻ، ماءُ پيءُ جي سنيال ڪرڻ وغيرهہ. ماءُ پيءُ جي سنيال سان گڏ پنهنجي عزت جو پڻ خيال رکي. جئن تہ چوٽي آهي تہ چوڪريءَ جي زندگي هڪ سفيد چادر وانگر هوندي آهي جنهن تي اگر هڪ دفعو بہ ٿورو داغ لڳي وڃي ٿو تہ اُن جو نشان رهجي ويندو آهي. اِن ڪري ڏيءَ کي پنهنجي ماءُ پيءُ جي چوڻ ۾ هلڻ گهرجي. پر ڏيءَ جي روپ ۾ ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي پيءُ کي آرٽڪ مدد پڻ ڪندي آهي.

پتنيءَ جا فرض : هڪ ڏيءَ جڏهن ڏولهءَ ۾ ودا ٿئي ٿي تڏهن هن جا ٻيا فرض پڻ نباهڻ جو وقت اچي وڃي ٿو. شاديءَ کان پوءِ ناريءَ جا فرض وڌي وڃن ٿا. هن کي پنهنجي پتيءَ جي چوڻ تي هلڻو پوندو آهي. جنهن ڪري هوءَ پنهنجا سڀ پُراڻا رشتا ڇڏي هن جي گهر آئي آهي. ناريءَ جو اِهو ٻيو جنم ٿيندو آهي. شاديءَ کان پوءِ هن جو نالو گهر پريوار سڀ ڪجهہ بدلجي ويندو آهي. پتيءَ جي وڏي عمر ۽ گهر پريوار کي سڪ شانتي ڏيڻ لاءِ ورت رکي ٿي. پتيءَ لاءِ ۽ ٻارن لاءِ سوادشٽ پوجن ناهڻ - طرح طرح جا پڪوان ناهڻ. هوءَ سڀ فرض نيائيندي آهي. پيڪن ۽ ساهرن سان ٻنهي پريوارن سان فرض نيائي ٿي.

نونهن جا فرض : عورت نونهن جي روپ ۾ هڪ شرمسار ناري هوندي آهي. هوءَ سَسُ سهڑي جي عزت ڪندي آهي. صبح سويل اُٺي اُنهي کي پيري پوندي آهي. اُنهن کان آشيرواد وٺي **پاڻ پوڄا ڪري** پنهنجي گهر جي ڪِرت ڪار کي لڳي ويندي آهي. هوءَ پنهنجي نراڻ کي ڏيءُ وانگر ۽ نندي ڏير کي پُٽ وانگر سمجهندي آهي. ۽ وڏي ڏير کي سَهُري وانگر عزت ڏيندي آهي. سُسُ نہ هئڻ جي حالت ۾ هوءَ نراڻ کي ڏيءَ سمجهي شادي ڪرائي ڪنيادان ڪري ٿي. هن کان جيترو ٿي سگهي ٿو اوترو پنهنجا پراڻا رشتا پڌائي ڪري پنهنجي ساهرن کي خوش ڪري ٿي.

ماءُ جا فرض : جڏهن ناري ماءُ ٿهي ٿي تہ اِهو هن جو ٽيون نئون جنم ٿئي ٿو. ٻار جمڻ سان ئي هن جو اُن سان مضبوط رشتو ٿئي ٿو. هوءَ پاڻ کي بہ بلڪل پلائي ڇڏي ٿي نہ پاڻ وقت تي روٽي کائي ٿي ۽ نہ وري پنهنجي شرير جو ڏيان رکي ٿي. پوري ممتا ٻار تي لُٽائي ٿي. هن جي سنپال اَهڙي نموني ڪري ٿي جئن هڪ مالهي پنهنجي گُلن جي ٻوٽن جي سنپال ڪندو آهي اُن کي پيار سان هرروز پاڻي ڏئي سينچيندو آهي. ٽئن هوءَ ماتا پنهنجي ڪومل ٻچڙي کي پيار روپي پاڻي ڏئي وڏو ڪندي آهي. هر گهڙي هر پل خدا کان اُن جي لاءِ دعا گهرندي آهي. هوءَ همیشہ پنهنجي ٻار جون خوشيون چاهيندي آهي. ڪڏهن پاڻ بہ اُن سان ٻار بڻجي راندیون ڪندي آهي تہ ڪڏهن دوست بڻجي هن سان حال احوال اورينديِ آهي. ڪڏهن وري هن کي سُڌارڻ لاءِ سَختي پڻ ڪندي آهي. هوءَ پنهنجي ٻار جو شاريرڪ مانسڪ نئتڪ

آڏياتمڪ رکشا سان پوشڻ ڪندي آهي. هڪ آدرش ماءُ نهي پنهنجي جيون جي مهڪ سان پريوار، سماج ۽ سڄي ڌرتيءَ کي سواست ڪندي آهي.

ساهتيہ جي ڪيتر ہ پڻ عورت ليکڪا جو روپ عُمدي نموني نياڻي ٿي. مطلب تہ عورت کي اِيشور خدائي شڪتي ڏني آهي. جنهن ڪري هوءَ سڀ ڪجهہ زماني جا ڏکہ سوُر سهندي بہ شانت رهي ڪري پنهنجا سڀ فرض اِيمانداريءَ سان نباهي ٿي. سڀ پڇ عورت جا اَنيڪ روپ آهن. ڪڏهن هوءَ سڄي ساوتريءَ جو روپ وٺي ٿي ڪڏهن ڪاليءَ جو روپ تہ ڪڏهن شيراوالي ماتا جو روپ. خدا جي ڏنل شڪتيءَ سان هوءَ پنهنجا سڀ روپ ڏيکاري ٿي.

سنڌي ٻوليءَ جي بچاءَ لاءِ
نئون ذريعو : رومن لپي

-پرو. رميش لوهاڻا رگھواڻي

31 آگسٽ 1991 تي ڪلڪتا ۾ سنڌي ٻاشا ساهتيہ ۽ سنسڪرتيءَ بابت ٽيل هڪ سيمينار جي مهورتي جلسي ۾ شرڪت ڪندي سمارنپ جي نائب صدر شري پرمانند چوڙيوالا ٻڌايو هو تہ سنڌي جاتي پپر جي وڏ وانگر آهي، جنهن جون جڙون اُسرڻ لاءِ ڪنهن بہ ڏاري زمين جي محتاج ناهي. اُها تہ پت ۾ بہ ڏار پيدا ڪري ڦٽي نڪرندي آهي ۽ پٿر ۾ پاڙو ڪي ڦهلائڻ لاءِ جڳھ ڪري وٺندي آهي. سنڌي جاتي پنهنجي ٻولي، ساهتيہ ۽ سنسڪرتيءَ کي محفوظ رکڻ ۽ پنهنجي سڃاڻپ قائم ڪرڻ لاءِ جيڪا جدوجهد ڪري رهي آهي، ان لاءِ اسين ان کي صرف پرڻام ئي ڪري سگھون ٿا.

ان ئي سيمنار ۾ سواگتي تقرير ڏيندي آديپور جي ودوان پروفيسر هريش واسواڻيءَ سنڌي لفظ جون بہ معنائون ڏيندي چيو هو تہ، سنڌي جاتي اها جاتي آهي جنهن جي ٻولي سنڌي آهي ۽ ٻيو تہ اصلوڪي جيڪا جاتي سنڌ پرديش جيڏ رهاڪو آهي. پر افسوس ان ڳالهہ جو آهي تہ وقت جي وهڪري ۾ اهو 'آهي' لفظ لڙهي ويو آهي ۽ ان جي جڳھ تي 'هئي' لفظ ٿي ويو آهي. مطلب تہ سنڌي هندو جاتي سنڌ ڇڏي چڪي آهي ۽

گهرن توڙي سماج مان سنڌي ٻولي غائب ٿي رهي آهي.

انسان جيڪو ڪجهه به ٻالهائي ٿو ان کي سرڪشت رکڻ لاءِ ۽ پاڻ ۾ ٻوليءَ جي لکت وهنوار لاءِ لپي ناهي ويئي آهي. جيئن انسان ڪپڙن سان سونهندو هيون، تيئن ٻولي لپيءَ سان هڪ مڪمل روپ اختيار ڪري ٿي. ياشا کي پڙهڻ، سمجهڻ ۽ ورڻي کي اڄ ا يان وڌائڻ جو هڪ اهم ذريعو لپي آهي. هرهڪ ياشا کي پنهنجي ڌار لپي هجي، اهڙو ضروري ناهي ۽ ائين آهي به ڪونه. جيئن ته مراهٽي، هندي ۽ سنسڪرت هنن ڏنهي ياشائن جي لپي هڪ ئي آهي ۽ اها ديوناگري لپي آهي. انگريزي ۽ ٻيون لپيون يورپين ٻوليون رومن لپيءَ جي ماڊيم ۾ لکجن ٿيون.

تواريخي نظرئي سان ڏسجي ته سنڌي ٻوليءَ جي سڀ کان وڌيڪ قديم ۽ يگاني لپي هئي. 'هت واڪي'. اها لپي هندو سنڌي لپيءَ جي نالي سان سڃاتي ويندي هئي. هاڻي ان لپيءَ جو استعمال بند ٿي چڪو آهي. سنڌ ۾ واپاري ماڻهو پنهنجن تجارتي وهنوار وٽي جا چوپڙا لکڻ لاءِ ان لپيءَ جو استعمال ڪندا هئا. سنڌ ۽ آس پاس جي ايراضيءَ ۾ پالي ۽ برهمڻي لپيءَ جو پرچار پرسار سمراٽ اشوڪ جي وقت ۾ ٿيو هئو، ان ۾ ڪو شڪ نه آهي. انڪري ائين چئي سگهجي ٿو ته سنڌي لپيءَ جو جنم برهمڻي لپيءَ مان ٿيو آهي. ائين جيڪر تواريخ ۾ پنتي پڄجي ته هتواڪائي اکرن جو شروعاتي رشتو موهن جو دڙو جي لپيءَ سان جوڙي سگهجي ٿو. گنپير ڪوششون ڪيون ويون ته 'هتواڪي' لپيءَ جو آڌار وٽي موهن جي دڙي جي لپيءَ کي سلجهائڻ ۾ مدد ملي سگهي ٿي. البت، هن ڏس ۾ ڪي ڪوجنيڪ ڪوششون

ڪري چڪا آهن، پر ڪاميابي ايڏا ڪا نہ ملي آهي ۽ موهن جي ڏڙي جي لکاوٽ ايڏا ۾ اونده جي گرپ ۾ سمايل آهي.

عيسوي سنہ 1030 ۾ پارٽ جي باري ۾ گرنٽ لکندڙ وڏوان البروني ۽ جي مطابق سنڌ جي اُتريہ حصي ۾ اردناگري لپي ۽ برهمڻاباد ۾ سئندو لپي مُوروج هئي، جيڪا اوائلي ناگري لپي ۽ جي روپ ۾ هئي. سنہ 1854 ۾ سنڌ ۾ ٽيل ڪوٽائي ۽ درميان جيڪي سڪا ۽ ٻيون شيون هٿ لڳيون هيون انهن تي ديوناگري ۽ جهڙا اڪر اُڪريل نظر آيا هئا. هن ڪان ۾ سنہ 712 ۾ عربن سنڌ تي فتح حاصل ڪئي هئي ۽ پوءِ تلوار جي زور تي اسلام سان گڏوگڏ عربي-فارسي لپي پڻ واهپي ۾ آئي هئي.

ڊاڪٽر موتيلال جوتواڻي ۽ هندي ۽ ۾ لکيل ڪتاب 'سنڌي پاشا، لپي ۽ ساهتيہ' ۾ لکيو آهي تہ سنڌي ۽ جي اصلوڪي لپي ديوناگري آهي. سنہ 1843 ۾ انگريزن سنڌ تي قبضو ڪيو، پوءِ سنڌ رهي پارت جي مکيہ پومي ۽ سان گڏيو ويو. انگريزن عيسوي سنہ 1853 سنڌي ۽ لاءِ عربي لپي ۽ مقرر ڪئي هئي. ديوناگري ۽ جو بہ استعمال ڪيو ويندو هو. گڏوگڏ گرمکي-پنجابي ۽ هٿواڻکي لپيون پڻ پرچلت هيون ئي. خاص طور سنڌي مهلائون گرمکي ۽ ۾ لکيل ڏارمڪ ڪتاب 'آدي گرنٿ' ۽ 'جپ جي' ۽ 'سکمڻي' پڙهنديون هيون. گرو گرنٿ صاحب بہ گرمکي لپي ۽ ۾ تيار ڪيل آهي. هي ڏارمڪ گرنٿ هرهڪ ڪاڻي ۾ هوندو ئي آهي ۽ نيم سان صبح توڙي شام جو ان جو پاٺ ڪيو ويندو آهي. گرمکي لپي پنجابي ۽ سنڌين جي وچ جي ويجهڙائي ۽ جو سنڪيت ٿو ڏئي. ان زماني ۾ گهڻي ئي سنڌين سڪ ڏرم اپنايو هو ۽ سڪ

بڌجي ويا هئا. ائين چئي سگهجي ٿو.

سنڌ جا هندو توڙي مسلمان خ (خ، خراب) غ (غ - غريب) ۽ ف (ف، فرض) انهن حرفن جا اُچار صاف ۽ چٽي نموني ڌار ڌار ڪري سگهندا هئا، پر بن قسمن جي (ح ۽ هـ)، چئن قسمن جي (ظ، ض، ذ، ز)، 'ا' حرف جا به اُچار، ر، هـ، 'ق' جا ق ۽ ڪ به اُچار، 'س' (ص، ث، س) جا ٽي اُچار ڪرڻ ۾ ڪو فرق نه سمجهي سگهندا هئا. اڄ به اها ئي حالت آهي. پر تنهن هوندي به سنڌي ٻوليءَ لاءِ جيڪا نئين ورڻ مالا تيار ڪئي ويئي، اُن ۾ انهن تيرهن نون اکرن کي داخل ڪيو ويو، جن کي اُچار سان نه، پر لپيءَ ذريعي ئي سڃاڻي سگهجي ٿو. جيئن ته زلف، ذرو، ضرورت، ظالم، صاحب، ثابت، ساڌو، ڪتو، قلم وغيره.

سنڌيءَ جي اِمپلوزو (Implosive) جهڙوڪ ڳ، ڇ، ڏ، ۽ ب کي ديوناگري اکر جي هيٺان نندڙي لڳ پائي ڏيڪاريا ويندا آهن. ब्, ज् ۽ ब्. پر عربي لپيءَ ۾ انهن اکرن لاءِ وشيش اکر ناهيا ويا آهن.

سنڌ تي عربن جي فتح کان پوءِ سنڌ ۾ قران جي پڙهائي ۽ اڀياس لاءِ مدرسا کوليا ويا هئا. سنڌي ٻوليءَ ۾ عربي ۽ فارسي لفظ داخل ٿي چڪا هئا. انهن لفظن جي اُچار ۽ خاص طور ته انهن لفظن جي هِجي صحيح نموني ۾ لکي وڃي، جيئن ته قران-شريف جو اڀياس شڌ روپ ۾ ڪري سگهجي، ان مقصد سان عربيءَ جا اهي تيرهان حرف سنڌيءَ ۾ پڻ داخل ڪيا ويا ۽ ائين سنڌيءَ جي ورڻمالا 52 اکرن واري بڌجي پئي ۽ سنڌي ٻولي وڌيڪ شاهوڪار ٿي پئي.

سنڌيءَ لاءِ جڏهن عربي لپيءَ کي مقرر ڪيو ويو، تڏهن به ڪجهه انگريز افسر ته ديوناگريءَ جا حمايتي هئا، پر ڪجهه سياسي بابتن سبب انگريز سرڪار کي گهٽائيءَ واري مسلمانن جي گهر اڳيان جهڪي وڇڻو پيو. عربي لپي منظور ٿيڻ کان پوءِ به ديوناگري لپي ته هلندي رهي.

ڊا. ٽرمپ ۽ ڪئپن جارج اسٽڪ جهڙا ودوان ۽ ڪوجنيڪ ته ديوناگري لپيءَ کي وڌيڪ مناسب مڃندا هئا، پر سرڪار ته عربي لپيءَ کي ئي اهميت ڏني. درسي ڪتاب تيار ڪرايا ويا ۽ تعليم جو ڪم پڻ شروع ڪيو ويو، جنهن جي ڪري عربي لپيءَ جي پهچ وڌي ويئي ۽ اها لپي سنڌين تي پورڻ روپ سان ڇائنجي ويئي. ۽ سنڌين به دل سان ان لپيءَ جي آڇيان ڪئي. عربي لپي سنڌين جي سڃاڻپ جي علامت بڻجي پئي.

ورهاڱي بعد لپيءَ جو سوال وري پئدا ٿيو. نئين ماحول ۾ 1948 جي ڊسمبر مهني ۾ بمبئيءَ ۾ هڪ سنڌي ساهتيه بينڪ ٿي. اُن ۾ سنڌي اديب ۽ ودوان شري لالچند امرڏنومل جي ديوناگري لپي اپنائڻ بابت پيش ڪيل ٺهراءَ کي حاضرين گهٽائيءَ سان پاس ڪيو هو.

هينئر پارت ۾ ساهتيه توڙي تعليم ائين پنهين کيترن ۾ سنڌي پاشا لاءِ ديوناگري ۽ عربي ٻئي لپيون ڪتب آندیون وڃن ٿيون ۽ سرڪار پاران به پنهين لپين کي مڃتا حاصل ٿيل آهي. سنڌيءَ جي نئين ٺهي عربي لپيءَ کان گهڻو واقف ناهي، تنهنڪري ديوناگريءَ جو استعمال وڌندو ٽو وڃي. ان جي پنيان ٻئي به ڪجهه سبب آهن.

پارت ۾ سنڌي جاتي هڪ هنڌ تي ٽائينڪو ناهي. سنڌي جدا جدا راجين ۾ وسي رهيا آهن. هڪ ڏار راجيہ سنڌين لاءِ نہ هڪ جي صورت ۾ سنڌي ٻوليءَ کي راجيہ پاشا جو درجو بہ مليل ناهي، انکري وهنوار ۾ ان جو استعمال گهٽجندو ٿو وڃي. مکاني پاشا جو اثر ٽاري نٿو سگهجي.

گجرات ۾ رهندڙ سنڌي، سنڌيءَ کان وڌيڪ گجراتي ٻولي سني نموني ۾ ڳالهائي ٿو، تيئن مهاراشٽر ۾ گهر ڪري رهندڙ سنڌي، سنڌي ٻوليءَ کان وڌيڪ تہ مراٹي ٿو ڳ لهائي. ڏکڻ پارت ۾ وڃي وسيل سنڌي تيلگو ۽ ٻيون ٻوليون سهڻي نموني ۾ اٸين ٿا ڳالهائين، جو اُنهن جي سنڌي هڪ ٽي شڪ ٽي پوندو آهي!

عربي سنڌيءَ ۾ ٻاونجهان (52) اکر آهن ايترا اکر تہ دنيا جي ٻئي ڪنهن بہ ورڻمالا ۾ ناهن ۽ مٹان وري هـ، ز، ط، ض، ذ، ق جهڙن اکرن جي اُڇارن جي تڪليف. ديوناگريءَ ۾ تہ صرف 36 اکر آهن. عربي ورڻمالا ٻارن کي نئين سر سان سکڻي ٽي پو، تہ ٻئي پاسي تعليم اِدارن مطلب تہ سکولن ۾ هندي ماڈيم، هجي يا هندي وشيہ هجي، تہ ودياڑتي اُتي ديوناگري لپي سکندو يا پڑهندو ئي آهي. عربيڪ ۾ ٻي مصيبت نڪتن جي بہ آهي.

عربيءَ ۾ اکرن جي مٹان يا هيٹان نُڪتا يا ٻڑيون لڳائڻ سان لفظ جي معنيٰ ۾ ڦير گهير ٽي سگهي ٽي، جنهن کي نئين پيڑهيءَ جو ٻار سکڻ کان ڪيڪائي ٿو. جيئن تہ ت، ٽ جا لفظ ٽچ ۽ ٻچ. اهڙا تہ گهٽي ئي مثال ڏيئي سگهجن ٿا جن ۾ ٻڑين جي جڳهہ ۽ تعداد جي ڪري لفظن جي معني ئي بدلجي وڃي ٽي. مٹان

وري عربي لپي ساڃي پاسي کان شروع ڪري کاٻي پاسي ويندي لکبي آهي. جنهن لاءِ چڱي جفاڪشي ٿي ڪرڻي پوي.

انگريزي پاشا جي ڏينهون ڏينهن وڌندڙ انٽرراشٽريہ طوفان جو اثر سنڌيءَ ۾ اچي ويو آهي. هاڻي سنڌي پاشا کي رومن لپيءَ ۾ لکڻ جي شروعات ڪئي ويئي آهي. ويديشي ملڪن ۾ هلندڙ سنڌي سنسٿائن جي 'ايلائنس آف سنڌي ائسوسئيشن آف امريڪاس اِنڪ' ۽ 'پارتيہ پاشا پريشد' پاران احمدآباد ۾ ڊسمبر 2011 ۾ ڪوٿايل 18 انٽرراشٽريہ سنڌي سميلن ۾ سنڌي پاشا لاءِ رومن لپيءَ کي مڃتا ڏني ويئي آهي. ان ميڙ ۾ پوني جي پروفيسر ڪنعيالال ليکواڻي، دهليءَ جي ڊاڪٽر مرليڌر جيتلي، ممبئيءَ جي پروفيسر ٻلديو متلاڻي، امريڪا مان آيل ڊاڪٽر ديويندر ڪوڏواڻي، پريم لالواڻي ۽ ڊاڪٽر ديال ٽي. مهرشي، چيناڻيءَ جي رٽائرڊ ڪرنل رام ڪلراجاڻي، سينگاپور جي ڊاڪٽر داسواڻي ۽ آديپور مان حاضر رهيل ڊا. ستيش روهڙا ۽ سنڌالاجيءَ جي ڊائريڪٽر لکمي ڪلاڻيءَ گڏجي ڪري رومن لپيءَ کي اپنائڻ جي رِٽا ٽيار ڪئي هئي.

ليکڪا منجو ميرچنداڻيءَ روحاني رنگ واريون سنڌي ڪويتائن ۽ گيتن کي رومن لپيءَ ۾ لپيانتر ڪري ۽ انهن جي معنيٰ سان گڏ 'روحاني چوند سنڌي ڪلام' نالي ۾ ڪتاب ۾ شايع ڪيا آهن. انٽرنيٽ تي ان لاءِ الڳ ويب سائيٽ www.romanizedsindhi.com پڻ پئدا ڪئي ويئي آهي. جتي سنڌي پاشا جا شڌ اُچار سکڻ لاءِ ويڊيو ڪلپس ۾ رکيا ويا آهن. آديپور جي انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ان پروجيڪٽ جي

ذميداري پنهنجي سر تي کنئي آهي. سنڌي لفظن کي رومن ۾ لپيانتر ڪرڻ جو ڪم ۽ اُن کي اپلوڊ ڪرڻ جو ڪم جاري آهي. هن ۾ رومن لپيءَ جا 'اي' کان وٺي 'زيڊ' تائين جيڪي 26 اکر آهن ان کان سواءِ ڪمپيوٽر تي پراپت ٻه وڌيڪ نشانيون - ۽ ٨ کي به خاص اُچار لاءِ ۽ انوسوار لاءِ واڪ نشان جو استعمال ڪيو وڃي ٿو. ائين 29 نشانين ذريعي سنڌيءَ کي رومن ۾ لپيانتر بدليو ويو آهي. هن کي ڪمپيوٽر لپي ڪري به سڃاتو وڃي ٿو، ڇاڪاڻ ته هي سڀ اکر ۽ نشانيون ڪمپيوٽر جي ڪي-بورڊ تي هوندين ئي آهن، انڪري لکڻ ۾ يا ٽائيپ ڪرڻ ۾ ڪا ڏکيائي به ڪانه ٿئي ۽ وري تڪڙ ۾ لکي سگهجي ٿو.

پڇمي سيبتا جي اثر هيٺ آيل سنڌيءَ جي نئين ٺهي ڪيتري قدر اها لپي اپنائيندي اُهو ته ايندڙ وقت ئي ٻڌائيندو. سنڌيءَ جو اصلوڪو ساهتيه ته عربي سنڌيءَ ۾ لکيل آهي، جيڪر اُن کي محفوظ نه رکيو ويو ته نئين ٺهي 'سنڌيت' وڃائي ڇڏيندي، هڏوڏپ به ڪجهه ساهتيڪار محسوس ڪن ٿا.

رومن لپيءَ ۾ ڪجهه جملا هن ريت آهن :

(1) هٿ ڏسي ڏي ڏس مونکي -

Hath-u D^{A}eisee D^{A}e D^{A}asu Moo'nkhe

(2) رمز ساڻ غلام - Ramzun Saan- Ghullam

(3) گ - ڱ = G^{A}

(4) ڻ - N-

(5) مان = مان

وياڪل بڊجي، ٽي سنڌ پڪاري

-چرڻداس

سنڌي سنڌ سدوري ٿا ياد ڪن
سڪ مان سيني ۾ سانڍي
سچي حقيقت آهي.
پڙ سنڌ ڏرتي، سنڌين کي
وياڪل بڊجي ٽي پڪاري،
آهي سچ سچ

پاڻ جينو لالواڻي، دلبر دوست ڪتاب موڪليو- 'موڙ نہ وسران سنڌ.'

نالو پڙهندي ئي ان جي 168 صفحن ۾ لکيل سموري وشيہ جو نچوڙ، تاتپرج دل دماغ ۾ ٽيوب لائيٽ وانگر روشن بڊجي اُڀري آيو ۽ ڪلپنائن جي اُڏام، ياونائن جون لهرون هردي ۾ اُٺڻ لڳيون، جن ليکڪ کي عمر ۾ 70 سال ننڍو بڻائي ڇڏيو. جڏهن پنهنجي جنم پوُمي سياڻي سنڌ جي ڳوٺ پيان (BHIAN، اِستيشن ٻڍاپور- تعلقو ڪوٽڙي، دادوُ سنڌ) جي اِسڪول ۾ منهنجا ڏاڏا صاحب مون کي داخل ڪرائڻ وڃي هليا هئا. پوڄ ڏاڏي صاحب شري منگهارام ناڪرداس چندناڻيءَ هيڊ ماسٽر پد تان رٽائر ڪيو هو، شايد سنہ 1937 جي آسپاس. اسان جي حويليءَ کي 'ماسٽر منگهارام جي حويلي' نالي سان ڪوٽيو ويندو هو. حويليءَ ۾

پرويش ڪندي، ڪابي پاسي ڪان اسانجو ٻماڙ مڪان هو، ٻيون نمبر.

سنڌي، سنڌ ۽ سِڪ ائين پاڻ ۾ جڙيل آهن جيئن ملير چوندي ماروئيءَ ازخود دل دماغ ۾ اُپري ايندي آهي ۽ اکين اڳيان آپاس روپ اَڇي ببهندي آهي، سڀاجهي متي تي رڙو پاتل، اکين ۾ پنهنجي وطن ملير لاءِ سڪ ۽ جدائيءَ ڪارڻ آنسون پريل.

جاميٽريءَ جو هڪ اصوُل آهي :

ٻہ ريکائون هڪ ٻئي جي برابر هجن تہ ٽين ريکا ٻہ انهن وانگر برابر هوندي ئي آهي. ٽيئن سنڌي ۽ سنڌ برابر سمايل آهي. هڪ ٻئي ۾ تہ سڪ ڀرپور ساهہ ساهہ ۾ پريل آهي جيڪو ڪڇي ٿو ڇڏجي ٿو، تن من ۾ سمايل پڻ سنڌ جي پوتر ڌرتيءَ جي متيءَ جي ڪڻ ڪڻ ۾ موجود.

ڪندو ڪير ٻہ ان کان اِنڪار؟

.... بلڪل نہ، اَدا، پائوُ!

ان حقيقت جي پُشتي، سمرٿن ڪافي سال اڳہ اسان سنڌين جي سدا حيات، هر دل عزيز مشهور ۽ لوڪ پريہ شاعر نارائڻ شيام هيٺ ڏنل گيت ۾ دل ڪولي بيان ڪيو آهي:

گنگا جمنا اَمرت - اَمرت

ليکن ٽڇ تہ سنڌوُ آهي.

واهہ شاعر واهہ! اندر ناري ڇڏيئہ سنڌين جو هميشهہ لاءِ، منايا....

پنهنجو گيت امر ڪري ويو. خود تہ اَمر آهي ئي، گيت ڪي

دائمي سڱنڊ ڏيندو ويو وَ جيڪا اڄ بہ چوڏاري برهماند ۾ ڦهليل آهي پڻ سنڊوءَ جي لهرن ۾ سمايل، جن جي پوتر مهما کي وڏائي رهيو آهي.

پاڻو شيام، سنڌين جا لاڏلا ۽ لاثاني شاعر! توکي منهنجا بار بار نمسکار، تون نارايڻ پڻ آهين.

پاءُ لالواڻيءَ کي بہ ڏير دلي واڌايون ڏيان ٿو، جنهن ڪتاب جي شروعات ۾ اهڙي جذباتي اُمنگ پرئي پوتر پاونائن سان ڀرپور گيت جون بہ ستون بيان ڪري ڪتاب جي شوپا وڏائي آهي. سچ اِهو بہ آهي، انهن ٻن ستن جادوءَ جو اثر پئدا ڪيو ۽ سچو ڪتاب يڪساهيءَ پڙهڻ تي دل ٽيندي رهي، خاص وقت ڪيندي هر گهڙيءَ ڏيڏ ڏينهن تائين. ڏنيواد

نظم ساهتيہ جڳت جو سريلو ڪنٺ آهي، مڏر سنگيت آهي، سُرن جي گهرائي آهي ۽ پاونائن جي اوُنچائي آهي؛ جيڪا دليون سپرش ڪري سگهي پڻ تن من لوڏي وجهي. ليڪ لکڻ لاءِ انهن ٻن ستن جي اَلوڪڪ غئبي پريرڻا ئي ڪافي آهي.

گنگا-جمنا جل سچ پچ اَمرت آهي، نہ صرف هندن جو سناتن اٽل وشواس آهي شردّا سان ڀرپور، پر وگيانين پڻ کوج ڪري پڏرو ڪيو آهي تہ گنگا جمنا جي پوتر شڌ جل ۾ اهڙا ڳٽڪاري خاص تتوَ موجود آهن لاپدايڪ جيڪي تندرست جيون لاءِ ڪارائتا آهن.

... ۽ سنڌوُ تہ سنڌين جي ماتا آهي. پوتر ٽچ جيجل جي. سپيئي وٽامن ۽ گڻ سمايل ان ۾. اِتهاس گواهہ آهي، سنڌوُ

سنسڪرتيءَ جي شروعات کان اسان جي رشين مُنين ٻُڪ پري پري پيٽي آهي عمر پر اِها شڪتيءَ سان پرپور ٿيچ. انهن سنڌو نديءَ جي ڪناري ڪناري پنهنجا آشرم ناهي ويدن جي رچنا ڪئي. پوءِ اهڙي سنڌوءُ ماتا جي پوتر ۽ گڏڪاري ٿيچ پيٽل شاعر، ان جي مهما ڳائي ته اچرج جي ڳالهه ڪونهي، پنهنجي شاعري ڏنيم بڻائي آهي. انجو ئي تاثير آهي جو هند جي سنڌين اچ سوڌو سِنڌ ۽ سنڌوءُ نديَ کي پنهنجي جيون جو هڪ اٽوٽ حصو بڻائي ڇڏيو آهي. وسارڻ ته پري جي ڳالهه آهي، اسان سنڌين جي دلين ۾ سانڍيل سنڌ سياڻي، سنڌو نديءَ سنڌ ۾ رهندڙ سنڌين لاءِ سڪ وڏندي رهي آهي ڏينهون ڏينهن.

پاڻ لالواڻيءَ ڪتاب ۾ جنهن سهڻي ڍنگ سان ورڻن ڪيو آهي، پڙهندي پڙهندي اهو سمورو وقت مان سنڌ ۾ ئي موجود رهيو هوس، خيالي موجودگي جنم کان وٺي ڏهين سالن جي عمر وارو سمورو عرصو. ڳوٺ پيبان پرسان وهندڙ سنڌي نديءَ، اسڪول جتي پڙهيو هوس ۽ راندیون ڪيون هيون. ان کانسواءِ دادوُ حيدرآباد، ڪراچي، ٻُڌارا، ميرپور، ساڪرو (لاڙو طرف) جتي جتي منهنجي يادگريءَ ۾ اسين رهي آيا آهيون، خوب مؤج ورتي ۽ آنند پراپت ٿيو.

جينو لالواڻي گروُپ سان گڏ ٿي دفعا سنڌ جو سفر ڪري آيو آهي. اُتي جي سنڌي جيون جي ننڍي ۾ ننڍي جهلڪ جو به بخوبي ۽ هوُبهوُ جنهن سندر ڍنگ سان بيان ڪيو اٿس، ان لاءِ بيشڪ داد لهڻو. ٽنهي پيري ڪين اتي جي اديبن، ساهتيڪارن پڙ ٻين سنڌ واسين، ودوانن خوب آدر ستڪار، دلي پيار ۽ سنڌي سڪ ڏني

آهي. سندن مرحبا ڪندي جيڪي پري پري قرب پريا پاڪر پاتا آهن، انهن اها ڳالهه پرگهٽ ڪئي ته سنڌواسين ۾ به ايتري سڪ آهي جيتري هند جي سنڌين ۾ آهي.

... اهو سپاويڪ پڻ آهي.

اسان سنڌين کان ته سنڌوُ ماتا جي ٽڇ، 65 سالن کان ئي پيئڻ همیشهه لاءِ بند ٿي وئي آهي، زوريءَ جدائيءَ جي تمام ويڪريِ ۽ اوُنهيِ کاهيِ پئدا ٿي چڪي آهي، ان سبب پر سنڌ جا سنڌي اڄ سوڌو پيئندا رهيا آهن. اسان جي جدائيءَ ۾ انهن کي سنڌيِ سڪ وڌيڪ هئڻ قدرتي آهي.

اِنساني شريرِ پنج تتوَن جو جڙيل آهي: (1) پرٿوي (2) جل (3) آڪاش (4) وايوُ ۽ (5) اگني (تيج) اهي پنج ئي تتوَ سڄي برهمانڊ ۾ پڻ موجود آهن چوڏاري، ايشوري سَمپدا روپ. انهن جو واسو ڪٿي به غيرموجود ڪونهي.

هاڻي ذرا غوَر ڪري، ويچار سان ڏيان ڏئي منن ڪرڻ جو وشيہ آهي:

سڄيءَ سنڌ مان هندوُ سنڌي ذري گهٽ سپ، گهٽائي هندستان لڏي ويا. خوشيءَ سان کونہ ويا. دکي ٿيندا ويا. آباڻو وطن، مال ملڪيت ۽ ماڙيون زمينون ڇڏي ويندا رهيا مجبور بڻجي. مجبور بڻجي، لاچار حالتن ۾ ويندا رهيا. ان کارڻ سيني جي دلين مان، آتمائن مان بيوسيءَ سبب جيڪي دانهون نڪتيون هيون درد پريون ايشور در، فريادون ٿيون هيون وشوَ جي مالڪ جي دربار ۾، رودن جي گونج ڦهلي هئي سنسار ۾، ويندي ويندي انهن تمام

دکہ درد بيوسيءَ کارڻ هنجوُن هاريون ڇوڙها ڳاريندي، اهي سڀ وائبريشن (ڪنمپن، ٽرٽلو گڏ)- Vibration روپ ۾ تبديل ٿي سڄي وشوَ ۾ ڦهلجنديون رهيون سنہ 1947 کان. هر اِنساني سمجهہ کان ٻاهر جي ٻالهہ آهي. کو ڏيان ڏئي کو نہ ڏئي.

مانوَ منووگيان خود دکي بڊجي تڙڦندو آهي. تہ پرکرتيِ منووگيان ۾ پڻ اثر ٿيندي اُٽل پُٽل مچي ويندي آهي. اهي وائبريشن چوڌاري چکر هڏندي هڏندي، ڦرندي ڦرندي انهن هنڌن تي بہ اثر ڪندا آهن جتي اهي گهٽنائون بڻيون هونديون. ڦلسروپ ان وستار جي پرٿوي، جل، آڪاش، وايوُ ۽ اگني تي پڻ پرياءُ پوندو آهي.

اهو بہ کارڻ آهي جو سنڌ جي ڌرتي اڄ پڻ هند جي سنڌين کي ويڪل بڊجي پکاريندي آهي تہ اڇو، اڇي پنهنجي وڇڑيل ماءُ جي ممتاميہ گود ۾ کي ڏينهن آرام ڪري دکي تن من تي سکوُن جو ٺڏو ڇنڊو هڻي سکہ محسوس ڪريو. انهن پاوناتمڪ وائبريشن جي غئبي پريرٹا، اثر ڪندي رهي آهي مدت کان. سنڌ جا اديب ساهتيڪار، ودوانن پڻ ڀوُنءَ ۾ رهندڙ قرب وارن، ان پريرٹا وس اِهو ڇٽو احساس محسوس ڪيو تہ جيڪو ٿيِ گذري چڪو آهي؛ اتهاس بڊجي ويو آهي، اِهو غلط بڊجي سامهون آيو آهي، جنهن کين ئي دکن ۾ آڻي پيڙا پهچائي آهي، سچائيءَ جو آڀاس ٿيندي. پوءِ هند جي سنڌين جو خوب آدر ستڪار ڪري سڪ مان، پاڻ بہ خوش ٿيندا آهن بي حد، جدائيءَ جي تتل هرديہ کي ڪي قدر راحت محسوس ٿيندي اٿن؛ سڀ

ويچار ۽ ويچا ٻيائيءَ جا وساري، صرف سڪ ئي هوندي آهي ٻنهي طرف جي دلين ۾. قرب جي ان الوڪ درشيم جي پرڳهٽ ٿيندي سنڌ جي سدوري ڌرتي پڻ خوشيءَ وچان ڦوُلي نہ سمائبي آهي پنهنجي ئي اولاد کي، جيڪي جدا ٿي ويا آهن عرصي کان، ائين قرب وچان پاڪر پائي گلي ملندي ڏسي، پرڪرتيءَ جي غئبي اکين رستي پڻ آنند دايڪ احساس جو آڀاس محسوس ڪندي الوڪ.

ائين پاوناشيل بڻجي سنڌواسي هندستان جي سنڌين کي غضب جا ڏوراپا پڻ ڏيندا رهندا آهن هن ريت :

- توهين اسان کي ڇو ڇڏي ويا آهيو، ڏاڍا اُپاڻڪا ٿي پيا آهيون. واپس اچو، اسين توهان کي اکين تي وهارينداسين.
- توهين سنڌ ڇڏي ويا، اصل نڏڪا ڪري ويا آهيو ۽ اسان کي توهان بنا اسين ڏاڍو دکي بڻجي ويا آهيون

اهڙا اکر بي حد ڏکر وچان چيل سنڌواسين جا، لاچاري ۽ بيوسي پرڳهٽ ڪندي، ڏوُ ڏوُ ڪري واتاورڻ چيريندي پوري وشوَ ۾ ڦهلجندي سنڌ ماتا، سدوري ڌرتيءَ جا نہ لکل گوڙها، ڳاڙهي رنگ جا ڳاريندي رهي آهي سالن کان، ان طرف ڪنهن جو ڌيان ويو آهي؟... سواءِ اديبن جي ! ڪن ٿورن ودوانن جي! اهي اکر ٻڌندي هند جي سنڌين جون دليون بہ ڏکر وچان ڏار بڻجي ويندیون آهن ۽... قربائتو پاتل پاڪر ٻنهي کي روڪاري ڇڏي.

هڙڦا دل لوڏيندڙ درشيہ جن روبرو ڏٺا هوندا، انهن جي اکين مان پڻ آنسوُن سندوُ- نير بڏجي نڪتا هوندا.

ساڳيا اهڙا ئي درشيہ سڌ مان اديب جڏهن هندستان ايندا آهن تہ دوهرائجي ويندا آهن، پرڳهت ٿيندا آهن قرب پريا سڪ سان پرپور. ان مهل هند جي پوتر ڌرتي ماتا پڻ بي حد خوش ٿيندي آهي جو ٻنهي پاسن جو بنياد هڪ ئي آهي. آخر ڌرتي تہ پهرين هند سڌ جي هڪ ئي هئي نہ!... فرق صرف ايترو هوندو آهي تہ هند جا سنڌي ڏوراپا کونہ ڏيندا آهن جو سنڌي کافي ڪشٽن مصيبتن جو مقابلو ڪندي خوب سنگهرش ڪري هند ۾ سڪيا ستابا بڏجي خوش آهن سڪي آهن. ڏکہ آهي تہ صرف ايترو آهي، جو سنڌين کي پنهنجو الڳ پرانت کونهي جتي سنڌين جو سُٽنٽر، آزاد کاروبار هجي. حڪومتي اَختياري هجي، وزرات هجي جنهن جو سنڌي مکيہ منٽري هجي.

پوءِ بہ سنڌي سکي آهن هندستان ۾.

... هڪ شڪايت پاڻ لالواڻيءَ کي ضرور ڪندس. جيتوڻيڪ ڪتاب سهڻي نموني سڻي ڏنگہ سان معياري آهي، پر مون کي سمجهڻ ۾ ڏاڍي تڪليف ٿي. ٻوليءَ ۾ واپرايل اکر ڪينرا، ايترو تہ ڏکيا آهن جو مون ٻڌا ۽ پڙهيا بہ نہ هوندا. پوءِ انهن جومطلب ڪيئن سمجهي سگهان؟... ڪيترن هنڌ سڄي جملي جي آڌار تي معنيٰ ڪڍڻ ۾ ڏکيائي محسوس ڪندي، اندازي موجب اَرٿ پئي سمجهڻ ۾ آيو. جيڪڏهن سهوليت لڳيوَ تہ اهڙي ٻولي ڪجهہ سولي واپرايو، جيڪا مون جهڙن کي پڙهڻ ۾ آساني رهي. ڪارڻ

ليڪ صرف سنڌي ست درجا اسڪول ۾ پڙهيو آهي، پوءِ جو اڀياس هنديءَ ۾. انهن ڏينهن ۾ سنڌي اسڪول ستين درجي تائين ئي هو.

پڇاڙيءَ جو...

مان پنهنجي پيان ڳوٺ (خبر ڪونہ اٿم، هن وقت ڪهڙي حالت ۾ آهي) جي سيني ڳوٺ واسين کي سڪ پريا ادب سان نمسڪار ڪريان ٿو، خاص جنهن مڪان ۾ اسين رهندا هئاسين اُتي رهندڙن کي پڻ. ائين ٻڌو هوم ياد اٿم ڪجهہ ڪجهہ، اهو مڪان اسان جي پوڄ پر ڏاڏي صاحب شري ناڪرداس سنہ 1900 جي آسپاس ٺهرايو هو.

مان جنهن اسڪول ۾ پڙهندو هوس، ان ۾ پڙهندڙ شاگردن کي پيار پريا نمسڪار چوان ٿو پڻ مانواري هيڊماسٽر صاحب ۽ سيني مانوارن ماسٽر صاحبن، پڻ سنڌ جي هرهڪ پاڻ پيڻ ماتا ٻار ۽ بزرگ کي نمسڪار آهي ليڪ طرفان ادب، سڪ ۽ قرب مان بار بار ڏنيواد.

دعا گهرون ٿا جهان جي مالڪ در :.

سيئي سکي رهون آباد رهون، سڪ سلامت رهي ادا، پاڻ! سنڌي ٻولي امر رهي، جيسين قدرت جي هستي آ، اِنسان جو وجوُد آ رهي قرب هرهڪ ۾، آشا ڪري ٿو چرڻداس من ۾.

رنگمنچ جو ڏرو تارو-مينگھاڻي

-وينا شرنگي

ورھاڱي کان اڳ ناڪ منڊليون ڪافي سرگرم ھيون، پارسي ٿيٽر، شيڪسپيئر ۽ ٽئگور جي ناڪن جا ترجما ڪري، ناڪ منڊلين طرفان منچ تي آڻڻ ۽ درشکن طرفان ان فن ۾ دلچسپيءَ جو ئي نتيجو ھو جو ورھاڱي کان اڳ ئي، سنڌي ناڪ حاضرين جي دلين ۾ جاءِ جوڙي چڪو ھو. 1947ع ۾ ورھاڱي ڪري ان کي ڏک لڳو. ورھاڱي بعد سنڌ ۾ ناڪن جي رفتار ڊلي پڪجي وئي، تہ ٻئي طرف ھند ۾ ڪجھ عرصي لاءِ حالتن، حادثن ۽ ورھاڱي جي تاريخي المين ۽ اُٿل پٿل ڪري، ان تي اثر پيو، پر ناڪ جي فن کي ھٿي ڏيڻ وارين شخصيتن دل و جان سان ڪوشش ڪئي جن ۾ پروفيسر منگھارام ملڪاڻيءَ جو نالو سريفھرست رھيو. اُن بعد ممبئي ۾ گوبند مالھي، ايس. پي. مينگھاڻي، رميش مھتا، مدن جماڻي، رميش جاجاڻي، دھليءَ ۾ جيون گرسھاڻي ھيمر ناگواڻي ۽ پارت جي الڳ الڳ شھرن ۾ ناڪڪارن ٻين ڪيترين شخصيتن پاڻ موڪيو. ھتي مون صرف چند شخصيتن جو ذڪر ڪيو آھي، جن ۾ ايس. پي. مينگھاڻي پنھنجي شاندار اداڪاري ۽ ھدايتڪاريءَ سان ناڪ جي دنيا ۾ اھم جاءِ واري ۽ سنھري رکارڊ درج ڪيو آھي. اسين اگر اُن کيتر ۾ ڪيل سندس رکارڊ تي نظر وجھنداسين تہ ھو قداور

شخصيت جو مالڪ نظر ايندو. سندس پورو نالو صوپراج پرسرام مينگھاڻي سنڌ جي ميرپور خاص ۾ پھرين مارچ سال 1934ع ۾ جنم ورتو ۽ 12 مارچ سال 2012ع تي ھن فاني دنيا کي الوداع ڪيو.

هيءُ زندگيءَ ۾ موت جو ناٽڪ عجيب هو!
وينا هئا حاضرين، اداکار اُٿي ويا (راهي)

سنڌي رنگمنچ جا حاضرين ڪيس ڪڏھن بہ وساري نہ سگھندا. ڏات ھن ڏاھي تي مھربان رھي ۽ محنت لڳن ۽ ايمانداريءَ سان ناٽڪ جي دنيا ۾ يگاني جاءِ جوڙي، ھو پنھنجي فن سان سچو رھيو ۽ ھدايتڪاري ۽ اداکاريءَ جي فني صلاحيتن ذريعي ھن حاضرين کي قائل ڪري ڇڏيو. پنجن ڏھاکن کان مٿي رنگمنچ جي اُفق تي ڏرو تاري جيان چمڪندو رھيو.

مان پنھنجي خوشقسمتي ڄاڻيان ٿي، جو اھڙي عظيم فنڪار ۽ ھدايتڪار جي شخصيت ۽ فن تي پنھنجي قلم ذريعي جذبن جو اظھار ڪريان پئي. يادين جي ساگر مان ڪي حسين لمحا اوھان سان ونڊڻ کان پھرين اليڪٽرانڪ ميڊيان جي سفر دوران مونکي متحلف فنڪارن، کلاکارن ۽ ساھتيکارن جي باري ۾ ڄاڻ پئي ۽ اُنھن جي فن ۽ تخليقي سرمائي مان پريٽا ملندي رھي. ريڊيو تي نوکريءَ دوران نشريات دوران سنڌي ناٽکن ۽ ناٽککارن سان براڊڪاسٽ ڪرڻ جو سلسلو جاري ھو ۽ اڄ بہ جاري آھي. فنڪارن، ناٽڪ نويسن ۽ شاعرن سان ملڻ جو موقعو بہ مليو، ريڊيو انترويوز ڪرڻ دوران خيالن جي ڏي-وٺ سان معلوماتي ڄاڻ بہ پلئہ پئي. آل اِنڊيا ريڊيو جي سنڌي سروس

تان سنڌي فلمن جا سائونڊ ٽريڪ پيش ڪرڻ جو موقعو مليو. مڪمل فلم جو سائونڊ ٽريڪ ڊيڍ ٽ ممڪن نه هو پر ايڊٽ ڪري چاليهن منٽن جو چنڪ تيار ڪري هند سنڌ جي سامعين جي اڳيان پيش ڪندا هئاسين، فنڪارن جو آواز سڃاڻڻ ۾ ڪا پريشاني نه ٿيندي هئي. اڄ به اگر ڪو ايس.پي.مينگھاڻيءَ يا ڪنهن ٻئي فنڪار جي آواز جون چند سٽون ٻُڌائي پُڇي ٽ هيءُ آواز ڪنهن جو آهي ٽ يڪدم اُن فنڪار جو نالو لبن تي اچي ويندو، نه صرف سائونڊ ٽريڪ پر نانڪن ذريعي نانڪارن جي فن جي باري ۾ به ڄاڻ حاصل ٿي. ريڊيو ذريعي ئي ايس.پي.مينگھاڻي جي اداڪاريءَ جي فن، ڊائلاگ ڊليوري، آواز جي اُتار چڑھاءُ، غم، خوشي، ناراضپي جو آواز ۽ جذبات ذريعي اظهار ۽ ماڊوليشن ذريعي زندگيءَ جي مختلف پهلوئن کي اُجاگر ڪرڻ وارين فني صلاحيتن کي ڄاڻڻ جو به وجهه مليو، مان ائين چوندیس ٽ مينگھاڻي ريڊيو فنڪار جي حيثيت ۾ نه صرف انهن پهلوئن ۾ مهارت حاصل ڪئي بلڪ ان رنگمنچ جي ڪيٽر ۾ به مضبوط پيڙهه جو ڪمُ ڪيو-ڏاڍو ۽ ڏات به هن مٽان مهرباني رهي. اگر نانڪ جي ماڻ ۽ ماپن تي نظر وجهندي ٽڪ ٽور ڪريون ٽ نانڪڪار اُنهن جي ڪسوٽيءَ تي سورهان آنا کرو ٽابت ٿئي ٿو.

هن نه صرف سنڌي فلمن پر هندي فلمن ۽ ٽي.وي. سيريلن ۾ به پاڻ موکيو. سنڌي فلمن هوجمالو، شل ڏيئر نه جمن، اجان ٽ مان نندڙي آهيان، نقلي شان، هل ٽ پڇي هلون ۾ به اداڪاريءَ جو سھڻو مظاهرو ڪيو. ريڊيو نانڪن ۾ فني صلاحيتن ذريعي پنهنجي ڪردارنگاريءَ ۽ هدايتڪاري جو جلوو پسايو. آواز جي اُتار چڑاھاءُ سان اڪين آڏو

سڃو منظر اڇي ائين اُجاگر پيو ٿئي جڏ اکين آڏو سڀ ڪجهہ پسي رهيا آهيون جڏ جيئرا جاڳندا ڪردار نظر پيا اچن. ريڊيو تي مدن جماڻيءَ جي لکيل اسڪرپٽ ۽ پروڊڪشن تحت ناٽڪ دمادم مست قلندر- ۾ ائڪٽر جي حيثيت ۾ تہ ڪمار ڪلواڻي جي لکيل ناٽڪ-منا اباڻا جي ڊائريڪٽر طور ۽ پنهنجي- مذاق ريڊيو ناٽڪ ذريعي، مون نہ صرف مينگهاڻيءَ جا ريڊيو ناٽڪ برادڪاست ڪندي ٻڌا بلڪ اکين سان اسٽيج تي ۽ ٻين ناٽڪن ۾ اداڪاري ۽ هدايتڪاريءَ جا جوهر بہ پسڻ وٺان ملیا. جئپور ۾ آل انڊيا ڪلچر سوسائٽي جي پروگرامن ۾ درشڪن طرفان تاڙين جي ڇهڪن ۾ داد بہ پسيو. 1961ع کان 2011ع تائين پنجاهہ ڏهاڪن کان مٿي رنگ منچ جي خدمت ڪئي.

2007ع ۾ دهلي سنڌي اڪادميءَ جي لئٽري ۽ ڪلچرل ڪاميٽيءَ سان جڙيل رهڻ دوران مون پهرين گڊجاڻيءَ جي ميٽنگ ۾ ميمبرن ۽ سيڪريٽري نريندر پاسي اڳيان تجويز رکي تہ اڪادمي آل انڊيا ڊراما فيسٽيول منعقد ڪري ۽ سڄي پارت جي ناٽڪ منڊلين کي شرڪت ڪرڻ جي نيندڙ ڏجي. ناٽڪ اڳ ۾ دهليءَ ۾ منچ تي نہ پيش ٿيا هجن، جا تجويز يڪراءِ قبول ڪئي وئي ۽ منهنجي مٿان اِها جوابداريِ وڌي وئي تہ تفصيل هٿ ڪيان، پوپال ۾ اڪل پارت سڀا طرفان ڊرامن جي چٽاپيٽي هئي، اهو فيصلو ٿيو تہ مان اُهي ناٽڪ ڏسان ۽ اُتي سڀني سان رابطو ڪري نوان ناٽڪ ۽ ڊراما گروپس جا تفصيل هٿ ڪيان، مون سان پروگرام آفيسر رميش لال ٻانهن ٻيلي بڊجي سات ڏنو. مان رميش لال پوپال وڃي ڪيترن ناٽڪڪارن سان رابطو قائم

ڪري تفصيل موڪلڻ لاءِ چيو ۽ اهو به شرط وڌو ته اول اسڪرپٽ ڏيندا جي اُها پسند پئي ته پوءِ ئي ٽوهان کي شامل ڪندا سين. سڄي پارت مان اسڪرپٽ آيون جن مان 8 اسڪرپٽ چونڊيون. ممبئي، پوپال، جئپور، جوڌپور، ڪٽني ۽ دهليءَ جي گروپن حصو ورتو. جڏهن جج مقرر ڪرڻ جو سوال آيو ته ايس. پي. مينگهاڻي جو نالو طئه ٿيو. جج جي حيثيت ۾ دهليءَ جو ڊراما فيسٽيول ڏٺائون ته بيحد خوش ٿيا، ان موقعي تي اُنهن سان يادگار مُلاقات ٿي. نانڪ ۽ هدايتڪاري جي فن کان ته مان واقف هئس پر سندن پُروقار شخصيت جي مختلف پهلوئن کان به واقف ٿيڻ جو وجهه مليو. سندس لفظ هٿي پيش ڪڻ چاهيندیس.

ايس. پي. مينگهاڻيءَ جج جي حيثيت ۾ انعام ڏيندي چيو- مونکي ايتري اُميد کان هئي. وڏن شهرن جي نانڪ گروپن کي ته مون ڏٺو آهي پر ننڍن شهرن مان هن طرح جا شاندار معياري نانڪ ڏسي، مونکي نه صرف خوشي ٿي آهي. پر آئيندي لاءِ به اُميدون جاڳيون آهن. درشکن جو ايترو ته تعداد هو جو هيٺ نه صرف پٽ تي پر هال جي ڏاڪڻ جي اوسي پاسي ۽ گيٽ تي پيڙ جمع ٿي وئي. هڪ ميمبر مونکان پُڇيو هيءُ هال جو چونڊيو اٿو ان ۾ باهر جي سيڪٽيءَ جو بندوبست آهي يا نه، مون چيو توهان فڪر نه ڪيو. مينگهاڻي صاحب بيحد خوش ٿيا ۽ مُبارڪباد ٻه ڏنائون. مينگهاڻيءَ سان کيل ڪچهري ۽ گفتگو وساريو نه ٿيون وسرجن. دهلي سنڌي اڪادميءَ طرفان 2011ع ۾ جڏهن ڊراما فيسٽيول رکيو ويو تڏهن ايس. پي. مينگهاڻي طبعيت ناساز هئڻ ڪري پاڻ ڪانه آيا بلڪ پنهنجي سنڌو ڪلا مندر گروپ کي

شرڪت ڪرڻ لاءِ موڪليو. سندن هدايتڪاريءَ وارو مقبول ناٽڪ، ''اول خير'' پيش ڪيو ويو. جيڪو جديد تجرباتي مذاقيہ ناٽڪ هو. جنهن ناٽڪ جا مراٹي، هندي سنڌيءَ ۾ ڇهہ هزار شو پيش ڪيا ويا، جنهن جي اسڪرپٽ ديوندر جي لکيل آهي ۽ ان ناٽڪ گنيز بُڪ آف ورلڊ رڪارڊ ۾ رڪارڊ درج ڪرايو ويو آهي. دهليءَ ۾ سنڌيءَ وارو ناٽڪ جناب مينگهاڻي جي هدايتڪاري تحت پيش ڪيو ويو هو. جنهن ناٽڪ ۾ ٽن اپاهجن جي ڪهاڻي آهي، هڪ انڊو ٻيو ڪردار گونگو ۽ ٽيون ٻوڙو. ان ناٽڪ جا ڪردار عام رواجي ڪردارن کان وڌيڪ هوشيار آهن، جيڪي هڪ چوڪريءَ تي موهت ٿين ٿا. جنهن ناٽڪ درشکن کي خوب ڪلايو ۽ ايس. پي. مينگهاڻيءَ جي هدايتڪاريءَ جو شاندار جوهر ڏسڻ ۾ٽان مليو. سنڌو ڪلا مندر جي زير سائي‌ڪئي ناٽڪ پڪيش ڪيا وڏي فهرست آهي چندنالن جو ذڪر ضرور ڪرڻ چاهيندس. انڊر سيڪريٽري، پياسو، من، اُلجهن، انيتا، پاڙيواري، مهمان، چورا اڳيان پوڙها پنيان، ڪلچڻ، لو-ليٽر، گهر گروءَ جو ڏرُ، اڪ ڦڙڪي دل ڏڙڪي وغيرہ انهن مان ڪيترا ريڊيو تي ٻہ پيش ٿيل آهن. مينگهاڻيءَ کي ڪيترن انعامن سان ٻہ نوازيو ويو. مينگهاڻيءَ لاءِ ليڪ وشنو پاڻيہ چيو هو - ''اداڪاري هن جو ڏرم آهي، رنگ منچ هن لاءِ مندر آهي.''

بقول ڪرشن راهي، ڪاروان ايندا رهيا ۽ ڪاروان پئدا رهيا

زندگيءَ جا ڪاروان هلندا رهندا، رنگمنچ جا پوجاري سندس سيوائن کي وساري نہ سگهندا. جڏهن ٻہ هند جي سنڌي ناٽڪن جي تاريخ لکي ويندي سندس نالو سُنهري لفظن ۾ درج ڪيو ويندو.

رشتن جو بوجھ

-سريچند ڪيسواڻي

آواس پارڪ سوسائٽي جي پهرين ڇهن بلاڪن ۾ اِها خبر ڦهلجي وئي هئي ته نرمل گهر ڇڏي ڪيڏانهن هليو ويو آهي. جيستائين نرمل جو واسطو آهي، هو ڪافي دڪي جيون گذاري رهيو هو. هن جي آمدني ڪافي گهٽ هئي. حيات ماتا، ننڍي شاديءَ لائق پٽ، ۽ ڏيئر. سندس پتا حيات هئا تڏهن ڪيس نرمل جي نوڪريءَ ۽ شاديءَ جي چنتا هئي. پهرين ته نرمل کي شاديءَ لاءِ ڪافي اُتساهه رهندو هو. ماءُ کي پنهنجي ڏيءَ جي چنتا رهندي هئي. ليڪن پئسي جي سوڙهه سندن ويچارن کي ڪمزور ڪري ڇڏيندي هئي. پيءُ جي نه جهڙي پينشن ۽ سندس آمدني مان گهر خرچ جيئن تيئن پورو ٿيندو هو.

پيءُ جي ڪوششن سان سندس شادي ٻه ٽي وئي ليڪن گهر جي ميڙي چونڊي سموري خرچ ٽي وئي.

هاڻ نرمل کي محسوس ٿيڻ لڳو آهي ته ڪيس جلد شادي ڪرڻ نه ڪپندي هئي. ڪيس پهريائين روزگار لاءِ ڪوشش ڪرڻي هئي اُن بعد پنهنجي پيڙ جا هٿ پيلا ڪرڻ ڪپندا هئا. اهو سڀ سندس سوچ جي دائري ۾ ئي هو تہ سندس پتا جو ديهانت ٿي ويو. ڪيس سخت دل جي دؤرو پيو هو. سندس پيءُ لاءِ پيڙا رهت مرٽيو هن جي انيڪ پيڙائن کي جنم ڏئي ويو هو. بي.اي. پاس ڪرڻ بعد

پڻ ڪافي ٽائيڪي سرڪاري نوڪري، سڀي پگهار هو حاصل ڪري نه سگهيو. گذريل ڏهاڪي ڪان سرڪار نئين پرتي بند ڪئي آهي. خانگي نوڪريءَ ۾ پگهار جو اِظافو نه جهڙو آهي ۽ نه ئي وري ٻاهرين آمدنيءَ جي آشا. گهر جو گاڏو هلائڻ لاءِ خانگي ٽيوشن ڪلاسن ۾ ٻارن کي پڙهائيندو آهي. ڪملا سندس ڏرمپتنيءَ وٽ ڪي به شڪايتون نه آهن. ٻنهي ڇوڪرين کي ميونسپل اِسڪول ۾ ئي داخلائون وٺي ڏيڻ جو سوچي ٿو.

ديش جي ناگرڪن جي سراسري آمدني جا ظاهر ٿيل انگ اکر سندس ترقيءَ جو خيال ڏيارين ٿا. صرف آئيندہ جي آشائن سهاري جيون بسر ڪرڻ لاءِ، وڏندڙ مهانگائيءَ جي نرخ سان برميچڻ لاءِ هن کي غلط ڪم ڪرڻ لاءِ آمدہ ڪري ٿي. ليڪن کو وسيلو به ته نه آهي هن وٽ. اِخلاق، ايمانداريءَ ۽ اَناهزاري جي هلچل... صرف هڪ سوچ ئي آهي هن جي ذهن ۾...

نما، نرمل جي ڏرمپتيءَ جي مائٽيلي پيڙهه هئي. بت بادبيءَ جي ڪافي مضبوط، قد پنج فوٽ پنج اِنچ يعني قداور وڏندڙ هلڪو سانورو رنگ، اُٽڻي ويهڻي ڪافي سليڪي سان آواز ڪافي وڏندڙ ۽ وزندار-رعبدار. عمر جو تخمينو لڳائڻ فضول جي ڪسرت ٿيندي. نما وٽ ڪنهن به پر پرش کي ڪشش ڪرڻ جون سموريون ڳوٽون هيون. هونئن به نما پنهنجي نخالستا ڪارڻ نرمل طرف مائل ٿي ويئي هئي. هن وٽ نرمل لاءِ همدردي هئي. نرمل پڙهيل ڳڙهيل ناهوڪو جوان ليڪن آرٽڪ حالت ڪافي ڪمزور - رشتن جي ٻوجهه هيٺ دٻيل. حقيقت شناس، باهوش نخالستا.

نما جي وهنوار ۽ نخالستا ڪملا ۽ نرمل ٻنهي کي ڪافي

اِمپريس ڪيو هو. آزاد طبع ۽ زنده دل اِستري جڏهن هن وٽ اچي رهي هئي تڏهن سندس مهني جا ڇهه هزار رپيه ڏئي پيئنگ گيسٽ طور گهر آئي پاتيءَ طور رهڻ جي. ڪملا ته خوش هئي ليڪن نرمل کي ڪو مددگار ملي ويو هو اهڙو احساس ٿيڻ لڳو هو. هن سندس خوش آمديد ڪئي.

ڪنهن ڏينهن بٿڪ روم ۾ ڊريسنگ ٽيبل جي آدم قد آئيني اڳيان بيهي ڪپڙا بدلائي رهي هئي. شايد نرمل جي اچڻ کان ٿورو ئي اڳ آئي هوندي. پيڪڙيل در جو تاڪ کولي نرمل اَندر اچي چڪو هو. نما ذرا به اعتراضي ناراضگيءَ جو اِظهار نه ڪيو هو. جنهن اِستتيءَ ۾ نرمل هن کي ڏٺو هو. خود به خود ڪجهه شرمندگي ته محسوس ڪئي هئي. ليڪن منهن ڦيري دريءَ طرف ڪري باهر ڏسڻ جو ڊونگ ڪري ٿو. سندس نيم ننگي سانوري بدن جي پٽئين آڪار کي هڪ حسرت ڀري پر شرميلي نگاه سان ماڻڻ جو سڪ محسوس ڪري ٿو. ليڪن اِها ته صرف هن جي لالسا هئي. جيڪا هر پرش جي فطرت ۾ هوندي آهي. هر اِستريءَ جي ڊيل خواهش. پورنتا لاءِ ڪشمڪش ڪندڙ اِستري، پر پرش جي سنجم ۽ جس کي چيچلائيندڙ. نرمل جيڪو ڪجهه لمهن لاءِ ائبنارمل ٿي ويو هو سو تمام جلد نارمل بڻجڻ جي ڪوشش ۾ لڳي وڃي ٿو. ويچارن جو وهڪرو بدلائي ڇڏي ٿو.

نرمل همٿ ڪني ڪري پڇڻ چاهيو : چا ٿون هاڻ نارمل آهين. ها، ليڪن هن وقت مان پهرين ڪافي سپ ڪرڻ چاهيندس. هن وقت مان ڪنهن به بحث جي آڪاڙي ۾ لفظي ملهه وڙهڻ جي حق ۽ موڊ ۾ نه آهيان. مان بلڪل نارمل آهيان. ائبنارمل ٿي ئي

کونہ هيس. ليٽ آس رلئڪس.

ڪامن بئنڪ يا لونگ روم ۾ ڪپڑا بدلائڻ کان بات روم جو اپيوگ ڪرڻ صحيح آهي.

او نو پليز : ڊئم اِٽ... رڪجي چوڻ جو سلسلو جاري رکي ٿي. شايد تنهن جو چوڻ صحيح ٻ هجي. شايد اِنڪري مون کي تمام جلدي سان باقي ڪپڑا ڏارڻ ڪرڻا پيا. جسم تان پسينو سڪائڻ ٻ وساري ڇڏيم. جيڪڏهن اِن طرح تون اندر گهسي نہ اچين ها تہ پنج منٽ ٿي سهين پنڪي هيٺان ويهي/بيهي پسينو سڪايان ها بٽ نو پرابلم...

نرمل کي سندس نو پرابلم چوڻ وارو لهجو ڪافي وڻيو. سچ پچ هو شرمساريءَ کان بلڪل مڪتي محسوس ڪريٿو.

ڪملا ٻہ ڪوپ هڪ وڏو ٻيو منهنجي لاءِ ننڍو ڪپ ڪافيءَ جو ڪجهہ نمڪين بسڪيٽ پليٽ ۾ وجهي ٽيبل ٽي رکي هلي وڃي ٿي. پاڻيءَ جو جگ اڳيم ٿي گلاسن سميٽ ٽيبل تي رکيل هيو. مان ڪوڙي ڪافي سپ ڪرڻ ۾ مشغول ٿي وڃان ٿو. ۽ نما ڪجهہ سوچي رهي آهي.

تڏهن منهنجو چوڻ : عام سوچ مطابق هڪ پتنيءَ ڪي ڪپندو ٿي چا آهي. ٻہ ويلا روٽي، ڪپڑو لٽو ۽ هار-سينگار ۽ ٻہ ٻار- بس پتني خوش. پتي ڪامياب.

هن وروڙ ڪيو. غلط بلڪل غلط، هن منهنجو ترسڪار ڪندي چئي ڏنو تہ منهنجي سوچ بلڪل غلط، سوارٿي آهي. اِستريءَ کي جيون ۾ گهڻو ڪجهہ ڪپندو آهي. ليڪن آهڙين اِسترين جو تعداد سيکڙي گهٽ آهي. مان اهڙين اِسترين مان بلڪل نہ

آهيان. مان نما آهيان ! تنهنجي ارڏانگني - ڏرمپتني ڪملا نہ آهيان - تنهنجي جسم ۽ ڪملا جي جسم ۾ ساڳيائپ نہ آهي؟

- ليڪن رشتن جون سرحدون آهن ڪافي مريادائون آهن تنهنڪري ڪملا تنهنجي ارڏانگني آهي.

- شايد اِنڪري ئي اَسين زال مڙس تو ڏانهن مائل آهيون. تون بلڪل تہ نہ ڪجهہ ڪجهہ صحيح سوچي رهيو آهين ۽ ائين ڀالهائڻ کان اڳ هر منش کي سوچڻ پڻ ضروري گهرجي. لاجيڪل منطق جو اِستعمال ڪرڻ ۾ سياڻپ آهي.

مهانگري جي بلند اوچين عمارتن، ڪامپليڪس مول جي بلڪل بلڪل پير ۾ هيٺ جهرڪين جيان رهندڙ اَڄ جا عام اِنسان اُنهن ٻڌيجيوي اِنسانن جيان ٻُتيل سٽيل عمارتن چوڌرد ڦهليل ننڍيون ننڍيون بستيون مدت پوري ٿي ويل ڪمزور اڏاوتون اڃان بہ ڏهني بيماريءَ ڦهلائيندڙ ڪار گذاريون وينيون ڪن.

هل هلان، پيڇ ڏڪ واري زندگي - نما ڪافي خوبصورتيءَ سان بسر ڪري رهي آهي. نما رشتن ٿي زور اثر نہ بلڪ ڪامرشيل سوچ ڪٽي نرمل جي پيئنگ گيسٽ طور رهي آهي. نرمل سندس ويچارن کان ڪافي متاثر لڳندو آهي. اِئين چئجي تہ نما نرمل کي دل جي گهراين سان وٺندي آهي. نرمل هونئن تہ بلڪل صاف ستري سوچ وارو اِنسان آهي. ليڪن آخر بہ پرش جو آهي. آرٽڪ طور پل ڪمزور آهي، ليڪن اِرادن جو مضبوط. هونئن تہ نما کان ڪجهہ بہ ونڊ جي اِڇا ڪيس نہ هئي ليڪن مروج مهانگائيءَ کارڻ ڪيس ڪجهہ هٿي ملي ٿي وئي.

نما هڪ ڪوالیفائيڊ ٽرينڊ بيوٽيشن آهي. شهر جي نامياري

ايراضيءَ ۾ بيوٽي پارلر انسٽرڪٽر هئي. سندس آمدني به خاصي آهي. تنهن ڪري ڪيس ڪجهه ڏينهن ۾ ڪا دقت درپيش نه ايندي آهي. هن کي پنهنجي آئڪٽيوا آهي جنهن تي اڄ ڪلهه ڪرڻ ۾ سهوليت محسوس ڪندي آهي. ڪيس گهرو ڪم رسوئي وغيره ناهڻ جو ڪو ڏانوَ ڪونه آهي. ڪيس گهر جي رسوئيءَ تي سنتوش آهي. جڳهه به خلاصي آهي. ڪيس هڪ روم علحدو ڏنل آهي. ڪيس ڪملا پنهنجي پيٽ سان پڻ ڪافي لڳاوَ عزت ۽ سنيهه آهي. چئجي ته هنن وچ ۾ سڳين پينرن کان به وڌيڪ سنيهه آهي. ڪافي وهنوار واري سمجهه رکندڙ اِستري آهي.

نما اڪثر سنڌي هاليڊي ڪندي آهي. تنهن ڪري بئنڪ روم ۾ هن سان گڏ چانهه يا ڪافي سپ ڪرڻ جو موقعو ملندو آهي. باقي صبح جو نيرن ڪرڻ بعد هوءَ نڪري ويندي آهي.

ڪڏهن ڪڏهن نرمل پنهنجي ليکي سوچ جي گهيري ۾ اڇي ويندو آهي. محسوس ڪندو آهي نما ۾ اِستري سهجنا جو اَپاوَ آهي. اِستري جڏهن پنهنجي سهجنا کان هٽي نڪي تڏهن گهٽو ڪري پرش طرف الڳاوَ، اَهنڪار ۽ اَسپاويڪ پرهيز ۽ چڙهت ڪرڻ ڪارڻ لڳاوَ هٽائي ٿي. پرش جي ڇاوَ کان سواءِ استري هر وقت اَترپٽي جو انپو ڪري ٿي. جيڪو هن جي هلت چلت مان صاف نمايان آهي. پوءِ به اهڙو ڪجهه آڪرشڻ نما ۾ آهي. جنهن کان نرمل ڪافي متاثر رهندو آهي.

نرمل سوچي ٿو شايد اِنڪري ئي نما جون به شاديون اَسڦل رهيون آهن. نرمل کي لڳي ٿو ته نما ميزان سنپالڻ سماج ۽ گهر-ڪٽنب سنپالڻ ۾ سمرٿ آهي. ليڪن ڪنهن نه ڪيس سمجهڻ

جي ڪوشش ئي ڪئي هوندي نہ ئي وري هوءَ ڪنهن کي ذهن نشين ڪرائي سگهي هوندي.

نما جو وشواس هيو تہ اڇلهہ وکرن جي دڪانداريءَ کان ڪتابن ۽ تعليمي دڪانداريءَوڏيڪ سڏ رهي آهي. اِمتحاني جوابي پيپر تي صحيح لکڻ جي ڏانوَ کان گهڻو لکڻ هر سڏ وديارٿيءَ لاءِ ضروري آهي.

نما بلڪل تز ۽ صحيح سوچي ٿي ۽ ڳالهائي ٿي.

هن جي همدردي دامنيءَ سان آهي تہ دپتي سان بہ آهي. جنهنجو پتي گذريل مهني ٻئي ڪنيون فيل ٽيڻ ڪارڻ گذاري ويو. هن کي بہ ننڍيون ڏيئر پڻ آهن. هڪ چئن ورهين جي ۽ ٻي ٻن ورهين جي. پڻيان ڪافي ملڪيت ڇڏي ويو هو. چوندي آهي ”ليڪن چا دپتي سهج ۽ عزت غرور پريو جيون جيئي سگهندي؟

نرمل اوچتو ئي اوچتو نراسائي ۽ ڊپريشن جو شڪار ٿي وڃي ٿو. احساس ڪمتريءَ جو خيال هن تي حاوي آهي. نرمل پاڻ کي اڪيلو ۽ اڪيلو محسوس ڪري ٿو. ڪيس پنهنجي هستيءَ ۽ شڪتيءَ لاءِ ڪمزوري محسوس ٿئي ٿي.

نرمل کي پنهنجي پتنيءَ جي ۽ ٻارن جي اون رهندي آهي. هن جي نراسائي وڌي ويندي آهي جڏهن پنهنجي وڏور ٻيڻ جي شاديءَ لاءِ ماءُ چوَ چوَ ڪندي آهي. اُن ڏينهن هنن جڏهن نما جي سامهون ويهي پنهنجي چنتا جو اِظهار ڪيو. ڪملا کيس ٻڌايو تہ هوءَ گريونتي ٿي آهي. ان ڪانسواءِ اِستريءَ جيان پرش بہ ڪنهن جو پيءُ، ياءُ، پٽ ۽ پتي آهي. پرش کي پڻ سماج ۾ رهي وهنوارڪ پارٽ ادا ڪرڻو پوي ٿو. جڏهن پتيءَ جي روپ ۾

اِستريءَ طرف وفاداريءَ جو ڊونگ ڪريٽو اِستري پرمجي وڃي ٿي پاڻ - پساري ٿي اِتي ٿي سوچ جي ڪمزوري هوندي آهي. ڪملا جو گرپ ڏاڍو ڪرڻ ۾ هڪ حادثو ٿي هيو.

نما سچيت ٿي وڃي ٿي. هوءَ کين مدد ڪرڻ چاهي ٿي. سندن چنتا ۾ سهيائي بڻجي وڃي ٿي. نرمل وٽ آرٿڪ ڪمزوري ۽ مٽان پيڙ جي شاديءَ جي جوابداري ۽ اڻ گهربل گرپ. نما اڪيلي سز ڪملا کي اِن مسئلي جو حل ٻڌايو. سمجهايو ۽ مڃايو. نرمل جي ماتا اڳيان ڇوڪريءَ جي شادي جو مسئلو حل ٿيندو محسوس ڪرايو. ڪيس پنجهنجي دل گهري ساهيڙي ۽ سندس گهوٽ مسٽر آنند سهڃاڻي، جيڪو ايئر ڪرافٽ ۾ سني عهدي تي هيو. سندن گذريل پندرهن ورهين کان گود نہ پري هئي. کين تازي ڄاول ٻار کي گود وٺي پالڻ جي خواهش هئي. ڪملا ۽ سندس سس کي چار لک رپيہ تہ ملي ويندا ليکن سندس ڪاڏ خوراڪ ۽ ڊليوريءَ جو خرچ پڻ پوڳٽو نہ پوندو. ڪافي ڳاري من سان هن نما کي پنهنجي رضامندي ڏني. نرمل جي رضامندي جي درڪار ڪرڻ جي ڪنهن کي بہ ضرورت ئي محسوس نہ ٿي. نرمل کي جڏهن جاڻ پئي هئي تہ ڪملا ڏينهن سان آهي تڏهن کان هن جي چنتا جو بوجهہ کي قدر وڌي ويو هو. هو گهٽو ٽٽو گهر کان ٻاهر گذارڻ چاهيندو هو. احساس ڪمتريءَ ۽ آرٿڪ ڪمزوري جي ڪارڻ هو لڄائي رهيو هو. ڪنهن وقت تہ هن سوچيو بہ هو تہ هو ڪيئن بہ ڪري ڪملا کي ائبارشن لاءِ مڃائي. ليکن هاڻ نرمل اَندر ئي اَندر ڪامجندو رهندو آهي. نما جي اڳيان اڇڻ جو هن وٽ ساهس نہ رهيو آهي. ظاهري طور تہ نما کين دلداري

ڏيندي رهندي آهي.

ڊاڪٽر مسز پاٽيہ کي رشڪ ٿو ٿئي ته هوءَ ڪملا کي نارمل ڊليوري ڪرائڻ ۾ سڌل رهي آهي. پٽ جي اؤلاد کافي سندر ۽ تندرست ٻار هن جو ٻيون جمع پاسو هو.

مسٽر ۽ مسز آنند کافي خوش هئا. سندن ورهين پراڻي اڇا پوري ٿي هئي. ڪملا جي هٿ ۾ پنج لکن رپيہ پريل پرس ڏيندي سيني جا شڪرانا مڃيا. ٻار کي گود ۾ کڻي خوشي ۽ احسان جو اظهار ڪندا رهيا. ڪملا جي چهري تي مسڪراهٽ، اکڙين ۾ ممتا جا ڳوڙها چمڪي رهيا هئا. ستن ڏينهن ۾ ڪڏهن بہ نرمل مٽرنٽي هوم ۾ اچي ڪملا سان ملاقات بہ نہ ڪئي. سڌ سماءُ لهڻ ته ٺيڪ ٺئين جنهن ورتل ٻار جو چهرو ڏسڻ جي اڇا ظاهر ڪرڻ جي توفيق - اخلاقي همٿ نہ ساري سگهي ها. اهو بہ سچ آهي ته ڪملا جي سس کي پٽسن جو پرس ملڻ تي ڏيءُ جي شادي جي شهناين جا سر ٻڌڻ ۾ آيا. ضروري دستاويزن تي نرمل جون صحيون وٺڻ بعد ٻئي هفتي ڪملا کي نرمل جي چني ملي. چني پڙهي ڪملا جون ته بہ بہ ويون ته ڇهہ بہ ويون. هڪوار وري ڪملا پاڻ کي بي سهاري سمجهڻ لڳي. نرمل نہ جاڻ ڪيڏانهن گهر ڇڏي هليو ويو هو.

نما پرش جي ان ڪمزوريءَ تي سوچڻ لڳي.

ڪرم ڦل

-ڊا. نرملا آسناڻي

گهڙيال جي ٻن ٽڪورن سان شيامالال کي خبر پئي تہ رات جا ٻہ ٽيا آهن. سندس پاسي ۾ ئي سندس زال راڌا، جيڪا سڄو ڏينهن روئي-روئي ساڻي ٽي، هاڻي گهري نند ۾ سمهي پئي هئي. پر گهڻي کوشش ڪرڻ کان پوءِ بہ شيامالال جي اکين کان نند اڇ رُٺل هئي. پاڻ کي گهٽو ئي ڏڍ ڏيڻ جي کوشش ڪرڻ کان پوءِ بہ سندس دل تان بار لهي ئي کونہ پيو، تہ آخر هي سڀ ڇا ٿي ويو!! هن ڪڏهن سپني ۾ بہ نہ سوچيو هو تہ سندس سکيلڏي ڏيءُ نيلوءَ جي شادي هڙي قسم جي شخص سان ٿيندي. نيلوءَ تي تہ بس غرور هو، ڇو تہ اهڙي سياڻي، سهڻي ۽ ذهن ڏيءُ کي هو سٽن پٽن کان مٿي ڪري پائيندو هو. نيلوءَ ۾ سندس ساهہ هو ۽ ساڻئي وقت نيلو بہ پنهنجي پيا مٽان ٻلهار پيئي ويندي هئي. اهڙي نيلو اڇ پنهنجي پيا جي پرواهہ نہ ڪري پنهنجي پيءُ جي عمر واري، شادي شده باس سان شادي ڪري ويئي آهي. شيامالال پنهنجي ڏيءُ نيلوءَ کي ڪيتروئي سمجهايو، ڏمڪايو، هن جي اڻيان پنهنجي عزت جو واسطو ڏيئي ڪري، ڪيس هن شاديءَ کان ٽارڻ جي گهڻي کوشش ڪيائين پر.... نيلو رڳو هڪ ئي رٽ لڳائي وينی هئي، ''Sorry پيا، مونکي ڏسوا سر سان شادي ڪرڻي ئي پوندي... پليز پيا... توهان

منهنجي فيلنگس کي سمجهڻ جي کوشش کيو نہ.''

''چا ڏوڙ سمجهان!! اهڙي کهڙي تنهنجي فيلنگ آهي؟ چا منهنجي فيلنگ جي تو وٽ ڪائي قيمت ڪونہ آهي؟ آخر مان تنهنجو پيءُ آهيان... تنهنجي هن رشتي سان اسانجي خاندان جي عزت متيءَ ۾ ملي ويندي.''

''پپا ! مان هيءَ شادي نہ ڪنديس تہ بہ اسانجي خاندان جي عزت متيءَ ۾ ملي ويندي... توهان کي ڪيئن سمجهايان!!''

تڏهن مُنڊل شيامالل کي سندس زال راڌا ٻڌايو تہ نيلو سندس سر ڏسوزا جي ٻار جي ماءُ ٻڌجڻ واري آهي. ٻڌي ڪري شيامالل جي اکين اڳيان انڌيرو ڇائنجي ويو، ڪيس ائين لڳو جڻ ڪا وڏي ڇپ هن جي مٿان ڪِري پئي هجي، جنهن جي هيٺان سندس ساهہ گهٽجي رهيو هو. ڪجهہ دير لاءِ شيامالل گهومائجي ويو. سندس زال راڌا، سندس اهڙي حالت ڏسي ڊجي ويئي. يڪدم ڊاڪٽر کي فون ڪري گهرائي ورتائين. ڊاڪٽر بہ اچڻ ساڻ ڪيس ڪوريامل جي سُئي لڳائي. جنهن سان شيامالل ڪجهہ سامت ۾ آيو. ڊاڪٽر جو چوڻ هو تہ صدمي جي ڪري شيامالل کي مائنر هارٽ اٽئڪ آيو آهي. راڌا لاءِ تہ هيءُ ٻيو ڏڪ هو. هڪ ڏيءَ جي بيوفائي ۽ بدنامي جو ڏڪ، ٻيو گهوٽ جي بيماريءَ جو.

راڌا، گرونانڪ جي پڪي پگهتياڻي هئي. دک تہ ڪيس گهٽو ئي ٿيو. اوچنگارون ڏيئي ائين رُنائين جڻ نيلوءَ جو سرگواس ٿيو هجي. پر پوءِ گروءَ جي ياڻي کي منو ڪري سهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي، گهوٽ کي پڻ آڇت ڏيندي چيائين، ''ائين بڻيو پيو هو، جيڪي ٿيو، ان ۾ پرماتما جي مرضي سمجهي پاڻ کي شانت

ڪري ڇڏيو... ليڪ وڏي ڳالهه آهي. اسان ڪوشش ته گهٽي ئي ڪئي... پر ڇا وريو... جيڪو نيلوءَ جي قسمت ۾ لکيو هو. اهو ٿي چڪو هاڻي، اجايو جيءُ ٻارڻ مان ڇا ملندو؟''

راڌا جي گهٽي سمجهائڻ کان پوءِ به شيامالل لاءِ هي صدمو سهڻ ڏاڍو ڏکيو هو. سندس اندر ۾ آندڻ لڳي پئي هئي. پنهنجي ڏيءُ کي سمجهائڻ جي هن کيتري کوشش ڪئي هئي. مسٽر ڊسوزا ۽ سندس زال لِليءَ اڳيان به پنهنجي ناراضگي پريل غصي کي ظاهر ڪري آيو هو پر هو ته زال-مڙس، پنهنجي سوارٿ ۾ انڌا ٿي پاڻ شيامالل کي ائين سمجهائڻ لڳا ته ''اسان تنهنجي ڏيءُ سان ڪائي زبردستي ڪانه ڪئي آهي. هي فيصلو ان پنهنجي مرضيءَ سان ڪيو آهي. مسٽر شيامالل توهان پنهنجي ڏيءُ جي ڪابه چنتا نه ڪيو. اسان ٻئي توهانجي ڏيءُ کي راڻي ڪري رکنداسين.'' شيامالل دکي ۽ نراس ٿي ايشور اڳيان فرياد ڪرڻ لڳو ته ''هي پرڀو! هي تو کهڙا ليک لکيا آهن؟ منهنجي سون جهڙي ڏيءُ جي ڇو تو اهڙي مت ماري ڇڏي جو هن پنهنجي زندگي پنهنجن هٿن سان برباد ڪري ڇڏي!''

شيامالل افسوس ڪرڻ لڳو ته الائي کهڙي نياڳي ڏينهن ٿي هن نيلوءَ جي سچاٽپ مسٽر ۽ مسز ڊسوزا سان ڪرائي هئي. لڳ ڀڳ سال ڪن اڳ ڪنهن سوشل پارٽيءَ ٿي شيامالل پنهنجي زال راڌا ۽ ڏيءُ نيلوءَ سان ويو هو. جتي کيس ''ڊسوزا شپنگ ڪمپني'' جو مالڪ مسٽر ڊيوڊ ڊسوزا ڏاڍي ناهوڪي پرسنالٽيءَ جو مالڪ آهي. پنهنجي عمر ڪان گهٽو ننڍو لڳندو آهي. پنجيتاليهن (45) سالن جي عمر ۾ هو نوجوانن جهڙا ڪپڙا لٽا پائي گهٽو سمارٽ

لڳندو آهي. انڪري سندس دوست ڪيس چوندا هئا، ''مسٽر ڊسوزا ! تُمني ڪونِ سا امر ڦل کايا هئہ؟ ڪِ هميشه جوان بني رهتي هو.'' مسٽر ڊسوزا ڪلي چوندو هو تہ ''آپڪو کانا هو تو بولو! آپڪو پي کلا دونگا!'' پر سيني کي خبر هئي تہ مسٽر ڊسوزا نہ رڳو زِم ۾ ڪسرت ڪندو آهي پر يوگ ۽ پراڻايام جو بہ ماسٽر آهي. پاڻ وانگر پنهنجي زال لِلي۽ کي بہ اهڙو ئي سمارٽ رکيو هئائين! ٻنهي جي جوڙي اهڙي وڻندڙ هئي، جو هر ڪنهن جون نظرون سندن ڏانهن ڇڪجي ويندیون هيون. ائين نيلو بہ ڪافي ڪشش ڪندڙ هئي. ان سال ئي M.B.A پورو ڪيو هئائين. مسٽر اينڊ مسز ڊسوزا سان، نيلو پهرين ئي ملاقات ۾ ائين هِري مِري ويئي جڻ سندن سالن جي سڃاڻپ هجي. ٻالهيون ڪندي-ڪندي مسٽر ڊسوزا نيلوءَ کي پنهنجي ڪمپني۽ ۾ نوڪري۽ جي آفر (آڇ) ڏيئي ڇڏي.

شيامالال جي مرضي نہ هئي تہ سندس ڏيءُ نيلو ڪٽي نوڪري ڪري. ڪيس نوڪري ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟ هڪ ئي تہ سڪليڊي ڏيءَ هئي. جنهن لاءِ ڏڻي۽ شيامالال کي گهڻو ئي ڏئي ڇڏيو هو. پر نيلوءَ جي ضد اڳيان ڪيس جهڪڻو پيو. نيلو بہ نوڪري۽ جي پَرن تي سوار ٿي جڻ آسمان ۾ اُڏامڻ لڳي. پد ۽ پئسي سان گڏ مليل آزادي۽، نيلوءَ جي هستي۽ کي ئي مٽائي ڇڏيو هو. نيلوءَ جي سياءَ ۽ سونهن جي ڪري هوءَ ڇهن مهنن ۾ ئي مسٽر ڊسوزا جي P.A بڻجي ويئي. ڪمپني۽ جي ڪار ڪيس، آفيس لاءِ ونڊ ۽ ڇڏڻ ايندي هئي. نيلوءَ تي مسٽر ڊسوزا جو رنگ ڏينهون ڏينهن گهرو ٿيندو پئي ويو. شروع ۾ هوءَ مسٽر ڊسوزا کي

انکل ڪري ڪوئيندي هئي ۽ هاڻي مسٽر ڊسوزا جي نالي سان سندس باري ۾ ڳالهائيندي هئي. شيامالا محسوس ڪري رهيو هو ته نيلو هاڻي سندس بدران مسٽر ڊسوزا جي وڌيڪ ويجهو ٿيندي پئي ويئي. شيامالا کي ڪافي برو به لڳندو هو، پر سڌائين ڪلي ڪري چوندي هئس، ''ڊونٽ بي جيلس، پپا! توهان منهنجا ئي پپا آيو ڇا ان رشتي کي ڪوئي متائي سگهي ٿو؟ پپا ايتري ننڍي دل وارا توهان ڪڏهن کان ٿيا آهيو؟''

شيامالا ڏيءَ جي موهه ۾ ٿوري دير لاءِ پنيلجي ويندو هو ۽ ڪجهه ڏينهن لاءِ شانت ٿي ويندو هو. مسٽر ڊسوزا سان نيلوءَ جي گهرائپ کي هو پسند نه ڪندو هو، پر ان رشتي جو نتيجو اهڙو پيانڪ ايندو، اهو ان سپني ۾ به نه سوچيو هو.

مسٽر ڊسوزا کي پرماتما سڀ ڪجهه ڏنو هو پر ڪيس اولاد جي سک کان محروم رکيو هئائين. سندس سهڻي زال ڪيس وارث ڏيڻ ۾ لاچار هئي. پنهي زال مڙسن کي پارن سان بيحد پيار هو. ڪرسمس تي هر سال اسڪولي پارن کي سوغاتن سان خوش ڪري ايندا هئا. پهرين ته هنن پرماتما جي ان فيصلي کي خوشيءَ سان قبوليو، پر جيئن جيئن سندس عمر وڌڻ لڳي، ڪين اها چنتا ستائڻ لڳي ته هينري وڏي ڪمپنيءَ جو آخر ڇا ٿيندو؟ ڪنهنجي لاءِ ٿا ڪمايون؟ پنهنجي وارث جي ڪمي هاڻي سندن کي مايوس ڪري ڇڏيندي هئي. شايد پيار جي ان ڪميءَ مسٽر ڊسوزا کي نيلوءَ طرف مائل ڪري ڇڏيو ۽ نيلو به هيترو پيار پائي پنهنجو پاڻ کي پلجي ويئي.

پهرين ته مسز لِلي ڊسوزا پنهنجي گهوٽ ۽ نيلوءَ جي ان

ويجھائپ جو ڪافي وروڌ ڪيو. نيلوءَ کي نوڪريءَ مان ڪڍڻ جو ضد ٻڌي ٻيني. پر جڏھن ڪيس مسٽر ڊسوزا سمجھايو تہ نيلو اسانکي اسانجو وارث ڈيڻ واري آھي ۽ ان ٻار جي ماءُ ٻہ تون ئي سڏائيندينءَ، تڏھن ٻلِيءَ جي سڪايل ممتا نيلوءَ جي زھر پيئڻ لاءِ تيار ٿي ويئي. نيلو ٻہ مسٽر ڊسوزا جي پيار ۾ ايتري پاڳل ٻڌجي چڪي ھئي جو ان مسٽر ڊسوزا سان گڏ مسز ڊسوزا کي ٻہ خوشيءَ سان قبول ڪيو. پنھنجو ٻار ٻہ ان جي جھوليءَ ۾ وجھڻ لاءِ تيار ٿي ويئي. پر ھڪ شرط تي، تہ مسٽر ڊسوزا باقاعدا ان سان شادي ڪندو. جنھن لاءِ ٻہ من سان ئي صحيح ڪري مسز ٻلِي ڊسوزا ھنن جي شاديءَ لاءِ پنھنجي رضامندي لکي ڏني.

شيامالل پاڻ کي ڪيترو نہ بيوس محسوس ڪري رھيو ھو جو سندس اکين اڳيان، سندس سڀ ڪجھ لُٽجي رھيو ھو، پر پاڻ ڪجھ ٻہ نہ ٿي ڪري سگھيو. شرمندگي ايتري جو ڪنھن سان دل جو حال اوڙ ٻہ مشڪل ھو. پاڻ دنيا کان منھن لڪائي، جيئڻ جو وارو آيو ھو. شيامالل جي اندران ھڪ سرد آھ نڪري آئي ۽ سندس ٻنھي اکين مان ٻوڙھن جي ڌار ڪنن تائين پھچي ويئي. اچانڪ شيامالل جي ذھن ۾ اڄ کان 25 سال پراڻي يادگري تري آئي. دڪ - نفرت ۽ غصي سان ٻريل، ٻوڙھن واريون ٻاڙھيون اکيون سندس نظر سامھون تري آھيون. اپمان سان گھايل ھڪ پيءُ جي دل جي بد دعا ڪيس ياد اچي ويئي.

تڏھن شيامالل ممبئيءَ جي انجنيرنگ ڪاليج ۾ پڙھندو ھو. ببمئيءَ ۾ فليٽ پاڙي تي وٽي چار دوست گڏ رھندا ھئا. روٽي گھر جي سامھون آيل 'روزي ريسٽورنٽ' ۾ ويسيءَ تي ڪائيندا

هئا. هوٽل جو مالڪ مسٽر جان سهڻو، گهول متول ۽ مذاقي ۽ پاڻ وارو ڪرسچن هو. مسٽر جان ڪافي اُدار دل شخص هو، هو نه رڳو پنهنجن گراهڪن کي پيٽ پري روٽي ڪارائيندو هو، پر سندس پسند ناپسند جو به پورو خيال رکندو هو. شيامالال سندس لاڏلو گراهڪ. ڇو جو شيامالال فرصت ۾ ڪيس هوٽل جي حساب ڪتاب رکڻ ۾ ڪافي مدد ڪندو هو.

اچانڪ هڪ ڏينهن هوٽل جي ڪائونٽر تي هڪ 13-14 سالن جي گول متول، ڳيرو ڇوڪريءَ کي ويٽل ڏسي شيامالال کي حيراني ٿي رهي هئي. تنهن تي مسٽر جان ڪيس ٻڌايو ته هيءَ روزي آهي. هن هوٽل جي مالڪياڻي. پوءِ ڪلندي ٻڌايائينس ته هيءَ سينياڻي روزي منهنجي ڏيءَ آهي. وڌيڪ پنهنجو حال اوريندي ٻڌايائينس ته، هن جي ماءُ هن کي جنم ڏيئي پرلوڪ پڌارجي ويئي هئي، انڪري هن کي پالڻ لاءِ هن جي نانيءَ هن کي پاڻ وٽ ڪڍي ويئي. ان ڪانپوءِ مان ٻي شادي ڪئي جنهن مان مونکي ٽي ٻار آهن. اچانڪ روزيءَ جي نانيءَ جي گذاري ويڃ ڪانپوءِ مونکي پنهنجي ڏيءُ کي هٿي واپس ونڊي اڇو پيو آهي. روزي ڳوٺ جي پليل الهڑ ڇوڪري آهي. هن کي سندس نئين ماءُ پسند ڪونه ٿي ڪري. انڪري هن کي مان پاڻ سان هٿي هوٽل ۾ وهاريندو آهيان. گهر ۾ ته جڏ ويچاري ويڳاڻن وانڊر هيسيل رهندي آهي.

روزيءَ جي اهڙي حالت جاڻي شيامالال جي دل هن ٻنا ماءُ جي الهڑ ڇوڪريءَ لاءِ قياس سان ڀرجي ويئي. روزي ڪنهن سان به گهڻو ڪونه ڳالهائيندي هئي. ڪلڪ ته جڏ هوءَ ڀلجي ويئي

هئي. شيامالال جي پنهنجائپ واري هن جي ڪمايل دل ۾ نئين خوشي پري ڇڏي هئي. روزي شيامالال کي ڏسندي ئي ڏڙي پوندي هئي. سندس ڏڦن جو هوءَ خاص خيال رکندي هئي. انجنيئرنگ جي پڇاڙيءَ جي سال ۾ شيامالال کي مليريا جو بخار ڏيو تہ روزيءَ تن من سان هن جي شيوا ڪئي. سندس روم ۾ وڃي ڪيس سڀ ڪجهہ ڏيئي ايندي هئي. مسز جان کي شيامالال جي شرافت تي پورو پروسو هو. انڪري ان ڪڏهن بہ ان رشتي ۾ ڪوئي شڪ نہ آندو. بس، هو تہ پاڻ خوش هو تہ سندس ڏيءَ جي ڇهري تي رونق هئي، مرڪ هئي. ان ويجهائپ ۾ ڪڏهن شيامالال ۽ روزي ترڪي ويا، ان جو پنو ڪنهن کي نہ رهيو. روزي تہ اڀوجهہ هئي. هوءَ تہ شيام لاءِ ديواني هئي ۽ هن کي هر طرح سان خوش رکڻ جڏ پنهنجي پوڄا سمجهندي هئي، جنهن جو نتيجو آخر اهو ئي پيانڪ روپ ڪٽي آيو. روزيءَ تہ تن من سان شيام کي پنهنجو سڀ ڪجهہ مڃي ڇڏيو هو. پر سوال شيامالال جو هو تہ ڇا هو روزيءَ کي پنهنجو ڪري مڃي ٿو يا نہ؟ مسٽر جان ڏاڍو منجهندي شيامالال سان اها ڳالهہ ڪئي تہ هاڻي ٿون روزيءَ سان شادي ڪري ڪيس پنهنجي گهر وڃ! ايڏا سندس ڏاڏو ديوان حشمتراءِ جيئرو هو. اهو تہ ڪين گهر ۾ بہ اچڻ نہ ڏئي هان! ڪٽي هوٽل واري جي الهڙ ڪرشچن ڏيءَ، ڪٽي وڏ گهراڻو انجنيئر شيامالال. هو ڪنهن بہ صورت ۾ روزيءَ کي اپنائڻ جي استتيءَ ۾ نہ هو. پهرين تہ هو ان ڳالهہ کان صاف مڪري ويو تہ ان ڪجهہ روزيءَ سان غلط ڪيو آهي. پر مسٽر جان ڪيس چيو منهنجي ڏيءُ هيترو وڏو ڪوڙ تنهنجي لاءِ ڪڏهن نہ چوندي! هوءَ تہ تنهنجي پوچارڻ

آهي.''

تڏهن شيامالل ڪکو وڪو ٿي ويو. ڪجهه پنهنجو به گناهه قبوليندي هن مستر جان کي ان ۾ار ڪيرائڻ جي صلاح ڏيندي ڪيس سڻي رقم ڏيڻ جي به آڇ ڪيائين ته هنن پنهنجن سان روزيءَ کي ڪنهن سڻي گهر ۾ پرڻائي ڇڏجانءِ. مستر جان جو چهرو سخت ٿي ويو. غصي ۽ اپمان وچان سندس هٿ ڏڪي رهيا هئا، چهرو روئڻهارکو ٿي ويو هوس. چيائين، ''مستر شيامالل تون اهڙو ذليل هوندي، مون ڪڏهن سوچيو به نه هو. اسان پڪا ڪرشچن آهيون. خدا جي ڏنل جيو کي مارڻ جو پاپ اسان ڪڏهن نه ڪندا آهيون. بنا ماڻ جي منهنجي هن معصوم ڏيءَ، جو هاڻي ڇا ٿيندو. اها خبر ته رڳو زيسيز کي آهي. هوءَ هاڻي ڇا ڪندي؟ ڪيڏانهن ويندي؟ ان جي خبر ناهي. ان ته تو ٿي وڏو پروسو ڪيو هو، پر تو ان جي زندگي برباد ڪري ڇڏي آهي. توکي منهنجو خدا ڪڏهن معاف نه ڪندو. تون به هڪ ڏينهن مون وانگر تڙڦندي. اها منهنجي اندر جي بددعا اٿيئي. پوءِ خميص جي پانهن سان پنهنجا ڳوڙها اُگهندي چيائين، ''هتان هلي وڃ مستر شيامالل. وري ڪڏهن مونکي پنهنجي منحوس شڪل نه ڏيکارجانءِ.

شيامالل ڏاڍي پاري من سان اُٺان موٽي ويو. هونئن به سندس پڙهائي پوري ٿي چڪي هئي ۽ هاڻي هو گهر وڃڻ وارو ئي هو. وقت ويندي شيامالل سڀ ڪجهه پلڪ ۾ ۽ پنهنجي سهڻي زال راڌا کي پائي پنهنجي نئين زندگيءَ ۾ گهڻو خوش هو.

اهو سڀ ياد اچڻ تي شيامالل گهري ڏيءَ ۾ پئجي ويو. ڏاڍو ساهه ڪڍندين سوچيائين هن سنسار ۾ جيڪي پوکيندا سين، اهو

تہ لڙنداسين. هر ڪرم جو ڦل اڏل آهي. اسان پاپ ڪري پلجي ٿا وڃون. پر قدرت وٽ تہ ڪڪ جو بہ حساب آهي. هيءُ تہ منهنجن ئي ڪرمن جو ڦل آهي. ان لاءِ ڪنهن کي ڏوهہ ڏيان؟ نيلوءَ کي! مسٽر ڊسوزا کي! وداتا کي! يا پنهنجن ڪرمن کي!.

پريم جا پانڌيئڙا

-منوهر نهالاڻي

ٽئگور ميموريل هال ماڻهن سان ستيو پيو هو. شور و غل جي واتاورڻ ۾ اوچتو خاموشي ڇائنجي ويئي جڏهن مائيڪ تي ڪنهنجي اناؤنسمينٽ ٿي. ساڻيو! هاڻي اسين پروگرام شروع ڪري رهيا آهيون. توهانکي وٺي ٽا هلون گيت ۽ سنگيت جي دنيا ۾، جتي توهان جي اڳيان سنڌيءَ جي مشهور گائڪا پنهنجو مڊر سنگيت جو پروگرام پيش ڪري رهي آهي." ماحول ۾ خاموشي ڇانئجي ويئي. سڀ بي صبريءَ سان پردي کڄڻ جو اِنتظار ڪرڻ لڳا. پردو کڄندي ئي تاڙين جو ڦهکو پئجي ويو. جهڳمڳائيندڙ اسٽيج تي شهر جي هر دل عزيز گائڪا حاضرين جي سامهون هئي. موهيندڙ مُرڪ سان سيني کي نمسکار ڪندي هن پنهنجي موسيقيءَ جي محفل ۾ ڪلام شروع ڪيو. ڪماري پونم جي لبن تي گيت رقص ڪرڻ لڳو. هڪ ڪلام ڪانپوءِ ٻيو ڪلام پيش ٿيندو رهيو مڊر گيتن ۽ سُريلي سنگيت جي سنگم سيني جو من موهي ڇڏيو. چا ٿ گلي ۾ تاثير هوس! ماڻهو واهه واهه ڪرڻ لڳا.

هاڻي غزل جو وارو آيو. پنهنجي مڊر آلاپ سان هن ڳائڻ آرنپ ڪيو. رفتہ رفتہ هال ۾ مدهوشي ڇانئجڻ لڳي، ڪماري پونم سُر

جي لئ تال ۾ گائي رهي هئي. واتاورڻ سنگيت‌ميہ هو. اِئين ٿي لڳو جڻ سُرن جي ديوي سرسوتي ساکيات براجمان آهي. درشکن واهہ-واهہ جي هلکي آواز سان داد ڏئي ڏنو، جنهن سندس سنگيت کي پر اثر ٿي بڻايو.

کماري پونم لڳاتار نوان نوان غزل ٻڌائي رهي هئي ۽ حاضرين سُريلي راڳ جي ڏن ۾ اڇي جنسي جهومي رهيا هئا. غزل پوري ٿيڻ تي تاڙين جو ڇهکو پئي پيو. هن نئين غزل جو آغاز مس کيو ايتري ۾ بين قطار جي کنڊ ۾ ويٺل هک شخص هکدم اوچي آواز ۾ رڙ کئي، ''خاموش، بند کيو اِهو غزل...'' سيني جو ڌيان اُن طرف کڄي ويو. حاضرين جي رنگ ۾ ڀنگ پئجي ويو، سڀ رڙ کندڙ نوجوان ڈانهن نهارڻ لڳا. کنهن چيو، ''کير آهي اهو بدتميز، سنگيت محفل ۾ ڀنگ وجهندڙ کي ٻاهر کڍي ڇڏيو. هال ۾ سناٽو ڇانئجي ويو. ترتيب ڈيندڙ (آرگنائيزر) ڊوڙندو آيو ۽ اُن شخص جي پرسان اڇي چوڻ لڳو، ''ڀائو، توهان کي کهڙي تکليف آهي؟''

''تکليف وري کهڙي ٿيندي؟ هک اعتراض آهي. مس پونم کي غزل جي لفظن ۾ تبديل کرڻ جو کو حق کونهي.'' راجيش جي انهن لفظن سيني کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو. خود پونم، بہ منچ تان هيٺ اڇي راجيش جي اڳيان بيني ۽ سوال کيائين، ''توهين کير آهيو ۽ چا ٿا چاهيو! چا مان اِهو چاڻين سگهان ٿي؟''

ٻئي پل راجيش جون نگاهون ڈانهنس کڄي ويئون. هنجي

نڪ، ڪنن ۽ گلي ۾ پيل ڳهٽا بجلي بلبن جي روشنيءَ ۾ ٻهڪي رهيا هئا. خوبصورت ڳائڪا سندس اڳيان بيني هئي. سُر جهڙي ئي ڪوملتا سندس سرير ۾ بہ هئي... پر جوش ۾ آيل راجيش اِهو سڀ ڏسي بہ نہ ڏٺو ۽ چيو، ''توهان جي گلي ۾ ميناڪ آهي، توهان سڀ ڳائيندڙ آهيو، اُن جو اِهو مطلب ڪونهي تہ توهين ڪنهن شاعر جي غزل جي لفظن ۾ پنهنجي مرضيءَ سان ڦيرگهير ڪندا وتو.''

''ڦيرگهير، توهين ڪيئن ٿا چئي سگهو تہ غزل جي لفظن ۾ مون ڦيرگهير ڪئي آهي؟''

''بس، مان چوان ٿو تہ توهان تبديل ڪئي آهي.''

''هيءُ تہ منهنجو دل پسند غزل آهي. هنجو هڪ هڪ لفظ منهنجي اندر جو آواز آهي.''

''هوندو، پر توهان کي خبر هئڻ گهرجي مس پونم تہ توهين هن غزل جي رچيندڙ شاعر اڳيان بيٺا آهيو ۽ منهنجي بہ هيءَ من پسند رچنا آهي.''

''چا، توهين ئي مشهور شاعر راجيش آهيو؟'' سوالي نگاهون هن طرف ڪڇي ويئون.

''جي ها! هن بندي کي ئي راجيش چوندا آهن ۽ مان ثابت ڪري سگهان ٿو تہ توهان منهنجي ان غزل جي لفظن ۾ ڦيرڦار ڪئي آهي.''

پونم جي چهري تي سهجتا اچي ويئي ''معاف ڪجو. اِها خطا مون ڄاڻي واڻي ڪئي آهي. ڪيتري عرصي کان مونکي

توهان سان ملاقات ڪرڻ جي دلي خواهش هئي، اُن خاطر ئي مون لفظن ۾ اِها تبديل ڪئي آهي، اِن لاءِ جي توهان جي دل کي ڪنهن پهتي هجي تہ مان توهانجي قصور وار آهيان. جناب! جيڪا سزا ڏيندا سا مان خوشيءَ سان پوڳڙ لاءِ تيار آهيان.''

راجيش ڏٺو پونم ۾ جي حسن جي شوخي آهي تہ نمرتا جو مٽيو بہ آهي. پونم جي لفظن راجيش کي خاموش ڪري ڇڏيو. عرض ڪرڻ تي راجيش بہ ساڻس گڏ اسٽيج تي پهتو. ماحول ۾ وري موسيقيءَ جي مڌرتا ڦهلجي ويئي. اِها سندن پهرين ملاقات هئي. ان پهرين ملاقات ۾ ئي پونم راجيش کي دل ڏيئي ويني. تنهن بعد وقت بہ وقت سندن ملاقاتون ٿيندیون رهيون ۽ پريم جي پکڙ وڌيڪ ۽ وڌيڪ مضبوط ٿيندي ويئي. پونم راجيش جي شاعريءَ ۾ کوهجي ويئي ۽ راجيش پونم جي سُرن ۽ مِناس جي گهرائيءَ ۾ گم ٿيڻ لڳو. آخر پريم جا پانڌيئڙا اُن موڙ تي اچي پهتا جتي هڪ ٻئي کانسواءِ هڪ پل بہ جيئڻ دشوار تي پين ۽ هوُ شاديءَ جي پوتر بندن ۾ بڌجي، جيون ياترا جا ساڻي بڻجي پيا.

هوُ ٻئي هڪ ٻئي کي پائي ڏاڍو خوش هئا. راجيش گيت ۽ غزل لکندو هو ۽ پونم کين سُرن ۾ سجائي، مڌر آواز سان جڏ راجيش جي شاعريءَ ۾ جان ڦوڪي ڇڏيندي هئي. کي ڏينهن تہ هوُ پنهنجي زندگيءَ جي رنگينيءَ ۾ کوهيل رهيا. پر اُها رنگيني گهڻو وقت جتاءُ ڪري نہ سگهي. چند تي گرهڻ جو اثر ٿيڻ لڳو. هڪ ڏينهن اندور شهر ۾ پونم کي ڪنهن سنسٽا طرفان پروگرام ڏيڻ جي نيندِ ملي. راجيش کي اِها ڳالهہ نہ وڻي تہ

هوءَ کو ايڏو پري ٻئي شهر ۾ پروگرام ڏيڻ وڃي. هوڏانهن پونم جي خواهش پروگرام ڏيڻ جي هئي. مختلف ويچارن جو ٽڪراءُ شروع ٿي ويو. پونم اِهو موقعو هٿان وڃائڻ نٿي چاهيو تنهنڪري پنهنجي ضد تي هئي. آخرپڇيائين، ''جيڪڏهن مان وڃان تہ توهان کي کهڙو اعتراض آهي؟''

''مونکي اعتراض اِهو آهي تہ توکي ايترو پري وڃڻ ۾ ڇو کونہ ٿو اعتراض ٿئي؟ توکي خود ئي پروگرام قبولڻ نہ کپندو هو.'' راجيش چيو.

''پر منهنجي ڪلا جا ديوانا، مونکي نيندِ ڏيئي گُهرائين ۽ مان نہ وڃان.''

''۽ تنهنجي دل جو ديوانو، پريم جو پياسي توکي وڃڻ کان منع ڪري تہ...''

''منع ڪرڻ جو سبب ڄاڻي سگهان ٿي؟''

''هر ڪنهن ڳالهہ جو سبب نہ پڇبو آهي. پونم، مان نٿو چاهيان تہ تون اُتي پروگرام ڏيڻ وڃين.''

''اوهہ سمجهيم! چؤطرف منهنجو نالو وڳل آهي. شايد انڪري... توهانجي ان اِنڪار ۾ مونکي ايرکا جي بوءِ ٿي اچي.''

ايترو ٻڌندي راجيش ڳاڙهو ٿي ويو. هنجو پُرش جاڳي اُٺيو. هڪ زوردار چماٽ پونم جي ڳل تي ڇڪايائين...''

''تنهنجي ايتري جُرئت! تون آخر پاڻ کي سمجهين ڇا ٿي؟''

''ڪافي-مشقتِ رياز، بعد هيءَ ڪلا پاتي اٿم. مان پنهنجي ڪلا کي اِئين گهٽجڻ نہ ڏيندس.''

''پونم! ڪن ڪولي ٻڌي ڇڏ، مان توکي ڳائڻ نه ڏيندس بس.''

''۽ مان ڳائيندس. سنگيت منهنجي زندگي آهي. اُن ڪانسواءِ مان جي ڪانه سگهندس.''

''نه پوءِ اڄ ڪان تنهنجو مون سان ڪو واسطو ڪونهي.''

اُن وقت ئي پونم پنهنجي بئگ ۾ ڪپڙا ويڙهي گهر مان نڪري ويئي. راجيش هنڪي چپ چاپ ويندو ڏسندو رهيو.

پونم سنگيت جي راهه تي هلندي، سنگيت پريمين کي موسيقيءَ جي موڄ ونائيندي، نغما ڳائيندي رهي. ڏينهون ڏينهن ناموس وڌندو ويو. نت نوان پروگرام ۽ درشڪن جي بيشمار پيڙ ڪيس ٻڌڻ لاءِ منتظر رهندي هئي. هوڏانهن راجيش جي شاعري بہ هلندي رهي پر پونم ڪانسواءِ تنهائي محسوسڻ لڳو. هنجو شخصي درد سوز ٻڌجي شاعراڻي فن ۾ اِضافو ڪرڻ لڳو. هنجي فن ۾ وڇوڙي جو درد جهلڪڻ لڳو. پونم هنجو پريم، هنجي پريرڻا هن کان جدا ٿي ويئي هئي. اُن جدائيءَ جي دؤر ۾ سندس غزلن کي سُرن ۾ سجائڻ وارو ڪير ڪونه هو. تنهائيءَ ۾ ڪمري جي هڪ ڪنڊ ۾ ويهي غزل لکندو هو ۽ پاڻ ئي پڙهندو هو.

'مان توکي ٿو اِئين چاهيان
مرڻ وارو جڙ چاهي زندگي
بنا تو زندگي آهي اڌوري
توکي پائي اُها ٿيندي پوري.'

جيتوڻيڪ ٻاهرينءَ طرح ٻئي خوش نظر ايندا هئا. مگر اندر ئي اندر ورهه جي آگ ۾ لچندا رهندا هئا. ٿوري ئي عرصي ۾

ٻنهي کي احساس ٿيڻ لڳو هو ته ٻئي هڪ ٻئي کانسواءِ اڌورا آهن. هيءُ جدائيءَ جو غم، هي تنها جيون ٻنهي کي ستائڻ لڳو. ڪيئن ڪٽجي هيَ پهاڙ جيڏي زندگي!

راجيش جي گيتن کي سُر ۽ تال جي ضرورت هئي ۽ پونم کي ڳائڻ لاءِ گيتن جي. لفظن کي سُر جي سنگم جو انتظار هو. حالت اهڙي بڻي جو ٻئي هڪ ٻئي کي پائڻ لاءِ تڙڦڻ لڳا، پر ڪير ڪنهنجي اڳيان جهڪي؟ هيڏانهن پرش جو اهم پاوَ هوڏانهن استريءَ جو هٺ ۽ ضد. ٻال هٺ، راج هٺ ۽ استري هٺ سان ڪير پڄي سگهي ٻلا! ڪوڙي شان ۾ ٻئي وقت جو انتظار ڪرڻ لڳا.

آخر هڪ ڏينهن قدرت ٻنهي کي وري ملايو. 'غزلن جي شام' پروگرام تي راجيش انهي مقصد سان ويو ته ڪٽي پونم سان ملاقات ٿي وڃي. ڪاريه ڪرم ۾ الڳ الڳ شهرن جا گائڪ ۽ گائڪائون شرڪت ڪرڻ لاءِ آيل هئا. سنگيت پروگرام شروع ٿيو. آيل درشڪ اُنجو مزو ماڻڻ لڳا. پر راجيش جون نظرون ڪنهنکي ڳولهڻ ۾ پوريون هيون. هن من ۾ سوچي ڇڏيو هئو ته اڄ جي پونم ڪيس ملي ويئي ته پنهنجي اهم کي پاسيرو رکي ڪنهن به ريت ڪيس پرچائڻ ۽ منائڻ جي ڪوشش ڪندو. آخر هڪ هنڌ هنجي نظر ٽڪي ٻيهي رهي. پاسيري بينل پونم منچ تي آئي ۽ پنهنجي منڙي آواز ۾ هڪ گيت پيش ڪيائين. حاضرين ۾ مدهوشي چائنجي ويئي. راجيش کي جنهنجي تلاش هئي اُها منچ تي حاضر هئي. هوُ بيچينيءَ سان سنگيت پروگرام پوري ٿيڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو. نيٺ اُهو وقت آيو پروگرام پورو ٿيو.

درشڪ پنهنجي سيٽ تان اُٿي مين گيٽ کان ٻاهر وڃڻ لڳا. هوُ اُٿيو ۽ منهن ڏانهن وڌيو. اسٽيج جي ڏاڪڻ تان لهندي پونم جون نظرون ٻه راجيش سان مليون.. پر پونم جهٽ ڪنڌ هيٺ ڪري، ڏنو اڻ ڏٺو ڪري ڇڏيو. راجيش محسوس ڪيو ته هنکي ايڏا غصو آهي. خئر ڪيئن ٻه اڄ هو ڪيس مڃائيندو ضرور! اِهو سوچي هو پونم ڏانهن وڌيو. پونم ڳائڪ ساٿين کان موڪلائي ٻاهر وڃڻ واري ئي هئي ته راجيش سڏ ڪيس- ''پونم''

پونم ڪنڌ ورائي پٺيان نهاريو ۽ راجيش کي ڏسي منهن ڦيري چپ چاپ وڃڻ لڳي. ڪيس ويندو ڏسي راجيش وري چيو، ''پونم! تون هڪ وار منهنجي ڳالهه ته ٻڌ. پوءِ توکي جيئن مناسب لڳي تيئن ڪج.''

پونم چيو، ''جڏهن توهان جو ۽ منهنجو ڪو واسطو ئي نه رهيو آهي.

ته پوءِ...''

''لڳي ٿو تون ايڏا ناراض آهين. وقت جي ملهم تنهنجو زخم ايڏان ڪونه پريو آهي.''

''اڃيون زخم ته پرجي ويو پر ڊپ آهي اڃڪتي هلي ڪٽي نئون زخم...''

نه پونم نه، اُهو ته خبر ناهي ڪيئن، جوش ۾ هوش کوهي وينو هوس. تنهن لاءِ مون ڪافي پڇتايو آهي. مان پنهنجي ڪئي تي شرمسار آهيان. توکي خبر ناهي پونم تنهنجي وڃڻ کان پوءِ مون ڪيئن سڃيون سڃيون راتيون جاڳندي گذاريون آهن.

جدائيءَ جي غم ۾ سريز جي سڌ ٻ پلجي ويو آهيان نہ ڪاڏي جو نڪاڻو رهيو آهي نہ ڪپڙي لتي جو. مان ڪيڏن ڏينهن کان توسان گڏجڻ لاءِ پيو وات نهاريندو هوس. توکان سواءِ منهنجي زندگي... ويران ٿي ويئي آهي. دل جا ارمان...'' ايترو چوندي راجيش جون اکيون آليون ٿي ويئون ۽ هوُ چپ ٿي ويو.

پوُنم خاموش نگاهن سان کيس پرکڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. هڪ وار ته هنکي لڳو ته هوءَ ٻ چئي ڏئيس ته هت وري توهان جي جدائي ۾ ڪنهن ننڊ ڪئي آهي. هوءَ چپ چاپ راجيش ڏانهن نهاريندي رهي. خاموش پريم نيٺ اُبرڪو ڪاڏو. خاموشيءَ کي ٽوڙيندي چيو، ''توهين سچ پچ ڏاڍا ڪمزور ٿي ويا آهيو.

راجيش خوشيءَ جا آنسون پيئندي چيو، ''تنهنجي ڳائڪي پڻ...''

''ها، هاڻي منهنجي غزل ڳائڪيءَ مان ڪو پُلون ڪيڻ وارو جو ڪونهي. مونکي لڳندو آهي، منهنجو ڀائڻ ڪا معنيٰ نٿو رکي. واهہ واهہ! ڪرڻ وارا ته گهٽيئي آهن پر... توهان جهڙو سچو داد ڏيندڙ نٿو ملي.''

''منهنجا غزل پڻ تنهنجي سُرن کان سواءِ ويڳاڻا آهن، پونم!''

''منهنجا لب اُنهن لفظن کي سرن ۾ سجائڻ لاءِ بيتاب آهن.''

ٻئي پل ٻئي هڪ ٻئي جي تصوري آغوش ۾ هئا. پريم جا پانڊيئڙا موٽي پنهنجي ساڳي منزل تي اچي ويا هئا.

شال

-رُتو پاڻيا

اڄ نيها بيحد خوش هُئي. هوءَ سڄي گهر ۾ نچي ٽپي رهي هئي. ممي به سندس هي روپ ڏسي وائڙي پي ٿي. ڇو جو جڏهن کان نيها سمجهو ٿي هئي، تڏهن کان ئي هوءَ هڪ ذميدار، پڙهاکو ۽ رزرو ڇوڪري ڏسڻ پئي آئي. جنهن جي وهنوار ۾ ٻاراڻي لاءِ ته ڪا جڳهه ئي ڪانه هئي. پوءِ پلي هي ڇو نه اهو وڏي پاڻُ جي شاديءَ جو موقعو هجي يا ننڍي پاڻُ جي راجيه استر تي انجينيئرنگ ۾ اول اچڻ جو. نيها جا پير هميشه ڌرتيءَ تي ئي رهيا.

پر اڄ جڏهن کان هوءَ نند مان اُٿي آهي، سڄي ۾، هرڀيءَ وانگر ٽپندي پئي ڦري. گهڙي گهڙي آئيني سامهون وڃي، پنهنجي ڪُلي چڱ پئي سنواريائين (ڪجهه پئي گنگنايائين.) آخر ممي ۽ کان رهيو نه ويو، جيئن ئي مانجهندو سميٽي ٻئي ماءُ ڏيءُ ڪجهه سستائڻ ڪمري ۾ آهيون ته ممي ۽ چئي ئي ڇڏيو، ”چا ٻالهه آهي اڄ منهنجي پرنسس هوا جيان اُڏامي رهي آهي؟ اڄ تنهنجي چال، تنهنجي اکين جي چمڪ، ڪا نه ڪا چغلي هڻي رهي آهي. ڪو ته راز بيان ٿيڻ ٿو چاهي. چئه نه ڏيءُ چا ٻالهه آهي؟ مون توکي هيڏو خوش ڪڏهن نه ڏٺو آهي.

ان تي نيها مشڪندي جواب ڏنو، ”ممي، ساهه ڪڙ، ڪجهه ساهه ڪڙ. تو ته هڪ ئي ساهه ۾ هيڏا سوال پڇي ڇڏيا. ممي،

جيڪو تون سوچين پئي اهڙو ڪجهہ بہ نہ آهي. مان بلڪل نارمل آهيان. وشواس ڪر مما. چوندا آهن ڏيءُ وک ڪٽي يا سندس اک حرڪت ڪري، ماءُ جي پارکي نظر کان ڪجهہ لڪي نہ سگهندو آهي، پر جوان ڏيءَ سان وڌيڪ بحث نہ ڪري، نيها جي ممي مشڪندي چپ ٿي ويئي. ممي‌ءَ سوچيائين، ڪليل ويچارن جي هوندي بہ نيها ايتري تہ معصوم آهي جو ہن ڏينهن ۾ سندس دل جي ڳالهہ سامهون اچي ويندي.

شام جو روز جيان نيها ٽيوشن تي وڃڻ لاءِ گهران نڪتي. ويندي ويندي ياد ڪري ماءُ کي اطلاع ڏنائين تہ شايد ڪيس گهر موٽڻ ۾ دير ٿي وڃي هوءَ چنتا نہ ڪري. ڇو جو هونئن بہ ڪڏهن ڪڏهن ڪيس فرينچ اسپيڪنگ ڪلاس ۾ دير تائين وهٽو پوندو هو. ٽيوشن جو وقت چار کان ڇهہ بجي جو هو. پر اڄ نيها کي محسوس ٿيو تہ ڇهہ وڃڻ ۾ گهٽي دير لڳي رهي آهي. ڪاش ڪِن ۾ ڇهہ وڄي وڃن ۽ هوءَ پنڪ لڳائي سائيڪل ڇڏين کان اڳ لا-گارڊن پهچي وڃي ۽ پنهنجي برج جي هڪدم سامهون بيهي، ڪيس عجب ۾ وجهي ڇڏي.

ها، برج، جو سندس نندپڻ جو سنگي هو. ٻئي ٻال مندر کان ٽئين درجي تائين ساڻ پڙهيا هئا ۽ تمام گهري دوستيءَ ۾ هئا. ٽفن باڪس ۾ نيها جي ممي‌ءَ جا موڪليل مالپڙا، سوجيءَ جو سيرو ۽ مني لولي، ڦري ڪائڻ برج جي خاص عادت ۾ شمار هو. پوءِ پل هو پنهنجي پيءُ جي ٿري-اِستار هوٽل مان پئڪ ٿي آيل چيز سئنڈوچ ۽ منچورين زور ۾ري ۾ري نيها کي کارائي ڇڏيندو

هو.

ائين ڪيڏندي ڪيڏندي ٻئي ٻار وڏا ٿي رهيا هئا. ڪلاس جي گهٽن ٿي ٻارن کي هنن ٻنهي جي معصوم دوستيءَ ٿي رشڪ هو. چوندا آهن ڪڏهن ڪڏهن ڳالهه تان قدرت کي به ايرڪا ٿي پوندي آهي. شايد انڪري ئي هڪ گرهڻ نيها ۽ برج جي دوستيءَ کي ڳرڪائڻ اچي رهيو هو. ٽئين درجي جا فائينل امتحان پورا ٿيندي ٿيندي نيها جو پاپا، جيڪو سي. آءِ. ايس. ايف. (Central Industrial Security Force) ۾ سينئر ڪمانڊر هو. تنهنجي ديرادون مان احمدآباد بدليءَ جو آرڊر اچي ويو. الڳ ٿيڻ جي ڳالهه ٻڌي ٻئي معصوم گل ڪرمائجي ويا. اکين ۾ آپ ڀري، نيها برج کي وڌا ڪيو. پر برج ته ڪار چالو ٿيڻ کانپوءِ به نيها جو هٿ پنهنجي هٿ کان جدا ڪري سگهڻ جي همٿ نه ڪري سگهيو ۽ ڪار سان گڏ ڏکندي به ٽي ٽاپا ڪاڏائين ۽ آخر نيها هن کان پري هلي ويئي، رهيو ته خالي ڏوڙ جو گبار.

پر جيئن چوندا آهن ته ندي‌ءَ جو ڏرم بيهڻ نه، پر وهندو رهڻ آهي، تيئن ئي وقت جو ڏرم به ساوا ڦٽ (گهاو) سڪائڻ آهي. سو هنن ٻنهي ٻارن جا به جدائيءَ جا زخم ڪجهه ورهين ۾ ڀرجي ويا. ٻئي سڄ چنڊ جي هلڻ سان گڏ گڏ هلندا رهيا ۽ اچي وڏا ٿيا. وقت سان سندن فون جو رشتو به ٽٽي پيو.

ان وچ ۾ 18 سال گذري ويا. نيها M.C.A ڪري هڪ ملٽي نئشنل ڪمپنيءَ ۾، احمدآباد ۾ ئي ڪمپيوٽر پروگرامر جي نوڪريءَ تي لڳي ويئي. هوءَ پنهنجي نوڪري ۽ ڪمائيءَ سان

پوريءَ طرح Satisfied هئي. ڪمپيوٽر پروگرام هڻڻ سبب ڪيس هن ملتي نئشنل ڪمپيءَ ۾ ڪڏهن ڪڏهن رات جي شفٽ ۾ ڪرڻي پوندي هئي. ان صورت ۾ هن راتجو خالي وقت ۾ ٽائيپ پاس ڪرڻ لاءِ ڪجهه فيس بوڪ دوست به ٺاهيا هئائين ۽ هو سڀ پاڻ ۾ دير رات چئٽ ڪندا رهندا هئا. اهڙي ۾ هڪ ڏينهن برج پاوناڻي جي فرينڊ رڪويسٽ ڏسي سندس دل زور سان ڌڙڪي ته هو ڪٽي نيها جي نندپڻ جو دوست برج ئي ته ڪونهي؟ نيها جهٽ برج جي پروفائيل کولي ڏني ۽ ان ۾ لڳل ڳيرو جوان جو فوٽو ڏسي سندس اکيون چنيڇڻ ٻلجي ويون. ڇڻ اکين جون ساڻيدار ٽي ڌڙڪنون به بيهڻ لڳيون. جڏهن نيها جا حواس موٽيا، ته هن جهٽ فيس بوڪ تي آيل برج جي فرينڊ رڪويسٽ ائڪسيپٽ ڪئي ۽ ڪجهه منٽن کان پوءِ ئي ٻئي وڇڙيل ٻڪي چئٽ رستي هڪٻئي کي حال چال ڏيئي رهيا هئا. هاڻ نيها جون بورنگ واريون نائيٽ شفٽ جون راتيون سندس زندگيءَ ۾ رنگينيون پري رهيون هيون ۽ هوءَ باقي جا ڏينهن به نائيٽ شفٽ جو انتظار ڪندي گذاريندي هئي.

هيڏانهن ڏيءَ جي پڙهائي پوري ڪري نوڪريءَ تي ڇڙهندي ئي، نيها جي ماءُ سڻي ور گهر جي ڳولها شروع ڪري ڇڏي هئي جنهن جي ڀڻڪ نيها تائين به پهتي ۽ نيها کي محسوس ٿيو ته هاڻ جلد ئي ڪيس برج سان ملڻ کپي. ائين صرف چئٽ تي وڌيڪ وقت ڇڪڻ نه گهرجي. ۽ ٻنهي ٻال سڪائن جي زندگيءَ ۾ اهو ڏينهن به آيو جڏهن انهن هڪٻئي سان پنهنجي پيار جو

اظهار ڪيو. هاڻي ٻنهي ڪي بيقراريءَ سان انتظار هو هڪٻئي سان روبرو گڏجڻ جو.

آخر اهو ڏينهن به اچي ويو. برج دهرادن کان احمدآباد پهچي چڪو هو. ۽ هن شام جو لا-گارڊن ۾ سادي ڇهين بجي ملڻ جو وقت مقرر ٻه ڪيو. برج نيها کي آزيزي ڪئي ته اڄ شام هو نيها کي وري سندس منپسند گلابي وڳي ۾ ڏسڻ ٿو چاهي.

هاڻي نيها پنهنجي ٽيوشن ڪلاس تان نڪرندي ئي تيز ڪار هلائيندي لا-گارڊن ڏانهن بيصبريءَ سان وڌي رهي هئي.

گارڊن جي گيٽ جي ٻيڪ سامهون واري هڪ آسي پاسي گلابن جي جهوڻي سان پزيل بٽنچ تي برج پنهنجي گلاب جو، بيصبريءَ سان انتظار ڪري رهيو هو ۽ ايتري ۾ گيٽ تان هڪ خوشبودار جهونڪي جيان گلابي وڳي ۾ سندس سپنن جي راڻي اندر ايندي ڏسڻ آيس. ان گلاب جي سونهن کان شرمائجي باغ جي سيني گلن به ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو ۽ برج کان ڪين ايرکا ٿي آئي. پر پوءِ وري سيني گلن جي ٽارين ڏسمبر جي ٺڏي هوا جي جهونڪي ٿي لهرائي ان نايات گلابي پريءَ جي آجيان ڪئي. نيها جي سونهن جي گرميءَ، ڏسمبر جي ٺڏي هوا کي به گرم ڪري ڇڏيو ۽ برج جو گلو سڪڻ لڳو. سندس پيشانيءَ تي پسينو تري آيو. ته به هن پاڻ کي سنياڻي شال ۾ ويڙهيو ۽ نيها کي موبائيل تي SMS ڪيائين ته حضور سامهون نظر ته ڪر، بندو بلو شرٽ ۽ بلئڪ پئنٽ ۾ تنهنجي نظرن جو آداب ٿو چاهي.

اڳلي ئي ڪن، ٻئي هڪٻئي جي اکين ۾ گم هئا. پراڻين يادين

ڳالهين سان هلندي، وقت جي ڳوڙي مان به ڪلاڪ ڪيئن نڪري ويا، ٻنهي کي خبر ئي ڪانه پئي. جڏهن شام اڃا سُرمئي ٿي ته نيها کي هوش آيو ۽ واپس گهر وڃڻ کان اڳ، برج جو هٿ پڪڑي آزيزي ڪيائينس ته اڃ، اڃ وري اسين ٻئي هٿ ۾ هٿ جهلي هن نرم نرم سائي گاهه تي قدم سان قدم ملائي ڊڪ پايون ۽ ڊڪندي ڊڪندي نرم گاهه تي ڪري پئون. تنهن تي برج زور سان هٿ ڇڏائيندي چيس، ”نيها هڪ منٽ، پهرين منهنجي ڳالهه ٻڌ. پليز نيها مان هيترن ڏينهن کان ڪا ضروري ڳالهه توکي ٻڌائڻ چاهيان پيو. پهرين توکي اها ڳالهه ٻڌڻي پوندي.

پر نيها هارن وانگر هنبوچي هٽندي چيو نه پهرين مونکي تنهنجو هٿ هٿ ۾ جلهي هتي ڊڪڻو آهي. پوءِ جلدي گهر پهچڻو آهي. تنهنجي اها ضروري ڳالهه مان سياڻي ضرور ٻڌندس. ائين چئي جيئن ئي نيها، برج جو هٿ جهلي، پاڻ ڏانهن زور سان ڇڪيو ته هن ڇڪ تي برج پاڻ سنياڻي نه سڳهيو سندس گود ۾ وڃايل شال هيٺ ڪري پئي ۽ شال جي ڪرڻ نيها جي دل ۽ دنيا ۾ هڪ پوچال ڪٽي آيو. شال جي اندر لڪيل منظر ڏسي نيها جي وات مان هڪ گهٽيل چيخ نڪري ويئي. جڏ برج جي گود مان هڪ شال هيٺ نه ڪري پر نيها جي متان بجليءَ جو ننگو تار ڪِري پيو. نيها کمو بيش بيهوش ٿيندي ٿيندي، پاڻ کي سنياڻڻ جي ڪوشش ڪئي.

هيڏانهن برج به ويني ويني ئي نيها جو هٿ جهلي، ڪمزور آواز ۾ چيو، نيها پليز ڪنٽرول يوئر سيلف، اهائي ڳالهه آهي جا

مان توکي هيترن ڏينهن ڪان ٻڌائڻ پئي چاهي، پر تون آهين جو هر وقت ايتري اُتاولي لڳي پئي هوندي آهين جو ڪڏهن ٻه منهنجي اها ڳالهه ٻڌڻ لاءِ تو وٽ فرصت ئي نه هئي.

نيها، هي منهنجي زندگيءَ تي لڳل هڪ بدنصيبيءَ جو داغ آهي. جيڪو تنهنجي وڃڻ جي ٻن سالن پر ئي مون تي لڳي ويو ۽ هڪ ڪن پر منهنجي زندگي چا مان چا ٿي ويئي. هي هڪ اهڙو ڪار ائڪسيڊنٽ هو جنهن مان پاپا جي بيشمار دولت صرف منهنجي جان ئي بچائي سگهي. منهنجي ساڃي ٽنگ نه، ممي‌ءَ جون هر مندر، پير، فقير ڪان ورتل دعائون، پاپا جو پاڻيءَ وانگر وهايل پئسو، سڀ ملي ڪري ٻه مونکي پنهنجي پيرن تي ڪڑو ڪري نه سگهيا. برج پٽ تان گاهه مان استڪ هٽ پر ڪٽي چيو، ”بس اهو ڏينهن، اڄ جو ڏينهن هيءَ استڪ ئي منهنجو ساٿي ٿي رهي آهي پر جڏهن ڪجهه مهنا اڳ انٽرنيٽ دواران تو سان ملاقات ٿي ته وري هڪ دفعو جيئڻ جي تمنا جاڳي. لڳم تون ئي منهنجو اهو ساٿي ٿي سگهين ٿي جيڪو هٿ جهلي مونکي راهه وٺي هلي.“

نيها، اهو ئي ڪارڻ هو جو تنهنجي لکين زور پرڻ تي ٻه مون تو سان روبرو ملي، پوءِ ئي زندگيءَ جو فيصلو ڪرڻ جو ضد ڪيو، ۽ انٽرنيٽ تي مٽڻي جي منع ڪري ڇڏي. مونکي ياد آهي ته منهنجي اڻ ڳالهه تي ڪيتري ناراض ٿي هئينءَ، تو بنا مونکي صفائي ڏيڻ جو موقعو ڏني، ان ڏينهن نيٽ ڪنيڪشن ٻه ڪٽي ڇڏيو هو.

نيها ته جڙ ٻُٽ ٻڌجي ويئي هئي. ان جي زبان هن جو ساٿ

چڏي الائي جي کيڏانهن گم ٿي ويئي هئي. اکيون پٽرائجي ويون هيس. الائجي کهڙي نيم بيهوشيءَ ۾ هن پنهنجي مردا هٿن مان برج جو هٿ چڏايو، ۽ سڏڪا پريندي، ڏک پائي بنيچي کان ٻاهر نڪري ويئي. برج سندس پٺ ڏسندو ئي رهيو، نہ شايد نيٺا هڪ دفعو ورائي کيس ڏسندي پر اهڙو ڪجهہ بہ نہ ٿيو. برج کي سامهون اوندهہ ۾ پريل، خالي گيٽ ئي پئي نظر آئي.

بابا نيم ڪرولي

-نشا واڌواڻي ''سنڌو''

پارت سنتن، مهاتمائن، جوڳين، سنياسين جي پومي آهي. جن جي ڪري هيءُ ديش آد-جڳاد کان پنهنجي سيبتا-سنسڪرتيءَ کي قائم رکيو وينو آهي. انهن جي گيان جي آڌار تي وشو ۾ اول نمبر آهي. دنيا هن ديش کي مڃي ٿي، پوجي ٿي ۽ نمسڪار ٿي ڪري. ان لاءِ هن ديش جي جنتا کي فخر آهي.

اُتر پرديش جي آگرا ضلعي جي اڪبرپور ڳوٺ جي هڪ برهمڻ ڪتنب ۾ هڪ بالڪ جو جنم ٿيو. اُهو بالڪ پنهنجي زميندارياڻي شان شوڪت کي تياڳي بالپڻ ۾ ئي گجرات جي موروي‌ءَ کان چاليهه ڪلوميٽر پري ببانيا ڳوٺ ۽ ٻين آستانن تي يوگ ساڌنا ۾ مگن ٿي ويو. ببانيا جي هڪ تلاوَ ۾ ساڌنا ڪندڙ باباجيءَ کي ڪلي جڳهه تي هڪ هنومان مورتي اِستاپت ڪئي. اِها اڃتي هلي هڪ مندر جي روپ ۾ قائم ٿي.

پر رمتي جوڳيءَ کي هڪ هنڌ ڪيئن آرام ايندو ۽ جن ڪلياڻ هڪ ئي جڳهه تي رهڻ سان ڪيئن پورو ٿيندو؟ انڪري اِهو مندر ڇهن-ستن سالن ڪانپوءِ ديوي رام ڀائيءَ کي ڏئي، اُتان نڪري وري اُتر طرف روانو ٿيو ۽ نيب ڪر وري ڳوٺ کي نئين ٽپو پومي بڻايو. پوميءَ جي هيڻان هڪ غفا ڏسائي، ان ۾ ساڌنا ڪرڻ لڳو.

غفا جي اندر بنا اِجازت جي وڃڻ جي ڪنهنکي به ڇوٽ نه هئي. ٻاهران ئي ڪير، ميوا ۽ ٻيون کاڌي جون شيون رکيون ويندیون هيون. بابا کڏهن ٻاهر ايندو هو، کڏهن ضروري حاجت کندو

هو، کيڏي مهل سنان ڪندو هو، ڪنهنکي خبر نه هئي. هڪ ڏينهن هڪ پڳت بنا آگيا جي غفا ۾ اندر ويو. اُتان جو نظارو ڏسي، کير جو ڪٽورو ڦٽي ڪري، غفا جي ٻاهر اچي، بيهوش ٿي ويو. باباجي سماڌيءَ ۾ ليٽيو پيو هو ۽ وڏا-وڏا نانگ سندس ڇاتيءَ تي کيڏي رهيا هئا. ڳوٺ جي بزرگن ٻڌايو ته بابا کيترين ئي چمتڪاري ليلائون ڪيون، پر پنهنجو پاڻ کي لڪل رکي ڳوناڻن سان پائيچاري جو وهنوار ڪندو هو.

پر تڏهن به سڏا سادا ڳوناڻا باباجيءَ جي طاقت کي سمجهي نه سگهيا. باباجي ڳوٺ جي سيني جاتين کي برابر سمجهندو هو. انکري برهمڻ ناراض هئا. هڪ شاهوڪار سون جو دان ڪڍي آيو. بابا اِهو واپس ڪيو ۽ برهمڻن کي نه ڏيڻ جو چيو. اُن تي به هو ناراض ٿيا. هڪ ڏينهن باباجي گنگا تي سنان ڪرڻ ويو ته هڪ شرڌالو گيهه جا ڏٻا پنڌاري لاءِ ڪڍي آيو؛ پر برهمڻن اُن کي باباجيءَ جي خلاف پڙڪائي ڏٻا واپس ڪري ڇڏيا. جڏهن باباجيءَ کي اها خبر پئي ته هو ڳوٺ ڇڏي قلعا گهات هليو ويو.

باباجي گهمندو ڦرندو فتحگڙهه ۾ آيو. اُتي قلعي ۾ راجپوت ريجيمينٽ رهندي هئي. جنهن جو آفيسر ڪرنل مئڪنا هو. هو سخت هو. جوڳين ۽ ساڌن کان نفرت ڪندو هو. هڪ ڏينهن جڏهن هو ٻاهر ويو ته بابا سندس ڪمري ۾ وڃي پلنگ تي سمهي پيو. هو واپس آيو ۽ بابا کي پلو-ٻڙو چوڙ لڳو ۽ هنٽر به هنيائينس. پر بابا ڪلندو ئي رهيو. ڪرنل مئڪنا جي من ۾ ڦيرو آيو. هن بابا کان معافي ورتي. حڪم ڪيائين ته اڳتي باباجيءَ کي اندر اچڻ ڏنو وڃي ۽ کير-ميوا ڏنا وڃن. باباجيءَ کي ڇهڻ سان ئي هن جي من ۾ ڦيرو آيو. هو زندگي پر تن-من سان بابا جو پڳت بڻجي رهيو. باباجيءَ جو اهو پهريون ودیشي پڳت هو.